# سنڌي ٻوليءَ جو دُرست استعمال

(ميڊيا ۽ درسي ڪتاب)

مُرتب

**تاج جويو**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي ٻوليءَ جو دُرست استعمال

(ميڊيا ۾ درسي ڪتاب)

مرتب

تاج جويو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،

حيدرآباد، سنڌ

2009

# ارپنا

سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم، اديب ۽ محقق

**ڪاڪي ڀيرومل**

۽

سنڌ جي عظيم اديب، استاد ۽ درسي ڪتابن جي مصنف

**ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ**

جي نالي

**تاج جويو**

# فهرست

## (1)

## ميڊيا ۾ سنڌي ٻولي


| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال | تاج جويو | 11 |
| ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو غلط استعمال | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 29 |
| سنڌي ٻولي امر رهي | امداد حسيني | 36 |
| اخباري ٻوليءَ جا مسئلا ۽ خاميون | محمد حسين ڪاشف | 45 |
| صحافتي ٻولي | ظهير احمد/آسي زميني | 56 |
| هڪ ساراهه جوڳو ڪم | قمر شهباز | 60 |
| سنڌي ٻوليءَ جو معيار ۽ مزاج | سيف ٻنوي | 64 |
| سنڌي ٻولي ۽ 'جاڳو' اخبار | رسول بخش درس | 66 |
| سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن بچائجي؟ | پرتاب شواڻي | 76 |
| ٻوليءَ جو بگاڙ آخر ڪيستائين؟ | حيدر علي نظاماڻي | 81 |
| سنڌي ٻولي ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا | شوڪت حسين شورو | 83 |
| پاڪستان ٽيليويزن ۽ ويچاري سنڌي ٻولي | ڪمال جامڙو | 86 |
| ريڊيو تي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال | زيب سنڌي | 92 |
| ڪُجهه ڪَريو يا ڪَرڻ ڏيو | ميرمحمد پيرزادو | 97 |
| سنڌي ٻولي ۽ اُن جي سُونهن | حافظ محمد بخش خاصخيلي | 105 |
| ڏه ماهي 'مهراڻ' تي نظر | محمد پناهه ڦرڙو | 113 |
| سنڌي رسالن ۾ ٻوليءَ جو استعمال | الهنواز رُڪڻائي | 118 |
| رسالي 'سنڌ لائين' ۾ ٻوليءَ جو استعمال | رضا لانگاهه | 128 |
| پندرهن روزه 'عبرت مئگزن' جي ٻوليءَ تي ڪجهه ويچار | انور ساگر ڪانڊڙو | 132 |
| ٻيهڪ جون نشانيون | مرزا قليچ بيگ | 138 |
| ٻيهڪ جون نشانيون | سراج الحق ميمڻ | 142 |

(2)

# درسي ڪتابن جي ٻولي


| | | |
|---|---|---|
| اڄو تہ دُرست سنڌي لکون! | تاج جويو | 169 |
| سنڌي ذريعہ تعليم جو هڪ ارتقائي جائزو | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | 175 |
| سنڌي ذريعہ تعليم ۽ سنڌي تدريس | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 193 |
| سنڌي ٻوليءَ جو وڌندڙ بگاڙ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 209 |
| تدريسي عمل ۾ ڪتاب جي اهميت | محمد حسين ڪاشف | 211 |
| درسي ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو | امداد حسيني | 222 |
| سنڌي چوٿين ڪتاب جو جائزو | شمشاد احمد سومرو | 230 |
| سنڌي درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ جي استعمال جو حقيقي جائزو (ٽيون ڪتاب) | امين لغاري | 235 |
| اسان پُراميد آهيون | اقبال احمد ٻابلاڻي | 242 |
| هڪ اهم خط | پروفيسر شيخ محمد فاضل | 245 |
| سنڌي نصابي ڪتاب ۽ پُلنامي جو پُلنامو | ڊاڪٽر محمد صديق سچو سومرو | 252 |
| سيمينارن جون سفارشون | ادارو | 254 |
| ٻيهڪ جون نشانيون | پيرومل مهرچند ادواڻي | 259 |
| وقف يا ٻيهڪ جون نشانيون | واحد بخش شيخ | 264 |

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بنيادي مقصدن ۾ (1) سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، (2) دفترن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال، ۽ (3) سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌارو شامل آهن. هن اداري ابتدا کان وٺي اِن ڏس ۾ پنهنجي وسيلن ۽ وسعت آهر کي قدم پئي کنيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جڏهن هن اداري جو چيئرمئن هو ته هن ميڊيا (جنهن ۾ اخبارون، رسالا، مخزنون، ريڊيو، ٽي وي چئنلَ وغيره اچي وڃن ٿا) ۽ درسي ڪتابن جي ٻوليءَ تي اداري اندر ۽ سنڌ جي مختلف شهرن (موري، لاڙڪاڻي وغيره) ۾ اِن ڏس ۾ ڪيترا سيمينار ڪرايا هئا، جتي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ اديبن مقالا پڙهيا هئا. انهن مقالن، ان وقت جي اخبارن ۾ ڇپجندڙ مختلف مضمونن ۽ بيهڪ جي نشانين (Punctuation) بابت مختلف عالمن ۽ اديبن جا مضمون، اداري جي اُن وقت جي (۽ موجوده) سيڪريٽري محترم تاج جويي ترتيب ڏئي ۽ ايڊٽ ڪري، ٻه ڪتاب: 'ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي' ۽ 'درسي ڪتاب ۽ سنڌي ٻولي' تيار ڪيا هئا، جيڪي پيسٽنگ تيل پريس ڏانهن موڪلڻ لاءِ تيار پيا هئا.

ڊاڪٽر الانا صاحب جي مُدي پوري ٿيڻ بعد، اُنهن ڪتابن جي ڇپائيءَ طرف ڪو ڌيان نه ڏنو ويو. هن وقت انهن ٻنهي مسودن کي ملائي، هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال" جي عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، البت ڪتاب ۾ ٻنهي مسودن جا ٻن حصن جي صورت ۾ عنوان ڌار ڌار قائم رکيا ويا آهن.

هي ڪتاب اميد ته اخباري ڪارڪنن، صحافين، نون ليکڪن ۽ درسي ڪتابن جي سبقن لکندڙن لاءِ نهايت ڪارائتا ثابت ٿيندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ميان، جي تون چوندين ماءُ،
توکي اهڙو ساءُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪڏهن!
(اياز)

الا، سنڌ جيئي، جيئن سنڌي ٻارَ،
سنڌي پڙهن، سنڌي لکن، تين سنڌ سڌارَ،
الف- بي اُچارَ، اُچارين اسڪول ۾!
(راشد مورائي)

# ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي

---

"سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن: مثلاً، اڄڪلهه سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي ته 'آءُ ڪنڌيارو مان پيو اچان' يا 'آءُ مورو مان پيو اچان'. شهر جو نالو 'ڪنڌيارو' يا 'مورو' ٺيڪ سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي 'ڪنڌياري' يا 'موري' مان پيو اچان، چئي استعمال ڪرڻو آهي. .... سنڌي، بنيادي طور هڪ لٺي واري ۽ سوريلي زبان آهي. اُنهيءَ جو پنهنجو پروگرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج! اسان کي اُنهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ 'جوٽيجي' کي 'جوٽيجه' لکڻ ۽ 'پٽي' کي 'پٽه' لکڻ ۽ 'ذريعي' کي 'ذريعه' لکڻ به غلط آهي."

— علامه آءِ. آءِ. قاضي

# سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال

ٻولي، انسانن جي سوچن، خيالن، نظرين، اُمنگن، جذبن ۽ احساسن جي سگهه جو تاريخي رڪارڊ ۽ سملجي، اقتصادي ۽ تهذيبي ڪارڪردگيءَ جو آئينو هوندي آهي. ٻولي ئي هر زماني ۾ انسانن جي وچ ۾ رابطي ۽ ڳانڍاپي جو هڪ ممڪن ۽ اثرائتو وسيلو رهي آهي. ان حوالي سان ڪنهن به ٻوليءَ جو اپياس ُچڻ ته هر انساني عمل، سماج، قوم، تهذيب ۽ تمدن جو اپياس هوندو آهي؛ ڇو ته هر انساني عملُ، سماج، قوم، تهذيب ۽ تمدن مان جنم وٺندو آهي. هر ٻولي، پنهنجي سماجي، قومي ۽ تهذيبي ماحول ۾، اُن ڏرتيءَ جي رهاڪن سان گڏ اُسرندي، اوسر ڪندي، وڌندي ويجهندي ۽ پکڙندي آهي. اُن سان گڏوگڏ هر ٻولي، ڌار ڌار سماجن جي اُٿرن، واپاري، اقتصادي ۽ تهذيبي لاڳاپن، مذهبي ناتن ۽ لڏپلاڻ جي واقعن کان متاثر ٿيندي رهندي آهي. انهيءَ نموني ٻولين، پنهنجا صوتي، صرفي، نحوي، معنوي ۽ لغاتي اثر ٻين ٻولين تي ڇڏينديون آهن، ۽ ساڳيءَ طرح پاڻ به قبولينديون رهنديون آهن. اهو هڪڙو فطري ۽ سياويڪ عمل آهي، جنهن وسيلي ٻوليون هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺنديون ۽ پنهنجي دامن کي وسيع، شاهوڪار ۽ ڪُشادو ڪنديون آهن. اها لفظن جي ڏي وٺ صدين کان جاري رهندي اچي ۽ صدين تائين جاري رهندي ايندي؛ ۽ انهيءَ ڏي وٺ ۽ اوڌر کي روڪڻ يا اُن جي اڳيان هٿراڌو بند ٻڌڻ ۽ آڏون ڏيڻ، ٻولين جي فطري اوسر ۽ واڌ کي روڪڻ جي برابر ٿيندو.

اها هڪ مڃيل ڳالهه ۽ حقيقت آهي ته ٻوليون، سازگار علمي، ادبي، تهذيبي، اقتصادي ۽ صحافتي ماحول ۾، زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ پاڳن ۾ ترقي ڪنديون آهن؛ ۽ ڌار ڌار علمن، هنرن، ايجادن، جاڻ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعن مان معلومات حاصل ڪري، پنهنجن ڳالهائيندڙن لاءِ ڪشش، سهوليت ۽ آسانيءَ جو ڪارڻ بنجنديون آهن. جيئن ته ٻوليون، هر دور ۾ انساني رابطن جو هڪ ممڪن ۽ اثرائتو وسيلو رهيون آهن، اُن ڪري اڄ جڏهن ڪميونڪيشن يا اطلاعاتي وسيلا تمام سگهارا ۽ تيز بنجي چڪا آهن، تڏهن به ٻوليءَ ۽ لفظن جي اهميت اڳ وانگر پنهنجيءَ جاءِ تي نه رڳو قائم ۽ موجود آهي، پر وڌيڪ ضروري ٿي پئي آهي. اخبارن، ريڊيو، ٽيليويزن، ڊش، ٽيليفون، ٽيلي پرنٽر، فئڪس، سيٽلائيٽ، ڪمپيوٽر، اي- ميل (E-mail) ۽ انٽرنيٽ جي

اهميت، ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي لکيل ۽ ڳالهايل لفظن سان ئي قائم آهي. اُن ڪري، اڄوڪي زماني ۾، جيڪا ٻولي جيتري اثرائتي، ڪشش ڪندڙ، سگهاري، عام فهم ۽ وقت ۽ حالتن جو ساٿ ڏيندڙ بلڪ اُن جي نمائندگي ڪندڙ هوندي، اوتري ئي اُها اطلاعاتي وسيلن ذريعي حاصل ٿيندڙ ڄاڻ سان پنهنجن ماڻهن کي متاثر ڪندي ۽ سندن تڪڙيون ضرورتون پوريون ڪندي.

اسان جي سنڌي زبان، ننڍي کنڊ توڙي سموريءَ دنيا جي سُڌريل ۽ اوسر ڪيل زبانن مان هڪ قديم زبان آهي، جنهن کي لکڻ ۽ پڙهڻ جي حوالي سان گهٽ ۾ گهٽ 15 هزارن ورهين جو هڪ پسمنظر ۽ ڊگهي تاريخ آهي. اُها اڄ به دنيا جي جديد ترقي يافته ٻولين ۾ نه رڳو پنهنجو هڪ خاص مقام رکي ٿي، پر وقت جي گهُرجن موجب پاڻ ۾ ترقيءَ ۽ تبديليءَ جا سمورا گڻ، قدر ۽ خاصيتون به رکي ٿي.

سنڌي زبان، هن ســرزمين تي ڄائي، نپني، وڌي ٿي، وڌي ۽ ويجهي آهي. اُها نه سنسڪرت مان ڄائي آهي، نه وراچڊ اپڀرنش مان نڪتي آهي؛ بلڪ هڪ آدي ڄڳادي ٻولي آهي، جنهن جي لکت جا آثار ۽ علامتون، مهن جي دڙي جي مُهرن تي موجود آهن. هن ٻوليءَ کي پنهنجو هڪ اعليٰ ادبي، تعليمي، علمي، تهذيبي ۽ تاريخي ورثو آهي. سنڌوماتر (موجوده پاڪستان) جي سمورين ٻولين ۾ سنڌي قديم ۽ اهم ٻولي آهي. هيءَ زبان صدين کان وٺي درس تدريس ۽ تعليمي زبان جون ضرورتون پوريون ڪندي پئي آئي آهي؛ گڏوگڏ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار جي زبان پڻ رهي آهي. سنڌس اهو پسمنظر، عربن، سومرن، سمن ۽ مغلن جي دور کان وٺي موجود رهيو آهي. هن وقت به هيءَ زبان، نه رڳو سنڌ صوبي جي سرڪاري ۽ تعليمي زبان آهي، پر ڀارت جي آئين (1965ع) جي اٺين شيڊيول ۾ ڀارت جي ٻين ڪيترين ٻولين سان گڏ هڪ اهم ٻوليءَ جي صورت ۾ تسليم ڪئي وئي آهي؛ جنهن جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ اُتان جي سرڪار ٻين ٻولين سان گڏ سنڌيءَ جي به مالي مدد ڪندي رهي ٿي.

هونئن ته سنڌي زبان کي تدريس ۽ تعليم جي زبان طور صدين جو ڊگهو پسمنظر آهي، پر انگريزن جي دور (1843ع) ۾ هن زبان جي هِڪڙي لِپيءَ / آئيويٽا ۽ صورتخطيءَ / لکت طرف خاص ڌيان ڏنو ويو. اِن ڏس ۾ 1853ع ۾، سر بشروايچ. ايلس جي اڳواڻيءَ ۾، سنڌي عالمن هن زبان جي هاڻوڪي لپيءَ/ آئيوٽا کي آخري شڪل ۽ ترتيب ڏني، ۽ وچوليءَ سنڌ جي

لهجي (dialect) کي معياري لهجي ۽ معياري زبان (standard language) جو درجو ڏنو. انگريزن، پنهنجي دور ۾ سنڌي زبان جي قدامت، اهليت، اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي، اُن کي سنڌ پرڳڻي جي انتظامي، سرڪاري، تعليمي، روينيو ۽ عدالتي زبان طور لازمي قرار ڏنو. نتيجي طور هن دور ۾ سنڌي زبان ۾ درسي ڪتابن سان گڏ هر موضوع تي هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب تيار ڪرايا ۽ ڇپايا ويا؛ سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي لغتون تيار ڪيون ويون؛ ترجمي ذريعي دنيا جو بهترين ادب، سنڌي زبان ۾ آندو ويو؛ ۽ جديد علمن کان نه رڳو سنڌ واقف ٿي، پر نون نون علمن جا لفظ ۽ اصطلاح اسان جي ٻوليءَ ۾ پڻ رائج ٿيا ۽ ان جي شاهوڪاريءَ ۾ واڌارو ٿيو.

جهڙيءَ ريت سموريون ساهواريون شيون وڌن ۽ ويجهن ٿيون ۽ وقت گذرڻ سان انهن ۾ جسماني، ذهني ۽ ڪيفيتي تبديليون اچن ٿيون ۽ اُنهن جي واڌ ۽ اوسر ٿئي ٿي؛ ساڳيو قانون ٻولين سان به لاڳو ٿئي ٿو. سياسي، اقتصادي ۽ فڪري لاڙا ۽ مادي حالتون ٻولين تي پڻ اثرانداز ٿين ٿيون. بدلجندڙ حالتن ۾ ٻولين جي لفظي ذخيري (vocabulary) ۾ واڌ سان گڏ تبديل به ايندي رهندي آهي. لفظ پنهنجون سماجي ۽ ڪلچرل معنائون حاصل ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن لغوي ۽ بنيادي معنائون تبديل ڪري وٺندا آهن. اڄ به جديد دنيا ۾ نون هنرن، نين ايجادن، نون علمن، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعن جي واڌ جي ڪري، وقت به وقت ٻولين ۾ نوان نوان لفظ ۽ نوان نوان اصطلاح متعارف ٿيندا ۽ جُڙندا رهن ٿا. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ۽ ارتقا جو قانون به اهين چوي ٿو.

دنيا جي ٻين زنده ۽ ترقي ڪيل زبانن وانگر سنڌي زبان به انهن ڳالهين جو اثر قبوليندي، نوان لفظ ۽ اصطلاح پنهنجا ڪندي رهي ٿي. اُها ڪيترن نون لفظن ۽ اصطلاحن کي پنهنجي مزاج ۽ گرامر جي اصولن موجب قبول ڪري، نوان لفظ، اصطلاح، ترڪيبون، لفظي جوڙا ۽ مرڪب لفظ جوڙيندي بلڪ تخليق ڪندي، پنهنجي لفظي ذخيري (word bank) کي وڌائيندي رهي آهي. اها هڪ زنده، صحتمند، سگهاري ۽ اوسر جي اصولن کان واقف زبان جي نشاني آهي ته اُها حالتن آهر پاڻ کي هر قسم جي واڌ ۽ تبديلَ لاءِ تيار رکي. ٻوليءَ جي بقا ۽ سلامتيءَ جو مدار به ان ڳالهه تي آهي ته اُها ڪيتري قدر رابطي ۽ ڪميونيڪيشن جو ڪامياب ۽ مقبول وسيلو آهي.

اسان ڏسنداسون تہ گذريل صديءَ جي سازگار توڙي غيرسازگار حالتن جو جرئت ۽ دليريءَ سان مقابلو ڪندي، سنڌي ٻولي زندگيءَ جي نون شعبن ۽ ڪاروهنوار ۾ نہ رڳو اڳتي وڌي آهي، پر پاڻ مڃايو بہ اٿس. سنڌي ٻولي، ادب، علم، تعليم، قانون، سماجي علمن، صحافت، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ پنهنجا پير پُختا ڪري، گهڻ- مقصدي ۽ گهڻ -رُخي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ اڳتي وڌي، سنڌي ماڻهن جي اظهار ۽ ترجمانيءَ جو اثرائتو وسيلو بڻجي چڪي آهي. پر اِها ڳالهہ بہ وسارڻ نہ کپي تہ اُن جي واڌ ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ ڪيتريون غيرفطري رُڪاوٽون، ڪٽر مخالفتون ۽ اَڻ سُونهائيندڙ آڏون بہ اينديون رهن ٿيون. اُن جي اڳيان مقابلي جا ڪيترا ميدان کلي چڪا آهن ۽ اُن کي ڪيترن امتحانن ۽ آزمائشن مان پارِ پَوڻو آهي.

تورو ويجهي ماضيءَ تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ جتي سنڌي عالمن (هندن توڙي مسلمانن) سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي دنيا جي هر نئين علم ۽ ادب جي هر نئين صنف ۾ اڳيري بڻائڻ لاءِ، اُن ۾ نون لفظن، نون اصطلاحن، نين ترڪيبن، نون لفظي جوڙن ۽ مرڪب لفظن جو واڌارو پئي ڪيو آهي؛ اُتي ڪجهہ سوڙهيءَ سمجهہ وارن ۽ ٻوليءَ جي فطري واڌ ۽ اوسر جي اصولن کان ناواقف شخصن، تعصب ۽ مذهبن جون عينڪون پائي، سنڌي ٻوليءَ جي سُونهن بگاڙڻ ۽ اُن جي واڌ جي واٽ ۾ ڏانوڻ پائڻ کان بہ وسان نہ پئي گهٽايو آهي. اُن خطري ۽ اڻ وڻندڙ صورتحال جو ذڪر، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي سڄاڻ ۽ عالم، پروفيسر منگهارام ملڪانيءَ، پنهنجي مضمون: **"سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ ۽ سُڌارو"** ۾ هن ريت ڪيو آهي:

> "19 صديءَ جي آخر ۾ ڪن هندو صاحبن، عربي فارسي ملاوت جي برخلاف تحريڪ شروع ڪيو هو، جن جو اڳواڻ هو ليکراج تلوڪچند، جو 'پرڀات' اخبار ۾ شُڌ سنسڪرت اکر (لفظ) ڪتب آڻيندو هو. 20 صديءَ جي شروعات ۾ پڻ تيجورام شرما 'سناتن ڌرم پرچارڪ پترڪ' دوران عربي- فارسي اکرن (لفظن) استعمال ڪرڻ کان بنهہ انڪار ڪيو. اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي 'شُڌيءَ' جو پرچار هلڪو سلڪو هلندو آيو؛ پر اُن جا باني ڪار جهڙوڪ 'هندو' اخبار

وارا وغيره قدرت جي لهر کي پلٽي ڏکي نہ سگهيا. سنڌ جي مسلمان اڪثريت واري صوبي ۾ جيئن جيئن مسلمان خلق تعليم حاصل ڪندي وئي ۽ سرڪاري ڪاروبار جون واڳون مسلمان ڪارپردازن جي هٿن ۾ اينديون ويون، تيئن تيئن عربيءَ ۽ فارسيءَ جو اثر فطرتاً سنڌي ٻوليءَ تي غالب پوندو ويو: ايتريقدر جو پرمانند ميوارام، ڪاڪي پيرومل، جيٺمل پرسرام ۽ لعلچند امرڏني مل پاران هندو مصنف پڻ ان ملاوت جو فائدو وٺي، سنڌي ٻوليءَ کي مالامال ڪرڻ لڳا. پر ٻئي پاسي وري 'الحق' ۽ 'الوحيد' اخبارن جي ايڊيٽرن، سنڌيءَ کي ڏنو وائنو عربي - فارسي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي. اُهوئي ڪارڻ هو، جنهن تان جيٺمل پرسرام ڪراچيءَ ۾ 1941ع وارو 'سنڌي ساهت سميلن'، شاعر **ڪشنچند بيوس** جي صدارت هيٺ ڪوٺايو هو، جنهن ۾ اعلان ڪيو ويو هو تہ سنڌي ٻوليءَ کي عربيءَ توڙي سنسڪرت جي ناجائز دست اندازيءَ کان بچائڻ گهرجي."

(تماهي مهراڻ، سيارو 55، ص 138)

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن، استادن، اديبن ۽ تعليمدانن جو هڪ وڏو تعداد ڀارت هليو ويو. هندو عالمن جي وڃڻ کان پوءِ هنديءَ ۽ سنسڪرت جو اثر تہ وڏيءَ حد تائين گهٽجي ويو، پر آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ تي عربيءَ ۽ فارسيءَ سان گڏ اردوءَ جو اثر وڌڻ شروع ٿي ويو. انهن ٻولين جي لفظن جي اوڌر مناسب حد تائين تہ قبوليت جوڳي آهي، پر حد کان وڌيڪ اجوڳن ۽ اوپرن لفظن جو استعمال، اسان جي ٻوليءَ جي سونهن ۽ اصليت کي بگاڙڻ جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي. اردو زبان جي قومي زبان طور لاڳو ٿيڻ ۽ خاص ڪري ون يونٽ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ ۽ سرڪاري آفيسرن ۽ مٿين طبقي جي اولاد جي اردوءَ ۽ انگريزي ميڊيم ۾ پڙهڻ واري لاڙي کان پوءِ اردوءَ ۽ انگريزي ٻولين جي لفظن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ عام جام ۽ اجوڳو استعمال شروع ٿي ويو آهي. نتيجي طور سهڻي سلوڻي سنڌي

زبان جو مهانڊو ٿي مٽجي وڃڻ جو خطرو سامهون ڪَرَ کڻي اچي بيٺو آهي.

اُن صورتحال کي محسوس ڪندي، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سڄڻن: علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ، محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علي احمد بروهيءَ، نياز همايونيءَ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، امداد حسينيءَ، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر غلام قادر سومري، ڊاڪٽر حيدرلاشاريءَ، نصير اعجاز ۽ ٻين وقت به وقت سنڌي ٻوليءَ جي غيرفطري بگاڙ ۽ ٻين ٻولين جي اجوڳي ۽ اروڪ استعمال بابت مضمون ۽ مقالا لکي، رهبري پئي ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ وڌندڙ بگاڙ جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 30 مئي 1992ع تي **"ٻارڙن ۽ سنڌي ٻولي"** سيمينار ۾، افتتاحي خطاب دوران چيو هو ته:

> "تاريخ جي هن موڙ تي سنڌي زبان کي .......... سڀ کان وڏو ۽ خطري وارو مسئلو ٻوليءَ جي بگاڙ جو آهي، جنهن کي روڪيو نه ويو ته اُهو ٻوليءَ جي اندروني زوال جو سبب بڻيو. انهيءَ ڪري ضرورت آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وڌندڙ بگاڙ طرف فوري توجهه ڏنو وڃي، پوري صوبائي سطح تي اُن جي چرڪسي ڪئي وڃي، بلڪ اُن جي خلاف اصلاح ۽ تنقيد جا زوردار هتيار هلايا وڃن. سنڌي ٻوليءَ جي سڀني سڄڻن ۽ سربراهن، خصوصاً استادن، شاعرن، اديبن، صحافين ۽ عام اطلاعاتي ادارن جي اهلڪارن کي هن مهم ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، بلڪ اڳواٽي ڪرڻ گهرجي."

ڊاڪٽر صاحب، ٻوليءَ جي بگاڙ جي پنجن مکيه مرحلن تي اصلاح لاءِ عملي قدم کڻڻ ضروري ڄاڻائيندي، انهن جي نشاندهي هن ريت ڪئي هئي: (1) ابتدائي ۽ ثانوي اسڪول، (2) درسي ڪتاب، (3) اخبارون، (4) ريڊيو ۽ ٽي وي، ۽ (5) علمي ادبي ميدان.

● ڊاڪٽر صاحب جي نظر ۾ **'تعليمي ادارا** خصوصاً پرائمري سنڌي اسڪول، سنڌي ٻوليءَ جا قلعا آهن، جتي ٻاراڻي سطح تي صحيح ٻولي سکڻ جا بنياد مضبوط ٿا ٿين. ثانوي اسڪولن تائين اهو سلسلو هلي ٿو .... ان ڪري اسان جا مڙيئي مانوارا استاد........ هن نازڪ وقت تي پنهنجي ذميداري محسوس ڪن'.

● 'سنڌي اخبارون روزمره واري هلندڙ ٻوليءَ جو آئينو آهن، عام پڙهندڙ لاءِ ڄڻ درسي ڪتاب آهن...... سنڌي اخبارن شروع کان وٺي ٻوليءَ جو معيار بلند رکيو آهي، پر موجوده وقت ۾ ڪن اخباري ادارن ۾ ان طرف پورو ڌيان نه رهيو آهي.ا خبارن ۾ ٻوليءَ جون غلطيون، ٻوليءَ جي بگاڙ کي پختو ڪن ٿيون..... ايڊيٽرن کي خاص استدعا آهي ته هو پنهنجي عملي جي رهنمائي ڪن.'

● 'درسي ڪتاب اصولي طور ٻوليءَ جي لفظن، اچارن، اصطلاحن ۽ عبارتن جا معياري دستاويز آهن..... انهيءَ ڪري درسي ڪتابن جي لکائيندڙن.... ۽ لکندڙن تي اها ذميداري آهي ته هو درسي ڪتابن ۾ صحيح ٻوليءَ جي استعمال تي خاص ڌيان ڏين'.

● 'موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽي. وي.ءَ کي عام اطلاعاتي نظام ۾ خاص اهميت حاصل آهي..... ضروري آهي ته ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جهڙا ...... اهم ادارا صحيح ٻوليءَ جي استعمال جي ذميداري قبول ڪن.'

● 'شاعر ۽ اديب، صحيح ۽ معياري ٻوليءَ جا نه فقط معمار آهن، بلڪ ضامن آهن.... هن وقت ٻوليءَ جي بگاڙ واري نازڪ مرحلي تي...... سڄاڻ اديب، ادبي تنقيد جي دائري کي وسيع ڪن ۽ ادبي تخليقن کي ..... صحيح ٻوليءَ جي استعمال جي ڪسوٽيءَ تي پرکين.'

**ڊاڪٽر بلوچ** جي تقرير جي اقتباسَ ۽ اختصارَ جي روشنيءَ ۾، سمورن تعليمي ۽ نصابي ادارن، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، اخبارن، ريڊيي ۽ ٽي. وي، اديبن ۽ ادبي ادارن: خاص ڪري سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، شيخ اياز فائونڊيشن، شيخ اياز چيئر، بزم طالب المولىٰ ۽ مختلف يونيورسٽين ۾ موجود سنڌي شعبن جو فرض بڻجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ غيرفطري بگاڙ کي روڪڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش ڪن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جا بنيادي ٽي مقصد آهن: (1) سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، (2) دفترن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال، ۽ (3) سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌارو. اٿارٽيءَ، انهن ٽنهي مقصدن جي پورائيءَ لاءِ، پنهنجن وسيلن ۽ وسعت آهر قدم پئي کنيا آهن، پر اُن جي اڳيان سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري وارو

نقطو سبب کان وڏيڪ نمايان پئي رهيو آهي. اٿارٽيءَ جي ڪوشش پئي رهي آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي هڪ متحرڪ ۽ جديد ٻوليءَ طور دنيا جي سڌريل ٻولين جي قطار ۾ بيهارجي ۽ اُن کي وقت جي تقاضا موجب ٽيڪنالاجيءَ ۽ مواصلات جي زبان طور ترقي ڏيارجي؛ ان لاءِ جتي بين ٻولين جي بهتر ۽ ڪارآمد لفظن، سائنس، ٽيڪنالاجيءَ، مختلف علمن، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي حوالي سان رائج لفظن کي اصل صورت ۾ قبولجي يا متبادل لفظ جوڙي استعمال ۾ آڻجن؛ اُتي سنڌي ٻوليءَ جي صحت، سڌاري، درست اِملا ۽ صورتخطيءَ، لفظن ۽ اصطلاحن جي درست استعمال طرف ڌيان ڏئي، ان ۾ غيرفطري بگاڙ ۽ ڌارين ٻولين جي اجوڳن لفظن جي استعمال کي به روڪجي. ان ڏس ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران مختلف شهرن (حيدرآباد، ڪراچيءَ، ميرپورخاص، موري، سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد) ۾ اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي. وي، درسي ڪتابن، ادبي رسالن ۽ ادبي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال ۽ ٻوليءَ ۾ پيدا ٿيندڙ بگاڙ جي اُپاءَ لاءِ ڪيترا سيمينار ۽ ورڪشاپ ڪرايا ويا آهن، ۽ اهو سلسلو جاري رهندو.

تازو پي. ٽي. وي ڪراچيءَ جي **'ادبيات'** پروگرام ۾، **'سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ'** واري مسئلي تي ڳالهائيندي، مون هيٺيان نقطا پيش ڪيا هئا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جو ڪارڻ بنجي رهيا آهن:

**(1) زيراضافت جو استعمال:** اسان جا ڪيترا ليکڪ ۽ صحافي، فارسيءَ ۽ اردوءَ جو اثر قبول ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙي رهيا آهن، خاص ڪري 'زيراضافت' جي استعمال سان: مثال طور:

**خونِ جگر، داغِ دل، قابلِ تعريف، قابلِ داد، قابلِ تحسين.**

جڏهن ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ 'جو'، 'سندو' وغيره اضافتون موجود آهن، ته پوءِ اِهي فارسيءَ جون زيراضافتون استعمال ڪرڻ ڪتان جي علمي اڪابري آهي. فارسي زيراضافت وارا اِهي مرڪب لفظ سنڌيءَ ۾ هن طرح به ادا ڪري سگهجن ٿا:

**جگر جو خُون، دل سندو داغ، تعريف جي قابل/ تعريف جوڳو، داد جي قابل/ داد جوڳو، تحسين جي قابل/ تحسين جوڳو.**

**(2) فارسي اسمن جي صورتن جو استعمال:** اسان جا اديب ۽

صحافي، ڪيترن فارسي اسمن جون صورتون- **موقعہ، آئينده، جذبہ** وغيره جملن ۾ جيئن جو تيئن استعمال ڪندا آهن، جڏهن تہ اُهي هن طرح ڪم آڻي، جملن کي سهڻو بڻائي سگهجي ٿو:

(i) تُنهنجو **آئيندو** روشن آهي.

(ii) هُن جو **جذبو** ساراهہ جوڳو آهي.

(iii) **موقعو** هٿان وڃائڻ نہ گهُرجي.

**(3) عربي ۽ فارسي عدد جمع جو استعمال:** اَڄڪلهہ عربيءَ ۽ فارسيءَ جا عدد جمع عام جام استعمال ڪيا ويندا آهن، جهڙوڪ: الفاظ، جذبات، خيالات، احساسات، مسائل، رسائل، مضامين وغيره؛ جڏهن تہ انهن جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ ساڳين لفظن جا جمع هن طرح ٿي سگهن ٿا:

لفظَ، جذبا، خيالَ، احساسَ، مسئلا، وسيلا، رسالا، مضمونَ.

**(4) 'جمع' جو عجيب استعمال:** اسان وٽ جمع لاءِ هڪڙو عربيءَ ۽ فارسيءَ وارو طريقو عام استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو، جهڙوڪ: الفاظ، مضامين وغيره؛ پر اردوءَ جي اثر هيٺ سنڌيءَ ۾ 'جمع' جا اهڙا تہ غلط صيغا ڪم آندا وڃن ٿا، جو سنڌي ٻوليءَ جو مُنهن- مُهانڊو ئي عجيب ٿيو پوي، جهڙوڪ:

| لفظ (واحد) | جمع (غلط استعمال) | جمع (صحيح استعمال) |
|---|---|---|
| ڪتابُ | ڪتابُون | ڪتابَ |
| افواهُ | افواهون | افواهَ |
| اصطلاحُ | اصطلاحون | اصطلاحَ |
| قدرُ | قدرُون | قدرَ |
| جسمُ | جسمون | جسمَ |
| ڪاليجُ | ڪاليجون | ڪاليجَ |
| جيلُ | جيلون | جيلَ |

**(5) 'و' حرف جملي جو استعمال:** اسان وٽ سنڌيءَ ۾ 'ع' حرف

جملو موجود آهي، پوءِ به فارسيءَ جي 'و' حرف جملي جو هرويرو استعمال ڪيو ويندو آهي: جهڙوڪ: **آب و هوا، غم والم، دل و دماغ، سيرو تفريح، بروبحر** وغيره. اُن جي جاءِ تي ساڳين لفظن يا لفظي جوڙن کي هيٺينءَ ريت ڪم آڻي، پنهنجيءَ ٻوليءَ جو حُسن وڌائي سگهون ٿا:

آبهوا، دل ۽ دماغ، غم ۽ الم، سير ۽ تفريح، بر ۽ بحر.

ان کان سواءِ زير اضافت [**دلِ دماغ، غمِ الم**] استعمال ڪرڻ سان به سنڌيءَ ۾ لفظي جوڙا ٺاهي سگهجن ٿا.

**(6) ڌارين صفتن جو استعمال:** اسان جا ڪيترا شاعر ۽ نثر نويس پنهنجين لکڻين ۾ ڌارين صفتن کي ڏاڍو ڪم آڻيندا آهن، جهڙوڪ: شاعرانه، روزانه، ساليانه / سالانه، ماهانه، عارفانه، ناصحانه وغيره. اهي ساڳيا صفتي لفظ، سنڌيءَ ۾ هن طرح استعمال ڪري سگهجن ٿا:

(i) **شاعراڻو** سُڀاءُ، **شاعراڻي** سوچ
(ii) **روزاني** اخبار، **روزانو** ڪم ڪار
(iii) **ساليانو** نفعو، **ساليانِي** ڪارڪردگي
(iv) **عارفاڻو** ڪلام، **عارفاڻي** محفل
(v) **ناصحاڻا** نُقطا، **ناصحاڻي** ڳالهه
(vi) **ماهياني** ونڊي، **ماهيانو** پگهار

سنڌيءَ ۾ صفت، مذڪر ۽ مؤنث سان استعمال ٿيڻ وقت صورت تبديل ڪندي آهي، جڏهن ته اردوءَ ۾ شاعرانه مزاج، شاعرانه سوچ، روزانه اخبار، سالانه منافع، سالانه ڪارڪردگي، عارفانه ڪلام، عارفانه محفل، ماهانه تنخواهه وغيره ساڳئي ئي صيغي ۾ ڪم ايندا آهن.

**(7) فارسي حرف جرن جو استعمال:** اسان جا وڏا وڏا اديب فارسي حرف جرن جو جام استعمال ڪندا آهن، جنهن جي سنڌيءَ ۾ ڪا به ضرورت نه آهي، جهڙوڪ: **ازان سواءِ، از قلم، بهرڪيف**. جڏهن ته انهن لاءِ سنڌي صورتون موجود آهن. تنهن کان سواءِ **محض، صرف، اگر، مگر، چنانچه، حالانڪ** حرف جر به گهڻو ڪم آڻجن ته سُٺو ٿيندو.

**(8) اردوءَ ۽ انگريزيءَ جي اثر هيٺ جنسن جو غلط استعمال:** اسان جا ڪيترا نوان اديب ۽ سيڪڙن صحافي، اردو رسالن ۽ اخبارن جي

مطالعي جي اثر هيٺ يا انگريزي لفظن جي هرويرو استعمال سان سنڌي 'جنسن' جو غلط استعمال ڪري، ٻوليءَ جو ٻيڙو ٻوڙي رهيا آهن. جهڙوڪ:

**منهنجو دل** (ميرا دل)؛ **چڱي ڪتاب** (اچهي ڪتاب)؛ **وڏي دڪان** (بڙي دڪان)، **سُٺي نظم** (اچهي نظم)؛ **سٺو موسم** (اچها موسم)؛ جڏهن ته سنڌيءَ ۾ دلِ مؤنث، ڪتابُ مذڪر، دڪانُ مذڪر، نظمُ مذڪر ۽ موسمَ مؤنث آهي.

انگريزي لفظن جو اجوڳو استعمال هن ريت ڪيو ويندو آهي:

(i) **آپريشن ٿيو**، (ii) **ٽرانسليشن ڪيو**، (iii) سيپريشن ٿيو، (iv) **ڊڪٽيشن لکايو**، (v) **ڪوآپريشن ڪيو**.

جڏهن ته سنڌي گرامر ۽ سنڌي مزاج موجب 'tion' ۽ 'sion' وارا اڪثر لفظ مؤنث صيغي ۾ استعمال ٿيندا آهن. جيئن:

**آپريشن ٿي، ٽرانسليشن ڪئي، سيپريشن ٿي، ڊڪٽيشن لکائي، ڪوآپريشن ڪئي.**

**(9) سنڌي جنس جو غلط استعمال:** معياري سنڌي، وچولي جي لهجي واري آهي، جيڪا درسي ڪتابن ۽ اخبارن ۾ انگريزن جي دور کان وٺي ڪم ايندي رهي ٿي، پر اسان جا ليکڪ مختلف حصن جي لهجن جي اثر هيٺ، 'جنس' جو غلط استعمال ڪندا آهن؛ خاص ڪري 'اسم' جي جنس جو؛ مثال طور:

(i) **رَتُ ڳاڙهي آهي.**
(ii) **واءُ لڳي ٿي.**
(iii) **اولادُ چڱي آهي.**
(iv) **سماجُ پراڻي آهي.**

مٿي ڪم آندل چارئي اسم رتُ، واءُ، اولادُ ۽ سماجُ مذڪر آهن، اُن ڪري اُنهن جو صحيح استعمال هن ريت ٿيندو:

(i) رَتُ ڳاڙهو آهي.
(ii) واءُ لڳي ٿو.
(iii) اولادُ چڱو آهي.
(iv) سماجُ پراڻو آهي.

**(10) اعرابن جو غلط استعمال:** ٻوليون، ٻين ٻولين کان لفظَ، پنهنجي مزاج ۽ گرامر جي اصول موجب ولي پنهنجا اُچارَ مرتب ڪنديون آهن. مثال طور عربيءَ ۽ اردوءَ ۾: **سَوالُ، خَيالُ، قَيامت ۽ نَمازَ** چئبو، پر سنڌي مزاج موجب ساڳين لفظن کي هن طرح اُچاريو: **سُوالُ، خِيالُ، قِيامتَ ۽ نِمازَ**

**(11) فعلن، ضميرن ۽ ظرفن جو غلط استعمال:** اسان جا لکندڙ فعلن، ضميرن ۽ ظرفن جو استعمال، گهڻي ڀاڱي غلط ڪندا آهن؛ جهڙوڪ:

(i) هنن کي چيم ته فلاڻو ڪم **ڪيو**. (فعل)

ـــ "**ڪريو**" امري صيغو آهي يعني هُنن کي چيم ته فلاڻو ڪم '**ڪريو**'؛ پر '**ڪيو**' لفظ '**ڪرڻ**' (مصدر) ۽ '**ڪر**' (حال) جو ماضي آهي: مثال: هُنن فلاڻو ڪم ڪيو.

(ii) مان **تنهنجي** خيالن سان شامل راءِ آهيان. (ضمير)

ـــ جملي جو درست استعمال ٿيندو: 'مان **تنهنجن** خيالن سان شامل راءِ آهيان'. جيڪڏهن اسم (خيال) جمع آهي ته اُن سان لاڳو ضمير پڻ سنڌيءَ ۾ جمع تي ڪم ايندو.

(iii) اسان وٽ **ڪيس، ڪين، سندس، سندن**، ضميرن جو عام طرح غلط استعمال ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪ:

(الف) **ڪيس** کي چيم. (ب) **ڪين کي** وراڻيم. (ت) **سندس جو** ڪتاب مون وٽ آهي. (ث) **سندن جو** وارو آهي.

جڏهن ته انهن ضميرن جو درست استعمال هن ريت ٿيندو:

(الف) **ڪيس** چيم. (ب) **ڪين** وراڻيم. (ت) **سندس** ڪتاب مون وٽ آهي. (ث) **سندن** وارو آهي.

(iv) اسان وٽ اڪثر لکيڪ '**هن**' ۽ '**اُن**' ضمير جو به غَلط استعمال ڪندا آهن. جيتوڻيڪ لغت ۾ 'هِن' ۽ 'اُن' ضميرن ۾ معني جي حوالي سان ڪوبه فرق ڏيکاريل نه آهي، پر '**هن**' ضمير جاندار شين سان ۽ '**اُن**' ضمير بيجان شين سان ڪم آڻبو آهي.

(v) ظرف '**ڪانه**'، '**ڪونه**' ۽ '**ڪين**' جو به اسان وٽ غلط استعمال ٿيندو آهي، جهڙوڪ:

(الف) هو **ڪانه** ويو (غلط استعمال). هو **ڪونه** ويو (درست استعمال)

ڪي پڻ سنڌي زبان جي شڪل بگاڙڻ جي برابر قرار ڏنو هو، ليڪن اسان جا خاص ڪري فارسي پڙهيل اُستاد ۽ عالم اڄ به اهو طريقو استعمال ڪندا اچن ٿا، جيڪو سراسر غلط آهي.

**(14) فارسي ۽ هندي لفظن سان ڀرپور جملا:** هر ٻولي پنهنجن وياڪرڻي قاعدن ۽ سٽاءَ موجب لکندي سُهڻي ۽ زيب واري لڳندي آهي؛ پر اسان وٽ ڪجهه فارسي زده ذهنَ، هرويرو جملن ۾ فارسي لفظن جي ٽُنب ٽنبان لايو ويٺا هوندا آهن، ته وري ڪي جديد نوجوان اُن جي ابتڙ هندي گاڏڙ جملا لکي ڦاڙهن مارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. خاص ڪري هند جا ڪيترا سنڌي ليکڪ، خاص ڪري ڏرمي رنگ ۾ رتل ليکڪ، هنديءَ جي ميلاپ واري سنڌي لکي، 'سهڻيءَ سنڌيءَ' جو چهرو ئي ڦٽائي ڇڏيندا آهن. ٻنهي انتهائن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

(i) بسيار يوم ٿي ويا آهن، توهان جو خط نا رسيده آهي.

(ii) هن يُگ ۾ نوان نوان وشيه اُتپن ٿيا آهن.

پهريون مثال، فارسي لفظن جي اجائي استعمال جو ۽ ٻيو مثال هنديءَ جي اجوڳن لفظن ڪتب آڻڻ جو آهي. انهن جي جاءِ تي هيٺيان جملا سهڻا نه ٿا لڳن ڇا؟

(i) ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، جو توهان جو خط نه پهتو آهي.

(ii) هن دور ۾ نوان نوان موضوع پيدا ٿيا آهن.

'دور' ۽ 'موضوع' لفظ به نج سنڌي نه آهن، پر سنڌي ٻوليءَ اهي لفظ پنهنجا ڪري ورتا آهن ۽ ڌاريا نه ٿا لڳن.

هندستان ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪ وري هنديءَ جي اثر هيٺ ڪيترن سنڌي لفظن بدران هندي لفظ يا هندي اندازُ ڪم آڻيندا آهن، جنهن ڪري به سنڌي لفظن جي صحت متاثر ٿيندي رهي آهي؛ مثال طور:

**نئين دنيا** (نئي دنيا)، **چنڊ** (چاند)، **لوهه** (لوهو)، **اُجالو** (اُجالا)، **سُهڻو** (سهاونو)، **ڦاسائڻ** (ڦسائڻ)، **پکي** (پنڇي)، **مڃائڻ** (منائڻ)، **اگهاڙ** (اگهاڙ)، **چال چلگت** (چال چلت)، **وڪاس** (اوسر، ترقي).

**(15) سرائيڪيءَ جي اثر هيٺ ٻوليءَ جو بگاڙ:** سنڌ ۾ ڏکڻ (ٿمٿماڻ) رهندڙن جو هڪ وڏو تعداد سرائيڪي زبان ڳالهائي ٿو. اُهي

ماڻهو سرائيڪي لهجي کي برقرار رکندي، جڏهن سنڌي ڳالهائيندا آهن ته نه رڳو تذڪير ۽ تانيث جا صيغا غلط ڪم آڻيندا آهن، پر سنڌيءَ جي متحرڪ لفظن کي جزم سان اُچاري، اُنهن کي غيرمتحرڪ بنائي ڇڏيندا آهن.

مثال طور:

(1) اُٺَ کي مَهارَ پاءِ (اُٺ کي مهار پا)

(2) ٻڪريءَ کي ڇهه ڦُرَ آهن (ٻڪري کي ڇهه ڦر آهن)

(3) هاريءَ ٻنيءَ کي پاڻي ڏنو (هاري ٻني کي پاڻي ڏنو)

(4) ناريءَ گيتُ ڳاتو (ناري گيت ڳاتو)

ڏنگيءَ ۾ ڏنل جملا، سرائڪيءَ جي اثر هيٺ استعمال جا آهن.

ٻوليءَ ۾ مٿئين قسم جي 'بگاڙ' کي روڪڻ گهرجي، ته جيئن اسان جي ٻوليءَ جي ترقيءَ، واڌاري ۽ سڌاري جون واٽون واضح ٿي سگهن. اٿارٽي، پنهنجو فرض سمجهي، اِن بگاڙ کي روڪڻ لاءِ جتن ڪري رهي آهي، پر ڪن دوستن جي راءِ آهي ته ٻوليءَ جي بگاڙ کي روڪڻ واريون ڪوششون اجايون آهن ۽ ٻوليءَ ۾ ايندڙ هر تبديليءَ کي قبول ڪرڻ گهرجي. منهنجيءَ نظر ۾ ٻوليءَ جي لفظن وغيره جي مثبت تبديلي ته قبول ڪري سگهجي ٿي، پر هر تبديلي قبولڻ هڪ باضابطي عموميت آهي، جيڪا تبديلي، گرامر جي صحت تي اثرانداز ٿئي ٿي ۽ صورتخطيءَ تي اثر وجهي ٿي، جنهن ڪري ٻوليءَ ۾ ڌارين لفظن جي غيرضروري داخلا ٿئي ٿي. ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين مان لفظي پنڌار اُڌارو وٺي سگهجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اُن ۾ مثبت واڌ قبول ڪري سگهجي ٿي، پر اُها ٻوليءَ جي مزاج، نحوي، صرفي، صوتي ۽ لغاتي ضابطن اندر هئڻ گهرجي.

آءٌ مٿي '**ٻوليءَ جي بگاڙ**' جا ڪجهه مثال ۽ نمونا پيش ڪري آيو آهيان، پر جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته پيا به ڪيترا مثال ملندا، جيڪي ٻوليءَ جي بگاڙ جو ڪارڻ بڻجي رهيا آهن.

ان کان سواءِ **صورتخطيءَ** ۽ جملن جي **ترڪيب** ۽ **ترتيب** جي خيال کان پڻ، جنهن ۾ بيهڪ جي نشانين جو استعمال به اچي وڃي ٿو، اسان جا ليکڪ ڪيتريون چُڪون ۽ غلطيون ڪندا آهن، جيڪي پڻ ٻوليءَ جي لکيت جي حوالي سان '**بگاڙ**' ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون.

غلط صورتخطيءَ جا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا:

| غلط صورتخطي | صحيح صورتخطي |
|---|---|
| مطمعئن | مطمئن |
| وابسطه | وابسته |
| نظرنياز | نذرنياز |
| قهرام | ڪهرام |
| قوي | ڪوي (شاعر) |
| قائدو | قاعدو |
| فاعدو | فائدو |

ڪيترا ليکڪ **مالڪي** ڏيکاريندڙ لفظن يا مختلف ضميري صيغن ڪي لکڻ جي اصول کان غيرواقف هئڻ ڪري، انهن جي صورتخطيءَ يا لکت وقت مونجهاري جو شڪار هوندا آهن. انهن ڪي اها ڄاڻ نه هوندي آهي ته انهن لفظن يا صيغن ڪي ڌار لکجي يا گڏي لکڻ کپي. لفظن جي انهيءَ غلط طريقي ڪي به 'ٻوليءَ جي لکڻ' واري انداز جو بگاڙ سڏي سگهجي ٿو. مثال طور:

(1) منهن جو گهر گاڏي ڪاتي ۾ آهي.

(2) تُنهن جو ڪتاب ڪڏهن ڇپبو؟

(3) هر ڪنهنجو پنهن جو پنهن جو ظرف آهي.

(4) اسان جو انهيءَ ڳالهه ۾ ڪجهه نه وڃي.

(5) جنهنڪانسواءِ دم نه گذري، تنهنڪانسواءِ ڏينهن ڪيئن گذرندا.

(6) مونکي اڄ ڪم آهي.

(7) جنهنجو کائجي، تنهنجو ڳائجي.

(8) هن منهنجو حق غضب ڪيو، تنهن ڪري مون مٿس دانهيو.

(9) رستو ڪڏا ڪڏا هئو، جنهن ڪري توهانکي تڪليف آئي.

ليڪ ڏنل لفظن جي 'صحيح لکت'/ صورتخطي هيٺين ءِ ريت ٿيندي:

**مُنهنجو، تُنهنجو، ڪَنهن جو، پَنهنجو پَنهنجو، اسان جو، جنهن ڪان سواءِ، تنهن ڪان سواءِ، مُون کي، جَنهن جو، تَنهن جو، تنهنڪري، جنهنڪري، توهان کي،**

مُنهنجي هن ترتيب ڏنل ڪتاب ('جديد ميڊيا ۽ سنڌي ٻوليءَ') ۾، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي سڏايل مختلف سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ پڙهيل مقالا به آهن، ته مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل ڪجهه مضمون، ڪالم ۽ خطن جا ٽڪرا به شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، صورتخطيءَ، سُڌاري ۽ بگاڙ جي حوالي کان انتهائي اهم آهن.

اسان جي ڪيترن لکندڙن کي جملن ۾ '**بيهڪ جي نشانين**' جي درست استعمال جي ڄاڻ نه هوندي آهي، اُن ڪري، هن ڪتاب جي آخر ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ٻن وڏن محسنن ۽ عالمن - مرزا قليچ بيگ ۽ سراج ميمڻ جا '**بيهڪ جي نشانين**' بابت به عالماڻا ليک ڏنا ويا آهن، ته جيئن پڙهندڙ ۽ ليکڪ '**بيهڪ جي نشانين**' جي صحيح ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.

مقالن جي هن سلسلي جو ٻيو ڪتاب '**درسي ڪتابن جي ٻوليءَ**' بابت آهي. ان کان سواءِ هڪ ڪتاب '**صورتخطيءَ جي مسئلن**' جي باري ۾ پڻ سهيڙجي رهيو آهي.

مون کي پڪ آهي ته هيءُ ڪتاب نون لکندڙن، اخباري ڪارڪنن، صحافين ۽ ليکڪن لاءِ بيحد ڪارائتو ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ　　　　　　　　**تاج جويو**

**25 جون 2001**

تائين ٽيندڙ ڪتابن واريءَ ٻوليءَ سان پڻ لڳي ٿو.

مون دراصل بروهي صاحب جي سوچ، فڪر ۽ پيغام جي ڳالهه ڪئي. بروهي صاحب، پنهنجي مذڪوره مقالي ۾ فرمائي ٿو:

”وقت جي ڀيڙ ۽ ڀڄ ڀڄان ۾، اسان جا نوجوان صحافي خبرن جو پورائو ڪرڻ لاءِ زور رکن ٿا اڙدو اخبارن جي انڌاڌنڌ ترجمن تي. نج ۽ ٺيٺ سنڌي لفظ وچي ڪڏ ۾ پيا، ۽ عام فهم اکرن جي به ڄاڻ نه هئڻ ڪري، هو ڏڙا ڏڙ اڙدو اکر استعمال ڪندا رهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اوهان کي سنڌي اخبارن اندر معطل، مثبت، تسلط، مزاحمت، منتشر، محصورين، متاثرين ۽ مداخلت جهڙا ڦوڙات اکر، عام جام، سنڌيءَ جي سيني تي مُڳَ ڏريندي نظر ايندا.

هڻ همراهن وري پنهنجا هٿرادو ۽ جڙتو اکر گهڙڻ تي سندرو ٻڌو آهي، جي لفظ نه لغت ۾ آهن ۽ نه وري رواج ۾. هن ڏس ۾ جو تازو لفظ اخبارن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي، سو آهي ’سٽيل‘ ؛ پوءِ ڪي ’ٻوڏ جا سٽيل‘ آهن ته ڪي وري ’برسات جا سٽيل‘ . سٽيل نهايت ڳورو ۽ ڳرڌار لفظ آهي، جو مارشل لا دؤر ۾ ايجاد ٿيڻ گهربو هو: جڏهن مسڪين ماڻهن جي پٺين تي ڦٽڪا (ڪوڙا) اڳرين جيان وسائي، سندن چمڙي اديڙي ٿي ويئي. عام فهم اکر ”ستايل“ آهي، جو صدين کان رواج ۾ آهي.

نوان نوان لفظ ايجاد ڪرڻ يا ڌارين اکرن جي استعمال ڪرڻ تي ڪابه بندش نه آهي، پر شرط هيءَ آهي ته پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪا کوٽ يا اڻاٺ هجي ته پوءِ سڀ ڪجهه جائز آهي. چوندا ڪين آهن ته ’ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.‘

بروهي صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

اخبارن جي نمائندن کي، بحث مباحثي ڪرڻ ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لاءِ عرض ڪيو ويو آهي.

آءٌ پنهنجيءَ ذاتي حيثيت ۾، ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سيني ڪارڪنن طرفان، اوهان سيني جو شڪرگذار آهيان ۽ هن سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اوهان جي آجيان ڪريان ٿو. مون کي پڪ آهي ته هن ڏس ۾ ڪوٺايل سيمينارن ۾ اوهين اسان سان هميشه سات ڏيندا.

آءٌ سنڌي زبان جي سيني سڄڻن ۽ گهڻگهرن کي اهو يقين ٿو ڏياريان، ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌي زبان جي ترقيءَ، واڌاري، دفترن ۾ سنڌي زبان جي استعمال ۽ نشر و اشاعت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي کي ڪم آڻڻ لاءِ هرممڪن جدوجهد ڪندي.

مون کي اوهان سيني وٽان ساٿيءَ موٽ جي اميد آهي.

(اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي. وي تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال" بابت سيمينار ۾ ڪيل آجياڻي تقرير)

امداد حسيني

# سنڌي ٻولي امر رهي

"سنڌي ٻولي اختيياريءَ" ٻاران اخبارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي بابت سڏايل سيمينار ۾ منهنجو نالو ٻهرين ڳالهائڻ وارن ۾، ٻوءِ بحث ۾ حصي وٺڻ وارن ۾ رکيو ويو؛ پر آءٌ سيمينار ۾ ني شريڪ نه ٿي سگهيس- ۽ ائين ڪجهه ٻڌڻ ۽ پرائڻ جو به وجهه ڪونه مليو.

هتي اهو ٻڌائي ڇڏيان ته آءٌ جڏهن سنڌالاجيءَ ۾ هڪ ڪارڪن هئس، تڏهن اتي روزانو منهنجو پهريون ڪم اهو هوندو هو ته صبح واريون سموريون اخبارون پڙهان، ۽ ٻوليءَ جي چُڪن جي هڪ لسٽ ٺاهيان. مون کي خبر ناهي ته سنڌالاجيءَ ۾ پوءِ اها مشق جاري به رهي يا نه! تڏهن اخبارن جو تعداد ٿورو هو ۽ هاڻي جڏهن اخبارن جو انگ ويهن کان به مٿي ٽپي ويو آهي، تڏهن اخباري ٻوليءَ جي ڇڪاس هڪ ڪُل وقتي ڪم آهي؛ جيڪو اخُباري ڪارڪن ئي ڪري سگهن ٿا، يا اخبار جا سجاڻ پڙهندڙ، يا ته اهو ڪم اهو ادارو ئي ڪري سگهي ٿو، جتي سموريون اخبارون اينديون هجن ۽ اتي ٻوليءَ جو ماهر به موجود هجي.

مٿي چئي آيو آهيان ته "سنڌي ٻولي اختياريءَ" واري سيمينار لاءِ ڪجهه به لکي نه سگهيو هئس، ان جو مکيه ڪارڻ اهو هو ته لکڻ نه لکڻ سان ڀلا ڪهڙو فرق پوندو! ان ڏس ۾ جيڪڏهن جوڳيون رٿون آيون به ته انهن کي لاڳو ڪير ڪندو؟ جهڙوڪ: "بازياب" [بازيافتن= هٿ اچڻ (گم ٿيل شيءِ جو)] کي هٿ آيا، مليا. لڏا ۽ "دست ياب" (دست+ يافتن= موجود هئڻ، ميسر هئڻ، هٿ اچڻ، ملڻ، هڪيا هئڻ) کي موجود، ميسر ۽ هڪيا لکيو وڃي، ته ان تي عمل ڪير ڪندو؟

انهيءَ سيمينار کان پوءِ روزاني "سنڌ" ۾ جاويد قاضيءَ جو ان ڏس ۾ هڪ ليک پڙهيم، ان تي به ڪجهه سٽون لکي ڇڏي ڏاريم.

جيتوڻيڪ ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري بابت بحث جي گنجائش بهرحال موجود رهي ٿي، پر جيئن ته اسين هٿ ڇُهڻ کان به پري ٿي ويا آهيون، سَڀ جو اسان ۾ مادو نه رهيو آهي: "مان جو آکيا ڪُڪڙ، تان ڪون گابي ڪيوين آکان" واري آنا جي کوهي ۾ بند آهيون، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ٻُڌ کانئي ٻُڌ کانڻ کان جهلڻ جو ڪنهن کي ڪهڙو حق آهي؟ اهو ته بلڪل ائين آهي، جيئن:

'سسئي پاڻ نه پلي، ڏوجهيان متيان ڏيوي!'

ظاهر آهي ته سنڌي اخبار، سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي نڪري ٿي ۽ ٻولي نه ته ڪنهن شخص جي، نه ڪنهن گروهه جي ۽ نه ئي ڪنهن اداري جي ملڪيت آهي: بلڪ ٻولي اسان سڀني جي گڏيل ملڪيت آهي. ٻولي اسان جي ابن ڏاڏن جو ورثو آهي ۽ ان ورثي کي 'امانت باسلامت' وانگر ايندڙ نسلن تائين پهچائڻو آهي.

سنڌي صحافت جو اوائلي دَور ١٨٥٨ع کان ١٩١٠ع تائين پکڙيل آهي:

"سنڌي صحافت، "فوائد الاخبار" جهڙي نالي ۾، ١٨ مئي ١٨٥٨ع ۾ جنم ورتو."

اها مڪمل سنڌي نه، پر فارسي گاڏڙ اخبار هئي:

"سچي سنڌي اخبار ١٨٦٦ع ۾ "سنڌ سڌار" نالي سان وجود ورتو."

سنڌي صحافت جي انهيءَ اوائلي دَور ۾ اخباري ٻوليءَ بابت سنڌ جي جَيد عالم، فاضل صحافي ۽ اعليٰ اديب مولانا دين محمد وفائيءَ جي راءِ هن ريت آهي:

"هندو، مسلمانن جي اخباري توڙي ڪتابي ٻولي هڪجهڙي هوندي هئي ۽ هڪ رنگ ۽ ڍنگ ۾ لکي ويندي هئي."

پر ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ سوچ ۽ رويا جڏهن مذهبن، فرقن ۽ گروهن جي ور چڙهي ويندا آهن، تڏهن اڪين تي ڪٽرپڻي جو انڌ چڙهي ويندو آهي. سنڌي صحافت جي ٻئي دَور ۾ مسلمان، سنڌي ٻوليءَ کي مشرف به اسلام، ۽ هندو، شڌي بنائڻ تي لاهي پاهي بيهي رهيا. ان

ڏار ڪيو ويو. انهيءَ شروعاتي دَور ۾ نئي سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حقن تي ڌاڙا هنيا ويا. ڪراچيءَ جي اسڪولن مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙيو ويو. آفيسن ۽ ڪورٽن جا دروازا سنڌي ٻوليءَ تي بند ڪيا ويا. بورڊن تان سنڌي ٻوليءَ کي ڪرڙي لاٿو ويو. رَهي کُهي ڪسر ون يونٽ جو ڳرو ڳٽ سنڌ جي ڪونج ڳچيءَ ۾ وجهي ڪڍي وئي. سنڌي فائنل ختم ڪئي وئي. سنڌي اخبارن تان سنڌ جو نقشو ميساريو ويو. "الوحيد" اخبار، جنهن سنڌ جي ٻمبئيءَ کان جدائيءَ تي "آزاد سنڌ نمبر" ڪڍيو هو، ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، بند ڪئي وئي. ايوب خاني مارشلائي دَور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پنجين درجي تائين واڙيو ويو. روزاني "مهراڻ"، "نواءِ سنڌ" ۽ "سنڌي ادبي بورڊ" ڪراچيءَ مان تپڙ ويڙهي حيدرآباد هليا آيا. اهو ئي اهو دَور هو، جڏهن "سنڌي ادبي سنگت" ٻوليءَ جي محاذ تان سنڌ جي وجود لاءِ جنگ جوٽي ۽ سوڀ ماڻي. "سنڌي ادبي سنگت" جي اها عظيم جدوجهد تاريخ جو حصو آهي.

جڏهن ون يونٽ جو قهري ڪوٽ ڊٺو ۽ سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻوليءَ وارو بل پاس ڪري، ان جا اُهي ئي انگريزن جي غلاميءَ جي دَور وارا حق بحال ڪيا، تڏهن وري ٻوليءَ وارن فسادن جي باھ ڀڙڪائي وئي، ۽ سنڌ جي ڌرتي سنڌين جي رت سان رڱي وئي.

سنڌي صحافت ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت اهو مختصر پوتاميل اُن ڪري ڏيڻو پيو، جيئن پس منظر واضح ٿي سگهي ۽ آئيندي لاءِ پيشبندي ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

سنڌي عوام کان پوءِ سنڌي اخبارون سنڌي ٻوليءَ جون وڏي ۾ وڏيون سرپرست آهن، جيڪي روزانو هزارن جي انگ ۾ ڇپجي، پڙهندڙن تائين پهچن ٿيون. انين روزانو لکين سنڌي لفظ، لکين سنڌي ماڻهن تائين پهچن ٿا ۽ هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏيهه توڙي پرڏيهه جون خبرون پڙهن ٿا. اهي اخبارون نجي ادارا آهن ۽ انهن جي ڪا پاليسي به ضرور هوندي؛ سنڌي ٻوليءَ جو صحيح واهپو به ان پاليسيءَ جو حصو هوندو! مون اڳي به ڪٿي چيو آهي ته سنڌي اخبارون اسان جي جياپي سان ڳنڍوڳنڍ، پنهنجي جياپي جي جنگ به وڙهي رهيون آهن. ان جنگ

لهجو ۽ ان جي پنيان نيتون ٿا ڏسون، تہ ٢١ هين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي ڪتڪا من ۾ اُڀرن ٿا، اُهي لڳ ڪانداري ٿا چڏين. اڄ اسين وري انهيءَ هنڌ تي اچي بيٺا آهيون، جتي اسان هيءَ سٽ چئي هئي:

'قـوم تڏهن زنده رهي پر جي زبان زنده رهي.'

مون کي هتي حسين بخش خادم جي هيءَ سٽ بہ ياد اچي رهي آهي:

'زبان بخير هجي ۽ وطن جو خير هجي.'

جتي عورتن جي صفحن/ رسالن تي مردن جو قبضو هجي، جتي اخبارن ۾ ڪوڙن نالن سان ليک ڇپجندا هجن، جن ۾ سچ جو پڙهو بہ ڏئل هجي؛ جتي ابن ڏاڏن جي قبرن تي فارسيءَ ۾ ڪتبا هجن؛ جتي شادين مرادين جا ڪارڊ بہ انگريزيءَ ۾ ڇپجندا هجن؛ جتي مارئي هاسٽل ۾ بہ "جاز گروپ" داخل ٿي ويو هجي، جنهن جي ڏنن تي سنڌي ڇوڪريون نچي رهيون هجن؛ جتي مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ قوم پرست پارٽيءَ جي فنڪشن ۾ علي حيدر جا نينگ ٽپا هجن؛ جتي نجي ادارا تہ پري رهيا، پر سرڪاري ادارن جي بورڊن تي بہ سنڌي لکيل نہ هجي، اُتي، اُتي نارائڻ شيام جو هيءَ شعر هانوَ تي هُري ٿو اچي:

الا ايئن نہ ٿـئي جو ڪتـابن ۾ پڙهجي:

تـہ هـئـي سـنـڌ ۽ سـنـڌ وارن جي ٻـولـي.

سنڌ، سنڌي ۽ سنڌي ٻولي- ٽي نہ بلڪ هڪ آهن. ڪنهن بہ هڪ کان سواءِ ٻين جو وجود بہ بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو. سنڌي اخبارون سنڌ مان نڪرن ٿيون، سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪرن ٿيون ۽ سنڌين جي هٿن تائين پهچن ٿيون. انهن ۾ رڳو اطلاع نہ هوندا آهن، بلڪ ايڊيٽوريل، ڪالم، خط، تبصرا، تبرا، بيان... بہ هوندا آهن. صرف اهو چئي ڇڏڻ تہ صحافيءَ جو ڪم آهي "اطلاع پهچائڻ"، تہ اها ڳالهہ ڪجهہ اڌوري نہ ٿي. صحافيءَ جو ڪم آهي "صحيح اطلاع پهچائڻ" ۽ ان لاءِ صحيح ٻوليءَ جو هئڻ لازمي آهي.

اڄ جڏهن شهرن ۾ صبحُ، سج اُڀرڻ سان نہ، پر اخبار پهچڻ سان ٿئي ٿو، تڏهن اخبار جي اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو؛ پر

اُن اهميت کي اُن مافيا جي خلاف ٿيڻ گهرجي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اخبار جي ڪنڊ پاسي ۾ موجود هوندي آهي.

اخبارن جي ٻوليءَ تي اڳي بہ ڪجهہ لکيو/ ڇپيو ويو آهي ۽ ڏارين لفظن جي جاءِ تي متبدل (alternate) سنڌي لفظ بہ ڏنا ويا هئا، پر انهن ۾ گهڻائي هيڪاري منجهائيندڙ لفظن جي هئي. اخبارن ۾ ڏارين لفظن، تذڪير- تانيث، صورتخطيءَ ۽ جمع واحد جون چُڪون هونديون آهن. اتر، وچولي، لاڙ، ٿر ۽ ڪوهستان جا لهجا سنڌيءَ ۾ موجود آهن. هاڻي تہ سنڌيءَ جو اردو لهجو بہ ايجاد ڪيو ويو آهي. اخباري ٻوليءَ لاءِ يقينن هڪ معياري لهجو مقرر ٿيڻ کپي. اهو معياري لهجو مرزا قليچ بيگ جي چوڻ موجب حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس وارو هئڻ کپي.

"ڪاٻہ تحرير ٺيٺ سنڌي اکرن جو ڍير نہ آهي" ، بلڪ اکر: جن مان لفظ جڙن ٿا ۽ لفظ: جن مان جملا ٺهن ٿا، انهن جو بامعنيٰ هئڻ لازمي آهي. ڪو بہ لفظ اجوڳو آهي تہ ان جو واهپو بہ اجوڳو ٿي هوندو. مثال طور: ڪيس/ ڪين (هن کي/ هنن کي)، سندس/ سندن (هن جو/ هنن جو)، ڪانئس/ ڪانئن (هن کان/ هنن کان)- پر ڪن اخبارن ۾ انهن جو استعمال هيئن ٿئي ٿو: ڪيس کي/ ڪين کي- تي، سندس جو/ سندن جو، ڪانئس کان/ ڪانئن کان. ان ريت هڪ دوست لکيو: "حيدربخش جتوئي سنڌ جو سپوت پُٽ" جڏهن تہ سپوت (سَپوٽ/ سَپُٽ) جي معنيٰ ئي آهي. سٺو/ لائق/ چڱيوان پُٽ.

آءٌ اخبار پڙهندي ٻوليءَ جون غلطيون ٽيبل ڊائريءَ تي نوٽ ڪري ڇڏيندو آهيان. نئين سال تي پراڻي ڊائري ڊسٽ بن ۾ اڇلي، نئين ڊائريءَ تي نيون غلطيون نوٽ ڪندو آهيان. قسم، قَسم، ضد، نظم، غزل، جيل، بنياد، اصطلاح، تَڪر، افواهہ.... سنڌيءَ ۾ مذڪر آهن، پر اهي مئونث طور ڪتب آندا وڃن ٿا. "سونر جو دل لڳايو ويو" جهڙيون سرخيون بہ اخبار ۾ لڳن ٿيون. ان ريت "ڪتاب" جي تصغيري صورت "ڪتابڙو" آهي، نہ کي "ڪتابچو" ، جيئن اڪثر لکيو پيو وڃي. ٿورو هيءَ هيڊنگ بہ ڏسو:

"سرڪاري زمين ڪوڙين جي ملهہ تي وڪرو"

اتي رڳو "ڪوڙين" کي "ڪوڏين" ڪرڻ جي تڪليف به نه ورتي وئي آهي! جڏهن ته اتي "ڦلن مٽ تي وڪرو" لکڻ کپي ها. اتي "ڪوڙيون ڪي مول" کي مشرف به سنڌي ڪيو ويو آهي. نظر ۽ نذر، ضد ۽ زد ۾ ته هاڻي ڪو فرق به نه رهيو آهي. جڏهن ته نه رڳو انهن جي صورتخطيءَ ۾، پر معنيٰ ۾ به فرق آهي. "مرتيو" لکندڙن کي شايد اها خبر هجي ته ان جي معنيٰ موت/ مرڻ آهي، جڏهن ته اسان وٽ "لاڏاڻو" لفظ موجود آهي. "پيالو ڪرڻ/ پيئڻ" به ان معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو ۽ ممڪن آهي ته سقراط جي زهر جي پيالي پيئڻ سان ان جو لاڳاپو هجي. هڪ اخبار ۾ هو: "پگهر چٽي ويا." هڪ اخبار ۾ "مولوديءَ" جو جمع مولوداني/ مولودائين" ڪيو ويو، جڏهن ان جو جمع "مولودي/ مولودين" آهي. هيءَ هيڊنگ ڏسو:

"فيصل حيات کي پرڏيهه ملڪ وڃڻ جي اجازت ڏني وئي."

جڏهن ته پرڏيهه جي معنيٰ ئي آهي پرايو/ پرانهون/ ٻاهريون ملڪ. هڪ هنڌ لکيل هو: "ڏيئا ۽ اوڙاهه ٻاريا ويا" جڏهن ته اتي آڙاهه لکڻ کپندو هو. هڪڙيءَ اخبار ۾ لکيل هو: "مرحيات ضيا" ۽ مرحيات جي معنيٰ آهي، سدائين حيات/ زندهه. ضيا جي لاءِ ائين لکڻ گهرجي يا نه؟ پر اصل لفظ "مرهيات" آهي؛ جيڪو "مرهڻ" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: جنهن کي مرهيو وڃي، جنهن تي رحم ڪيو وڃي.

اهي ته لفظي چڪون آهن، پر جڏهن لکندڙ پنهنجي اٿاهه علميت جو مظاهرو ڪندا آهن، ته سندن اچي پڳ ۾ اندر مڙيوڙي اگڙيون ظاهر ٿي پونديون آهن. هڪ اخبار ۾ لکيل هو: "مومل راڻي جي نڪاح ٻڌل زال هئي."

هيءَ تحرير به ڏسو:

"جڏهن ٻار جمي ٿو ته ملان ئي سندس ڪن ۾ اذان (ٻانگ!) ڏئي ڪيس نانءُ ڏني ٿو."

جڏهن ته اهو فرض گهر جو ڪو وڏڙو ئي سرانجام ڏيندو آهي.

جيئن مٿي لکيو اٿم ته سنڌي عوام کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جون وڏي ۾ وڏيون سرپرست سنڌي اخبارون آهن، ان ڪري ٻوليءَ جي حوالي سان وڏي ۾ وڏي ذميواري به اخبارن جي آهي. ساڳئي وقت

سنڌي اخبارن جو سرپرست وري سنڌي عوام اهي، جيڪو پئسن سان اخبار وٺي پڙهي ٿو. ان ڪري سنڌي اخبارن جي "لابي" ڪا "گابي" نہ، پر سنڌي عوام آهي. اخبارن کي نہ رڳو پنهنجي پڙهندڙ کي ڏيهي-پرڏيهي حالتن کان آگاهہ رکڻو آهي، بلڪ انهن جي تربيت ڪري "عام راءِ" جوڙڻ وارو بنيادي ڪردار پڻ ادا ڪرڻو آهي. منهنجو مطلب "سنڌي راتد سونتي واريءَ" سان آهي. ٻوليءَ جي سادگي، ان جي سونهن آهي. مک چک سان اُن جو چهرو لڪي وڃي ٿو ۽ پلئہ بہ ڪجهہ نہ ٿو پوي. هيءَ لڪٽي ڏسو:

"جمهوريت جي حملي آور فقرن کي
ڪپڙي جا (جي!) تاڪئي وانگي ويڙهي
اچلائي ڇڏيو ويو آهي."

ان ريت کهڙا لفظ گڏي لکجن ۽ کهڙا ڌار لکجن، اهڙي لسٽ ناهي سگهجي ٿي. سنڌي پريس ڪائونسل (سپڪ) ۽ سنڌي ٻولي اختياري گڏجي اهو ڪم ڪري سگهن ٿيون. مڪمل انگريزي- سنڌي لغت بہ اچڻ گهرجي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اٿاهہ تخليقي قوت آهي، ڳالهہ رڳو اسان جي صلاحيت جي آهي.

آخر ۾ منهنجي گذارش آهي تہ پنهنجن لفظن کي هرحال ۾ ترجيح ڏيڻ گهرجي ۽ اياز جي هن شعر تي عمل ڪرڻ جڳائي:

ٻئي جي ڪنهي کي ڏي ٻَن
پنهنجي لوئي، پنهنجي لاڪ

ڌاريو لفظ آڻجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج پٽاندر آڻجي ۽ سنڌي لهجي کي هرصورت ۾ برقرار رکجي. پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڪلچر بابت ڪڏهن بہ احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار نہ ٿجي، نہ ئي وري "پدرم سلطان بود" واري احساسِ برتريءَ جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسڻ گهرجي:

جيئنداسين تہ صدائون اُن ۾،
مرنداسين تہ دعائون اُن ۾،
جڳ جڳاندر تائين سائين،
سنڌي ٻولي امر رهي!

(روزاني سچ ، ڪراچي تان ٿيل)

محمد حسين "ڪاشف"

# اخباري ٻوليءَ جا مسئلا ۽ خاميون

اخباري دنيا "ويوز ۽ نيوز" (راين ۽ خبرن) تي مدار رکي ٿي. اخباري دنيا جي پنهنجي زبان ۽ پنهنجو انداز آهي. اهوئي سبب آهي جو ادب ۽ صحافت ۾ فرق آهي. ادب جي زبان جا پنهنجا لوازمات (گهرجون) ۽ پنهنجو رنگ آهي. ان ۾ افساني جي پنهنجي ٻولي، ناول ۾ ان جو پنهنجو طريقہ ڪار، مقالي نگاريءَ ۽ تحقيق ۽ تنقيد ۾ اُن جو پنهنجو اُسلوب آهي. اهڙيءَ ريت صحافت ۾ خبر ۽ اُن جي پيشڪش جو طريقہ ڪار پنهنجو آهي، جيڪو خبر جي "ويوز" ۽ ان جي اهميت سان لاڳاپو رکي ٿو. اخبار ۾ خبرن جا ٻہ درجا آهن. ايڊيٽوريل جو پنهنجو اسلوب هوندو آهي، تہ شذرات ۽ تقريظ جو پنهنجو انداز هوندو آهي. ڪالم نگار طرفان ڪنهن اِشو يا واقعي تي ڏنل تحرير جي پنهنجي زبان هوندي آهي. جهڙيءَ ريت اَدب مختلف صنفن ۾ ورهايل آهي، اهڙيءَ ريت اخبار بہ پنهنجي اندر مختلف روپن سان سينگاريل هوندي آهي. ٻنهي ۾ زبان جي پيشڪش ان صنف ۽ زاويي جي بنيادن تي هوندي آهي؛ ۽ هرڪنهن جو پنهنجو رنگ ۽ روپ هوندو آهي. انهيءَ بنياد تي اديب ۽ صحافيءَ ۾ نمايان فرق آهي؛ ليڪن مواد ۽ هيئت ۽ معروضات جي بنياد تي تاريخي رڪارڊ طور صحافت کي ادب کان ٻنهہ ٽوڙي نٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ صحافت جي جز وقتي رڪارڊ جي تاريخي حيثيت بہ آهي، جيڪو اڳتي هلي سماجي معروضات ۽ سياسي ڪلچر توڙي ٻين سماجي روين جي سلسلي ۾ اديب لاءِ تجزياتي طور تي خام مواد جو ڪم ڏئي ٿو، ان لاءِ هن ڇوڙ ۾ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو تہ اهو مواد ادب لاءِ هٿي ڏيندڙ ذريعو آهي.

جيئن مون پهرئين عرض ڪيو تہ اخبار، جيڪا خبر جو مجموعو آهي؛ اها ترت حالتن جي تڪڙي معلومات مهيا ڪندڙ ذريعو

آهي؛ جنهن ۾ خبر جي بنياد تي، هيڊلائين جي پنهنجي اهميت هوندي آهي، ان لاءِ اُن جي پيشڪش به منفرد هوندي آهي. خبر جي تت کي هيڊلائين جي حيثيان ڏنو ويندو آهي، ان بعد ئي سڄي خبر جي تفصيل کي ڏنو ويندو آهي. انهيءَ سڄيءَ ڳالهه ۾ اخبار جيستائين سسپنس يا تعجب خيزي ۽ تجسس کي ڪم نٿي آڻي، ان وقت تائين اُها خبر کي مؤثر نموني ۾ پيش ڪري نٿي سگهي. ٻين لفظن ۾ ته سسپنس يا تجسس اخبار جي خبر جي جان آهي. ان وسيلي ئي اخبار، پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ کي متوجهه ڪري ٿي ۽ پنهنجي مارڪيٽ به پيدا ڪري ٿي.

اڄڪلهه سنڌي اخبارن جي سلسلي ۾ ٻوليءَ جي صحت جي شڪايت عام آهي، جيڪو غور طلب مسئلو آهي. انهيءَ ۾ جتي اخباري دنيا ذميوار آهي، اتي اسان به انهيءَ جوابداريءَ کان آجا نه آهيون؛ ڇاڪاڻ ته هڪ ڊگهي عرصي کان اخباري دنيا ۽ ٻوليءَ وارن ادارن؛ جهڙوڪ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ آهي يا صحافت جو شعبو آهي، انهن ڪڏهين به اخباري دنيا جي عملي سان ويهي، انهيءَ مسئلي تي ڪا بينڪ ڪانه ڪئي آهي. غالباً هيءُ پهريون ڀيرو آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري هن ڏس ۾ پير پريو آهي، جنهن لاءِ ادارو تحسين لائق آهي. مون کي يقين آهي ته هن قسم جي گڏجاڻين ۽ ويچارن جي ڏي وٺ سان ٻوليءَ جي صحت، معيار ۽ صحافتي زبان جي فارم ۽ حيثيت متعين ڪرڻ، ۽ گرامري سلسلي سان سٺا نتيجا نڪرندا؛ جنهن سان اخباري دنيا جي عملي جي نه صرف رهبري ٿيندي، بلڪ انهن جا انهيءَ سلسلي ۾ ٻوليءَ جي بنياد تي پيش ايندڙ مسئلا به روشن صورت اختيار ڪندا، جيڪي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ دانشورن لاءِ سوچ جو مواد فراهم ڪندا؛ ڇاڪاڻ ته خبرن جي پهچ جي وڌندڙ ذريعن ميڊيا کي جيڪا نئين شڪل ڏني آهي، ۽ سماجي ۽ فڪري روين جي سلسلي سان جيڪا ذهني اوسر ٿي آهي، ۽ عام زندگيءَ ۾ اخبار جي جيڪا اهميت آهي، انهن سڀني ۾ تطبيق ڪيئن پيدا ڪجي؟ ان لاءِ ڪهڙا طريقا استعمال ڪيا وڃن، جيئن ٻوليءَ جي صحت برقرار رهي! هن کان اڳ ادارن ڪو مؤثر قدم نه کنيو آهي ۽ نه وري اخباري دنيا

انهيءَ امـر تي ڪڏهين ڪو غور ڪيـو آهي. هت هڪ غور طلب ڳالهہ آهي تہ اڄ ڪان پنجاهہ يا چاليهہ سال اڳ اخبار جي خبرن جي پيشڪش ڪيئن هئي، ۽ هن وقت اخبار جي خبرن جي پيشڪش ۾ جيڪا بنيادي تبـديلي نظر اچي ٿي، ان جا بنيـادي ڪارڻ ڪهـڙا آهن؟ ڇا انهن تہ نہ آهي، جو اهي سببَ اخباري ٻوليءَ جي پيشـڪش تي اثرانداز تہ نہ آهن؟ انهن تي بہ غور جي ضـرورت آهي. جتي اخبـاري ٻوليءَ جي صـحت جو مسئلو گنڀير آهي، اتي انهن رويـن کي پڻ نظرانداز ڪري نٿو سگهجي.

اسان جا عالم ۽ دانشور، جيڪڏهين اڄ جي اخباري ٻوليءَ کي مولوي نورمحمد نظاماڻيءَ، مولوي خيرمحمد نظاماڻيءَ، حافظ خيرمحمد اوحديءَ، عبدالشڪور منشيءَ، عبدالڪريم سعديءَ، عبدالغفور سيتائيءَ، حاجي محمود هالائيءَ، مولائي شيدائيءَ، سردار علي شاهہ، شيخ علي محمد وغيـره جي پيش ڪيل اخبـاري زبان جي فـارم ۾ ڏسندا، تہ اها ڳالهہ ڪيتري قدر درست ٿيندي. هر دَور جا مسـئلا ۽ معروضات، حالات ۽ واقعـات، انهن جو پس منظر ۽ پيش منظر، ۽ تقاضائون پنهنجون رهيون آهن. ميـڊيا جي وڌندڙ معيـار ۽ سمـاجي ارتقا جي روين هڪ نئون رخ پيدا ڪيو آهي، جنهن ڪان ڪلچر جا رويا، ماڻهوءَ جي نفسيات ۽ هن جي ذهني سوچ جو عمل متاثر آهي، جيڪو هن جي اظهاري قوت ۽ ان جي لفظي ذخيـري کي بہ متـاثر ڪربو بيٺـو آهي. اسان کي ٻوليءَ جي پيشـڪش ۾ ان کي بہ نظر ۾ رکڻو پوندو. اڳ ۾ اخبار جي ڪا هيڊنگ هوندي هئي تہ ان ۾ فـعل کي نظرانداز نہ ڪيـو ويندو هو، ليـڪن هن وقت خبرن کي سسـپينس جي صورت ڏيڻ سبب، ان طرف توجهہ گهٽ آهي، مثلاً: ٣١- ١٠- ١٩٩٨ جي 'عبرت' جي مکيہ سرخي آهي:

"سنڌ ۾ گـورنر راڄ نافـذ، صـوبائي حـڪـومت ختم، سنڌ اسيمبلي معطل"- خبر ۾ ڪٿي بہ فعل ڪم آندل نہ آهي، جنهنڪري جملو اڻپورو آهي. جملي جي لحاظ کان خبر هن طرح سان هئڻ گهرجي: "سنڌ اسيمبليءَ کي معطل ۽ صوبائي حڪومت کي ختم ڪري، سنڌ ۾ گـو.نر راڄ لاڳو ڪيـو ويو. "نافـذ" جي عـيـوض لفظ "لاڳو" هئڻ گهرجي. يا وري هن طرح "سنڌ ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪري، اسيمبليءَ تي

معطل ۽ صوبائي حڪومت کي ختم ڪيو ويو". مذڪوره خبر پنهنجي اندر ٽي ويوز رکي ٿي. هاڻي 'ويوز' کي 'نيوز' جي شڪل ڏيڻ لاءِ 'خبار عام وهنواري طريقو استعمال ڪري يا تعجب ۽ تجسس کي اختيار ڪري؛ جيئن خبر ۾ جاذبيت ۽ ڪشش پيدا ٿئي. موجوده دور جي ميڊيا ۾ ماڻهوءَ جو ذهن عام وهنواري ٻوليءَ کان ايترو متاثر نٿو ٿئي؛ ان لاءِ اخبار جيڪا تجسس آميز هيڊنگ ڏني آهي، اها هن جي مقصد کي پورو ڪري ٿي. اتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ٻوليءَ جي "نحوي" صورت جي بنياد تي اهو مباح آهي يا نه؟ ٻوليءَ جي صحت جي لحاظ کان صحافت جي زبان لاءِ ڪي اصول ضرور طيءَ ٿيڻ گهرجن، جنهن جي ذميواري ماهرن تي عائد ٿئي ٿي. اخباري دنيا ۾ عام يا خاص خبرن کي پيش ڪرڻ لاءِ اڄ جي صورتحال ۾ انهيءَ قسم جي طريقي کي ترجيحي بنيادن تي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻوليءَ جي صحت جي سلسلي ۾ اسان وٽ اخباري ڪارندن لاءِ باقاعدي ڪنهن ڪلاس جو ڪو بندوبست نه آهي. يونيورسٽيءَ ۾ صحافت جو شعبو ضرور آهي، ليڪن ان جو عملي طريقه ڪار ۾ ڪيترو دخل آهي، ان لاءِ ڪجهه چئي نٿو سگهجي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اخباري ادارا ٽي ڪارڪن جا ڪلاس گهر آهن، جتي پروف ريڊنگ کان شروع ٿي وڃي خبرن جي ترتيب ۽ پيشڪش تائين اهي فرد پهچن ٿا. ايئن چئجي ته هنن جي اها حاصلات سندن تجربي جي بنياد تي آهي، نه ڪنهن منظم جي صورت ۾ آهي؛ ان ڪري، خبرن جي ٻوليءَ وغيره ۾ ڪيتريون خاميون رهجي وڃن ٿيون، جيڪي انهيءَ ڪارڻ جو نتيجو آهن. اخبارن ۾ ٻوليءَ جي صحتمنديءَ لاءِ نظرداريءَ جو ڪو جوڳو بندوبست به نه آهي.

ان لاءِ اخباري ادارن کي زبان جي لفظي غلطين تي جوڳو توجهه ڏيڻ گهرجي. جيئن هڪ خبر ۾ آهي ته 'رينجرز ۽ پوليس جو چوڪيون قائم.' هت لفظ "جون" هئڻ گهرجي. جتي لفظ "جيستائين" ڪم آندو ويو آهي، اتي جملي جي پوري بيهڪ ۾ لفظ "تيستائين" ڪم آڻجي، جيڪو هن ريت ٿيندو: "جيستائين آءِ. ايس. آءِ جو ڪردار ختم نه ٿيندو، تيستائين منصفاڻيون چونڊيون نه ٿينديون."

ٻئي هنڌ خبر ۾ لفظ "وڙهايو" لکيو ويو آهي، جيڪو صحيح طور تي "ويڙهايو" آهي. تي خبر ۾: "خردبرد کي روڪڻ لاءِ اقدام وٺڻ جو فيصلو"– جملو ئي صحيح نہ آهي؛ جيڪو هئڻ گهرجي: "قدم کڻڻ جو فيصلو". لفظ "بنجر" جي عيوض "بيڪار" هئڻ گهرجي ۽ "خردبرد" جي عيوض "هٿ چراند". هن هيڊنگ ۾ فعل جي استعمال سان خبر وڌيڪ بهتر ٿي سگهي ٿي. "حسينيت سدائين مظلوميت جو درسُ ڏنو." هن ۾ ٻٽو فعل ايندو. جيڪو ٿيندو "ڏنو آهي". هلال پاڪستان ۾ هڪ خبر ۾ لفظ "آستعيفا" لکيو ويو آهي، جيڪو هئڻ گهرجي "استيعفا"– هن لاءِ ڏسو جامع سنڌي لغات جلد پهريون. ٻئي هنڌ "ڏاڙي جي ڪيس ۾ "گربل" جوابدار گرفتار". لفظ "گربل" غلط آهي، صحيح ٿيندو "گهربل". اڪبر بگٽيءَ واري بيان ۾ قومي ٻوليءَ جي عيوض "فوجي ٻولي" لکيو ويو آهي. "سمپوزم" کي "ميوزم" ڪري لکيو ويو آهي. "سنڌ سان ڏاڍ بند نہ ٿيو"– ڏاڍ اسم آهي، بيان جي صورت ۾ اهو صفت طور تي ڪم ايندو، اتي "ڏاڍائي" هئڻ گهرجي. "سمورا وسيلا" کي "وسيلي" ڪري لکيو ويو آهي. خبر مطابق ڳالهہ ذريعن جي آهي، لفظ ان لاءِ "وسيلي" استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي لاڳاپيل، جيڪو لفظ خبر سان نٿو ٺهڪي، ان لاءِ "وسيلا" صحيح رهندو.

٣١– ١٠– ١٩٩٨ع جي اخبار ۾ هڪ خبر جي سرخي آهي: "ڪراچي پنهنجي پٽن جو حساب گهري رهيو آهي." جملو صحيح طور تي ٿيندو: "ڪراچي پنهنجي پٽن جو حساب گهري رهي آهي." ڪراچي مؤنث آهي، پر هن سان لفظ شهر لاڳو ڪبو تہ پوءِ شهر جي نسبت سان جملي جو فعل مذڪر جي صورت ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو. باقي ڪراچيءَ جي لفظ سان فعل "رهي آهي" ٿيندو. "اين. ايف. سي اوارڊ ۾ سنڌ سان زيادتي ٿي". خبر جي سيڪنڊ لائين ۾ خبر بنا فعل جي اڻپوري آهي، هئڻ گهرجي "زيادتي ٿي آهي".

اهڙيءَ ريت ٻي خبر جي مکيہ هيڊنگ بہ فعل جي پوري استعمال نہ هئڻ سبب ايترو وزن نٿي رکي. "قربانيءَ جو بکرو ٻڌايو

ويو." پهرئين لفظ "ٻڌايو" کي بنائڻ مصدر جي غلط صورت ڏني وئي آهي، جيڪو اسم فاعل طور ٿيندو "ٻڌايو" ۽ فعل جي پورائيءَ لاءِ هن ۾ هنڻ فعل جي صورت 'آهي' کي لکڻو آهي، "ٻڌايو ويو آهي". مليِر جي ڪورٽن واري خبر ۾ هيٺ تفصيل ۾ غلطيون آهن. "مليِر جي ڪورٽن ۾ نئين عملي رشوت ۽ سفارش عيوض قانون جي لتاڙ آهي"، انهيءَ ۾ عيوض کان پوءِ لفظ "جي" هئڻ گهرجي، ڇوته حرف جر يا حرف اضافت جملي جو پورائو ڪندڙ لفظ آهي، ۽ لفظ "آهي" کي "اهي" ڪري لکيو ويو آهي. ٻئي جملي ۾ ٻه لاچار کان پوءِ "آهن" فعل اچڻ گهرجي. انهيءَ ۾ "شڪايتون" کي "شڪيتون" ڪري لکيل آهي. "ڪوبه قدم نٿو کڻي" ۾ ڪوبه بجاءِ لفظ "ڪير" ايندو. "ننڍين صوبن ۾ احساس محرومي وڌي وئي". هن ۾ فعل جي صورت نامڪمل آهي، جيڪا ننڍين صوبن سان لڳي ٿي. صوبن جي جنس مذڪر آهي، ان لاءِ فعل جي صورت ٿيندي "وڌي ويو آهي".

"اعليٰ عدالتن ۽ چيف احتساب ڪمشنر جي قانوني معاونت لاءِ حزب اختلاف چار رڪني ڪميٽي ٺاهي." هيءُ جملو ٻن حصن ۾ ۽ فعل اڻپورو آهي. مطلب جي اظهار ۾ لفظ ڪٽل آهي. فعل کان سوال ڪبو ته "ڪنهن ڪميٽي ٺاهي؟" جواب مليو "حزب اختلاف"، جنهن جي صورت فاعل جي آهي. "ڇالاءِ ٺاهي؟" جواب ملندو "قانوني معاونت لاءِ"؛ جنهن ۾ معاونت مفعول آهي. جڏهن جملي ۾ فاعل ۽ مفعول آهن ته فعل جي صورت کي پڌرو ڏيڻ گهرجي، جيڪا ٿيندي "ٺاهي وئي". "ٺاهي" فعل، زمان کي ظاهر نٿو ڪري. مصدر ٺاهڻ- امر واحد ٺاهه، ٺاهي ٿيندو ماضي معطوفي، ليڪن "ٺاهي وئي" زمان حال قريب جي صورت سان فعل جي صورت ظاهر ڪندو ۽ چار رڪني کان اڳ لفظ "طرفان" هئڻ گهرجي. ان سان جملي جي صحيح صورت هن ريت ٿيندي "اعليٰ عدالتن ۽ چيف احتساب ڪمشنر جي معاونت لاءِ حزب اختلاف طرفان چار رڪني ڪميٽي ٺاهي وئي."

"سعودي عرب 'ٻطرفن' لاڳاپن...." هت "ٻه طرفن" جدا ڪري لکبو، ٻه صفت آهي ۽ طرفن اسم آهي. ڪراچيءَ ۾ امن امان

واري خبر جيڪا باڪس ۾ آهي، ان جي متن ۾ "سهڪار ڪري ته نيڪ، نه ته سندس متبادل ڳوليو وڃي." لفظ "سندس" جي عيوض "ان جو" لکڻ گهرجي. هت ضمير اشارو ڪم ايندو. ٻئي هنڌ "اعتراض ۽ ڳڻتي جوڳو آهي" لکيل آهي. صحيح طور ٿيندو "اعتراض جوڳو ۽ ڳڻتيءَ وارو آهي". اعتراض ۽ ڳڻتي ٻئي جدا جدا اسمي ڪيفيتون آهن، ان لاءِ اظهاري طور تي الڳ صورت ڏيڻ گهربي هئي. "مخالف ڌر اڳواڻ ۽ پيپلزپارٽي جي سربراه......" انهيءَ ۾ جملو حصن ۾ آهي، ان لاءِ هئڻ گهرجي: "مخالف ڌر جي اڳواڻ"- اتي "جي" حرف اضافت جي ضرورت آهي. ٻئي هنڌ خبر ۾ خالي اڌورو فعل استعمال ڪيل آهي، "آءِ، ايس، آءِ نوازشريف جي مدد ڪئي." صحيح فعلي صورت سان جملو هئڻ گهرجي: "مدد ڪئي هئي"، جيڪو زمان ماضي کي متعين ڪري ٿو. ٻي خبر ۾ جملو آهي، "اسلام آباد گهرائي، سنڌ خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ امن امان جي حوالي سان...." صحيح طور تي لکڻ گهرجي: "اسلام آباد گهرائي خاص ڪري ڪراچي ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ امان امان جي حوالي سان..." هن ۾ حرف جملو اڇي ٿو، جيڪو ڪم نه آندو ويو آهي. "اونگر وٽ ڪوسٽر مسافرن کان هٿياربندن جي ڦر" صحيح طور تي هئڻ گهرجي: "اونگر وٽ ڪوسٽر جي مسافرن کان هٿياربندن جي ڦر"؛ اتي حرف جر لازمي اچڻ گهرجي. "دهشتگردي ڪورٽن جا جج چيف جسٽس جي مشوري سان مقرر ٿيا آهن." جملو پڙهڻ سان کهڙو تاثر ٿو ڏئي. گرامر ۾ ڇيد ڪبو ته ڪورٽون دهشتگرد ٿيون ٿين؛ ان لاءِ صحيح ٿيندو: "دهشتگرديءَ خلاف ڪيس هلائڻ وارين ڪورٽن جا جج چيف جسٽس جي مشوري سان مقرر ٿيا آهن". خبر کي سرخيءَ ۾ مختصر ڪرڻ سان مطلب ڦري وڃي ٿو، ان کي جيڪڏهين مختصر ڪرڻو آهي ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته ٻوليءَ جي نحوي اصولن کي ئي بالاءِ طاق رکجي. "شهدادپور ويجهو واردات، ڌاڙيل فائرنگ ڪندا فرار". لفظ "ڪندا" زمان مستقبل ڏيکاري ٿو، جڏهين ته عمل جي صورت اسم حاليه ۾ آهي، جنهن ۾ هو فائرنگ جو عمل، جاري رکندي ڀڄي ويا ۽ خبر ماضي قريب/ استمراريءَ جي آهي. خبر

جي صحيح صورت فعل وجهڻ سان ٿيندي. "فائرنگ ڪندا فـرار تي ويا"- فرار جي عيوض "ڀڄي ويا" هئڻ گهرجي. "باهمي تعاون" ڪي لکجي "گڏيل سهڪار". 'مريضن جو اسڪور روزانو وڌي رهيو آهي' . اسڪور راند ۾ ٿيندو آهي، هتي 'تعداد' جو لفظ ايندو، يا ڳاڻيٽو. "گولي لڳل آهي". هت فعل حاضر ۾ آهي، پر ڳالهه غائب جي آهي، ان لاءِ فعل ٿيندو "هئي" "هڪ مسافر جي ڪمري تي"- صحيح لکبو: "هڪ مسافرخاني جي ڪمري تي"- "ڏکئي وقت اسان سان سهڪار ڪيو وڃي"، هن ۾ وقت کان پوءِ "۾" حرف جر ايندو. صحيح طور تي لکبو: "ڏکئي وقت ۾ اسان سان سهڪار ڪيو وڃي."

اخباري ٻوليءَ ۾ ڪئين غلطيون نظر اچن ٿيون. سوال آهي ته اهي غلطيون ڇو آهن؟ يا ته ٻوليءَ کان اڻڄاڻائي آهي يا وري صحت واري عمل ڏانهن بي توجهي آهي. جنهن حد تائين ٻوليءَ کان اڻڄاڻائيءَ جو تعلق آهي ته ان سان مڪمل طور تي اتفاق نٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته اخباري عملو سڀ ڪو اڻ پڙهيل نه آهي، پر ان ۾ ڪيترا ڪواليفائيڊ دوست آهن، سٺا لکندڙ آهن. اصل مسئلو صحت واري عمل جي پرئواريءَ ۽ ٻوليءَ جي گرامر جي اصولن جي واقفيت جو آهي، جنهن تي توجهه جي ضرورت آهي. اسان کي هتي صرف غلطيون ڳڻائڻيون ڪونه آهن، پر اهو به سوچڻو آهي ته ٻوليءَ جي ارتقائي صورتحال ۽ ميڊيا جي وڌندڙ سائنسي ذريعن ۾ اسان جي صحافي برادريءَ لاءِ ڪهڙو لائحه عمل هئڻ گهرجي، جنهن کي هو اختيار ڪري، ٻوليءَ جي صحت کي برقرار رکي سگهي. هن ۾ صحافتي اسلوب جو مسئلو به ڪر کڻي بيهي ٿو. ان لاءِ اسان جي ادارن ڇا ڪيو آهي ۽ خود اخباري ادارن ان طرف ڪيترو توجهه ڏنو آهي.

مون جن ڳالهين جي نشاندهي ڪئي آهي، ان ۾ اڪثر هيٺيان نڪتا سامهون آيا آهن:

جملي ۾ فعلي صورتون، حرف جر/ اضافت، صفت، ظرف ۽ زمان جو استعمال، جيڪو جملي جي فعلي صورتن تي مدار رکي ٿو، آيا اهو حال ۾ آهي يا حال استمراريءَ ۾ آهي، ماضي بعيد يا قريب ۾

آهي، يا مستقبل قريب وغيره ۾ آهي. جملي جي استفهامي صورت آهي يا اهو موصول ۽ جواب موصول ۾ آهي، اهي سڀ ڳالهيون خبرن کي ترتيب ڏيڻ ۽ پيش ڪرڻ ۾ توجهه طلب آهن.

اخباري اپياس مان پيو هڪ ٻه مسئلو ابري اچي ٿو، جو آهي صحافتي زبان جو اسلوب، جنهن جو مون پهرين ٻه ذڪر ڪيو آهي. آيا ان کي ڪنهن گهٽيل فارم ۾ رکجي يا ان کي ارتقائي صورت ۾ ڪا چوٽ ڏجي.

ادبي ٻوليءَ، عام وهنواري ٻوليءَ ۽ صحافتي ٻوليءَ ۾ فرق کي ٻه نمايان ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ اهم مسئلو لسانيات جو آهي. جنهن ۾ لفظن ۽ اکرن جو اُچار، انهن جي پڙهڻي يا قرائت ۽ پڙهڻ سان اکر يا لفظ جي صوتي هيئت، اهي سيئي حصا ٻوليءَ جو روح آهن، ۽ ان جي وجود جي سڃاڻپ ۽ انفراديت جو حصو آهن. اخباري ٻولي هجي يا ڪتابي، اسان کي ٻوليءَ جي "ساختيات" جي فلسفي کي نظرانداز ڪرڻ نه گهرجي. اسان وٽ ٻوليءَ جي صوتيات ۽، لسانيات تي، ڪتاب ضرور آهن؛ ليڪن ساختيات سان تعلق رکندڙ مواد نه هئڻ جي برابر آهي. ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي اندر معنيٰ رکن ٿا. انهن جو هڪڙو ڪانسيپٽ آهي، تصور آهي، جيڪو اظهاري صورت ۾ اسان جي مافي الضمير يا اسان لاءِ خارجي شين جي نمائندگي ڪري ٿو، جن کي اسين استعمال ڪري اظهاري قوت سان مطلب ادا ڪريون ٿا. مطلب ته ٻوليءَ جو هڪ نظام آهي ۽ ان جو هڪ تعلق آهي، جيڪو سماجي طور تي اظهاري قوت رکي ٿو، بقول "رومان جيڪب سن" جي: 'اهو لساني ترسيل جي سلسلي ۾ اُن کي آڻي ٿو، جنهن ۾ ڳالهائڻ وارو شخص ۽ جنهن سان ڳالهه ڪئي وڃي، اها ڳالهه جيڪا اطلاع يا اظهار جي حيثيت رکي ٿي، ڪهڙن لفظن يا ڪوڊ ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي. هر اظهار جو ڪونه ڪو تناظر هوندو آهي، جيڪو رابطي ذريعي پيش ٿئي ٿو.

ٻوليءَ ۾ ساختياتي فڪر جو مقصد انهن مستقل ساختن جي دريافت آهي، جنهن جي ذريعي انسان سوچي ۽ عمل ڪري ٿو ۽ سندس عمل ۽ سوچ جي نوعيت متعين ٿئي ٿي. بقول "فريڊرڪ

جيمسن" جي: "زبان انساني فڪر جي اصل الاصول جي واضح طور تي جتسجو آهي، يا انساني ذهن جي انهن مستقل ساختن يا اصولن ۽ ڪليات، جن جي ذريعي انساني ذهن حقائق جي جزن ۾ نظم ۽ ربط پيدا ڪري ٿو، يعني زبان جو استعمال ڪري انهن لاءِ معنيٰ تخليق ڪري ٿو، ۽ بي معنيٰ حقيقتن يا شين کي بامعنيٰ بنائي ٿو. پين لفظن ۾ ته اسين حقيقت جو ادراڪ صرف ايتري قدر ڪري سگهون ٿا، جيتري قدر اسين حقيقت کي سمجهي، زبان جي ذريعي ان جو اظهار ڪريون ٿا. نتيجتاً حقيقت جي سلسلي ۾ اسان جي ڄاڻ دراصل ان رشتي کان عبارت آهي، جيڪو ڄاڻڻ واري جي ذهن ۽ حقيقت جي درميان آهي. ساختيات جي روءِ سان حقيقت جي ادراڪ جو اصل ۾ اهوئي رشتو آهي."

زبان خواه ڳالهائي وڃي يا لکي وڃي، نشان سازيءَ جي اڻ ڳڻين مظهرن مان هڪ مظهر آهي، جنهن جا نشان انهيءَ لاءِ قابل فهم آهن، جو اُهي معنيٰ کي متعين ڪرڻ واري رشتي سان مضبوط آهن، جيڪي اظهاري تصور کي متعين ڪن ٿا. هن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته زبان لفظن جي اهڙي مجموعي جو نالو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد شين ۽ واقعن کي اظهاري سلسلي ۾ نالو ڏيڻ آهي؛ جيڪو پهرين فونيم يا صوتي ڪيفيت اختيار ڪري ٿو، جيڪو درست هئڻ ضروري آهي. جڏهن صوتيات درست هوندي ته يقين آهي ته لکيت يا تحرير ۾ به صحيح طور تي ايندي. اسان کي پنهنجي تحريري زبان جو انهيءَ صورتحال سان جائزو وٺڻ گهرجي. اخباري يا ادبي دنيا ۾ هيترا سارا جيڪي مونجهارا پيدا ٿيا آهن يا ٿين ٿا، ان جو بنيادي ڪارڻ اجا به پوئتي پيڪجي وڃي ٿو، جنهن جو تعلق درس تدريس سان به آهي. ٻوليءَ جي سلسلي سان صحيح تعليم نه هئڻ سبب اسان صرف اکري سڃاڻپ وارا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن لاءِ س- ث- ص جو ڪنهن لفظ ۾ مفهوم جي طور تي صحيح اچڻ جي سڃاڻپ به هڪ مسئلو آهي. ٻوليءَ جو وڏو جهان آهي. هڪڙا چون ٿا ته ٻوليءَ جو بگاڙو، ان جي سڌاري جي علامت آهي، ڇوته دنيا ترقي پذير آهي، ان لاءِ ٻوليءَ جي

اُرتقا ۾ اهي خاميون جائز آهن، پاڻيهي گاڏي وچي پٽڙيءَ تي چڙهندي. ليڪن اسان جا پيا ڪرم فرما چون ٿا تہ ٻوليءَ جي قاعدن قانونن ۽ ان جي صرفي، نحوي ۽ گرامري اصولن جي پوئواري ضروري آهي. مطلب تہ ٻوليءَ جو جيڪو بڻ بنياد يا ان جي جيڪا لساني حيثيت آهي، ان جي آڌار تي اسان جي پوين ڪرم فرمائن جو چوڻ نهايت صحيح ۽ حقيقت وٽان آهي. ساختياتي اصولن جي بنياد تي ٻوليءَ جي صوتيات جي درستگيءَ کي اهميت آهي. ڇاڪاڻ تہ اظهاري رابطي ۾ جيستائين لفظن جي صحت صحيح نہ هوندي، ان وقت تائين اهي پنهنجي مفهوم يا معنيٰ کي پوريءَ ريت ادا ڪري نہ سگهندا.

اخباري ٻوليءَ کي هڪ معتدل ۽ مياني روزيءَ وارو طريقو ٻوليءَ جي ارتقائي سلسلي ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي. ڌارين ٻولين جي لفظن ۽ ترڪيبن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. لفظن جي متاسنا ۾ تز سنڌي لفظ ڪم آندا وڃن ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن کي صحيح صورت ڏجي. کهرن ۽ ڳرن لفظن کان پاسو ڪجي. سنڌي ٻولي هڪ وسيع ۽ گهڻ متراد فاتي زبان آهي، اُن ۾ نعم البدل لفظن جو وڏو ذخيرو آهي، جنهن لاءِ ٿوري توجهہ ۽ اڀياس جي ضرورت آهي. جنهن کي اختيار ڪرڻ سان اسين مٿين قسم جي خامين کي دور ڪري سگهون ٿا. اخبار ۾ خبرن جي ترتيب ۽ عنوان ڏيڻ ۽ خبرن جي تفصيل ۾ ٻوليءَ جي پيشڪش لاءِ تجربيڪار ماڻهن جي حوالي ڪم هئڻ گهرجي، جيڪي ٻوليءَ جي قاعدن قانونن کي چڱي ريت نڀائي، اخباري ٻوليءَ جي حسن ۾ واڌارو آڻي سگهن. انهيءَ طريقي سان اسان اخباري ٻوليءَ جي خامين کي دور ڪري سگهون ٿا ۽ اخباري ٻوليءَ کي بهتر کان بهتر طريقي سان پيش ڪري، ان کي وڌيڪ معياري ۽ وڻندڙ بنائي سگهون ٿا.

# صحافتي ٻولي

[٥- ڊسمبر ١٩٩٨ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، ميرپورخاص پريس ڪلب جي سهڪار سان، ڪمشنر ميرپورخاص گل محمد عمراڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ "صحافتي ٻوليءَ" جي موضوع تي هڪ سيمينار ڪرايو؛ جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر يعقوب مغل، ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ممتاز علي شاهه ڪان سواءِ، حيدرآباد، ميرپورخاص، سانگهڙ، جهڏي ۽ ٻين علائقن جي صحافين شرڪت ڪئي. بلديه ميرپورخاص جي ڪلچرل هال ۾ ٿيل هن پروگرام ۾ نامور اردو صحافي ظهير احمد جي اردوءَ ۾ پڙهيل مقالي جو ترجمو پيش ڪجي ٿو، جنهن جو ترجمو محترم آسي زمينيءَ ڪيو آهي - ت.ج]

"صحافتي ٻوليءَ" جي موضوع تي ميرپورخاص ۾ ٿيندڙ هيءُ سيمينار ان حوالي سان جس لهڻي، جو ميرپوخاص جهڙي شهر ۾، جيڪو سنڌ جو ڪو اهڙو خاص ذڪر لائق صحافتي مرڪز به ناهي؛ اُن ۾ "صحافتي ٻوليءَ" تي ويچاريو پيو وڃي. جيئن مون کي ٻڌايو ويو آهي ته بحث هيٺ موضوع، سنڌي اخبارن جي صحافتي ٻوليءَ سان لاڳاپيل آهي، ليڪن جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ان حوالي سان اردو ۽ سنڌي صحافت، ٻئي هڪ ئي ٻيڙيءَ جون سوار آهن. ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته اخبار ڪيندڙ اڳيان واحد مقصد فقط اهوئي هوندو آهي ته نالو ۽ ناڻو ڪمائجي، ۽ جڏهن بي نام ماڻهن کي نالو ۽ ناڻو مليو وڃي، تڏهن اُهي اڪثر ناڻي ۽ نالي ڪان پوءِ "پيالي" جي فڪر ۽ چڪر ۾ اچيو وڃن.

اڳ اخبارون اهڙا ماڻهو ڪيندا هئا، جن جي نالي ڪان جڳ واقف هوندو هو؛ ۽ جن جي چڱاين ۽ چڱ- مڙسيءَ جا ماڻهو معترف هوندا هئا. تنهنڪري اخباري ايڊيٽوريل ۽ مضمونن ۾ صحافتي ٻوليءَ

جو بہ خاص خيال رکيو ويندو هو. ڪنهن اخبار جو ايڊيٽر ڪنهن بہ موضوع تي ڪجهہ لکڻ مهل تصور ڪندو هو، تہ ڄڻ هو ڪنهن عوامي جلسي ۾، پنهنجن ماڻهن سان سنئون سڌو مخاطب آهي. هئي پاسي اخبارن جا پڙهندڙ، انهن ايڊيٽرن کي سندن "تقريري صلاحيتن" جي بنياد تي پرکيندا هئا. پر هاڻي اسان جي صحافت پنهنجن پڙهندڙن جي ذهني پرورش ۽ تربيت ڪرڻ جي اهل ئي نہ رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ اڪثر اخباري ايڊيٽرن جون ڪرسيون خالي ٿي چڪيون آهن، ۽ مالڪن يعني پبلشرن پنهنجو پاڻ کي ايڊيٽر جو عهدو بہ ڇنبڙائي ڇڏيو آهي. ڪي اخباري مالڪ تہ اهڙا بہ آهن، جن کي عام طور "آڱوٺي ڇاپ" چئبو آهي، ۽ جيڪي محض اتفاق طور اخبار جا مالڪ ٿي پيا آهن، پر جيئن تہ صحافتي مارڪيٽ ۾ سندن وڏو مُلهہ آهي؛ هتي زمينداريءَ، ملازمت يا ڪنهن واپار کان وڌيڪ وارا نيارا آهن؛ تنهنڪري اُهي ڪنهن پيشيور صحافيءَ کي ايڊيٽر جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ بجاءِ، مٿس پاڻ ئي قابض ٿي ويهي رهيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن اخبار ۾ ڪنهن پيشيور صحافيءَ جو نالو ايڊيٽر طور ڇپجي بہ ٿو، تہ اهو بہ پنهنجي مالڪ جي اڳيان "ڪَمدار" کان مٿي ڪا حيثيت نہ ٿو رکي. اهڙين حالتن ۾ "صحافتي بوليءَ" جي ڳڻتي ڀلا ڪنهن کي ٿي سگهي ٿي! بجاءِ اُن جي، اشتهارن جي ڳڻتي، اشاعت ۾ اضافي جي ڳڻتي، سرڪاري خرچ تي پرڏيهي سياحت جي ڳڻتي- ايستائين جو سياسي ڌرين کان وڌيڪ ڪيس شوبزنس جي عورتن جي ڳڻتي رهي ٿي. اردو ۽ سنڌي اخبارن ۾، اڄڪلهہ ڪنهن باڪردار ۽ باعمل پيشيور صحافيءَ جو، ايڊيٽر طور ملازم رهڻ مشڪل ٿو نظر اچي. سيد سردار علي شاهہ، محمد عثمان ڏيپلائي يا "ڊان" جي الطاف حسين، ۽ "جسارت" جي محمد صلاح الدين واري دَور کي اسان گهڻو پوئتي ڇڏي آيا آهيون.

اخبار جو مالڪ ايڊيٽر هر لحاظ کان عقلِ ڪُل يا "ڦني خان" بڻيل آهي؛ ۽ اهو جڏهن پنهنجيءَ معلومات جو ذريعو بڻجندڙ خواهشمند، بلڪ انهن چئجي تہ بيتاب ماڻهن کي جڏهن چونڊي ٿو، تڏهن علمي قابليت، تجربي ۽ پيشيورانہ صلاحيتن کي معيار نٿو بڻائي، پر انهن ۾ اهڙا ڪي "لڪل جوهر" ڳولي ٿو، جيڪي اخبار جي جاري

قمر شهباز

# هڪ ساراهه جوڳو ڪم

سالن ڪان پوءِ دل خوش ٿي آهي. هونئن ته مان هميشه پنهنجن قومي ادارن جا درڪڙ ڪائيندو رهندو آهيان. ڪين سنڌن نااهليءَ تي برو ڀلو چوندو رهندو آهيان ۽ دل جي ڀڙاس ڪڍندو رهندو آهيان، پر سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي 6 فيبروري 2000ع واري ورڪشاپ گهڻي ڀاڱي دک دور ڪري ڇڏيا. الانا صاحب جي سرڪردگيءَ ۾ ڪوئايل هي ورڪشاپ ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ ۽ بيهڪ جي نشانين بابت هو، جنهن ۾ زباني سمجهاڻين سان گڏوگڏ عملي طور سکيا پڻ ڏني وئي ته ڪهڙيءَ ريت سنڌي زبان ۾ پروف ريڊنگ ڪجي ۽ ڪٿي ڪٿي، ڪهڙيون ڪهڙيون، بيهڪ جون نشانيون ڏنيون وڃن.

اهو سيمينار يا ورڪشاپ وقت جي اهم تقاضا کي پوري ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي عرصي کان واجب هو، ۽ جهڙيءَ طرح اخبارن، رسالن توڙي ميڊيا جي ٻين اهم ادارن، ان ۾ دلچسپيءَ سان حصو ورتو؛ ان مان صاف ظاهر هو ته واسطيدار ڪارڪن ته اهڙن موقعن لاءِ هردم آتا آهن، ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته اهي قومي ادارا، جن جون اهي جوابداريون آهن، سي ڪنهن پر پنهنجو فرض نڀائين.

مون کان وسريو ناهي ته ڪجهه ئي هفتا اڳ مون 'سچ' اخبار جي ڪالمن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجيءَ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، يونيورسٽين توڙي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سستيءَ، لاپرواهيءَ ۽ فرض ادائگيءَ کان ڪوتاهيءَ تي ڪافي سخت لفظن ۾ احتجاج ڪيو هو. ڪن دوستن منهنجي لکڻين تي ناراضگيءَ ۽ ڪاوڙ جو پڻ اظهار ڪيو هو. محترم ابراهيم جويي، جنهن لاءِ مون کي بيحد احترام ۽ عزت آهي، ڏوراپو ڏياري موڪليو هو. حميد سنڌي، جو ننڍپڻ جو يار آهي ۽ منهنجن چند عزيز دوستن مان هڪ آهي، پڻ گهڻي ڀاڱي ناراض پئي لڳو. نذير مغل ۽ آر. اي. شاهه، جيڪي ٻئي منهنجا ذاتي دوست آهن ۽ مون کي ڏاڍا پيارا آهن، ڪافي رنجيده پئي لڳا. هڪ

طرف دوستيون ۽ تعلقات، ٻئي پاسي قومي ڪارج، ظاهر آهي ته اهڙن مرقعن تي اوليت ۽ اهميت وري ضمير ۽ خمير کي ڏيي. اهوئي چوڻو پيو، جو چوڻ گهرجي ها. قوم، ٻولي ۽ وطن کان وڌيڪ نه دولت پياري آهي ۽ نه وري جان ئي عزيز آهي. مصلحت واري خاموشي، مجرمانه خاموشي آهي. سچ ئي چوڻو آهي ته پوءِ پاڻ کان ئي شروع ڪجي. مون کي خوشي آهي ته منهنجي وقتائتي چتاءَ جا چند چڱا نتيجا نڪتا آهن. پهرين سٺي خبر اها آئي آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ، منهنجي تجويز سان اتفاق ڪندي، آئيندي هر سال بهترين سنڌي ڪتابن تي انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. گڏوگڏ علمي ۽ ادبي ڪاوشن تي، مختلف صنفن ۾ بهتر ڪارڪردگيءَ تي پڻ اعزاز ڏيڻ ۽ ليڪچرن، سيمينارن توڙي ورڪشاپن منعقد ڪرائڻ جهڙا سهڻا فيصلا ڪيا آهن. ٻي چڱي خبر اها آهي ته خيرپور يونيورسٽيءَ اياز چيئر جو اعلان ڪيو آهي. ٽين ۽ سڀ کان اهم خبر اها ته محترم الانا، ڪراچيءَ ۾ سنڌي ليئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان هڪ بيحد ڪامياب ورڪشاپ ڪري ڏيکاريو. الانا ۽ سندس ساٿين کي سلام آهي. سخت بخار جي باوجود مون پنهنجو فرض سمجهيو ته ٿوريءَ ئي دير لاءِ سهي، ان ورڪشاپ ۾ حاضري ڀرائي، پنهنجي شڪرگذاريءَ جو اظهار ضرور ڪريان. خبر ناهي ڇو، تاج جويو مون کي ان موقعي تي ڏاڍو پيارو لڳو. هن دوست جي ماضيءَ ۾ ڪيل علمي، ادبي توڙي سياسي خدمتن جو اعتراف پنهنجي جاءِ تي، موجوده ڪردار سندس شخصيت کي وڌيڪ نکاري نروار ڪري ويو. هن جهڙا ٻيا ڪيترائي دوست، جيڪي پنهنجي ميدان ۾ بيحد قرُت، قابل ۽ محنتي هئا، ڪٿي نه ڪٿي راهه وڃائي ويٺا هئا. تاج لاءِ به مون کي اهوئي ڊپ رهندو هو، پر اٿارٽيءَ جي ذميدارين کيس هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ نئين روپ ۾ هيرو بڻائي، قوم آڏو پيش ڪيو آهي. کيس نئين زندگي، نئون روپ ۽ نيون ذميداريون مبارڪ هجن.

نِنڍڙي ڀيڻ فهميده حسين لاءِ ته هميشه ئي دل ۾ احترام رهيو آهي، پر سندس سال ڏيڍ جي ڪارڪردگيءَ، کيس اسان سڀني جي نظرن ۾ وڌيڪ محترم بڻائي ڇڏيو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي لطيف چيئر جي سربراهي سنڀالڻ جي چند مهينن ۾، پنج ڪتاب ڇپائڻ؛ لطيف سائينءَ تي قومي سيمينار سڏائڻ؛ ۽ آواري ٽاور هوٽل ڪراچيءَ ۾ ڪتابن جي خوبصورت مهورت ڪ ائڻ

ڪان پوء، فهميده جو 6- فيبروري 2000ع وارو مقالو، سنڌس محنت، لگن ۽ قابليت جو اعليٰ مثال هو. بيشڪ هوءَ سنڌي خواتين ۾ سڀ کان وڌيڪ محنتي ۽ قابل قدر پيئي آهي. هن ٻين وانگر نه ڪڏهن گليمر (glamour) جو سهارو ورتو، ۽ نه وري اعليٰ عهدي جي زور تي ڪڏهن پاڻ کي ٻين تي مڙهيو. چپ چاپ، ... ميٽ ۾ پورهيو ڪندي، دلين ۾ گهر ڪري وئي. خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏئي ته جيئن دلي سڪون سان قوم جي وڌيڪ خدمت ڪري سگهي. مون ڪيس اڪيلي سر ڪيئي ڪم ڪندي ڏٺو آهي. لکڻ کان سواءِ انتظام ڪرڻ، ڪارڊ ڇپائڻ، خود گاڏي هلائي ڪارڊ ورهائڻ، پروف جاچڻ، هوٽلون بُڪ ڪرائڻ، فنڪشن ڪرائڻ، مطلب ته قومي ڪارج کي ذاتي نوعيت جو فرض سمجهي، سهڻي نموني نباهڻ، ڪو فهميده حسين کان سکي.

بهرحال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، ٻين قومي ادارن کي راهه ڏيکاري آهي. هاڻي اهو اُنهن جو ڪم آهي ته اُهي پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ ڪيئن ٿا اڳتي وڌن. هتي اهو پڻ چوندو هلان ته اٿارٽيءَ پنهنجي ڪم جي صرف شروعات ڪئي آهي، اصل ڪم ته اڃا گهڻو اڳتي آهي. ان ڪم جا تفصيل شميرالحيدريءَ، پنهنجي مختصر پر جامع تقرير دوران بيان ڪيا، جن ۾ معياري ٻوليءَ جو تعين، بگاڙ کان بچڻ جا جتن، درست تلفظ، صحيح استعمال، اخباري توڙي ڪاروباري ٻوليءَ کي ڌارين ٻولين جي يلغار کان بچائڻ وغيره شامل هئا. اهو تمام وڏو ۽ اهم ڪم آهي، پر الانا صاحب جي محنت آڏو، مون کي يقين آهي ته اهو ڏکيرڙو مرحلو پڻ آسان ٿي ويندو. ان کان سواءِ ٻيا ضروري اسم، جيڪي اٿارٽيءَ جي ايجنڊا تي ضرور هوندا، تن مان ڪجهه هيٺ بيان ڪندو هلان:

(1) ڪاروباري خط و ڪتابت جي سکيا؛

(2) ڪمرشل تحريرن جي سکيا؛ جن ۾:

(الف) ريڊيو، ٽي-ويءَ جا اسڪرپٽ، ڊراما، ڊاڪيومينٽري، نيوز رپورٽنگ، فيچر، تفريحي توڙي تعليمي پروگرام؛

(ب) اشتهار اسپاٽ ۽ جنگلز؛

(ت) اخباري اشتهار خبرون تيار ڪرڻ ۽ ڪالم لکڻ؛

(3) ريڊيو، ٽي-ويءَ تي خبرن جي ادائگي، راندين جي ڪمينٽري، ڪمپيئرنگ، ڊاڪيومينٽري ڪمينٽري، اناؤنسمينٽ، لائيو رپورٽنگ وغيره؛

(4) ڪتاب، Layout ۽ ڇپائي؛
(5) ڪيليگرافي؛
(6) ڪمپيوٽر تي سنڌي تحرير لاءِ نوان سافٽ ويئر جوڙڻ؛
(7) موجوده سافٽ ويئر کي وڌيڪ ڪارآمد بنائڻ؛
(8) نصابي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ نيون حدون مقرر ڪرڻ؛
(9) امتحاني پرچن کي غلطين کان پاڪ ڪرڻ ۽ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاءِ ڇپائيءَ جون نيون حدون ۽ نوان معيار مقرر ڪرڻ؛
(10) ٽيڪنيڪل لفظن کي سولي نموني سنڌي ٻوليءَ ۾ سموهڻ ۽ ڏکين لفظن لاءِ عام فهم ۽ قابل قبول متبادل ڳولڻ؛ ۽
(11) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن، محاورن، پهاڪن ۽ چوڻين جو تضاد ختم ڪري، هڪ معياري لغت تيار ڪرڻ، وغيره وغيره.

ڏنو وڃي ته انهيءَ ايجنڊا کي جيترو ڦولهبو، اوترو وڌيڪ ڦهلجندي ويندي، ڪم وڌندو ويندو ۽ اٿارٽيءَ جي اهميت پڻ ان حساب سان اوتري ئي اوچي ٿيندي ويندي. اٿارٽي قائم ڪرائڻ جو مقصد پڻ اهو ئي هو. اها اسان جي بدقسمتي چئجي، جو ادارا ته ناهي ٺا ولون، پر ڪمداري ملڻ کان پوءِ ڪم کان جواب. هن اداري سان پڻ ماضيءَ ۾ اهائي جٽ ٿي آهي، جيڪا اهڙن ٻين ادارن سان ٿي رهي آهي؛ پر هاڻي موجوده انتظاميا جي ڪارڪردگي ڏسي، هڪ نئين اميد جاڳي اٿي آهي. ٿي سگهي ٿو ته اٿارٽيءَ جي ڪم جي واڪاڻ ٻڌي، ٻين ادارن کي به جوش اچي ۽ اهي روايتي خاموشيءَ کي ٽوڙي، ڪو خاطرخواه ڪم ڪري ڏيکارين. سنڌي سماج جي خادم جي حيثيت سان منهنجو اهو لازمي فرض آهي تہ وقت بوقت دوستن کي سندن فرض ياد ڏياريندو رهان. ان حجت کي ذاتي حوالي سان نہ ڏٺو وڃي، صرف جذبي کي پرکجي. منهنجا مهربان دوست، سڀ احترام لائق آهن. ڪنهن جي دل رنجي آهي تہ ان لاءِ سندن در تي وڃي معافي وٺندس. ڪنهن ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي تہ ان کي بہ سندس در تي وڃي، مبارڪ ڏيندس. في الحال الانا ۽ سندس ٽيم، قوم جون ڪيرون لهڻيون.

(ڪالم "سچ ٻي سڄي": روزاني "سچ"، 21 فيبروري 99ع)

# سنڌي ٻوليءَ جو معيار ۽ مزاج

نـنـي ۾ 'رت وهي ٿـو'، سکر ۾ 'رت وهي ٿي'، نـنـي ۾ 'رت ڳاڙهو آهي'، سکر ۾ 'رت ڳاڙهي' آهي. ان مـان هيءَ ڳالهـ واضح ٿـئي ٿي تـه اسـان پنهنجيءَ ٻوليءَ لاءِ ڪي مستند معيار مقرر ڪري نـه سگهيا آهيون، جن موجب اهو فيصلو ڪري سگهجي تـه ڪهڙا لفظ مذڪر آهن ۽ ڪهڙا مونث. هونئن تـه عام قاعدو اهو آهي تـه اهڙا اسم واحد، جن جي آخر ۾ پيشُ اچي تـه اهي مذڪر، ۽ اهڙا اسم واحـد، جن جي پڇاڙيءَ ۾ زير اچي تـه اهي مـونث ٿـيندا آهن؛ پر ڪنهن لفظ کي مـونث بنائڻ لاءِ ان جو آواز زير سان ڪڍيو وڃي تـه ان جو ڪهڙو عـلاج ٿي سگهي ٿـو. هونئن تـه اسان وٽ لاڙ ۾ لفظن کي اچارڻ وقت زير يا زبر جو استـعـمـال وڌيڪ ٿيندو آهي، پر پوءِ بـه خبر ناهي ڇو شڪارپور ۽ سکر وارن رت کي مـونث بڻائڻ لاءِ ان جو اچار زير سان ڪـڍڻ شروع ڪـيـو. هاڻي تـه اخبـارن جي ٻولي اردو زده ٿيڻ ڪري اسان وٽ تذڪير ۽ تانيث جا صـيغا اردوءَ جهڙا ٿيندا وڃن. مـثـال طور: 'آپريشـن ٿـيندو'، جڏهـن تـه اسـان جي ٻوليءَ جي مزاج مطابق 'آپريشـن ٿـينـدي' هـئـڻ گـهـرجي؛ ڇاڪاڻ جو سنڌيءَ ۾ آپريشـن مـذڪـر نـه پر مـونـث آهي. نـه رڳو آپريشن، پر انگريزي ٻوليءَ جا اهي اڪـثـر لـفظ جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'شن' جو آواز آهي، مونث آهن؛ پر اسان اردو اخبارن جي انڌي تقليد ۾ اهڙا تـه غلط وڃي رهيـا آهيـون، جو پنهنجيءَ ٻوليءَ جي مزاج کي بـه سـمـجهي نٿا سگهون.

اهو تـه ٿـيو تذڪير ۽ تانيث جو مسئلو، پر انگريزي لفظن کي سنڌيءَ ۾ لکڻ سـان انهن جا اُچار عجيب ٿـيو پون. مثـال طور 'ڪرپشـن' کان پوءِ اخبار وارن اُن جو اسم فـاعل يعني 'ڪرپٽ' سنڌيءَ ۾ لـکڻ شروع ڪـيـو. پر سنڌي اخبارن جا اهي پڙهندڙ جن جو انگريزي ٻوليءَ سان واسطو نـه آهي، اهي 'ڪر' ۽ 'پٽ' کي ڌار ڪري 'ڪر-پٽ' اچاريندا آهن. هڪ ڏينهن سڄيءَ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ وڪرو ٿـيندڙ اخبار جي ايڊيٽوريل ۾ لفظ 'ڪرپٽ' جو ٻي انـتـهـا ورجاءُ موجود هو، سو سـونڊا شهر ۾ نوجوانن کي مذاق سجهي آيو. تن ڇا ڪيو جو اتان جي هڪ شخص جان محمد عرف جاڙي کي سـڌي اخبار هٿ ۾ ڏئي، اهو

ايڊيٽوريل پڙهڻ لاءِ چيو. ويچارو جاڙو سنڌي ته پڙهيل هو، پر انگريزيءَ سان ڪو به تعلق نه هوس، تنهن وري ڪاف کي زير ڏيئي 'ڪِر' ۽ 'پَٽ' جڏهن گڏي ٿي اچاريو ته نوجوانن کان ٽهڪ نڪري ٿي ويا. سندس پڙهڻ جي انداز مان اٿين پئي محسوس ٿيو، ڄڻ هو اٿين سمجهندو هجي ته اهي سمورا سياستدان، ڪامورا توڙي ٻيا ماڻهو، جيڪي ڪِڌن ڪرتوتن ۾ ملوث هئا، سي هاڻي پڌرا ٿي پيا آهن ۽ سندن اچا ۽ ڪارا پٽ تي ڪري پيا آهن. شايد جدت پسند سنڌي صحافين انگريزي 'ون ورڊ سبسٽيٽيوٽ' طور 'وڏ وزارت' جي طرز تي نئون صيغو 'ڪرپٽ' ناهيو هجي.

انهن مذڪر، مونث ۽ اچارن جي مسئلن کان سواءِ اهم مسئلو لفظن جي صورتخطيءَ جو آهي. اڄ ڪلهه اڃا به لکيو چڪو آهيان ته سنڌيءَ ۾ روزانو سي کان وڌيڪ وڪرو ٿيندڙ اخبار لفظ 'ڪهرام' قاف سان 'قهرام' لکندي آهي. منهنجي ڪالم شايع ٿيڻ کان پوءِ، اها اخبار پنهنجي روايتي هوشياريءَ موجب 'ڪهرام' قاف سان لکندي رهي ٿي. اڄ هن موقعي جو فائدو وٺندي، ان خبار جي ايڊيٽر آڏو اهو واضح ڪرڻ گهران ٿو ته ڪنهن گهر ۾ لاش ڪجي اچڻ سان جيڪو ڪُهرام مچندو آهي، سو 'قاف' سان نه پر 'ڪاف' سان لکبو آهي؛ پر اسان وٽ پنهنجيءَ جهالت کي جدت جي چوغي ۾ لڪائيندڙ صحافي سڀُورا پنهنجي ڳالهه تي اهڙا ته اڙيل آهن، جو اڃا تائين به سنڌي اخبارن ۾ 'هَوس' حٺي حبشيءَ سان (حوس) لکيو ويندو آهي. انهن کان سواءِ ٻين به ڪيترن لفظن جي غلط صورتخطيءَ جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ايترو ڪرڻ گهرجي، جو اها اختياري هڪ خط ذريعي اخبارن جي ايڊيٽرن کي مطلع ڪري ته اوهان جي اخبار فلاڻن لفظن جي صورتخطي غلط لکي آهي، جيڪا درست ڪري لکڻ گهرجي.

(روزاني عوامي آواز)

رسول بخش درس

# سنڌي ٻولي ۽ 'جاڳو' اخبار

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي تمام قديم ٻولين مان هڪ آهي. وڏا بحث هليا، عالمن عجيب عجيب رايا ڏنا، ڪن چيو ته سنڌي ٻولي "سنسڪرت" جي ڌيءَ آهي، ڪن عالمن راءِ ظاهر ڪئي ته "سنڌي"، "سنسڪرت" کان اڳي جي ٻولي آهي، ڪن ان کي سامي صفت ٻولين جي شاخ ڪري ڇڏيو؛ پر سنڌ جي محنتي، جفاڪش ۽ ڏاهي عالم سراج ميمڻ راءِ ڏني ته؛ "سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي تمام پراڻي ٻولي آهي، جيڪا "موهن جي دڙي" جي دَور ۾ استعمال ٿيندي هئي. سنسڪرت ۽ ٻيون ٻوليون، سنڌي ٻوليءَ کان پوءِ جون آهن." ان جو ثبوت هاڻي آمريڪي عالمن جي تحقيق (جيڪا ڪمپيوٽر وسيلي ٿي آهي) مان مليو آهي ۽ سراج ميمڻ جي راءِ وزندار ثابت ٿي آهي.

اها ڳالهه واضح آهي ته سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت وانگر شاهوڪار ۽ زرخيز ٻولي آهي. سنڌ جي جاگرافيائي سرحدن جي گهٽ وڌائيءَ ۽ ڦيرڦار سبب سنڌي ٻولي مختلف لهجن ۽ مختلف لساني اٿل پٿل ۾ به پنهنجي حيثيت قائم رکندي آئي آهي. سنڌ تي ڌارين جي ڪاهن سبب، سنڌي ٻوليءَ کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ جي ڪوشش ضرور ٿي آهي. عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين، سنڌي ٻوليءَ لاءِ تسلط جو ڪارڻ ضرور رهيون، پر سنڌي ٻولي هر دَور ۾ پنهنجيءَ زرخيزيءَ، وسعت ۽ وسيع قلبيءَ سبب وڌندي ويجهندي رهي.

اڄ جنهن هنڌ تي سنڌي ٻولي بيٺي آهي، اهو دَور سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جو دَور آهي. سنڌي ماڻهو انهن شين کان ڪافي حد تائين واقف آهن؛ ان ڪري اسان جي ٻوليءَ کي دنيا جي ٻولين سان گڏ ترقي ڪرڻ لاءِ وڏي ڪوشش ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. ٽيڪنالاجيءَ جي گهرجن موجب اسان کي

۽ اهڙا ڪي قدم کڻڻا پوندا، جن سان ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ ان جي ترقي ٿئي.

شاهوڪار ٻولين ۾ اها سگهه هوندي آهي ته اُهي ڌاريا لفظ پاڻ ۾ هضم ڪري وينديون آهن، خبر ئي نه پوندي ته اهو لفظ اصل سنڌس هو يا ڪٿان ٻاهران آيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ به اها سگهه آهي ته ڪو ڌاريو لفظ، جيڪو اُن ۾ موجود ناهي، اهو استعمال ڪجي ته قاعدو سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجو لڳندو. 'اسڪول' ، 'مشين' ، 'گلاس' ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا لفظ آهن، جيڪي نج سنڌي لڳن ٿا. اها ٻوليءَ جي شاهوڪاري ۽ زرخيزي آهي.

سنڌي ٻولي، مختلف دَورن مان گذرندي، تاريخ جي تقاضا موجب ڪوڙ لفظ پنهنجا ڪيا آهن ۽ اهو فطري عمل آهي. وقت گذرڻ سان ٻولي ترقي ڪندي رهي آهي. حالتن، ماحول، وقتي انقلابن ۽ وقت جي ضرورت تحت ٻوليءَ ۾ به اضافو ٿيندو رهندو آهي؛ ۽ اهو نه رڳو لفظن جو اضافو ٿيندو رهيو آهي، پر لهجي، ادائگيءَ ۽ استعمال جا به طور طريقا تبديل ٿيندا رهن ٿا.

اڄ کان سَو سال اڳ جي ٻولي، اسان جي موجوده نسل جي سمجهه کان ڪجهه ڏکيري هوندي. اڄ کان پنج سَو سال اڳ جي ٻولي ته اڄ جي ماڻهن کي سمجهڻ ۾ مشڪل ايندي؛ جيئن "موهن جي دڙي" جي لکت سمجهڻ ۾ بيحد ڏکيائي ٿي آهي. وقت اهڙو اٿڳ درياهه آهي، جو وهندو وڃي ٿو، ۽ پاڻ سان ڪئين نوان نوان لقاءَ، انقلاب ۽ اٿلون ڪٺي اچي ٿو. ڪيترو گند ڪچرو ٻوڙيندو وڃي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان جا تهذيبي ۽ ثقافتي هيرا ماڻڪ به لٽيو ۽ مٽايو ڇڏي. سنڌي ٻوليءَ ڪيئي نوان لفظ پنهنجا ڪيا آهن ته وري ڪيترائي لفظ ضايع به ڪيا آهن، جن کي 'متروڪ لفظ' چئجي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته انهن جو استعمال جديد دَور ۾ اڻ سونهندڙ ٿيندو. اسان وٽ ٻهراڙين ۾ "وٽو" اڄ به موجود آهي يا "ڪٽورو" چئون ٿا، پر ان کي "گلاس" هر صورت ۾ نٿو چئي سگهجي. اسان وٽ "مدرسا" اڄ به آهن، پر "اسڪول" کي "مدرسو" چوڻ غلط ٿيندو، ڇو ته "مدرسو" هيئت جي خيال کان

الڳ حيثيت رکي ٿو. جديد مدرسا بہ آهن، پر اسڪول جو، ڪاليج جو، يونيورسٽيءَ جو طور طريقو، بيهڪ ۽ تصور بلڪل مختلف آهي؛ ۽ انهن جي نصابي عمل ۾ بہ وڏو فرق آهي.

اهڙيءَ طرح "مشين" هڪ "سادي ڪَلِ" آهي، پر هيڏين اجگر مشينن کي اسان "ڳري ڪل" يا "وڏي ڪَل" نٿا چئون؛ ان ڪري "مشين" لفظ جو استعمال ضروري آهي. جيڪي سائنسي ايجادون آهن، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ وغيره، تن کي اسين انهن ئي اصلي نالن سان سڏيندا آهيون، ان ۾ ڪو عيب ڪونهي. اڳتي هلي اهي لفظ اسان جي ٻوليءَ جو حصو ٿي ويندا. ان هوندي بہ اڄ جي دَور ۾ ميڊيا جو وڏو دخل آهي. زندگيءَ ۾ ريڊيو، ٽي. ويءَ، اخبار، ڪتاب ۽ قلم جو انساني زندگيءَ سان تمام گهرو تعلق آهي. ڏينهن، رات اِهي شيون اسان سان لاڳاپيل ۽ لازم ملزوم آهن. انهن سيني ڳالهين جي باوجود اسان وٽ هڪ خطرناڪ لاڙو پيدا ٿيو آهي تہ اسان جا ڪجهہ پڙهيل لکيل همراهہ، انگريزيءَ جو اجايو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ ائين ٿا ڪن، جيئن ڪنهن وقت ۾ اسان جا فارسي زده شاعر، فارسيءَ جو هروڀرو استعمال ڪندا هئا. اسان جي ڪافي ماڻهن ۾ اهو نفسياتي اثر ويهي رهيو آهي، ۽ اهي پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ ۽ لکڻيءَ ۾ انگريزيءَ جو ايڏو استعمال ڪندا آهن، جو سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ انهن انگريزي لفظن جا بَدل، اسان وٽ خوبصورت ۽ ٺُڙ سنڌي لفظ موجود آهن، تہ پوءِ ڌاريا لفظ ڇو استعمال ڪجن؟ جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو تہ سائنسي ايجادون يا ٻين ٻولين جا اهي لفظ، جن جو بدل اسان وٽ ناهي، اُهي استعمال ڪجن، پر جڏهن اسان وٽ پنهنجا سهڻا لفظ موجود آهن، تہ پوءِ ٻين ٻولين جا لفظ ٽنبڻ غلط عمل آهي.

ٻئي طرف اسان جي ٻوليءَ ۾ اردو لفظن جي بہ وڏي يرمار ٿي رهي آهي. ريڊيو، ٽي. وي ۽ اخبارون عام ماڻهوءَ سان تمام گهڻو لاڳاپيل آهن. انهن ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿئي ٿي، اُن کي سڌارڻ لاءِ وڏي ڪوشش ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. اسان کي پنهنجن انهن

ميڊيا جي وسيلن کي صلاحون ڏيڻ يا سندن ڪوتاهين جي نشاندهي ڪرڻ ۾ ڪيباڻ نہ ڪبي.

مون وٽ ستن ڏينهن جي روزاني اخبار "جاڳو" موجود آهي، اچو تہ ان تي ٿوري نظر وجهون:

"جاڳو" اخبار ڪا ايتري پراڻي ڪانهي، "جاڳو" جو بنياد، سنڌ جي نامور صحافي، اديب ۽ دانشور فقيرمحمد لاشاريءَ وڌو. لاشاري مرحومَ پنهنجي حياتيءَ ۾ هن اخبار کي وڌائڻ ويجهائڻ ۾ رات ڏينهن محنت ڪئي. سائنس زندگيءَ وفا نہ ڪئي ۽ 'جاڳو' کي وري هڪ ٻئي محنتي ۽ داناءَ ايڊيٽر جو سهارو مليو. محترم آغا سليم اخبار لاءِ سٺي جدوجهد ڪئي آهي. 'جاڳو' جي پاليسين ۽ وفادارين کي ڇڏي، اسين اخبار جي ٻوليءَ تي نظر وجهنداسين تہ، 'جاڳو' اخبار ۾ ڪوڙ غلطيون نظر اينديون. لفظن ۽ گرامر جو تہ ڪو خيال ئي نٿو رکيو وڃي، پروف ريڊنگ جي تہ بلڪل پينگ لڳي پيئي آهي، پر ٻوليءَ جو استعمال بہ ڪٿي ڪٿي ٻاراٽي ڳالهہ ٿو لڳي.

روزاني 'جاڳو' ۾ روزانو عجيب جملا استعمال ٿين ٿا، جيڪي پڙهي حيرت ٿيندي آهي. تازو مضمون ڇپيو آهي قاضي آزاد صاحب جو: "آڪٽوبر جا شهيد ۽ سيد" جي عنوان سان: ان ۾ ٻن جاين تي "سندس جي" استعمال ڪيو ويو آهي. "سندس" (معنيٰ هن جو) اُن مان مطلب واضح آهي، پوءِ "جي" لڳائڻ مناسب نٿو لڳي. "سندس" مان مراد ئي آهي، "جنهن جو" ذڪر آهي. ان جي بدران اِءُ چوان "سندس جي طرفان" تہ اهو غلط آهي. ان جي جاءِ تي رڳو لکبو "سندس طرفان".

ٻيا بہ ڪيئي مثال آهن:

□ تاريخ ١٢- آڪٽوبر جي روزاني جاڳو جو ايڊيٽوريل ڏسو، پئرا نمبر٨:

"جناب وزيراعظم! قلب ڪارو شاهہ کي فوري طور تي خطرناڪ ترين ۽ عبرت ناڪ سزا ملڻ گهرجي."

خطرناڪ+ ترين: خطرناڪ خود آخري ڊگري آهي. اهو

فارسيءَ جو آهي، هيبتناڪ، عبرتناڪ، خطرناڪ وغيره. پر مرشد لطيف انهن ڏيچاريندڙ لفظن جي تتبع تي هڪ نئون لفظ ڏنو: "حُسناڪ":

"عبداللطيف چئي پرين اسان جو، هميشه حُسناڪ"

پر هتي جملي ۾ "خطرناڪ ترين" صيغي جو استعمال عجيب ۽ اڻنگو ٿو لڳي. قلب شاهه خطرناڪ ڏوهه ته ڪيو، ان کي سزا "عبرتناڪ" ملڻ گهرجي، نه خطرناڪ ترين! مطلب اهڙي سزا ملي، جو ماڻهو ان سزا کان نفرت ڪن. سزا "عبرتناڪ" ٿيندي آهي، جيئن ٻيا انسان ان مان عبرت حاصل ڪن ۽ ڏوهن کان پري ڀڄن.

ساڳئي ڏينهن جي مضمونن واري صفحي تي ڊاڪٽر مبشر جي مضمون جي سري ۾ لفظ آهي، "پيش رفت"؛ پيش رفت جي جاءِ تي ٺُڙ سنڌي لفظ "اڳڀرائي" ڪم آڻڻ گهرجي. يا "واڌارو" يا "اڪلاءُ"، جهڙا لفظ استعمال ڪجن ته ٻوليءَ جو حسن برقرار رهندو.

ساڳئي مضمون ۾ ترجمي ڪندڙ "مشڪل" جو جمع فارسي انداز ۾ مشڪلات لکيو آهي، جڏهن ته اهو "مشڪلاتون" ٿيندو يا اُن جي بدران "ڏکياڻون" ڪم آڻڻ گهرجي. جمع واحد واري معاملي ۾ اسان فارسيءَ جو ڏکيو انداز ڇڏي، سنڌيءَ جو سولو ۽ نج پنهنجو طريقو استعمال ڪريون؛ جيئن "سبقُ" جو جمع اسباق بجاءِ "سبقَ" درست آهي. واحد تي پيش ۽ جمع تي زبر لڳائبي ته جمع ٺهي پوندو. موتُ واحد جمع موتَ، پر "اموات"، فارسيءَ جو فارم آهي. استادُ (واحد). استادَ (جمع). پر (استاذه) ڪيڏو اڙانگو ۽ اوپرو ٿو لڳي. مدرسو (واحد) مدرسا (جمع)، پر "مدارس" سنڌي ٻوليءَ ۾ اوکو ٿو لڳي.

ساڳئي ڏينهن جي جاڳو اخبار جي صفحي نمبر ٥ تي "ميرپور بٺوري جو سماچار" جي سري سان نمائندي جي رپورٽ آهي. "سماچار" لفظ منهنجي خيال ۾ هندي ٻوليءَ جو آهي، ان جي جاءِ تي ڪو مناسب سنڌي لفظ استعمال ڪجي. مثلاً: احوال، خبرچار، خبرون، سڏ سماءُ وغيره.

ساڳيءَ خبر ۾ جملو آهي: "رات جي ٽائيم تي"، ان جي،

بدران 'رات جي وقت' لکڻ وڌيڪ مناسب لڳي ٿو.

ساڳيءَ خبر ۾ عيوضي لکي ٿو: "ايڊمنسٽريٽر جو چوڻ آهي ته رولو گڏهه پيئڻ واري پاڻيءَ جي تلاءَ مان پاڻي 'پيئنديون' آهن." شاباس نيوز ايڊيٽر کي هجي، رولو گڏهَ نر ٿيا، سي نر گڏهه پاڻي پيئنديون! يا ته لکجي ها "گڏهه پاڻي پيئندا هئا" جيڪڏهن ماديون (گڏهيون) آهن ته پوءِ "گڏهيون پاڻي پيئنديون آهن." لکجي ها.

ساڳيءَ خبر ۾ پروف جي غلطي آهي. "رائيس" (چانور) کي لکيو ويو آهي "رائيٽس" - اهو ٿيو هڪ ڏينهن جو مختصر حال.

□ تاريخ ۱۳- **آڪٽوبر ۱۹۹۸ع** جي روزاني جاڳو جي صفحي نمبر۸ جي ڪالم نمبر۴ ۽ ۵ تي ٻه- ڪالمي خبر جي سرخي آهي: "سيوڻ ۾ ايف سي اهلڪارن جا ڇاپا" - "سيوڻ" شهر اسان کو نه ٻڌو آهي، پر "سيوهڻ" ضلعي دادوءَ جو مشهور شهر آهي- ۽ قلندرشهباز جي حوالي سان هر پڙهيل لکيل ماڻهو سيوهڻ هزارين ڀيرا ٻڌو، پڙهيو ۽ لکيو هوندو. خبر جي سرخيءَ ۾ "سيوهڻ" کي "سيوڻ" لکڻ، نه معاف ڪرڻ جهڙي غلطي آهي.

□ ۱۴- **آڪٽوبر ۱۹۹۸ع** جي روزاني جاڳو جي ايڊيٽوريل صفحي تي نجم ولي خان جي مضمون جو سرو آهي:
"هاڻي وزيراعظم کان حساب ڪير ڪندو؟"

سنڌون سڌو اردوءَ جو فارم آهي: "اب وزيراعظم سے حساب کون کريگا؟" ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو لفظ به لفظ نه ڪرڻ گهرجي، پر سنڌي ٻوليءَ جي مزاج موجب ترجمو هيئن ٿيندو: "هاڻي وزيراعظم کان حساب ڪير وٺندو؟" يا "هاڻي وزيراعظم سان حساب ڪير ڪندو؟"

ساڳئي ڏينهن، پهرئين صفحي جي ڪالم ۷ ۽ ۸ تي ٻه- ڪالمي خبر ڇپي آهي، جنهن جي ٻولي تمام سهڻي لڳي ٿي: "غلام قادر پليجي جهالوءَ جي پيرن کي ڪيرڪنڊ ڪري ڇڏيو." ان ۾ ڪيرڪنڊ نج سنڌي تصور آهي، ۽ سٺو به لڳي ٿو.

ساڳئي ڏينهن جي اخبار ۾ صفحي ۸ تي چار- ڪالمي خبر

ساڳئي صفحي تي ڪالم نمبر۳ ۾ خبر آهي:

"حافظ محمد عليم الله حسن قرائت جي مقابلي ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو". وري ساڳيءَ خبر ۾ هيٺ "پهرين پوزيشن حاصل ڪئي."

نيڪ آهي سنڌي ٻوليءَ ۾ "نمبر" لفظ هضم ٿي ٿو وڃي ته پوءِ وري مٿان "پوزيشن" ڇو، اهو لفظن جو وهنوار مناسب ناهي.

• صفحي ۴ تي ٽه- ڪالمي خبر آهي، ان جي ٽين سرخي آهي: "شاگرد يونيورسٽين ۽ پروفيشنل ڪاليجن ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪجهه به نٿا چاڻين". هتي "چاڻين!" بدران "چاڻن" لفظ استعمال ڪرڻ گهرجي.

• ساڳئي صفحي تي هڪ- ڪالمي خبر آهي، ڪالم ۵ تي: "عبدالخالق سومرو گهر منتقل-" "منتقل" بجاءِ "پيڙو" لفظ ڪيڏو نه مناسب لڳي ٿو.

□ تاريخ ۱۸ آڪٽوبر ۱۹۹۸ع جو ايڊيٽوريل ايڏو ته خوبصورت لکيو ويو آهي، جو ساراهه ڪان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هڪ ٽڪرو پڙهندا: مرحوم حڪيم سعيد لاءِ لکيل آهي:

"هڪ اهڙو شخص، جيڪو نابينن سان وبهي ته اهي سندس اکين سان زندگيءَ جا رنگ پسن؛ ٻارن سان ويهي ته پاڻ ٻار ٿي پوي؛ عالمن سان ويهي ته سندس علم تي دنگ رهجي وڃجي؛ مريضن جي پر ۾ ويهي ته ڪين زندگيءَ تي ويساهه پختو ٿي پوي."

ٻوليءَ جو اهڙو خوبصورت استعمال وري به ويساهه ٿو ڏياري ته جاڳو اخبار وٽ سٺا ليکڪ موجود آهن؛ پر ساڳئي صفحي تي طارق نيازيءَ جو مضمون: "مون کي قومپرستن جي مؤقف سان اختلاف آهي" ۾ هڪ هنڌ: "مان هنن تي زور ڏيندس ته پنهنجي مؤقف تي ٻيهر سوچن."

"سوچن" مان ڇا مراد آهي؟ پروف جي غلطي آهي يا ٻوليءَ ۾ نئون واڌارو آهي؛ اصل ۾ "سوچڻ" هجڻ کپي.

□ ۱۹ آڪٽوبر جي جاڳو جي مکيه سرخي- "دهشتگرد ۽ وڳوڙي.. کي ڇيپائڻ لاءِ پوليس کي مڪمل فري هينڊ ملڻ جا امڪان."

بي سرخي- "ملڪ گير گرينڊ آپريشن."

"فري هينڊ" لفظ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيڏو اوپرو ٿو لڳي! "مڪمل ڇوٽ، مڪمل اختيار" لفظ لکيل هجن ها ته بهتر لڳي ها. مٿان وري "گرينڊ آپريشن"! "گرينڊ" لفظ ۽ اُن سان آپريشن گڏ، باقي سنڌي ٻوليءَ جو ڪهڙو لفظ ڪم آندو ويو. "ملڪ گير گرينڊ آپريشن" ۾ هڪ به سنڌي لفظ موجود ناهي.

ساڳئي صفحي تي ڪالم ۳ ۾: لالوڪيت ۾ "مارجي ويل ماڻهوءَ جي لاش" لکيل آهي: جيڪو ٿيندو "لالو کيت ۾ مارجي ويل جو لاش".

• ساڳئي ڏينهن ۸ صفحي جي آخري ڪالم ۾ ٻه- ڪالمي خبر جي سرخي آهي: "ڏٽا واهه تي بلڙي پوليس جي چڙهائي". اهو "ڏٽا واهه" نه پر "ڏتا واهه" آهي. "ڏتو" معنيٰ گشو، ڪوڙ، جڏهن ته هي "ڏِتو"، ماڻهوءَ جو نالو آهي، ان ڪري "ڏتا واهه" لکبو.

• ساڳئي صفحي تي ڪالم ۴ ۽ ۵ تي ٻه- ڪالمي خبر آهي ته: "اعجاز شاهه شيرازي ڳوٺ سليمان سمون پٽ ڪرائڻ گهري ٿو." ان ۾ هيٺ لکيل آهي "ڳوٺاڻا پنهنجون پڪيون بلڊنگون ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن" ۽ "ڳوٺ بلڊوز ڪرڻ چاهي ٿو." لفظ "بلڊنگون" جي جاءِ تي "جايون يا جڳهيون يا عمارتون" لکڻ وڌيڪ مناسب لڳي ٿو.

"ڳوٺ بلڊوز ڪرڻ" بدران "پَٽ ڪرڻ" يا "ڊاهڻ" جهڙا لفظ بهتر ٿيندا.

☐ ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۹۸ع جاڳو جي ۲ صفحي ۽ ڪالم ۸ ۾ خبر آهي: "خاصخيلي جماعت جي اڳواڻن کي آجياڻو". ان جي هڪ سٽ آهي- "علي محمد خان خاصخيلي چيو ته اهو ڏسي ڪري مون کي ڏک ٿيو آهي." ڏسڻ جي عمل ۾ ڪرڻ جو ڪهڙو واسطو؟ "ڪري" اجايو ۽ اڻ سونهندڙ لفظ آهي، صرف "ڏسي" ڪافي آهي.

☐ تاريخ ۳ نومبر ۱۹۹۸ع جي اخبار جي صفحي ٦ تي ڪالم ۲ ۽

٣ تي سـرخي آهي: ”ٿـاٽو بولاخان جو سـمـاچار“ ۽ ٦ ۽ ٧ تي ”ڪيـٽي بندر جو سـمـاچار“ سـاڳي ڳالهـ ورجايل آهي. ٿـاٽو بولاخان بدران ”ٿاٽي بولاخان“ ٿيندو.

انهيءَ سڄي بحث بعد منهنجي راءِ هيءَ آهي ته اخبارون ،سان جي پوليءَ جون سفير آهن، انهن جي سڌاري ۽ سنوت ۾ اسان جو ڪو ڪردار هجڻ کپي، ته پوءِ اسين پاڻ کي ذمـيـوار ٿا سـمـجهـون ته انهن خامين ۽ خوبين جي اپٽار ڪريون.

جاڳو جي ڇپـائيءَ ۾ بيـهـڪ جي نشـانين جو خيـال تمام گـهـٽ رکيـو ٿـو وڃي. سـوال جي نشـاني ته هنڌ سـان سـوالي جملو خـود بيـاني جملو ٿيـو وڃي. عجب جي نشـاني سـان جملي جي ضـرورت مـوجب ان جي اهميت واضح ٿئي ٿي.

مون سراسري ڪجهه ڳالهين ڏانهن توجهه ڇڪايو آهي، پر اڃا به ڪي ڇڳايون يا خامـيـون مـون کـان رهجي ويون هونديون، اُن لاءِ ڇا چئجي؟ هيءُ مـسلسل عـمل آهي، اسين گڏجي، ان ڏس ۾ ڪو مؤثر حل ڳولي سگهون ٿا.

*****

# سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن بچائجي؟

مشهور ليکڪ اوهينريءَ پنهنجي افساني: 'عيسيٰ ۽ شيطان' ۾ ننڍڙي ٻار تي هڪ سهڻو مثال 'معاشري جي اثر' تحت لکيو آهي ته هڪ چترڪار ٻن تصويرن ٺاهڻ جي تلاش ۾ هو، ان ۾ هڪ عيسيٰ جي ۽ ٻي شيطان جي هئي. هو سالن جا سال انهن ٻن چهرن جي تلاش ۾ گهمندو رهيو. هڪ صبح جو جيئن ئي گهر جي ٻاهران مين گيٽ وٽ بيٺو هو ته هڪ ٻار اسڪول پئي ويو. ٻارُ چترڪار کي ڏسي مشڪيو. هن جي مسڪراهٽ ۾ معصوميت ڏسي، چترڪار جي واتان نڪتو: 'ٻار جهڙو عيسيٰ'! هن کي پنهنجي افساني جي هڪ ڪردار عيسيٰ جي تصوير ملي وئي. ٻار کي اسٽوڊيو ۾ وٺي آيو ۽ سندس تصوير ٺاهيائين. هاڻ هن کي شيطاني چهري جي تلاش هئي. ڪافي عرصو گذري ويو، پر ڪميڻائپ سان ڀريل چهرو ڪيس نه مليو. اندازن ويهن پنجويهن سالن کان پوءِ جيل جي ٻاهران هڪ قيديءَ کي هٿڪڙين ۾ ڏٺائين. صفا ميرو، ڏاڙهي ۽ وار وڌيل، ٻڇڙو چهرو، شيطاني اکيون، اشرافت جو منجهس ڪو انگ ئي ڪونه هو؛ مطلب ته شيطاني صفت. نيٺ هن کي ٻيو ڪردار شيطان به ملي ويو. جيلر کان موڪل وٺي ڪيس اسٽوڊيو ۾ وٺي ويو ۽ سندس تصوير ٺاهيائين. جڏهن تصوير ٺاهي بس ڪيائين ته قيديءَ تصوير ٺاهڻ جو سبب پڇيس ته چترڪار چيو ته جيڪڏهن مون توکي اهو سڀ ڪجهه ٻڌايو ته توهان ناراض ٿيندين. گهڻين منٿن ڪرڻ ۽ ناراض نه ٿيڻ جي شرط تي چترڪار سچو قصو بيان ڪيو. قيدي سندس ڳالهه ٻڌي ڪليو ۽ چترڪار کي چيائين ته "منهنجي چهري ڏانهن چتائي نهار، مان اُهوئي ويهه سال اڳ وارو ننڍڙو عيسيٰ آهيان ۽ پر معاشري مون کي شيطان بنائي ڇڏيو آهي."

اوهينريءَ جو مقصد هو ته خدا خلقي ته سيني کي هڪ جهڙا ٿيو، پر معاشرو انسان کان انسانيت ڇڏائي ٿو ۽ ڪنهن کي عيسيٰ ته ڪنهن کي وري شيطان ٿو بنائي ڇڏي. ٻار مٽي جو وار آهي، هو سڀ ڪجهه معاشرتي ۽ گهرو

زندگيءَ مان سکي ٿو. مٽي مائٽي، صحبت سنگت، جيئن سيکارجي ائين هلي ٿو: مطلب تہ ٻار جي مستقبل جا ذميوار مائٽ آهن، جهڙي اٽ ويهہ ۽ ڳالهائڻ کيس سيکاريندا، هو سندس نقش قدم تي هلندو. ٻار جي ذهني کيتر ۾ جهڙو ٻج پوکينداسين، اهڙو ئي ڦل ڏيندو. اسان هڪ نظر پنهنجي گريبان تي وجهنداسين تہ پتو پوندو تہ اسان عيسيٰ کي ڇڏي شيطان وارو ڪردار پنهنجي آئيندي کي ڏئي رهيا آهيون. پنهنجيءَ سنڌي قوم کي ڏسنداسين تہ اسان کي پنهنجو آئيندو اونداهيءَ جي ڪارنويسن ۾ ڍڪيل نظر ايندو. هزارين سال پراڻي ٻولي سنڌيءَ کي اسان آهستي آهستي ختم ڪري رهيا آهيون. پنهنجي مادري زبان پنهنجن ٻارن کي نہ پڙهائي، انگريزي ٻوليءَ جو نقاب ڍائي، سنڌي ٻوليءَ جي وجود کي وڃايون پيا. وڏن گهرن ۾ انگلش ۽ اردوءَ جو استعمال عام ٿئي ٿو. ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌين جا ٻار سنڌي برابر ڳالهائي نہ سگهندا آهن. ڪڏهن بہ ان تي نہ ٿو ويچارجي تہ انگريزن جي ڏاريءَ ٻوليءَ کي ڪٺي اسان پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ويسر جي ورقن ڏانهن ڌاليپيٽي ڇڏيون. ڌاري ٻوليءَ کي پنهنجائپ ۾ پروئي، پاڻ ٿي پاڻ کي ڌاريو ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي مستقبل کي اجنبي ڪري رهيا آهيون ۽ پنهنجن هٿن سان پنهنجي ٻوليءَ کي فنا ڪري رهيا آهيون. اياز کي بہ ائين محسوس ٿيو:

جيڪا ٻولي ٿيُ سين، تنهنجي پيٽِ پئي،
سا تو ڪيئن ڪئي، اڄ ڪالهہ آهي اوپري.

سنڌي ٻوليءَ جو سواد ڪيڏو نہ وڻندڙ ۽ دلڪش آهي. ڪانہ ڪا خاصيت ٻوليءَ کي ڪشش ۾ آڻيندي رهي ٿي. ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر اينيمري شمل هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "جيئن تہ سنڌيءَ جو هر لفظ، حرف علت تي ختم ٿئي ٿو، ان ڪري ان جو آواز مٺو آهي." ڪيپٽن جارج اسٽيڪ ٻولين سکڻ جو تمام گهڻو شوقين هو ۽ هن ڪيترين ئي ٻوليون سکيون. هن کي انگريزي ٻولي سيني ٻولين کان وڻندي هئي، پر جڏهن سنڌي ڳالهائڻ سکيو، تڏهن چيائين، "مون کي هيستائين انگريزي زبان تي وڏيڪ خوبصورت ۽ وڏي هئڻ جي حيثيت سان فخر هو، پر منهنجي اها سوچ غلط تڏهن ثابت ٿي، جڏهن مان سنڌي ٻولي ڳالهائڻ سکيس". گانڌي بہ پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن ڪڏهن 'سنڌي' سڏائيندو هو. مشهور ڪوي نارائڻ شيام بہ چيو آهي تہ "گنگا جمنا

امرت امرت، ٿجُ ته ليڪن سنڌو آهي." پير حسام الدين راشديءَ به هڪ هنڌ لکيو آهي ته 'سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ ڌارين جي ڳالهه ڌاريا ڀلي پڙهن، پر خود سنڌي پنهنجي باري ۾ چيل ڳالهه کان غير واقف ۽ اڻ ڄاڻ رهن، اها وڏي زيادتي آهي.'

سنڌي ٻولي ۽ ادب، سنڌي زندگيءَ ۽ فڪر جي گوناگونيت ۽ معيار جو عڪس آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ جيڪا سونهن ۽ سرهاڻ آهي، سا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪانهي. سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر لطيف مليو. لطيف جو رسالو هڪ مذهبي ڪتاب آهي، منجهس روحانيت ملي ٿي، پاڻ به چيو اٿائين:

جي تون بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين!

ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ئي نرالي آهي، ماڻهوءَ کي گم ٿي ڪري ڇڏي. آمريڪا جي هڪ اديب 'لنٽن مايو درگاس' کي وزيراعظم ٿيڻ جي آڇ ٿي، پر هن قبول نه ڪئي. ادبي دنيا ۾ سفر ڪرڻ جي ڪري ڪيس جلاوطن ٿيڻو پيو، پر هن لکڻ نه ڇڏيو. ادب ۽ فن انسان کي سڌاري ٿو ۽ ٻي ڪا به شيءِ ان جي جاءِ وٺي نه ٿي سگهي. گوئٽي جي چوڻ مطابق ته 'هڪڙو ماڻهو ٻئي تي ادب جي ذريعي ئي اثر وجهي سگهي ٿو'. ادب، ادب آهي. اُن سان ڪابه شيءِ ڀيٽي نه ٿا سگهون. اديب ۽ شاعر انسانيت لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. هو ٻين کي گهڻو ڪجهه ڏئي ٿو. ماڻهو مري وڃي ٿو، پر لکٿي سدا قائم آهي.

(تحريڪ ڪاغذ ۾ هميشه لاءِ محفوظ رهي ٿي، پر اُن جو
لکندڙ مٽيءَ اندر ڳري وڃي ٿو.)

پيغمبر جو به اهوئي قول آهي ته 'اهو ماڻهو جيڪو علم جي ڳولا ۾ پنهنجو گهر ڇڏي ٿو، اُهو خدائي رمز تي گامزن آهي' ۽ 'عالم جي مس شهيد جي رت کان افضل آهي'. خير سڀ سنڌي اديب ۽ شاعر ٿي نه ٿا سگهن ۽ نه ئي وري ادبي لهجي سان سمجهائي ٿا سگهن، پر پنهنجي اولاد کي پنهنجي ٻولي ته سيکاري ٿا سگهن. هونئن به پنهنجي ٻوليءَ کان سواءِ ماڻهو پنهنجي اندر جا ٻول ٻولي نه ٿو سگهي. نيشنل ڪميشن آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل جي چيئرمئن چيو هو ته 'جڏهن ڪنهن هيرو جي شخصيت کي اُڀارڻو آهي ته محاوراتي ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ ضروري آهي، اسان کي پنهنجي قوم جيئارڻي آهي. اسان

کي پنهنجي نسل کي سجاڳيءَ ۽ شعور جي راهن جا راهي بڻائڻو آهي. اڄ بين چئنلز تان اسان کي پروگرامن ۾ ننڍڙن ٻارن کي ڏسون ٿا ته انهن جي انگلش هنديءَ وانگر روان آهي. هو پهرين پنهنجي مادري زبان سکن ٿا، پوءِ ٻي ٻولي انهن جي لاءِ ڪو مسئلو نه ٿي بڻجي. پنهنجي ٻولي سکڻ کان پوءِ اندر جي جهجهڪ منجهائش ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ٻي ٻولي روان ڳالهائي سگهن ٿا.

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حالت اسان ڏسي رهيا آهيون. سنڌين ۾ اهو جذبو هاڻ نه رهيو آهي، جيڪو اڳ ۾ هو. پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌرتيءَ تي فخر ته پري رهيو، پر اسان پنهنجي مستقبل جي نسلن کي پنهنجي ٻولي لکڻ پڙهڻ ته پري جي ڳالهه، پر ڳالهائڻ به نه سيکاري رهيا آهيون. اهو اسان تي فرض عائد ٿو ٿئي ته اسان پنهنجي آئيندي کي ڇا سيکاري رهيا آهيون. وقت سان گڏوگڏ اها سوچ وڏن کي رکڻ کپي. محترم محمد ابراهيم جويي پنهنجي ڪتاب 'مٺ مٺ موتين جي' جي آخر ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته "مائٽن، استادن ۽ وڏن کي سدا اها سوچ هئڻ گهرجي ته اسين ڪهڙي قسم جا ماڻهو پالي ۽ اُپاري رهيا آهيون؟ اسين ان ۾ ڪڏهن سڦل ٿينداسين، ڪڏهن ان ۾ اسان کان اوڻايون رهجي وينديون، پر اسان کي وري ماڻهو ئي اُپارڻا آهن، جيڪي پيار ڪري سگهن، جيڪي ڏک سهي سگهن، جيڪي سرجڻهار ٿي سگهن ۽ سور ونڊي سگهن."

نئين ٽهيءَ جي نوجوانن کي به سوچڻ گهرجي. اديب، شاعر، اهل قلم ۽ صحافي، جنهن کي خدا قلم جهڙي قوت سان نوازيو آهي، سي به خاموش تماشائي ٿي ويٺا آهن. هو آئيندي جي سنڌي سورمن کي حب ۽ پيءُ جي پٽرن سان سر لڪرائڻ کان ڇو روڪي رهيا آهن؟ اسان کي پنهنجن وڏن سان ڪيل قول ۽ وعدا ياد رکڻ گهرجن. اخبارن ۾ ڪڏهن ڪي ڪالم نويس ٻوليءَ جي اکرن جي اُچارن کي صحيح سمجهائڻ ۽ غلطين ڪڍڻ ۾ لڳا پيا آهن. ان ڏانهن شايد ڪڏهن ڌيان نه ڏنو ائن.

انهن سڀني ڳالهين کي مدِنظر رکندي اسان ٿورو ويچار ڪريون ته اسان سنڌ سان ڪهڙي ويڌن ڪري رهيا آهيون. سنڌو جنهن سان پيا ڪيترو نه پيار ڪن ٿا، پر اسان ان جا اولاد، ان کي ويتر پوئتي ڌڪي رهيا آهيون. مذهبي لحاظ کان ڏسجي ته هندن جي مذهب مطابق ويدن ۾ گنگا ۽ جمنا جو به پيرا

ذڪر آيل آهي، پر سنڌوءَ جو تقريباً 30 ڀيرا ذڪر آيل آهي، هن وقت اسان اها هلت هلي رهيا آهيون، جو پنهنجن ٻارن کي سنڌ جي مٺي ٻوليءَ کان پري رکندا ٿا وتون. سنڌ جي مٺي ٻوليءَ ته ڌارين کي به موهي ڇڏيو هو، پوءِ اسان آخر ڇو ان جي محبت کان پاسيرا پيا ٿيون؟ سنڌي ٻوليءَ کان اسان آهستي آهستي ڇو ڪناراڪش ٿيندا پيا وڃون؟ اسان جا دشمن اسان کان پنهنجي سڃاڻپ ۽ ساڃاهه کسي نه سگهيا، پر اسان پاڻ پنهنجا دشمن ٿي، پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري رهيا آهيون. اهو نه وسارڻ کپي ته پنهنجيءَ وڍيءَ جو نڪو ويڄ نڪو طبيب.

جي اهو حال رهيو ته شاهه، سچل، سامي، اياز، بخاري، مخدوم ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم شاعرن جي ٻولي ختم ٿي ويندي، ڪوبه ماڻهو سنڌي لکڻ پڙهڻ ته پري رهيو، پر ڳالهائي به نه سگهندو. جڏهن به ڪو سياح سنڌ گهمڻ ايندو ته ان وقت جا سنڌي، تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ بابت ڪجهه به ٻڌائي نه سگهندا. اُنهن جو اندر اهو چوندو ته:

'We have proud that we are sindhi, but regretably. we have no knowldge about our language.'

ان وقت اُهي اٺڄاڻ مصري ۽ ڦنڪي ساڳي ڪري لکندا. ايجا ٻيڙو سمنڊ جي لهرن کان پري آهي. اسان کي جيڪڏهن ٻيڙي کي ٻڏڻ کان بچائڻو آهي ته هينئر کان ئي حيلا هلائڻا پوندا، نه ته وقت وڃڻ کان پوءِ ڪجهه به ٿي نه ٿو سگهي. اسان کي خبر هئڻ گهرجي ته ڏڌل ڪير ٿڌن ۾ نه ٿو پئي. اسين ئي پنهنجي آئيندي کي سياهه راهن ڏانهن راهي ڪرڻ جا ذميوار هونداسين. اولاد کي بگاڙڻ، سنوارڻ مائٽن جو ڪم آهي ۽ هر سنڌيءَ کي اهو سوچڻو پوندو نه ته اسان جي ماتر ڀومي اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي. نارائڻ شيام اهوئي هيٺيون حال ڏسي ۽ چيو هو ته

"الا! اٿين مَ ٿئي، جو ڪتابن ۾ پڙهجي.
ته هئي سنڌ ۾ سنڌوارن جي ٻولي."

(روزاني تعمير سنڌ، 28 جولاءِ 1999ع)

حيدر علي نظاماڻي

# ٻوليءَ جو بگاڙ آخر ڪيستائين؟

شاهه سچل ۽ سامي ءَ جي ٻوليءَ جو بگاڙ اڄڪلهه هر هنڌ ۽ هر جاءِ تي وڏي پئماني تي ٿي رهيو آهي. اڳي جڏهن سنڌ اندر شعوري سطح تمام گهٽ هئي، ان وقت ۾ جاهل ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو لفظن جو بگاڙ ڪندا هئا ته انهن تي پڙهيل لکيل ماڻهو کلندا ۽ ٽوڪون ڪندا هئا. پر جي اهو سلسلو گهڻو ڪم جيڪڏهن پڙهيل لکيل ته رهيو پري، پر جيڪڏهن ڪو وڏو عالم ويهي ڪري ته پوءِ ان کي ڇا چئجي. اهو سمورو ڪجهه گهر يا هوٽل تي ويهي نه ٿا ڪن، پر اهو جديد نشرياتي ادارن تي وڏي پئماني تي ڪري رهيا آهن، جنهن لاءِ انهن کي چوي ته آخر ڪير؟

ان سلسلي ۾ سنڌ ميوزم حيدرآباد جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ٻوليءَ جي بگاڙ خلاف سيمينار به ٿي گذريو آهي، جنهن ۾ جيڪي ٺهراءُ پاس ٿيا، انهن مان هڪ خاص ٺهراءُ اهو به هو ته اڄڪلهه پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ نشرياتي ادارن جهڙوڪ اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وغيره تي جيڪا ٻولي ڳالهائي ۽ پڙهي پئي وڃي، اها جاهلن جيان ٽوڙي مروڙي پيش پئي ڪئي وڃي، ان کي روڪي صحيح انداز ۾ استعمال ڪرايو وڃي.

سمجهڻ ۽ سوچڻ جو هاڻي اهو مقام آهي ته ڇا اسان جي ٻوليءَ جي حُليي کي ڌاريا بگاڙي رهيا آهن يا اسان جا پنهنجا. ان نيڪ عمل ۾ سڀئي هڪ ٻئي کان اڳ ۾ آهن.

اسان کي گهرجي ته ان لاءِ ٻين کي ڪجهه چوڻ بجاءِ پنهنجن عالمن، محققن، اديبن ۽ ٻولي جي پارکُن کي چئون ته خدارا! اوهان جو اهو ٻولي بگاڙڻ جو نيڪ ڪنيو آهي، ان کي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن ٻوليءَ جي هاڻ ڪا خدمت نه ٿا ڪري سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ ان کي بگاڙيو ته نه.

مون اڄ تائين جو سِکيو، ڇاتو ۽ پرايو آهي، ان مطابق جيڪڏهن اوهان جي گهر ۾ ڪو ننڍو ٻار آهي، اهو جڏهن ٻاتي ٻوليءَ ۾ ڪو غلط لفظ

اُچاري ته اوهان به ان انداز ۾ ساڳي اُچار سان لفظ ورجائيندؤ ته اهو ٻار سمجهندو ته هو صحيح نموني لفظ اُچاري يا ڳالهائي رهيو آهي. تنهن لاءِ وڏي کي گهرجي ته جڏهن اهو ٻار غلط تلفظ ڪري ته ان ويل سندس سامهون صحيح لفظ اُچاري ته ٻار ان مان پنهنجي تصحيح ڪندو ۽ صحيح لفظ اُچاريل ٻُڌي صحيح ڳالهائڻ سکندو. نه ته اهو ٻار گهڻي عرصي تائين صحيح لفظ ڳالهائي نه سگهندو ۽ ان جو مضمون به سمجهي نه سگهندو. انهيءَ لاءِ ماءُن کي خاص طور گهُرجي ته هو ٻار جيان لفظن کي بگاڙڻ ۾ غلط ڳالهائڻ جي بجاءِ صحيح انداز سان ورجائين ته ٻار ان جو نقل ڪري سگهن.

هاڻي سوچڻو ۽ سمجهڻو رڳو اهو آهي ته ماڻهو جڏهن اجا تائين صحيح ۽ سٺي نموني تعليم جهڙي زيور سان روشناس نه ٿيو آهي، ان وقت اسان جي عالمن ۽ اديبن کي گهرجي ته هو جاهلن جيان لفظ نه ورجائين. جيڪڏهن عالم لفظن جو حُليو بگاڙيندا ته پوءِ اڻپڙهيل ماڻهو خاطريءَ سان سمجهندو ته ريڊيو يا ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ لفظ غلط نه ٿو ٿي سگهي، اهو بلڪل صحيح آهي. ان ريت جيڪڏهن هو صحيح لفظ اُچاريندا به هوندا، تڏهن به انهن جي ٻڌڻ بعد غلط ۽ بگڙيل لفظ اُچاريندا ۽ ڳالهائيندا. ان لاءِ هو سَندَ اُنهن ريڊيو وارن لفظن کي وٺندا. ائين اسان جي ٻوليءَ ۾ سڌاري اچڻ بجاءِ روز بروز بگاڙو ايندو ويندو.

(روزاني سنڌ، 9 فيبروري، 1999ع)

شوڪت حسين شورو

# سنڌي ٻولي ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا

ڪن سڄاڻ ماڻهن جو خيال آهي ته ايڪيهين صديءَ ۾ اڳتي هلي پرنٽ ميڊيا جيڪڏهن بنهه نه ته به گهڻيءَ حد تائين ختم ٿي ويندي ۽ ايندڙ دؤر اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دؤر هوندو. ويهين صديءَ جي ختم ٿيندي ٿيندي دنيا جون وڏيون اخبارون انٽرنيٽ تي اچڻ لڳيون آهن. اڳتي هلي سائنس ۾ اهڙا ڪهڙيون نيون ڳالهيون ٿينديون، جيڪي جيترا هوندا يا جيڪي ان دؤر ۾ ڄمندا، سي ڏسندا.

اسان کي ڳڻتي پنهنجيءَ ٻوليءَ جي آهي ته ان جو ڇا ٿيندو؟ سنڌي ٻوليءَ پرنٽ ميڊيا ۾ واقعي گهڻي ترقي ڪئي آهي. ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ بيشمار هفتيوار اخبارون نڪرنديون هيون. روزانيون اخبارون تمام ٿوريون هيون ۽ انهن ۾ به سٺيون اخبارون هڪ ٻه هيون. هاڻي ماشاءَالله روزانيون اخبارون بيشمار آهن ۽ انهن ۾ سٺين اخبارن جو انگ به چڱو خاصو آهي. باقي ادبي رسالن جو گهڻو حال ڪونهي، تنهن هوندي به ڪجهه نه ڪجهه رسالا نڪرن پيا ۽ سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ به ڪا گهٽتائي ڪانه آئي آهي. اڳيان هلي ڇا ٿيندو، ان ڳالهه جو دارومدار سمورو سنڌي تعليم تي آهي.

هن وقت جيڪا صورتحال آهي، ان موجب سنڌي ٻولي پرنٽ ميڊيا ۾ شاهوڪار آهي، پر اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ان جي حالت صفا ٻڙي آهي. سيٽلائيٽ جي هن دؤر ۾ هنديءَ/ اردوءَ جا الائجي ڪيترا چئنل آهن، جيڪي سنڌ جي نه رڳو شهرن ۾، پر ڳوٺن ۾ به ماڻهو شوق سان ڏسي رهيا آهن. ڳوٺن ۾ روڊن تي جيڪي هوٽلون آهن، اتي زمين تي ڊش انٽينائون رکيون آهن. انهن هوٽلن ۾ اڳي پي. ٽي. وي جي ڊرامن تي وڏي رش لڳندي هئي؛ خاص طور شام جي وقت ناٽڪ سيا جا سنڌي ڊراما ايڏي رش ڪڍندا هئا، جو ڪيترن ماڻهن کي ويهڻ جي جاءِ ڪانه ملندي هئي. انهن هوٽلن ۾ اڳتي هلي وي. سي. آر تي انڊين فلمن ۽ گيت مالائن ڏيکارڻ جو رواج پيو، پر انهن جو تاثير الڳ هو. ماڻهو

پي. ٽي. وي جا ڊراما ضرور ڏسندا هئا، پر هاڻي انهن ساڳين هوٽلن ۾ سنڌي پروگرام ته نهيو، سنڌي ڊراما به ڪونه ٿا هلن. انهن جي بدران زي. ٽي. وي يا سوني چينل تان انڊين فلمون ٽيون هلن يا ڊراما ٿا هلن. سيٽلائيٽ جا چئنل ويا جي جيوڙن وانگر گهرن ۽ هوٽلن ۾ زور وٺي ويا آهن.

هڪڙي ڳالهه جنهن تي مون کي حيرت آهي ته انهن چئنلن جي وسيلي پنجابي زبان کي به چڱي خاصي اهميت ملڻ لڳي آهي. اها ڳالهه شعوري يا غير شعوري طور پنجابي گانن جي وسيلي ٿي رهي آهي. دلير مهدي ۽ ٻيا ڪيترا پنجابي فنڪار موسيقيءَ جي دنيا تي ڇانئجي ويا آهن. زي. ٽي. وي تان نشر ٿيندڙ 'انتاڪشري' ۽ "ساري گاما" پروگرامن ۾ حصو وٺندڙ ماڻهو به پنجابي ۽ ٻين انڊين ۽ پاڪستاني ٻولين ۾ گانا ٻڌائيندا آهن، پر ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سنڌيءَ ۾ ڪو گانو ٻڌايو هجي، سو گهٽ ۾ گهٽ مون کي ٻڌڻ جو موقعو ڪونه مليو آهي. اهي ته آهن عام ماڻهو، جيڪي انهن پروگرامن ۾ شوقيه طور حصو وٺندا آهن. پيشيوراڻي سطح تي به انهن چئنلن تي دلير مهديءَ جهڙو سنڌي فنڪار ڪونه آيو آهي. اسان جو علڻ فقير دلير مهديءَ کان ڇا ۾ گهٽ هو؟ فرق اهو آهي ته دلير مهديءَ سان گڏ سهڻيون ڇوڪريون نچن ٿيون. شايد ائين سمجهيو ويو آهي ته سنڌي ڪلام پنجابي گانن وانگر ايترن ماڻهن کي ڇڪي ڪونه سگهندا. سبب ڪهڙو به هجي، اهو صاف ظاهر آهي ته انهن سمورن چئنلن تي ويندي پي. ٽي. وي ورلڊ تائين سنڌي ٻوليءَ کي صفا نظرانداز ڪيو ويو آهي.

پي. ٽي. وي جي علائقائي پروگرامن جي لاءِ جيڪو وقت مقرر ڪيو ويو آهي، سو انتهائي ناموزون ۽ نامناسب آهي. گرمين جي ڏينهن ۾ پنجين جو ٽائيم ڇڻ ته ٺاڪ منجهند جو ٽائيم آهي. وري به اڳي انهيءَ بيڍنگي ٽائيم تي به ماڻهو سنڌي پروگرام ڏسندا هئا، پر هاڻي انهن جي جيڪا ٻيڙي ٻڏي آهي ۽ جهڙي نموني سنڌي پروڊيوسر مڙئي بار لاهڻ لاءِ پروگرام ٺاهين ٿا، اُن ڪري گهڻن ماڻهن ته سنڌي پروگرام ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنا آهن؛ پر ان ٻيڙيءَ ٻڏڻ کان اڳ ۾ ئي اسان جي وڏن ليکڪن سنڌي ۾ ڊراما لکڻ ڇڏي ڏنا هئا. عبدالقادر جوڻيجو، نورالهدي شاهه ۽ آغا رفيق، هاڻي فقط اردوءَ ۾ ٿا لکن. سنڌن ڊراما نيشنل نيٽ ورڪ تي اچن ٿا. اردوءَ ۾ لکڻ سان وڌيڪ شهرت ۽ پذيرائي ملي ٿي ۽ معاشي طور وڌيڪ فائدو آهي. ٻئي طرف علي بابا جو مثال آهي.

علي بابا سنڌيءَ ۾ تمام سٺا ٽي. وي ڊراما لکيا آهن. هن جو هڪ ڊرامو "دنگي منجهه دريا" جرمنيءَ ۾ عالمي انعام کٽي چڪو آهي. سنڌي ادب ۾ افسانن ۽ ناولن جي حوالي سان علي بابا جي هڪ وڏي حيثيت آهي، پر هو ٽي. وي. جي نيشنل ٽي وي ورڪ جو رائٽر ڪونهي ۽ اردوءَ ۾ نه لکڻ ڪري هن کي اها شهرت ۽ پذيرائي حاصل نه ٿي آهي. ظاهر آهي ته وڪر اهوئي گهڻو وڪامندو، جنهن جي گهڻي تعداد ۾ کپت هوندي. اردوءَ جي مارڪيٽ وڏي آهي. سنڌي ٻوليءَ جو وکر اليڪٽرانڪ ميڊيا تي نه کپندڙ ۽ بي وقعت آهي. هاڻي ته پرائيويٽ پراڊڪشن جو دؤر آهي. ڊرامي جي فيلڊ سان واسطو رکندڙ سنڌي ماڻهو، جن ۾ فنڪار به شامل آهن، اردوءَ ۾ سيريل ٺاهڻ لڳا آهن؛ ڇو ته ڊرامي جي مارڪيٽ پرائيويٽ پراڊڪشن ۾ ليکڪن ۽ آرٽسٽن جا معاوضا به تمام وڏا آهن. سنڌي ڊرامو نڪو نيشنل نيٽ ورڪ تي ايندو، نه سيٽلائيٽ جي ڪنهن چئنل تي ايندو ۽ نه وري ڪو سيٺ ۽ ڪا ڪمپني ان کي اسپانسر ڪندي. اڄڪلهه زور اشتهارن تي آهي. سنڌي ڊرامن کي وڏ ۾ وڏ 'ڇُورو چاڻهه' جو اشتهار ملندو. هر ڪمپني اهو چاهيندي آهي ته سندس پراڊڪشن جي مشهوري وڏ ۾ وڏ ٿئي ۽ اها اردو سيريل کي اسپانسر ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿي. ڳالهه ڦري گهري معاشي نُقطي تي اچي بيهي ٿي. سنڌي مارڪيٽ جي ٻولي ڪانهي ۽ نه وري ان کي واپاري اهميت آهي. واپرائيندڙن جو هڪ وڏو انگ، جيڪو سڄيءَ دنيا ۾ پکڙيل آهي، اهو سنڌي ڪونهي. جيڪڏهن آهي به ته جيئن سينگاپور، هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ سنڌي هندو آهن، جن جو نئون نسل رڳو نالي ۾ سنڌي آهي- مطلب ته اليڪٽرانڪ ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ لاءِ دروازا بند آهن.

(روزاني ڪاوش، 19 جولاءِ 1999ع)

ڪمال جامڙو

# پاڪستان ٽيليويزن ۽ ويچاري سنڌي ٻولي

مجموعي طور ڏٺو وڃي ته پاڪستان ٽيليويزن جي اردو پروگرامن جي ٻولي، ٽيهه سيڪڙي کان وڌيڪ پنجابي هوندي آهي. خاص ڪري لاهور ۽ اسلام آباد کان اينڊڙ اردو موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ ته ڏهه سيڪڙو اردو نغما ۽ باقي نوي سيڪڙو پنجابي نغما هوندا آهن. جڏهن ته ڪراچيءَ واري مرڪز تان نشر ٿيندڙ اردو موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ هڪ سيڪڙو به سنڌي ڪلام نه هوندا آهن. ان جو ڪارڻ اهو ٻڌايو ويندو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۽ موسيقيءَ ۾ ايتري سگهه نه آهي، جو اُن کي سڄو پاڪستان قبول ڪري. منهنجي خيال ۾ اصل مسئلو اهو نه آهي، پر اسان جي عوامي نمائندن ۽ اسان جي قوم ۾ همت ۽ سگهه نه آهي، جنهن ڪري هڪ شاندار ٻولي ناانصافيءَ جو شڪار رهندي اچي. خير، اهو هڪ ڌار موضوع آهي. هاڻي اچجي ٿو اصل موضوع: "ٽيليويزن تي خيرات ۾ مليل سنڌي پروگرامن جي، ويچاريءَ سنڌي ٻوليءَ" ڏانهن.

هن وقت ٽي ويءَ تي روزانو هڪ ڪلاڪ سنڌي پروگرام هلايا وڃن ٿا. اسان سڀ اهو ڄاڻون ٿا ته ٽيليويزن، سُڌ سماءَ ۽ پيغام پهچائڻ جو انتهائي سگهارو ذريعو آهي. ٻولين ۾ سُڌاري توڙي بگاڙ يا سماج ۾ تبديليءَ لاءِ ٽيليويزن وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. ماڻهو ٽي- وي ڏسي، پنهنجيءَ اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ گهرن جي سجاوٽ ۾ تبديلي آڻين ٿا. سُڌ سماءَ جي سمورن ذريعن جو اهو به فرض آهي ته اُهي نه رڳو ٻولين کي سُڌارين، پر انهن کي وڌيڪ پڪيڙين به. اهوئي سبب آهي ته جڏهن ڪو به ماڻهو لفظن جي اُچارن ۽ جملن جي بيهڪ ۾ مُنجهندو آهي، ته ميڊيا کان مدد وٺندو آهي.

ان سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستان جي حوالي سان آءٌ پنهنجو هڪ

واقعو ٻڌايائون ٿو: 'روزاني برسات' جي آفيس ۾ هڪ دفعي هڪ سب ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر جو، ان ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو ته سب ايڊيٽر ذاتين کي، جيئن سنڌيءَ ۾ ڪنهن عورت جي نالي پٺيان سندس ذات جي جنس مؤنث طور: فلاڻي چانڊڙي، سومري، شيخڻ وغيره چيو ويندو آهي- ائين لکندو هو. نيوز ايڊيٽر صاحب جو ضد هو ته ائين لکڻ غلط آهي؛ هيئنئن لکڻ گهرجي: فلاڻي چانڊيو، سومرو ۽ شيخ وغيره. آخر ڳالهه اتي وڃي پهتي جو سب ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر کي چيو ته 'جيڪڏهن ڪمال چانڊيو، ريڊيي تي مشهور ڳائڻيءَ فوزيا کي فوزيا سومري چوي ته، آءٌ به اخبار ۾ ائين لکڻ ڇڏي ڏيندس.' اوهان ان مان اندازو لڳايو ته اسان وٽ ميڊيا جي ڪيتري پوئواري ڪئي پئي وڃي.

اسان کي افسوس آهي ته اسان جي سُڌ سماءَ جا ذريعا (ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارون) هن وقت ماڻهن جي ٻوليءَ سُڌارڻ بدران بگاڙين پيا. ان سلسلي ۾ انهن ادارن ۾ ڪم ڪرڻ وارا نه رڳو لاپرواهي ڏيکارين پيا، بلڪ ان بگاڙ جا هٿ ٺوڪيا بهانا ۽ جواز به پيدا ڪيو وٺا آهن. جنهن تيزيءَ سان غير فطري انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙيو پيو وڃي، اُن مان وڏو خطرو اِهو به آهي ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اڄ جو لکجندڙ ادب، ۽ اڄ جي سرجيندڙ شاعري ۽ ڳالهائجندڙ ٻولي، ڏهن سالن کان پوءِ اسان جو نئون نسل صحيح نموني سان پڙهي به نه سگهي؛ سمجهڻ ته پري جي ڳالهه آهي. سُڌ سماءَ جي ذريعن جي مهربانيءَ سان، سنڌي لفظن جو جيڪو قتلام ٿئي پيو، اهو هڪ الڳ داستان آهي؛ آءٌ هتي رڳو لفظن جي گرامري بيهڪ ۽ ڦيري جا ڪجهه مثال پيش ڪندس. ان کان سواءِ سنڌيءَ ٻوليءَ جي تحرڪ واريءَ خاصيت ۽ مذڪر مؤنث جي غلط استعمال بابت ٽيليويزن جي سنڌي پروگرامن جي ڪردار کي پڌرو ڪندس.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌي ڊرامو اسان وٽ تمام گهڻو مقبول آهي ۽ ٻين پروگرامن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏٺو وڃي ٿو. ان ڳالهه کان به انڪار ڪونهي ته سنڌي ڊرامي ۾ تمام سهڻا ۽ ٺيٺ سنڌي لفظ ڪتب آندا وڃن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته سنڌي ڊرامي جو گهڻي ڀاڱي

موضوع وڏيرو ٿي هوندو آهي. ڊرامي ۾ جتي بهتر ٻولي ڪتب آندي وڃي ٿي، اُتي اُن جي ڪجهه منظرن ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان ڪچايون به ڏسڻ ۾ اينديون. مثال طور: جيڪڏهن چانهه پيئڻ جو ڏيک، ڏيکاريو ويندو آهي ته، چانهه پيئڻ جي صلاح هن ريت ڪئي ويندي آهي: "سائين، چانهه وٺوا" جڏهن ته سنڌيءَ ۾ "چانهه پيئو" چيو ويندو آهي؛ ۽ چانهه وٺبي دُڪان تان آهي. اهڙيءَ ريت مانيءَ لاءِ به "ماني کائو" نه، بلڪ "ماني وٺو" استعمال ڪيو وڃي ٿو! اوهان ڊرامي ۾ يقيناً اهو جملو ٻڌو هوندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته پاڻ به استعمال ڪيو هوندو: "بابا ڊرائيور کي چئُه ته گاڏي ڪڍي اچي." ڊرائيور گاڏي ڪڍندو نه، پر ڪاهيندو آهي. ٽي ويءَ جي ڊرامي ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون به عام جام استعمال ڪيون وڃن ٿيون، جنهن ڪري انهن جي عوامي استعمال ۾ واڌارو ٿئي ٿو. هڪ طرف اهڙي شاندار ٻولي ڪتب آندي وڃي ٿي ته ٻئي طرف ڪي اهڙا جملا ۽ لفظ به ڪتب آندا وڃن ٿا، جيڪي ڊرامي جي سڄيءَ سونهن کي وڃائي ڇڏين ٿا. ڪجهه عرصو اڳ ٽي ويءَ تان ڊرامو "قربتون" هليو هو، جيڪو تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. ان جي ٽينءَ قسط ۾ هڪ جملو هو ته: "ٿنا جي ٻچي آيل آهي." اهو جملو سڌو سنئون اردوءَ جو ترجمو ٿيل آهي، يعني اردوءَ ۾ ٻارڙيءَ کي "بچي" چئبو آهي، جڏهن ته سنڌيءَ ۾ "ٻچي" لفظ جي ٻي ڪا معنيٰ آهي. ياد رهي ته اِن ڊرامي جو پروڊيوسر پاڻ به هڪ سٺو اديب آهي.

ان کان سواءِ اوهان سنڌي ڊرامي ۾ اهڙا جملا به ٻڌا هوندا، جن ۾ دِل کي مؤنث بدران مذڪر؛ يعني: "منهنجو دل چئي ٿو ته....." ۽ ڪلاس کي مذڪر بدران مؤنث، يعني: "منهنجي ڪلاس مِس ٿي ويندي." ڊرامي جي آخر ۾ هدايت ڏيندڙ پروڊيوسر لاءِ لکيل هوندو آهي ته 'هدايات ۽ پيشڪش' ..... سنڌيءَ ۾ 'هدايت' جو جمع 'هدايات' نه، 'پر 'هدايتون' آهي؛ تنهنڪري 'هدايتون ۽ پيشڪش' يا وري 'هدايتڪار' لکڻ گهرجي.

پين سُٽ سماء جي ذريعي جيان ٽيليويزن تي گرامر جي جري ۽ ندائي حالتن کي پڻ غلط استعمال ڪيو وڃي ٿو. اسان جڏهن به ڪنهن

لفظ کي جملي ۾ ڪتب آڻيندا آهيون ته گرامر جي جري حالت ۾ ان کي چيئن جو تيئن نه، پر تبديليءَ سان استعمال ڪندا آهيون.

گهڻي ڀاڱي مذڪر لفظ جي آخري اکر "و" کي "ي" ۾، ۽ مؤنث لفظ جي آخري اکر جي مٿان "ءَ" ڏيندا آهيون. مثال: 'ڇوڪري ڇا چيو؟' اتي "ڇوڪرو" لفظ جو "و"، "ي" ۾ مٽجي ويندو. اهڙيءَ ريت 'ڇوڪريءَ ڇا چيو' ۾ "ي" جي مٿان "ءَ" ڏنو ويجي ٿو. ٽيليويزن تي روزانو اهڙيون غلطيون ڪيون وڃن ٿيون. مثال طور هڪ دفعي سنڌي خبرن ۾ چيو ويو ته: "سنڌ جو وڏو وزير جناب لياقت علي جتوئي جڏهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ پيٽو جتوئيءَ پهتو ته سندس شاندار استقبال ڪيو ويو." جڏهن ته اهو جملو صحيح هن ريت آهي ته: "سنڌ جو وڏو وزير جناب لياقت علي جتوئي، جڏهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ پيٽي جتوئيءَ پهتو ته ...." اهڙيءَ ريت ڪجهه مهينا اڳ جڏهن ٽنڊي الهيار بوسٽر تان سنڌي پروگرام هلندا هئا، ته تي ويءَ تي جڏهن به ٽنڊي الهيار جي پروگرامن جي سٽاءَ جي سلائيڊ ڏيکاري ويندي هئي ته ان ۾ لکيل هوندو هو: "ٽنڊو الهيار مان اوهان اڄ هي پروگرام ڏسي سگهندا." جڏهن ته اهو 'ٽنڊوالهيار' مان نه، پر 'ٽنڊي الهيار' مان چوڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ آءٌ لاڳاپيل پروڊيوسرن سان لهه وچڙ ۾ به آيس. هُنن منهنجيءَ ڳالهه کي مڃيو ته صحيح، پر عمل نه ڪيو.

سنڌيءَ ۾ سڏ ڪرڻ يا مخاطب ٿيڻ وقت به لفظن جون شڪليون بدلجي وينديون آهن. گرامر ۾ ان کي 'ندائي حالت' چيو وڃي ٿو. ان صورت ۾ خاص ڪري مذڪر اسمن ۽ فاعلن جو آخري اکر "و"، "ا" ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. مثال: ڇوڪري کي جڏهن سڏ ڪبو ته چئبو: "ڇوڪرا هيڏي اچ!" ٽيليويزن تي گرامر جي اُن قانون جي ڀڃڪڙي، خاص ڪري انٽرويوءَ دوران عام ڏسڻ ۾ ايندي. ٽي ويءَ جو پروگرام "پرک" تمام گهڻو مقبول اسٽيج پروگرام آهي، ان ۾ يا ڳالهه ٻولهه جي ٻين پروگرامن ۾ اڪثر ڪري انٽرويو وٺندڙ اهڙيون غلطيون ڪندو آهي. مثال: جيڪڏهن عبدالقادر جوڻيجي صاحب جو انٽرويو ورتو ويندو ته اُن کي هِن طرح مخاطب ڪيو ويندو آهي ته، "سائين جوڻيجو صاحب!

اهڙي بااختيار ڪاميٽي ٺاهي وڃي، جيڪا لاڳاپيل ادارن کي عمل ڪرائڻ تي مجبور ڪري. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪي قانوني ماڻ ۽ ماپا ٺاهيا وڃن ته بهتر ٿيندو.

زيب سنڌي

# ريڊيو تي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال

اِنهيءَ ڳالهه ۾ شڪ ناهي ته ريڊيو، سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ نهايت اهم ڪم ڪيو آهي. ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻولي فقط پرنٽ ميڊيا تائين محدود هئي، پر ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جهڙو سگهارو وسيلو ميسر آيو.

هونئن ته هن وقت حيدرآباد کان سواءِ به سنڌ ۾ ٽي ٻيون ريڊيو اسٽيشنون- ڪراچي، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ موجود آهن، پر حقيقت اِها آهي ته حيدرآباد اسٽيشن جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن. هڪ وقت اُهو به هو، جڏهن هن اسٽيشن تي درست ٻوليءَ ۽ اُچارن تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو ويندو هو. ۽ ٻوليءَ جي ڪا معمولي غلطي به وڏي تنقيد جو نشانو بڻبي هئي. هن ئي اسٽيشن تان عبدالڪريم بلوچ، مهتاب چنا (راشدي)، مصطفيٰ قريشي، روبينه، زرينه بلوچ، عبدالحق ابڙي، ڪامران پيٽيءَ ۽ سيد صالح محمد شاهه جهڙن فنڪارن جا صاف ستا آواز، درست ٻوليءَ ۽ اُچارن سان فضائن ۾ ڦهلبا هئا؛ امر جليل، آغا سليم، شوڪت شوري، قاضي خادم، ٻلاول پرديسيءَ، امداد حسينيءَ ۽ عبدالقادر جوڻيجي جهڙا اسڪرپٽ رائيٽر هتي موجود هئا؛ پر جڏهن حيدرآباد ريڊيو جي هاڻوڪي صورتحال کي ڏسجي ٿو ته اِها ڳالهه ڏاڍي ڏکوئيندڙ ٿي محسوس ٿئي. هروڀرو ائين به نه آهي ته اڄ ڪي درست ٻولي ڳالهائيندڙ هن اسٽيشن تي موجود ئي نه آهن. سيد صالح محمد شاهه ۽ عبدالحق ابڙي جهڙا ماڻهو اڄ به هن ئي اسٽيشن سان لاڳاپيل آهن، پر مجموعي حالت ڪنهن به طرح اطمينان جوڳي نه آهي. اڄڪلهه لفظن جا غلط اُچار، گرامر جون غلطيون ۽ اوپرا لفظ، روز جو ئي نه، پر هر ڪلاڪ جو معمول بڻيل آهن. فقط گذريل ڪجهه ڏينهن اندر، ڪجهه پروگرامن کي ڌيان سان

ٻڌڻ ڪري خبر پئي ته لفظن سان ڪهڙو حشر ڪيو وڃي ٿو. عَدُلَ کي "آدل"، "خراجِ عقيدت" کي "ڪراج عقيدت"، "مُلڪ" کي "مَلڪَ"، "نظريہء پاڪستان" کي "نظريائيِ پاڪستان" ۽ "خان" کي "ڪان" وغيره. ڪيترائي ڌاريا ۽ اوپرا لفظ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ ۽ هيڪ جي روز ڳالهايا ۽ ڏُهرايا وڃن ٿا. جيئن: سامعين، منتخب، مهيا، اهتمام، سماعت، سماجي بهبود، شب بخير وغيره.

ريڊيئي تي ڳالهائيندڙ ٻولي، عام ماڻهوءَ واري سادي ۽ سولي ٻولي هئڻ گهرجي، ڇوته ريڊيئي جي ڪميونيڪيشن پاليسيءَ ۾ عام ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. ۽ اهو به مڃيو ويو آهي ته اسان جي ملڪ ۾ ريڊيئي جا وڏ ۾ وڏ ٻڌندڙ ٻهراڙيءَ وارن علائقن سان واسطو رکن ٿا.

ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي هن دَور ۾، اڄ به اسان جي ٻهراڙيءَ جي عوام جي پهچ ۾ ريڊيو ئي وڌيڪ آهي. جهرجهنگ، وستيءَ واهڻ ۽ ٻنيءَ ٻاري مان ريڊيئي جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. ساڳئي وقت اسان جي ٻهراڙين ۾ تعليم نه هئڻ برابر آهي. جهرجهنگ ۾ مال چاريندڙ يا ٻنيءَ ۾ ڏاندن کي هڪليندي هَرُ ڪاهيندڙ ڪو اڻ پڙهيل ڌنارُ يا هاري، جڏهن هن قسم جو جملو ٻڌندو ته: "معزز سامعين، سماجي بهبود واري شعبي، عوامي فلاح واسطي...." تڏهن اهو هاري ٽيڙ ڪائي ضرور ڪندو ۽ ڌنارُ ڪاوڙ مان ڪنهن رڍَ ٻَڪريءَ کي لٺ ضرور وهائي ڪڍندو.

زيرِ اضافت. جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي مزاج جي ئي ابتڙ آهي، اُن جو استعمال به عام جام ڪيو وڃي ٿو، جيئن: مشعلِ راه، خراجِ عقيدت وغيره. پر ائين ڪٿي ڇنڇي ته حيدرآباد ريڊيئي تي هر صبح جي شروعات ئي "زيرِ اضافت" سان ٿئي ٿي. روز صبح جو جيڪو پهريون سنڌي پروگرام نشر ٿئي ٿو، ان جو نالو آهي "صبحِ مهراڻ!"

غلط گرامر وارا جملا به توهان کي ريڊيئي تان ٻڌڻ لاءِ ملي ويندا، جيئن: "توهان جي سهڻي سماعتن تائين منهنجو آواز پهچي رهيو آهي." ان کان سواءِ لفظن جي غلط استعمال وارا جملا به ٻڌي سگهجن

ٿا. جيئن: "حاضر آهن اڄوڪين اخبارن مان چونڊ اقتباس." 'اقتباس' اخبارن جي سرخين کي چيو ويو!

اهڙي صورتحال، پروگرام توڙي خبرن واري شعبي، ٻنهي هنڌن تي موجود آهي. ساڳيءَ ريت ريڊئي پاڪستان جي هيڊڪوارٽر اسلام آباد ۾ به، سنڌي خبرن واري شعبي جي صورتحال ان کان مختلف نه آهي: جتان مختلف وقتن تي روز سنڌيءَ ۾ خبرون نشر ڪيون وڃن ٿيون، ۽ انهن خبرن کي سنڌ جي ڇهني ريڊيو اسٽيشن تان ريلي (نشر) ڪيو وڃي ٿو.

مان گذريل ڏهاڪو سالن کان حيدرآباد ريڊئي تان مختلف پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪندو رهيو آهيان، ۽ اتفاق سان ڪجهه عرصو ريڊئي تي پروڊيوسر به رهيو آهيان. پروڊيوسريءَ جي تربيت دوران هڪ ليڪچر ٻڌو هئم. چيو ويو: "عوام ريڊئي جي آواز تي ڀروسو ٿو ڪري، اعتبار ٿو ڪري، اهو ئي سبب آهي، جو ماڻهو ريڊئي جي آواز تي پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ڏانهن ڏسن ٿا، ۽ وقت کي اڳتي يا پوئتي ڪري ٿا ڇڏين." مڃون ٿا ته اها حقيقت آهي، پر ڀروسي جي اهڙي عالم ۾ ريڊئي تي عام استعمال ٿيندڙ لفظن، اُچارن ۽ ٻوليءَ کي به مثالي سمجهي، جيڪڏهن اسان جي ٻهراڙين جو عام ماڻهو ان کي اختيار ڪري وٺي، ته اسان جي ٻولي ڪهڙو روپ اختيار ڪندي!

اها ڳالهه ساراهڻ جوڳي آهي، ته شاهه سائينءَ جي شاعري اڄ به حيدرآباد ريڊئي تان درست اُچارن سان نشر ٿئي ٿي، پر صالح محمد شاهه صاحب جي مهربانيءَ سان: جنهن جي آواز ۾ شاهه سائينءَ جو ڪلام، تحت اللفظ رڪارڊ ٿيل آهي. ان کان سواءِ ڪن ٿورن ماڻهن کي ڇڏي، باقي خلق شاهه جي ڪلام سان اُهو حشر ٿي ڪري، جو هوند ڪنن تي هٿ رکي ڇڏجن.

ڪمپيئرُ توڙي اناؤنسر عام طور تي ريڊئي جو باقاعدي ملازم نه هوندو آهي، ۽ انهن جي اڪثريت جُزوقتي ڪم ڪري ٿي: پر ڪمپيئر يا اناؤنسرُ جو ڪردار، اُن لحاظ کان انتهائي اهم آهي ته هو ئي ٻڌندڙ سان ڳالهائي ٿو. ان ڪري نه فقط سندس آواز، اچار ۽ ٻولي

درست هڻڻ گـهـرجي، پر وقت ۽ حـالتن تي پرک واري نظر سـان گـڏ سندس مـعلومـات جو ذخيـرو بہ مناسب حـدتائين هڻڻ گـهـرجي. يقـيناً اهڙين صلاحيتن وارا ماڻهو ريڊئي تي موجود آهن، پر ان جي ابتڙ بہ ڪي صاحب اسـان ڪي نظر اچن ٿا. ڪجهہ عرصو اڳ جڏهن 'گولڊن هينڊ شيڪ' جي ڻالي ۾ مـاڻهن ڪي نوڪريءَ مان نيـڪالي ڏني پئي وئي، تڏهن هڪ اناؤنسرَ، جيـڪو سـاڳئي وقت هڪ اسـڪول ۾ استاد پڻ آهي، اخبار ۾ خبـر پڙهڻ کـان پوءِ، اخبـار هيٺ ڪري پڇيـو هو، "سـائين اهو گـولـڊن هينڊل ڇا هي؟"

ريڊئي تي پروڊيوسـر ٿيڻ لاءِ تہ ايم. اي تائين تعليم ضـروري آهي، اسـٽيشن تي مـوڪلڻ کان اڳ ڪيـس ڇهن مهينن جي تربيت بہ ڏني وڃي ٿي، ۽ ان کـان پوءِ بہ وقت بہ وقت اداري طرفـان مـختـصـر ڪورس ڪرايا وڃن ٿا. پر اناؤنسـر يا ڪمپيـئر، جيـڪو سـڌوسنئون مائيک وسيلي ٻڌندڙ سان ڳالهائي ٿو، تنهن جو نہ تہ ڪو خاص تعليمي معيار ڏنـو وڃي ٿـو، ۽ نہ ئي ڪيـس باقـاعدي ڪنهن تربيـتي عـمل مـان گذاريو وڃي ٿو.

اها حـقـيـقت آهي تہ ٽي- وي، ڊش، وي- سي آر، ڪـمـپيـوٽر، انٽرنيٽ ۽ اليـڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻين ذريعن جي موجودگيءَ ۾ بہ سڄي دنيـا اندر ريڊئي جي پنهنجي اهمـيـت مـوجود آهي، ۽ خاص طور تي سـائنسي ۽ تعليـمي طور پوئتي پيل اسـان جي قـوم لاءِ ريڊيو وڏيک اهميت رکي ٿو، ۽ عـام مـاڻهوءَ لاءِ تفريح سـان گڏوگڏ تعليم ۽ تربيت جو وڏيک اثرائتـو ذريعـو ثابت ٿي سگهي ٿـو. نہ فـقط اهو، پر ريڊيو ٻوليءَ جي واڌاري، سڌاري ۽ ڦهلاءَ ۾ بہ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿـو، جيـڪـڏهن خود ريڊئي جا ذمـيـوار اهلڪـار، ريڊئي جي اهميت لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچين.

ضـرورت ان ڳالهـہ جي آهي تہ سفارش، اقربا پروريءَ ۽ ذاتي پسند ناپسند کان پاسيرو ٿي، پڙهيل لکيل ۽ ڄاڻو ماڻهن کي ريڊئي تي آندو وڃي هر ڪـمـپـيـئر، اناؤنسـر ۽ فنڪـار کي سندس صـلاحـيتن، آواز لهـجي، اُچارن ۽ درست ٻوليءَ جي پرک کـان پوءِ مـائيک اڳيـان آندو

جي. ريڊيي تي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو وڃي، ۽ جيئن ريڊيي جي سيني پروگرامن کي ٻڌڻ ۽ انهن جي معيار بابت رپورٽ لکڻ لاءِ، هر ريڊيو اسٽيشن تي ڊيوٽي آفيسر موجود هوندو آهي، تيئن باقاعدي هڪ ٻوليءَ جي ماهر کي پڻ ريڊيي تي رکڻ گهرجي؛ ڇوته جتي هڪ اسٽيشن سان ڏيڍ به سَو ماڻهو مختلف شعبن سان لاڳاپيل هجن، اتي ٻوليءَ تي نظر رکڻ ۽ درست استعمال خاطر فقط هڪ ماڻهوءَ جي واڌاري ۾ ڪيپائڻ جي گنجائش نه هئڻ گهرجي؛ ته جيئن ٻوليءَ جي غلطين جو به وقت سر ازالو ٿيندو رهي. ان کان سواءِ ريڊيي پاران اناؤنسرن لاءِ ٻوليءَ جي درست استعمال بابت وقت بوقت ليڪچر ۽ تربيتي ورڪشاپ پڻ ڪرڻ گهرجن، جن ۾ ٻوليءَ جي ماهرن کي گهرايو وڃي– ۽ اهو ڪم سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سهڪار سان به ٿي سگهي ٿو، ڇوته لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ذميواري فقط ڪنهن هڪڙي سيمينار ۽ ورڪشاپ تائين محدود نه رهجي وڃڻ گهرجي.

ميرمحمد پيرزادو

# ڪُجهہ ڪَريو يا ڪَرڻ ڏيو

زبان قومن جي جذبن، ريتن، رسمن، رواجن، ڏڻ وارن، محبتن توڙي نفرتن واري جوهر جو مظهر هوندي آهي. ان رستي انهن قومن جو مزاج، سياءَ ۽ رويا توڙي خيال پرکي ۽ پروڙي سگهبا آهن. ڪيڏي بہ ڪا خوبصورت شڪل هجي، بهترين نظارو هجي، سهڻي موسيقي هجي، پر زبان کان سواءِ اها پٿر جي مترادف آهي؛ جيڪو اڇلائي هڻبو تہ نہ ڏسندو پنهنجي ڪي ۽ نہ پرائي ڪي، پر ايذاءَ رسائي وجهندو. زبان رستي "ڪُنُ" ۽ "فَيَڪُونُ" پڌرو ٿيو تہ زبان رستي "الست بربڪم" ۽ "قالو بليٰ" جو ذڪر پڻ ٿيو. زبان سان واعدا وچن ٿيندا آيا. سُر آلاپيا آيا، ڏک ۽ ڏوراپا ڏبا ۽ سٽبا آيا؛ تہ ان زبان جو رڪارڊ، دفتر ۽ نشاني وري ٻولي آهي.

ٻوليءَ کان سواءِ قومن جو تشخص ئي نہ رهندو، تهذيب، ثقافت ۽ علم جو رڪارڊ بہ نہ رهندو، ۽ انساني سماج پنهنجي مڪمل ساخت ۾ رهي نہ سگهندو. رشتن ۽ ناتن جو پرم ڊانواڊول ۽ قرب، محبت ۽ نفرت وغيره جو پتو ئي نہ پوندو. انسان ۽ حيوان ۾ ڪو بہ فرق نہ رهندو. ٻوليءَ کان سواءِ انسان جي اندر جا اُڌما گُهٽجي گهٽجي ساهہ ڏيندا، ۽ اڪثر ماڻهو چرياڻيءَ جي عالم ۾ مبتلا ٿي ويندا ۽ ٻوليءَ کان سواءِ انسان جو جياپو بي مزي، اڌورو ۽ بي سوادو ٿي ويندو.

اهڙيءَ اصل وٽ جو مـاخذ ڪهڙو آهي؟ بنياد ڇا آهي؟ ٻج ڪٿان ٿو اچي؟ انهن سوالن جا جواب هڪ تہ لسانيات جي ڪتابن ۾ ملندا، پيو ان موضوع جي ماهرن؛ ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، سراج ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽرعبدالجبار جوڻيجي، جن وٽ ئي هوندا. مون اڄ ڏينهن تائين ان موضوع تي جيڪي بہ ڪتاب پڙهيا آهن، تن مان مون کي ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي صاحب جن

جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" ۾ انَ سوال متعلق جيڪو جواب ڏنل هو، سو منهنجي عقل هڪدم قبول ڪيو: اهو هو ته:

"ٻولي پيداواري ذريعن ۽ پيداواري قوتن جي باهمي رشتي، ۽ پيداواري اوزارن جي ساخت ۽ پيداواري پورهئي جي نوعيت مان جنم وٺندي آهي."

جنهن ته اقتصادي ترقيءَ جي هر ڏاڪي تي، جيڪڏهن ڪنهن قوم جا فرد ڀاڱي ڀائيوار يا عمل ۾ گڏ نه هوندا، ته سندن ٻوليءَ جي فطري ارتقا رڪجي ويندي. ان سان اُها ٻولي جديد اظهاري تقاضائن جي اهل نه رهندي، ۽ پنهنجي اهميت وڃائيندي ويهندي. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪنهن قوم جي ٻوليءَ کي ايندڙ وقتن ۾ لائق ۽ اهم رکڻ لاءِ، ان جي ڳالهائيندڙن کي اقتصادي ترقيءَ جي عمل ۾، هر ڏاڪي تي نمائندگي هُجي.

رڳو جياپو ۽ جياپي جي ميدان جي اهميت به ڪافي نه آهي، پر ان ۾ تحقيق، مضمون نويسي، ڪهاڻيڪاري، شاعري، فني ۽ فڪري ادب، سماجي، سياسي، اقتصادي، قانوني ۽ سائنسي ادب، ڏام ڏوم سان سرجندو ۽ ڇپجندو رهي ته پوءِ ئي اها ٻولي نه رڳو جياپي جي صورت ۾ هوندي، پر انهن مڙني شعبن جا لفظ پاڻ ۾ رکندي، جن جو مجموعي اثر، ان ٻوليءَ کي ڪنهن سماج جي ڪارگذارين جي بيان ڪرڻ جو بهترين ذريعو هئڻ واري حيثيت ڏيندو- ۽ اهڙي ئي حيثيت ۽ اهليت لاءِ ٻولين جا وارث پاڻ پتوڙيندا آهن.

ٻوليءَ جي اوجر ۽ واڌاري جو اهو ڪم ٽڙيل پکڙيل صورت ۾ ته هلندو رهيو، ۽ اُنَ جي اِن ارتقائي سفر کي ڪيئي سال ۽ صديون لڳيون، جن ۾ اهو سفر جاري رهيو: پر جن جن ملڪن اقتصادي طور صنعتڪار ملڪن جي حيثيت ماڻي ۽ انهن ۾ سائنس جيئن جو تيئن ترقي ڪئي، ته انهن ملڪن جي ماڻهن جي سوچ به صنعتڪاريءَ واري چست ۽ چوبند بڻي، ته فڪري طور سائنسي ترقيءَ سببان ان ۾ عقلي (rational) پرواز، روشن خياليءَ ۽ ترقي پسنديءَ جا رجحان ۽ لاڙا پيا. انهن وٽ سببن ۽ نتيجن، رٿابنديءَ ۽ عملن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جي

پرک لاءِ نظرداريءَ (monitoring) ۽ سموريءَ ڪارگذاريءَ جي رڪارڊ رکڻ جو رجحان وڌو.

ان لاءِ تعليمي ميدان ۾ پرائمري، سيڪنڊري، گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن لاءِ ادارا جڙيا ۽ سائنس جي ترقيءَ لاءِ ليبارٽريون ۽ انهن جي رابطي لاءِ ادارا ٺهيا. اهڙيءَ طرح لسانيات جي علم (linguistic science) کي به علمي بنيادن تي (scientifically) ورتاءَ هيٺ آندو ويو. ان جي جاگرافي، گرامر، صورتخطيءَ، نحوي ساخت، نوَن لفظن جڙڻ جي ڪاٿي، پڻ لفظن جڙڻ ۽ اچارن وغيره جي نواڻ کي خود نظر ۾ رکڻ خود چڪاسڻ (Monitor ڪرڻ) جي اهميت کي محسوس ڪيو ويو. سماج جي مختلف ڌنڌن ڌاڙين ۽ مختلف طبقن جي واسطن، تهذيبي ۽ ثقافتي پيش رفت مان جُڙندڙ لفظن کي يڪجاءِ ڪري، سوڌي سنواري، اصل شڪل شبيهه ۽ اُچار جي صورت ۾ مجموعيت بخشڻ جي ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ، مختلف خطن ۽ علائقن ۾ ان جي اُچار جي نجيٽي کي بحال رکڻ لاءِ؛ گڏوگڏ هلندڙ ٻين ٻولين جي لفظن گهڙڻ اچڻ واري روَ کان ٻوليءَ کي صاف ڪرڻ لاءِ، ۽ ٻين ٻولين جي اُچارن، گرامر ۽ جنس بابت اچارن واربن تبديلين کي ڪڍي، اصل ۽ نج اُچار سان ان کي بحال رکڻ لاءِ ان جون ڊڪشنريون ۽ اينسائيڪلوپيڊيائون مرتب ڪرڻ لاءِ ڪن جاڻو ماڻهن، لسانيات جي ماهرن جي نظرداريءَ ۾ اهڙن ادارن قائم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندي، لسانيات ۽ ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، ٺهڻ ۽ بگڙڻ مٿان جانچ پڙتال (monitoring) رکندڙ ادارا پڻ قائم ڪيا؛ جن تمام وڏا وڏا ڪم ڪيا ۽ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪافي ڪارناما سرانجام ڏنا.

اسان سنڌين جو پڻ انيڪ ٻولين سان واسطو پيو آهي. ڪن سان فاتح جي حيثيت ۾، تہ ڪن سان گڏ رهندڙ جي حيثيت ۾. سنڌ موهن جي دڙي کان وٺي ٻوليءَ وارو خطو رهي آهي. هتان جي ماڻهن مذهبي حساب سان سنسڪرت، هندي ۽ عربي ٻولين سان ويجهڙائي حاصل ڪئي، ۽ سنڌن فاتحن جي ٻولين جي صورت ۾ فارسيءَ ۽ انگريزيءَ ٻولي سان واهپو ٿيو. پاڪستان جي صورت ۾ پنجابي، پشتو،

بلوچي، بروهڪيءَ، باگڙيءَ، اوڏڪيءَ، هَڏِ واڙڪيءَ، سرائڪيءَ ۽ اردو ٻوليءَ سان ويجهڙائي رهي. ٻوليون صحتمند صورت ۾ هڪ ٻئي کي لفظن جا ذخيرا ڏينديون به آهن ته هڪ ٻئي کان وٺنديون به آهن؛ پر ان صورت ۾ ورتل لفظ/ لفظن کي مقامي رنگ ڍنگ ۾ رڱي، ۽ پنهنجو ڪري وجبو ته ان کي لفظن جو واڌارو سڏبو. پر جيڪڏهن انهن کي اصلوڪي لب لهجي، رنگ ڍنگ ۽ اُچار وغيره ۾ جيئن جو تيئن کنيو اچبو، ۽ ان جو متبادل مقامي لفظ آڏو ڏنگيءَ ۾ لکبو رهبو، ته اهو ڌاريو لفظ گاڏڙ چئبو؛ جيڪو مقامي ٻوليءَ جي سموري سونهن، ساخت، لب لهجو، معنيٰ ۽ مفهوم ئي مفلوج ڪري ڇڏيندو. اهڙي لفظ کي استعمال مان خارج ڪري، ٻوليءَ کي صاف ۽ سترو رکڻو پوندو.

اسان وٽ اڳي ته ڇا به هو، پر هينئر صورتحال اها آهي جو اسان شهرن مان ڌڪجي، ٻهراڙين ۾ اچي ويا آهيون. ان حساب سان صنعتي ترقيءَ واري اقتصادي ارتقائي سفر مان اسان کي نيڪالي ملي چُڪي آهي. اسان وٽ صنعتي ترقي محدود ۽ مخصوص علائقي ۾ آندي وئي آهي؛ جنهن سبب شهرن ۽ ٻهراڙيءَ جي سماجي ساخت ۾ ڏينهن رات جو سَنڌو آهي. سنڌي ماڻهو ٽٽندڙ جاگيرداريءَ واري دَور ۾ رهندي، پنهنجي ٻوليءَ جي جُونءِ ٻيهر ارتقا ڪري سگهيو آهي. اردوءَ جي قومي ٻوليءَ ٿيڻ ۽ سنڌيءَ جي صَس مس صوبائي ٻولي ٿيڻ ڪري سنڌي ٻولي ٻئي طرف دٻاءَ جو شڪار آهي، ته ٽئين طرف اليڪٽرانڪ، توڙي پرنٽ ميڊيا جي وڏن وڏن ۽ مکيه ادارن تي سنڌي ماڻهوءَ جي دسترس نه آهي. ان حساب سان انهن ادارن تي اردوءَ جي ڇانيل ڏاڪي پڻ ماڻهن ۾ تهذيبي توڙي لساني ملاوٽ (adulteration) جو رجحان پيدا ڪري ڇڏيو آهي. چوٿين طرف ڊش جي ڪري دنيا ڀر جي حال احوال سان انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ روشناس ٿيڻ سبب، انهن ٻولين جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر ٿيڻ يقيني آهي. انهن چَو- طرفي گهيرن ۾ رهڻ سان گڏوگڏ ورهاڱي وقت سنڌي هندن يا ائين ڪٽي چئجي ته سنڌي آباديءَ جي لڳ ڀڳ سموري وچولي طبقي جي هتان هلئي وڃڻ جو به سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي اثر پيو.

ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ بقـــاءُ ان ۾ ئي هو تہ اسين ٻوليءَ جي سـارسنڀـال لاءِ هڪ نجو ٻوليءَ جو بااختيـار ادارو ٺاهيـون، جيڪو ان ڏس ۾ فقط ٿي فقط ان ڪم سان لڳو رهي ۽ ان ئي ڪم کي مرحليـوار ڪـٺي ۽ منطقي نتيجي تي پهچائي. ان ضرورت سنڌي ٻوليءَ جي هن بااختيار اداري (Sindhi Language Authority) کي جنم ڏنو، جنهن جي پيڙهہ جو پٿر حيدرآباد ۾ رکيو ويو. ان جي بلڊنگ پڻ ٺهي تيار ٿي وئي آهي، جنهن ۾ هن اداري ڪم بہ شروع ڪري ڏنو آهي. هن اداري جو پهـريون چيـئـرمـئن ڊاڪٽـر نبي بخش بلوچ هو، ان کـان پوءِ ڊاڪٽرنوازعلي شوق، ڊاڪٽر نبي بخش جي. قاضي، ممتاز مرزا، امر جليل ۽ حـمـيـد سنڌي صـاحب هن اداري جي چيـئـرمـئن جا فـرائض سنڀاليا. حميد صاحب جي پوسٽنگ جيئن تہ چيئرمئن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي جڳهہ تي ٿي تہ هن اداري جي چيئرمـئن جون ذمـيواريون محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن کي سونپيون ويون آهن؛ جيڪي ٿي هينئر هن اداري جا چيئرمئن آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا صـاحب جن جيـئن تہ ڪنهن بہ تعـارف جا مـحـتـاج نہ آهن، ان لاءِ آءٌ سندن تعـارف ڪرائڻ ضروري نٿو سمجهان، پر جيڪڏهن ڪنهن بہ دوست کي سندس تعـــارف مــعـلوم ڪرڻو هجي تہ هو سندس ڪتـــاب "لاڙ جي ادبي ۽ ثقـافـتي تاريخ" پڙهي ڏسي، يا سنڌالاجيءَ کي وڃي ڏسي؛ جنهن کي ڊاڪٽرصاحب اڏين ٺاهيو، جيئن ڪا جهرڪي ڪک ڪک ڪري آکيري کي ٺاهيندي آهي. اڄ اسان وٽ جيڪو بہ ٻاهريون وي.آئي.پي اچي ٿو، ان کي اسين اها سنڌالاجي ئي ڏيکاري سگهون ٿا. يا وري ڊاڪٽرصاحب جي تعـــارف لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختـيـــار اداري جي جاري ڪيل خبـرنامي ۾، سندس هن اداري جي مـسـتـقـبل ۾ ٿـيندڙ ڪارگذارين ۽ پروگرامن جو جيڪو وچور ڏنل آهي، ان مان ئي پتو پئجي ويندو تہ هيءُ شخص خود ذات اندر ڪو ادارو آهي.

اسـان وٽ اڄ ڏينهن تائين هڪـڙو جملو اسـان جي انهن مڙني تحقيقي ادارن لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي تہ "اهي جيڪي وڏن شهرن جي ايئـرڪنڊيشنڊ هالن ۾ ويهي ڪم ڪندا، تن کي ڪهـڙي خبـر تہ

رهندو سنڌي ادبي بورڊ کي، اسٽاف جي پگھارن لاءِ ملندڙ بجيٽ مان به اڌ کٽي ڏنو ويو؛ جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي دکدائڪ پريس ڪانفرنس پڻ اخبارن ۾ آئي آهي. ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي! لڳ ڀڳ اهڙو ساڳيو حال ٻين سڀني ادارن سان آهي. اسان جا مخير حضرات سياسي راند ۾ توڙي شوق شڪار ۾ ته لکين روپيا اُڏائيندي به ارها نه ٿيندا آهن، پر جيڪڏهن ڪانئن ڪنهن چڱي ڪم لاءِ چندو گهربو ته ست سُربون پڌٽيون پونديون. انَ بدحاليءَ جي حالت ۾ ڪم ڪرڻو ٿو پوي؛ جنهن جو سُورُ به ڪنهن سان روئي نه ٿو سگهجي! پر اسان جا يار جيڪي ميدان کان ٻاهر ويٺا آهن، سي ٿا ميدان ۾ سندرا ٻڌي وڙهندڙن کي ٽوڪين ته: "جاتنو چونه ٿو هٽينس! وچينءَ تي ڪٽي، ڦيرائي ڦيرائي دسينس چونه ٿو؟ دير ڇاجي آهي!؟"

ڇا وڙهندڙ وٽ ڏانءُ نه آهي يا پنهنجي فتح اکئين ڏسڻ نه ٿو چاهي؟ يا جيڪا جنگ جوتي بيٺو آهي، تنهن ۾ سنجيدو ناهي؟ يا مورڳوئي حالتن جو جائزو وٺي رهيو آهي ته ڪيئن ڪجي ۽ ڇا ڪجي؟ راند کي ٿيڻ ڏجي ۽ وارا ڏسي مزو ماڻجي؛ پر ڪنهن کي اجايو سجايو دسترب نه ڪجي ته ان ۾ ئي عاقبت آهي. هاٿي گهٽو ٿي ڇڪو، اها جنگ جي ميدان کان ٻاهر ويهي تيس ماري ڪرڻ هاٿي بند ٿيڻ گهرجي. ذاتي مفادن لاءِ ايترو ڪِرڻ، غليظ ٿيڻ ۽ ايڏو نيچپڻو اختيار ڪرڻ، جو انسانيت جو وقار پيو مجروح ٿئي، ۽ شرم کان ڪنڌ جُهڪيو ٿو وڃي. هتان جي ادارن کي پنهنجي ذاتي مفادن ۽ خواهشن جي پيٽ ڇاڙهڻ جا ملڪين ملڪين ۽ ڏيهه پرڏيهه قصا پهچي چڪا آهن. هاڻ ڪنهن اورَچ، باصلاحيت محقق ۽ دانشور کي اگر ڪجهه ڏني نٿا سگهو ته ڏکوبو ته نه! اگر ساڻ ڏيڻ جا عادي نه رهيا آهيو ته تنگَ ڇڪڻ واري ڪُڌي ڪرتوت کان ته پاسو ڪريو. جوبه چَوٽو اٿوَ، تنهن لاءِ هن اداري جا وڏا دروازا ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙن جون ڪشاديون دليون هميشه هرڪنهن جي لاءِ دَايل آهن. سڌا اچو. حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ پروفيسر شمشاد سومري وٽ، جيڪي اينسائيڪلوپيڊيا لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن

حافظ محمد بخش خاصخيلي

# سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي سُونهپَ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سونهيل ڪم پٽاندڙ منهنجي آڏو ماهوار ٽي رسالا آهن. انهن رسالن ۾ ليکڪن جيڪي ليک لکيا آهن، تن جي سنڌي سونهپَ (صورتخطيءَ) تي، مون کي ٽپڻو (رايو) ڏيڻو آهي. اُهي رسالا هي آهن:

**"ماهوار بيداري"** رسالي جا جنوري ۽ فبروري ١٩٩٩ع جا ٻہ پَرچا- ۽ ٽيون پَرچو **"ماهوار شريعت"** جو آهي.

بيداري رسالي جو مُکياري بدرالدين پُنهو صاحب آهي ۽ اشفاق احمد پنهو صاحب، شفيع محمد يوسف صاحب، عبدالرحمان جتوئي صاحب ۽ مولانا محمد خالد ميمڻ صاحب سندس ساٿياري آهن ۽ سائين محمد موسيٰ پُنهو صاحب هِن رسالي جو موکي آهي.

ٻين سڄڻن سان منهنجي جاڻ سڃاڻ ڪانهي، پر سائين محمدموسيٰ پنهي صاحب سان ڪي گهڙيون گڏ گهاريون اٿم، جيڪو پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو پارکو ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ جوڳي آهي؛ ان ڪري لئي پَٽي هِن رسالي جي لپي ڏاڍي چڱي آهي. ٻي ڳالهہ تہ گهڻو ڪري هِن رسالي ۾ ميچتا وارا ليکڪ هوندا آهن. ليکڪ پاران هِن رسالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سِٽاءَ ۾ عربي، پارسي، ۽ انگريزي لفظ گهڻا سِٽايا ويندا آهن، جيڪي لفظ ويتر ٻوليءَ جي سونهن وڌائيندا آهن. مون ٻيئي پرچا جاچيا ۽ واچيا آهن، جن ۾ مَٿين ٻولين جا گهڻا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي مالها ۾ اهڙي سُٺي نموني ۾ پويا ويا آهن، جهڙوڪر هڪ رنگي هار ۾، رنگارنگي گُل هُجن.

تنهن هوندي بہ ڪِن ڪِن ليکڪن ڪان ڪي لکيت ۾ چُڪون پئجي ويون آهن، جن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

**مثال (١):** "ڪراچيءَ جو مسئلو" : هِن مضمون ۾

عبدالڪريم عابد صاحب سٽ لکي آهي تہ: "انهن جي زمين تنگ آهي" ، لکڻ کپندو هو تہ، "انهن جي زمين آهي ئي ڪانہ" .

(٢) "سنڌ، سرحد، بلوچستان وڏا علائقا آهن." لکجي ها تہ "وڏا صوبا آهن" .

(٣) "پنهنجي علائقن ۾" : لکجي ها "پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي" .

(۴) "بلوچي" بدران بلوچ لکجي ها.

(٥) انهن جي تعداد : سنڌيءَ ۾ تعداد "نَرَ" آهي، ۽ اردوءَ ۾ مادي؛ لکجي، 'انهن جو تعداد.'

(٦) ١٨ صفحي تي: "معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن کي دنيا جي هر ڪمَ مان واندڪائي ملي آهي" . جملو غلط آهي، لکجي: "شايد مسلم قوم کي هر ڪم بدران واندڪائي ملي آهي.

(٧) ڪُرڙيون گهي گهي: لکجي، 'ڪُرڙيون هَٿي هَٿي' .

(٨) ١٩ صفحو: لکيسو ويو آهي: "جَن جي اولاد" : سنڌيءَ ۾ اولاد مذڪر آهي، ان ڪري لکجي: "جن جو اولاد" .

(٩) عربن ملڪن ۾. لکجي: "عربن جي ملڪن ۾" .

(١٠) "پَر، سندس دولت ۽ دنيا جو" ....؛لکجي: "پر ڪيس دولت ۽ دنيا جو...."

(١١) صفحو ٣٠: "اندر جي بُتن سان غفلت" – لکجي؛ "اندر جي بُتن کان غفلت."

(١٢) صفحو ۴٢: "جتي ويهہ ويڙ ڪري" ؛ لکجي: 'جتي وهُ ويڙ ڪري' .

(١٣) "هو جي ڏهائي ڏيهہ جا، تن ڀُڻ مُنجهي مت" لکجي: 'هو جي ڏاها ڏيهہ جا...'

(١۴) صفحو ٥٠: "پنهنجي حق جو، ٻئي جي لاءِ ايثار ڪر" ؛ لکجي: "پنهنجي حقَ منجهان ٻئي لاءِ قرباني ڪَر" .

(١٥) صفحو ٥٢: "مالي لين دين" ، لکجي: 'مالي ڏيتي ليتي' .

(١٦) صفحو ٥٧: "اسان جي نَئين نَسل" ، لکجي: 'اسان جو نئون نسل' . سنڌيءَ ۾ نسل مذڪر آهي.

(۱۳) صفحو۲۳: "سيتب کي ڪرڪنا ڪرڻ ۾" : لکجي، "سيٽ اپ کي ڪرڪٽي ڪرڻ ۾..."

(۱۴) صفحو۳۷: "يا رسول واهر اچي ويئي" : لکجي "يا رسول دشمن اچي ويا" واهر، مددگار جي معنيٰ ڏئي ٿي.

(۱۵) صفحو۳۷: "۽ .. دم ستارا ڏسي"...: لکجي، "۽ پُڇڙ تارا ڏسي..."

(۱٦) صفحو۴۴: "همايون ايران ۾ پناهه ورتي" : اها ڳالهه غلط آهي، همايونءَ سنڌ ۾ پناه ورتي ۽ "اڪبر ايران ۾،" نه پر سنڌ ۾ ڄائو هو.

(۱۷) صفحو۵۱: "اڳٿان هلي ڪري" : لکجي: "اڳتي هلي ڪري."

(۱۸) صفحو۷۲: "داستان بڌائڻ شروع ڪني"...: لکجي، "داستان بڌائڻ شروع ڪيو" . داستان سنڌيءَ ۾ مذڪر آهي.

(۱۹) صفحو۸٦: .... "نظر سان ڏکو وجي"...: لکجي، "نظر سان ڏنو وجي...."

(۲۰) صفحو۸۸: "ويچارو بڙباٽو".....: لکجي، "ويچارو پاتڙو"......

(۲۱) صفحو۹۰: "وري ڏي وَسَ جون..." : لکجي، "وري وڏيءَ وَسَ جون..."

ماهوار رسالو شريعت– نومبر1998ع

**مکياري:** مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب ۽ **ساٿياري:** جمال ناصر چاچڙ صاحب ۽ شاه فيصل سنڌي صاحب

هن رسالي ۾ ليکڪ وڏا عالم آهن، ٻولي سهڻي لکن ٿا. عربي ۽ پارسي لفظن کي گهڻو استعمال ۾ آندو ويو آهي، پر زبان عالمانا انداز ۾ آهي؛ ان ڪري سنڌي وڌيڪ سُهڻي سڻاءِ سان مالامال ٿيو وڃي. ڪجهه رايا عرض رکجن ٿا:

(۱) صفحو۵: ... "پاڻ مراد ورتو وجي"...: لکجي... "مراد ورتي وڃي" . سنڌيءَ ۾ مراد مونث آهي.

(۲) صفحو۸: "ڪانگريس هندو قوم..." – ڪانگريس جماعت جو نالو آهي، اُن ۾ مسلمان به آهن.

(٣) صفحو١٢: "۽ رخصتي اٿارنهن مهين" ...: لکجي: "ارڙهن مهين" ....

(۴) صفحو٢٠: "شوق ۽ جذبو هاڻ ڪاٺ آهي" : لکجي: "هاٺي ڪونہ رهيو آهي."

ٻنهي رسالن جو ڇيد:

هي رسالا مذهبي جاڻ ۽ اسلامي معاشري لاءِ چڱا رسالا آهن، پر تاريخ ۽ نظريي پٽاندر ڪن مضمونن ۾ ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق جي ضرورت آهي، جيڪو جدا موضوع آهي.

منهنجو مقصد رڳو مذڪور رسالن ۾ "سنڌي ڪيئن لکجي"، ڌاري ٻوليءَ جي لفظن جي جاءِ تي سنڌي لفظ ڪهڙا هجن، اُن بابت رايو ڏيڻو هو. ان لاءِ پنهنجي جاڻ موجب "جملاتي" رايا عرض رکيم. باقي ڌاري ٻوليءَ جي "لفظن" تي رايو هيٺ عرض رکجي ٿو:

(١) فروخت: وڪرو

(٢) فورس: سگهہ

(٣) چُنانچ: جيئن تہ، جهڙي ريت

(۴) قتال: ڪُهڻ، ڪوس،

(۵) طاغوتي: ڏاڍ ڪندڙ، مٿي ڦريل

(٦) زير و زبر: هيٺ مٿي

(٧) سرشار: ٻُڏل، سرؤن تار

(٨) حرص وَ هوس: لوڀ ۽ لالچ

(٩) لائحہ عمل: رٿابندي

(١٠) قيادت: اڳواڻي

(١١) انتشار: ڏقيڙ

(١٢) افراتفري: مهَجَل، ڦڙڦوٽ

(١٣) مُتعَين: جوڙڻ، مقرر ڪرڻ

(١۴) سمت: پاسو، طرف

(١۵) باهمي مفاهمت: گڏيل ناھ

(١٦) انتقام: وير

(١٧) مصالحت: چگاني
(١٨) انقلاب: اُٿل پُٿل
(١٩) وسعت ظرفي: وڏي گُجي
(٢٠) تَنها: اڪيلو
(٢١) تقسيم: ورهاڱو
(٢٢) زُعم: گهمنڊ
(٢٣) فُقدان: پِينگ، ڪوٽ
(٢٤) همہ جُهتي: سڀين پارين
(٢٥) تعداد: ڳاڻيٽو، ڳڻپ
(٢٦) تبديل ڪُنده: مَٽايَل
(٢٧) ضياع: ڇيهو
(٢٨) بيش بَها: اَمُلهہ
(٢٩) ظلم: هاجو
(٣٠) مجموعو: ميڙ
(٣١) شتربان: اوٺي، جَت
(٣٢) بَوَقتِ دقت: جاکوڙ جو ٽاڻو، مشڪل وقت، ڏکئي وقت
(٣٣) مصيبت: هَڇَا
(٣٤) نحوست: نِپاڳ
(٣٥) هاسپيٽل: اِسپتال
(٣٦) سماعت و بصيرت: ٻُڌڻ ۽ ڏِسڻ
(٣٧) ارتقا: واڌ، واڌارو
(٣٨) نُطفو: ڦُڙو
(٣٩) ائٽم: اَڻو
(٤٠) تَنزل: هيناهين، لاٿ
(٤١) عروج: مَٿي
(٤٢) نِروان: آجائي، ڇوٽڪارو
(٤٣) متوازن: ماپيل، ڪَٽيل
(٤٤) متحرڪ: چرندڙ

(۴۵) قُفل: ڪُرف
(۴٦) احتياط: سنڀال
(۴۷) دانستہ طور: ڄاڻي واڻي
(۴۸) متشددانہ: ڏاڍائپ وارو
(۴۹) طويل: ڊگھو
(۵۰) تذڪير: ياڪائي
(۵۱) توانائي: سگھہ
(۵۲) مربوط: ڳنڍيل، ڳنڍيل
(۵۳) اَحياءُ: جياپو
(۵۴) ڪالڪ: ڪارنهن
(۵۵) خورد و نوش: ڪائڻ ۽ پيئڻ
(۵٦) لاحق: لاڳو
(۵۷) دانشڪده: ڄاڻ جو گھر
(۵۸) مراعات يافتہ: ڇُوٽ ڏنل
(۵۹) ترجيحات: لاڙو
(٦۰) ذَره ذَره: پور پور
(٦۱) ثقيل: ڳرا، ڳؤرا
(٦۲) جِلد: چمڙي
(٦۳) ڪوه و دشت: جبل ۽ رڻ
(٦۴) گھَٽا: ڪَڪَر
(٦۵) ليل و نهار: رات ۽ ڏينهن
(٦٦) دهشت: ڊپ، هراس، ڀؤ
(٦۷) لغزش: لوڏو
(٦۸) فاسد: جهڳڙالو
(٦۹) انگشت بہ دندان: ڏندين آڱريون
(۷۰) مُتنازع: جهگڙي ۾ آيل
(۷۱) مطعون: ڇٽِر هيٺ، ٺوڪيل.
(۷۲) توضيح: ڇنائي

(۷۳) بَري: چِٽل، آجو
(۷۴) نقصان برداشتن: ٽوٽو سَهڻ
(۷۵) مخلوط تعليم: گڏيل پڙهائي
(۷٦) مجرد: ڇڙو، اڪيلو، نَگهرو
(۷۷) عدت: مُدو
(۷۸) مرجع خلائق: ماڻهن کي موٽائڻ
(۷۹) افراط و تفريط: وڌايل ۽ گهٽايل
(۸۰) صراط مستقيم: سڌي واٽ
(۸۱) اعمال: لَڇَڻ، ڪم
(۸۲) مُدير يا ايڊيٽر: مُکياري، سموهيندڙ
(۸۳) مستور: ڍَڪيَل
(۸۴) ناقع: ڏاچي
(۸۵) سوئے مدينا: مديني وارو پاسو
(۸٦) چارسو: چارئي پاسا
(۸۷) لعيت ولعل: ٽالَ مَٽول، دير، ليت
(۸۸) دست پَناه: چِمٽو
(۹۰) نظام: جوڙجڪ
(۹۱) ارض و سماء: زمين ۽ اُڀ
(۹۲) آدم: ماڻهو
(۹۳) قليل: ٿورڙو
(۹۴) ڪثير: گهڻو
(۹۵) بيداري: سُجاڳي
(۹٦) اعتماد: ڀَروسو. وغيره

نوٽ: لکندڙ، ٻي ٻُوليءَ جو لفظ لکي ته اهو ڏنگين ۾ پٺلي لکي، اڳ ۾ سنڌي لفظ لکجي.

(۲) ڪي ليکڪ لکڻ ۾ خاص اڌار ڌيا رکن، اهي ٻيا لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن تا آڻين، جو ٻوليءَ جو روح قائم رهي ٿو. مذڪور رسالن ۾ سنڌي ٻولي پڻ لکي وئي آهي.

محمد پناهه ڦرڙو

# ٽه ماهي ’مهراڻ‘ تي نظر

هر عقل وارو سوچي ڳالهائيندو آهي ۽ هر ڏاهو ليڪڪ سمجهي پوءِ لکندو آهي: اهو ان لاءِ ته جيئن سياڻن ۽ سيبتن جي اڳيان غلط بياني سبب کلڻ هاب نه ٿيڻو پوي. درست نموني ڳالهائڻ ۽ لکڻ لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن قانون جوڙيا آهن. انهن قانون جي مجموعي کي گرامر، وياڪرڻ ۽ صرف و نحو چيو ويندو آهي.

ٻوليءَ جي وصف هن ريت ٻڌائي وئي آهي:

”ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ گروپ يا ٽولي مان، ننڍو ڳالهائي وڏو سمجهي: وڏو ڳالهائي ننڍو سمجهي: عورت ڳالهائي مرد سمجهي: مرد ڳالهائي عورت سمجهي: ڳوٺاڻو ڳالهائي شهري سمجهي ۽ شهري ڳالهائي ته ڳوٺاڻو سمجهي.“

اهڙيءَ طرح تحريري ٻوليءَ جي وصف به اهڙي ريت ٿيڻ گهرجي:
”ننڍو لکي ته وڏو پڙهي ۽ سمجهي وڃي: وڏو لکي ته ننڍو پڙهي ۽ سمجهي وڃي: عورت لکي ته مرد پڙهي ۽ سمجهي وڃي: مرد لکي ته عورت پڙهي ۽ سمجهي وڃي وغيره.“

اسان جي سنڌي رسالن ۾ ٽه ماهي **”مهراڻ“** کي مثالي حيثيت حاصل آهي. جڏهن به سنڌي ٻوليءَ جي رسالن جو ذڪر نڪرندو آهي ته اسان فخر سان ٽه ماهي مهراڻ کي پيش ڪندا آهيون.

حقيقت هن ريت آهي ته مهراڻ رسالي جا ٻه دَور آهن: هڪ مولانا غلام محمد گرامي مرحوم وارو ۽ ٻيو سائين گراميءَ کان پوءِ وارو. مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر جي حيثيت سان گرامي صاحب جي ”گذارش“ عنوان سان لکيل ايڊيٽوريل نوٽن کي سنڌي ادب ۾ سر موڙ جي جاءِ ماڻي آهي. آهي ڪو مائيءَ جو لال، جو ان مان غلطيون ڪڍي؟ ڪر مون جهڙو پرائمري استاد بنيادي طور سنڌي فائينل پاس: ٻئي دَور

جي ايڊيٽرن جي ايڊيٽوريلن تي ٽيڪاٽپڻي ڪري سگهي ٿو.

اسان مهراڻ جا عادي ۽ بنيادي پڙهندڙ آهيون. اسان کي پهرئين دور ۽ ٻئي دور ۾ زمين آسمان جيترو فرق نظر ٿو اچي. ٿي سگهي ٿو ته منهنجا ويچار غلط هجن، تنهنڪري توهان جهڙن سڄاڻ سپوتن ۽ سپورنج ڏاهن استادن اڳيان اهي ويچار ونديان ٿو.

خدارا! منهنجي ها سان ها نه ملائجو، جتي غلط هجان اتي مون کي غلط چئي ۽ منهنجي رهنمائي ڪجو. مون نموني طور ٻه رسالا هٿ ۾ ڪنيا آهن ۽ انهن تي پنهنجي ڄاڻ آهر ٽيڪا ٽپڻي ڪريان ٿو:

**مهراڻ، جلد۳، نمبر۳، جولاء، آگسٽ ۽ سپٽمبر ۱۹۸۵ع**

عنوان: گذارش

ايڊيٽر صاحب لکي ٿو: "ٻوليءَ جي مايداري ۽ عظمت کان انڪار صرف اکين کان سڄا ئي ڪري سگهن ٿا."

لفظ "مايداري" نه آهي پر "مائيداري" آهي.

اڳتي هلي لکيو ويو آهي: "متعدد ٻيا ڏکوئيندڙ نقطا به موجب پئي رهيا آهن."

نقطا معنيٰ ٽپڪا، جڏهن هت مقصد آهي مسئلا، جنهن لاءِ لفظ "نُڪتا" لکبو آهي. ايڊيٽرصاحب کي نقطا ۽ نڪتا ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي. ان جملي ۾ "موجب" لفظ خبر نٿي پوي ته ڪهڙي مفهوم جي ادائگيءَ لاءِ ڪم آندو اٿس؛ اتي ٺيڪ ٿيڻ ڪپي "موجود".

هڪ هنڌ لکي ٿو: محشن ڀوپالي، جڏهن ته اصل اهو نالو آهي 'محسن ڀوپالي' . محسن ۽ محشن ۾ فرق صاحب کي نظر نه آيو آهي. اگر اها پروف جي غلطي آهي ته پڇجڻ کان پوءِ ايڊيٽرصاحب نظرثاني ڇونه ڪئي؟ پلنامو به ڏئي سگهجي پيو.

اڳتي لکيو اٿس: "ٻاهرين ملڪن ۾ نهايت قيمت ٿئي ٿي" . هن جملي ۾ "نهايت" لفظ کان پوءِ "وڏي" يا "گهٽ" صفت جو لفظ نه لکي، جملي جو مفهوم منجهائي ۽ مبهم ڪيو ويو آهي. اگر پڙهندڙ گڻ صفت جي جاءِ تي اوگڻ صفت جو خيال ڪري ته مقصد ڦري ٿيندو "ٻاهرين ملڪن ۾ نهايت گهٽ قيمت ٿئي ٿي" - ته پوءِ ايڊيٽر صاحب

ڪيئن پڙهندڙن کي سمجهائيندو؟ وري اڳتي لکيو اٿس: "ميوزم کي مايه دار بنائڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي آهي-" مٿي اهو لفظ گڏي لکيو ويو آهي ۽ هت ڌار لکيـــــو ويو آهي، پڙهيو تہ پڙهندڙ ان لفظ جي صورتخطي ڪهڙي ڪم آڻي؟ هت اهو ٻڌائڻ لازمي آهي تہ مايداري ۽ مايه دار لفظ غلط آهن، اصل صورتخطي مائيداري ۽ مائيدار ٿيڻ گهرجي.

ايڊيٽرصاحب لکيو آهي: "جيئن ورندڙ پرچي ڪان اهو ڪالم شروع ڪجي."

هت ورندڙ پرچي جي جاءِ تي لکڻ گهربو هو، "ايندڙ پرچي"- ورندڙ ۽ ايندڙ لفظن جي فرق کي ايڊيٽرصاحب نٿو ڄاڻي.

وري لکيو ويو آهي: "توجهہ ڪانہ ٿي آهي". مانواري ايڊيٽر کي اها خبر نہ آهي تہ توجهہ مذڪر آهي يا مونث. ڪنهن بہ اسم، ضمير، صفت يا فعل جي جنس معلوم ڪرڻ لاءِ گرامر جي اصولن تحت او يا اِي پڇاڙيءَ لڳائڻ سان ان جي جنس معلوم ٿي ويندي آهي. اڳتي لکيو اٿس- "اڻ هوند جو ميهڻو ڪرڻ"، اهو اصل ۾ "مِهڻو" هئڻ گهرجي.

- "Performing جا هيرا": هن جملي ۾ پرفارمنگ انگريزيءَ لفظ انگريزي ۾ لکي ايڊيٽرصاحب پنهنجي انگريزي ڄاڻ جو رعب ٿو ڄمائي، ورنہ ان جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ جو ڪو لفظ لکي پئي سگهيو.

مٿين ٿورڙين حقيقتن جي اظهار ڪرڻ ڪان پوءِ اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ ههڙي آدرشي ۽ مثالي رسالي ۾ صورتخطيءَ ۽ گرامر جي حوالي سان ايتريون چُڪون ۽ غلطيون هجن، تہ پوءِ عام قسم جي رسالن ۽ اخبارن جو حشر ڪهڙو هوندو.

## گرامي نمبر، جلد۲۵، نمبر۴، سال ۱۹۷۶ع

عنوان: سڪاٽ

تحرير جو هڪ آدرشي نمونو هئڻ گهرجي، مگر هت ائين نظر نٿو اچي. ڪٿي ذات يا قبيلي ۽ قوم جو نالو، اصل نالي جي پٺيان آهي تہ اتي ني ذات يا قبيلي ۽ قوم جو نالو، اصل نالي جي اڳيان لکيو ويو آهي. مثال: ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي،

سومرو محمد اسحاق راهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

مهراڻ جو پڙهندڙ پنهنجي تحرير ۽ تقرير ۾ کهڙو نمونو يا طريقو ڪم آڻي. اڄ جي جديد تحقيق موجب عالمي ادب ۾ اڳ ۾ ذات، قبيلو يا قوم لکي پوءِ نالو لکيو وڃي ٿو. اسان کي به اهوئي بين الاقوامي قدرن موجب لکڻ گهرجي، جيئن هن ريت ٿيندو:

ڊاڪٽر الانا غلام علي، ڊاڪٽر ميمڻ سنڌي عبدالمجيد، سومرو راهي محمد اسحاق، ڊاڪٽر بلوچ نبي بخش خان- منهنجو هن دَور جي عالمن، خاص طرح سائين الانا صاحب جن کي عرض آهي ته ٻوليءَ ۽ ادب جي ڊاڪٽر، ماڻهن جي ڊاڪٽر ۽ جانورن جي ڊاڪٽر وارو خطاب ڪهڙي جاءِ تي آڻڻ گهرجي، جو پڙهندڙ کي خبر پوي ته هيءُ ڪهڙي قسم جو ڊاڪٽر آهي؟

عنوان: **گذارش-**

لکيو ويو آهي: "گرامي صاحب گذاري ويو. انهن ٿورڙن لفظن جي پوئتان ڪيڏو نه گهرو دک آهي."

هت اهي الفاظ دهرايان ٿو، جن تي مون کي اعتراض آهي:

"پوئتان ڪيڏو نه گهرو دک آهي".

سائين منهنجا! سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ "پوئتان" لفظ نه پر "پويان" ۽ "پٺيان" جا لفظ ڪم ايندا آهن. "ڪيڏو نه گهرو" جي جاءِ تي "ڪيترو نه گهرو" لکڻ گهربو هو- ۽ "دک" لفظ لکڻ سان سنڌيءَ جي "ڏک" لفظ کي هروڀرو ڇڏيو ويو آهي. دک لفظ ايترو مفهوم ادا نٿو ڪري جيترو "ڏک" لفظ اثر ٿو ڇڏي.

اڳتي هلي لکيو ويو آهي: "اسان جي دل ۾ اٿهيءَ لاءِ دکندو رهندو". اٿهي لفظ جي معنيٰ مفت يا اجايو؛ خبر نٿي پوي ته ايڊيٽرصاحب هت ڪهڙو مفهوم ٿو وٺڻ چاهي؟

وري لکيو اٿس- "اڻ لُڏ ايمان رکندڙ"، پر جي اتي لکجي ها 'مضبوط يا پڪو ايمان رکندڙ' ته جملو تمام سهڻو لڳي ها.

اڳتي اچي ٿو: "ڏرتيءَ جهڙي ٿهليل سيني"؛ مگر اتي لکڻ گهربو هو "ڌرتي جيان ٿهليل سيني" ته وڌيڪ موزون ٿئي ها.

وري لکي ٿو: گرامي صاحب کي Recognisation بہ ڏئي سگھيا سين؟

چا؟ اتي صاحب موصوف انگريزي لفظ ريڪگنائيزيشن جي بدران قدر ۽ سڃاڻپ جهڙا لفظ لکي نہ پيو سگھي.

سائين منهنجا! هيءُ جملو پڙهو!

"سنڌ جو نئون نسل آئيندي جي باک جي ساک هو هن لاءِ".

ڇا هيءُ آزاد شاعري آهي، جو اسان ايڊيٽر صاحب کي معاف يا درگذر ڪيون. ٻوليءَ جي لاءِ گرامر جا جيڪي قانون آهن، تن جي ڪابہ پرواھ نہ ڪئي ويئي آهي. اگر اهو جملو هيٺن لکجي ها تہ گرامر جي اصولن تحت درست ٿئي ها:

"هن لاءِ سنڌ جو نئون نسل آئيندي جي باک جي ساک هو."

جملي ۾ فاعل، مفعول ۽ پوءِ فعل آئيو آهي، مگر صاحب موصوف فاعل پڇاڙيءَ ۾ آڻي، پنهنجيءَ ڄاڻ جي پت وائکي ڪري وڌي آهي.

هي چند حقيقتون عرض آهن. اگر وڌيڪ باريڪ بينيءَ سان ڏٺو ويندو تہ تمام گھڻيون غلطيون نظر اينديون؛ ان ڪري اسان کي گھرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي درستگيءَ جي حوالي سان ڪم ڪريون. جيڪڏهن ائين نہ ڪيوسين تہ ايندڙ وقت ۽ نسل اسان کي هرگز معاف نہ ڪندو، جي صلہ رحمي ڪندا رهياسين تہ پوءِ ٻوليءَ جا سنپوٽ نہ سڏباسون.

الهنواز "نواز" رڪنائي

# سنڌي رسالن ۾ ٻوليءَ جو استعمال

جنهن ٻوليءَ ڪي پنهنجو معاشرو ۽ پنهنجي ڌرتي آهي، اها ٻولي فطري اصول موجب وڌندي ويجهندي رهندي. اسان جي پنهنجيءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي پيرن کوڙڻ لاءِ پنهنجي صدين کان پلاري تاريخي پونءِ آهي، جتي اسان جي ٻولي واڌاري جون منزلون پار ڪندي پني اچي. ٻولي ئي انسان جي خيالن جي اظهار جو وسيلو آهي. هرڪا ٻولي پنهنجي ڌرتيءَ جي سماج جي سڃاڻ، ماحول جي تبديلين ۽ انساني ارتقا سان گڏ ايرندي ۽ اُسرندي رهي ٿي. باٿر جي راءِ مطابق: "بهترين ٻولي اها آهي جنهن جو بنياد سماج، سماجي قدرن ۽ روايتن تي رکيل هجي".

اسين پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ سوچينداسين ته اها پنهنجي سماجي قوتن ۽ سٺي ماحول سان مالا مال آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي علم ادب جو خزانو ۽ لغت موجود آهي. جنهن ٻوليءَ کي لطيف، سچل ۽ ساميءَ جهڙا شاعر آهن، تنهن ٻوليءَ جون پاڙون ڪيئن نه پاتال ۾ هونديون. جيسين هيءَ پونءِ قائم دائم آهي، اها ٻولي صفحہ هستيءَ تان مٽجي نه سگهندي. جن ٻولين کي فطري سگهه آهي، سنڌي ٻولي به انهن مان هڪ وسيع ۽ سگهاري ٻولي آهي. عربن حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ ايران فتح ڪيو ته موجوده ايران جي فارسي زبان ۾ ٨٠ (اسي) سيڪڙو عربي لفظ ملي ويا، يعني فارسي زبان ۾ پنهنجا قديم لفظ ويهه سيڪڙو وڃي رهيا، پر عربن قريباً ٣٠٠ سال سنڌ تي حڪومت ڪئي، پر سنڌي ٻوليءَ ٥ سيڪڙو لفظ به عربي ٻوليءَ جا برداشت يعني قبول نه ڪيا. چند لفظ سالم حال ۾ ڪنيائين، باقي ڪيترن لفظن جي صورتخطي ئي مٽجي وئي، جن کي عربي ٻوليءَ جي لسانيات جا ماهر به ڳولي نه سگهندا. چند لفظ هت مثال طور

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شرح ۾ ميه (مِنهَن) لفظ جي معنيٰ آندي آهي "تيرن جي جهولي". 'ميه' لفظ جنهن ۾ هاڻي "ن" غنون ڏني لکون ٿا، مِنهُن يا بهاني جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي. بيت ۾ آيل معنيٰ ٿي ته "اي حبيب! هٿ مٿي ڪري (ٻنگالهي يعني تير ڪمانن جي مٿان تير رکي به هٿبو آهي ۽ هيٺان رکي به چڙبو). ٻنگالهي ڪمان جي هيٺان ٿورو ڏک لڳي ته مون لاءِ هڪ بهانو پيدا ٿئي، ۽ تنهنجي جهوليءَ ۾ پاڻ کي اُڇلي ڇڏيان. هاڻي اتي "مِنهُن" تيرن جي جهولي ڪيئن ٿو ٿئي!

ٻين ڪلياڻ جي هڪ بيت جي پڙهڻي هيءَ آهي:

قــاتلُ ڪمــاني ڪري، وِهُ مــاڪي جي ڪَن،
وٽان ريهي تن، پيـــنج ڪي پيــــاليـــون.
(داستان-۴، بيت نمبر-٦)

سرڳواسي ڪلياڻ آڏواڻيءَ بيت جي سامهون معنيٰ ۾ لکيو آهي ته 'جيــڪي پنهنجي نفس کي ڪُهي ۽ وِهَ کي مــاکي بنائين، انهن کان وجي فيض حاصل ڪر' . مان عرض ٿو ڪريان ته جيڪي ماڻهو نفس کي مارين ٿا، ڪُهن ٿا؛ اهي ته پلا چنبا، نيڪ ۽ صاحبِ ولايت سڏبا، انهن کي قاتلُ چوڻ ناانصافي چنبي؛ جو قاتل قتل ڪندڙ کي به چئون، (جيڪو انسان جو قتل ڪري) ۽ نفس کي مارڻ واري کي به قاتل چئون. گهٽ ۾ گهٽ لطيف سائينءَ تي اهو الزام نه هڻڻ گهرجي؛ جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو سدا حيات شاعر آهي. لطيف سائينءَ ته ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ جو محاورو ڪم آندو آهي. اهو لفظ "قاتلُ ڪمائي" ناهي، پر "قاتلُ ڪمائي" آهي؛ سخت پورهيو، ڏکي ڪمائي، وڏي رياضت. وِهُ ماکي ڪرڻ آسانُ ۽ سولو ڪم ته ناهي. وهه ماکي وڏي رياضت ڪرڻ وارا ڪندا، هرڪو ته صاحبِ ولايت ٿي نٿو سگهي. اهو ڳڏيل لفظ آهي 'قاتلُ ڪمائي' . اسان وٽ اڄ به ٻهراڙين ۾ چوندا آهن ته 'ڪاٽي ڪٽڻ، ڪٽڪ جو ڳاهه ڳاهڻ، قاتلُ پورهيو يا قاتل ڪمائي آهي' . مان بار بار اهو عرض ڪندو پيو اچان ته هن ڇٽائيءَ واري سائنسي دَور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، شاهه سائينءَ جي رسالي تي به تحقيقاتي ڪَمُ پنهنجي هٿ ۾ کڻي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ ماهيت تي ڌيان ڏئي،

ساڳئي مضمون ۾ هي سنڌي ٻوليءَ جو عالمانه جملو پڙهو ۽ ويچاريو:

"هڪ دفعي حضرت عائشہ کان حضور اڪرم صلعم جن جي خوشبوءِ استعمال ڪرڻ جي باري ۾ پڇيو ويو ته اوهان فرمايو..."
عجيب ٻولي استعمال ڪيل آهي "پڇيو ته اوهان فرمايو-" بروهي صاحب ائين ته ٻوليءَ جي صحت کي نه بگاڙي ها، اتي ته لکڻو هو ته پاڻ فرمايائين، يعني بي بي عائشہ جن فرمايو. اهو ترجمو الائي ڪهڙي جملي جو ڪيل آهي. هت "اوهان جو" بيو استعمال ڏسو- "اسد ابن زراره کي پتو پيو ته ان رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ پاون وارو تخت روانو ڪيو، جنهن جا پاوا ساڳ جا هئا. اهو نرم رسين سان وچ ۾ واڻيل هو. "اوهان" ان تي آرام فرمائيندا هئا..."
هن مان صاف ظاهر ٿيو ته بروهڪي ۽ سنڌي گهوٽي ملائي وئي آهي، نه ته لکڻو هو ته پاڻ ڪريم جن ان تي آرام فرمائيندا هئا.

ساڳئي مضمون جي قسط-١ ۾ ليکڪ صاحب لکيو آهي:
"وَجَهہُ دريافت فرمائي".

وَجَهہَ کي بروهي صاحب مؤنث بڻايو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ وَجَهہُ مذڪر آهي. جملو لکبو 'وَجَهُ دريافت فرمايو.'

تعجب جي ڳالهہ آهي، ته نئين زندگيءَ جهڙي معياري رسالي جي بي توجهيءَ جو اهو مقام آهي، جو آڪٽوبر ١٩٩٧ع جي پرچي ۾ هڪ مضمون، جنهن جو عنوان هو "سهروردي تحريڪ ۽ قلندر شهباز". اهو مضمون اصل ۾ مولانا عبدالحڪيم هاليپوٽي جو لکيل هو، ان صاحب ئي رسالي کي موڪليو. ڪمال اهو ٿيو ته اهو مضمون مرزا ڪاظم جي نالي سان ڇپجي ويو. مولانا اندر جي باهہ ڪڍي اداري کي خط ۾ ڇاڇا لکيو هوندو، ان جي خبر ته مولانا عبدالحڪيم هاليپوٽي ۽ اداري جي همراهن کي هوندي، پر ڳالهہ ته پڌري پٽ پئي آهي ته مولانا کي ڪيڏو نه ذهني ڌڪ آيو هوندو! اجا اهو مضمون مرزا اجمل بيگ صاحب جو هجي ها ته پوءِ بيگ جي ڪري ڀُل ڪٿي سمجهجي ها، پر هي ته هاليپوٽي سان هيڏو هاڃو ڪيو ويو. شڪر ٿيو جو مولانا جي گرم

رضا لانگاهہ

# رسالي ”سنڌ لائين“ ۾ ٻوليءَ جو استعمال

چوندا آهن تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ان ٻوليءَ جي لکڻ ۽ پڙهڻ سان ٿيندي آهي. اسان جتي ڏسڻ اينٽينا ذريعي پوريءَ دنيا کي ڪمري ۾ بند ڪيو آهي، اُتي رسالن ۽ اخبارن ذريعي بہ ڪافي ترقي ڪئي آهي. رسالن ۽ اخبارن ذريعي پوريءَ دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ويٺل ماڻهن، هڪٻئي سان ناتا جوڙيا آهن. اڄ اُهي سڀ پنهنجي پنهنجي وطن ۾ ويهي هڪ ٻئي جا ڏک سور، سياسي ۽ سماجي لاها چاڙها، اقتصادي تبديليون، تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي ڄاڻ حاصل ڪري رهيا آهن. جهڙيءَ طرح اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي دنيا ۾ نئون انقلاب آندو ويو آهي، اهڙيءَ طرح پرنٽ ميڊيا (ڇپائيءَ جي دنيا) پڻ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

منهنجي خيال ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا هُجي يا پرنٽ ميڊيا، ٻنهي انساني زندگيءَ تي تمام گهڻا اثر ڇڏيا آهن. ڏٺو وڃي تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا کان پرنٽ ميڊيا، عام انسانن لاءِ تمام سستي ۽ ڪارائتي ثابت ٿي آهي. پرنٽ ميڊيا هر ماڻهوءَ لاءِ تربيت گاهہ مثل آهي، جتي هر ماڻهو تربيت حاصل ڪري ٿو.

اڄ جي جديد دؤر ۾ ڪتاب يا رسالا ئي آهن، جيڪي ٻوليءَ جي بقا جا ضامن سمجهيا وڃن ٿا. جيڪڏهن اسان اُن ۾ ذري جي بہ ڪا ڪوتاهي ڪئي تہ اڳتي هلي سنڌي ٻولي پنهنجي اصلي سُندرتا وڃائي ويهندي، جنهن جا ذميوار اسان ليکڪ هونداسين.

سنڌ جي عظيم ڏاهي ۽ مفڪر محترم علامہ آءِ آءِ قاضيءَ چوائي تہ، ”سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ان ڪري ضروري آهي، جو شاهہ لطيف جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي. شاهہ جي ڪلام کي زنده رکڻ بہ ضروري آهي. اسان وٽ شاهہ جي ڪلام کان سواءِ ٻيو آهي بہ ڇا؟

أهو اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه جي ڪلام کي اُها حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو، معنيٰ شاهه کي ڇڏيو: اِها اسان جي وڏي بدقسمتي ٿيندي."

سنڌي ٻولي هڪ موسيقيءَ واري ٻولي آهي. هن ٻوليءَ کي پنهنجو گرامر (وياڪرڻ)، پنهنجا گهاڙيٽا ۽ پنهنجي سندرتا آهي. اُن هوندي به اسان جا ڪافي اديب يا ايڊيٽر، پنهنجي لکڻين ۾ ڌارين ٻولين جا لفظ، خاص ڪري انگريزي ٻوليءَ جا لفظ گهڻا استعمال ڪن ٿا، جيڪا ٻوليءَ سان سراسر ناانصافي ۽ دشمني آهي. مان ڪنهن به ٻوليءَ کان نفرت ڪونه ٿو ڪريان، ٻوليون سکڻ کپن، پر اُهي صرف ڳالهائڻ جي حدتائين محدود هجن ته بهتر ٿيندو. ڳالهائڻ ۾ جيڪڏهن ڪنهن به ٻوليءَ جا پنج لفظ يا جملا ڳالهائي وياسين ته خير آهي، ڇاڪاڻ ته ڳالهائڻ وارن لفظن يا جملن کان، لکت وارن لفظن يا جملن جي وڌيڪ اهميت هوندي آهي.

مون هن مضمون ۾ جنهن رسالي تي قلم کنيو آهي، سو پندرهن وار رسالو "سنڌ لائيٽ" آهي. جنهن تي لکيل ته پندرهن وار آهي پر ايندو ٻن مهينن کان به پوءِ آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر (اعزازي) محترم ادريس جتوئي آهي. ادريس جيئن ته هن تَرَ (موري) سان واسطو رکي ٿو، ان ڪري وقت به وقت ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي آهي.

اسان کي خبر آهي ته اسان جي ڌرتيءَ جا اُسي سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙيءَ ۾ رهن ٿا، جن جي تعليمي ماحول کان چڱيءَ ريت واقف آهيون. ٻهراڙيءَ جي ڀيٽ ۾ شهرن جي تعليم ڪِي قدر چڱي آهي، پر اُتي به انگريزي ٻولي مضمون طور پڙهائي وڃي ٿي، نه ڪِي ٻولي (Language) ڪري.

ڏٺو وڃي ته چند رسالن کان سواءِ باقي رسالا ڏوڪڙن ڪمائڻ لاءِ ڪڍيا وڃن ٿا، جن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهڻو نقصان رسيو آهي. ادبي يا نيم ادبي رسالا ته ماڻهن کي زندگيءَ گذارڻ جا وَنگَ سيکاريندا آهن.

جيڪڏهن هن رسالي جي ڪهاڻين تي نظر وجهبي ته انهن ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان ڪافي جهولَ نظر ايندا. آڪٽوبر واري شماري ۾ "ربڙ جي عورت" جي عنوان سان هڪ ڪهاڻي ڏني وئي آهي، جيڪا موضوع ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان غيرمعياري هُئي. ان کان علاوه آمريڪي ڪهاڻي "چاقو" هلائي وئي هئي، جيڪا پڻ ٻوليءَ جي حوالي سان سمجهه کان ٻاهر هُئي. شاعريءَ جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته ادريس داد جو مستحق آهي، ڇوته هن جن ٻه شاعرن جي شاعري ڏني آهي، اُها ٻوليءَ جي حوالي سان قابل تعريف آهي. سيني پرچن ۾ سٺي شاعري ڏيڻ تي کيس مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

مضمونن جي حوالي سان ڏٺو وڃي ته سيني شمارن ۾ بهترين ۽ معياري مضمون ڏنل هئا، جن ۾ سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي لحاظ کان سٺي جاڻ ڏني وئي آهي. باقي اعتراض آهي انگريزي لفظن تي، جيڪي مضمونن ۾ ڏنل هئا.

اسان جيئن ته قلمڪار آهيون، اسان پاڻ کي قوم ۽ ٻوليءَ جا رکوالا سمجهون ٿا، جيڪڏهن اسان پنهنجين لکڻين ۾ ڌاري ٻوليءَ کي اوليت ڏينداسين ته اڳتي هلي سنڌي ٻولي پنهنجي بقا وڃائي ويهندي.

مان هن رسالي "سنڌ لائين" ۾ ڏنل مضمونن مان انگريزي ٻوليءَ جا ڪجهه لفظ ڏئي رهيو آهيان، جن کي اسان جا ليکڪ پنهنجي ٻوليءَ ۾ جاءِ ڏئي فخر سمجهن ٿا. اُهي لفظ هي آهن:

(١) انفارميشن (٢) جينيس (٣) پراسيس (۴) مينيجمينٽ (٥) ڪريڊٽ (٦) ائڊمنسٽريشن (٧) ڪمپرومائيز (٨) ميرٽ (٩) ڪلچر (١٠) نوبل (١١) يُونٽ (١٢) شيئر (١٣) اسٽريٽ (١۴) اسپيڪر ڪارنر (١٥) ڪائونٽر (١٦) اسپيس (١٧) ٽچ (١٨) بليڪ آئوٽ (١٩) سسٽم (٢٠) شيڊيول (٢١) اٿارٽي (٢٢) پارٽنر (٢٣) اچيو (٢۴) ايڪسپريس ٽيڪنالاجي (٢٥) ڊپارٽمينٽ (٢٦) آرٽ (٢٧) سيٽل وغيره.

انگريزيءَ کان علاوه ٻين ٻولين جا لفظ پڻ ڏنل آهن، جن ۾ ديپ، روڻي، رقص، ساگر، چانڊني، پکوان، سفيد، ڦول، ڪَري،

رُسوا، تنها، بسنت، صحرا ۽ شور وغيره اچي رهيا آهن.

جيڪڏهن گهرائيءَ سان ويهي سوچبو ته مٿيان لفظ وڏن ماڻهن جا ماڻهو ته سمجهي سگهن ٿا، پر اسان جا عام ماڻهو نه سمجهي سگهندا. ڪنهن ڏاهي چواڻي:

"اهو ادب ڪهڙي ڪم جو، جنهن ۾ وڏا وڏا لفظ، تشبيهون، استعارا ۽ فلسفو هجي؛ جيڪو پڙهندڙن کي مورڳو سمجهه ۾ ئي نه اچي؛ عوام جي فڪري اوسر ۾ ترِ جيترو به فرق نه اچي، ته پوءِ اهو ادب ڪهڙي ڪم جو چئبو؟"

اسان جي رسالن ۾ ڌاري ٻوليءَ جا لفظ ڌڙا ڌڙ ڏنا وڃن ٿا، جيڪي نه ڏيڻ کپن. جيڪڏهن مضمون يا ڪنهن ٻي لکڻيءَ ۾ اسان جي اديبن کي هرو ڀرو ڌاري ٻولي ڏيڻي آهي ته پوءِ اُن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنو وڃي ته بهتر ٿيندو. ان کان علاوه ٻي تجويز اها آهي ته جيڪڏهن انگريزي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جا لفظ اصل ضروري ڏيڻا آهن، ته پوءِ انهن لفظن جي پرسان ڏنگيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ معنيٰ پڻ لکي وڃي ته بهتر ٿيندو؛ اُن سان سنڌي ٻوليءَ جي بقا به قائم رهندي ۽ ليکڪ جو مقصد به حاصل ٿي ويندو. اسان کي ٻوليءَ جي بقا لاءِ گڏجي سوچڻو ۽ لوچڻو پوندو، تڏهن ئي وڃي اسان جي ٻولي زنده رهندي.

انور ساگر

# پندرهن روزه عبرت مئگزن جي ٻوليءَ تي ڪجهه ويچار

برصغير جون ٻوليون، دنيا جون شاهوڪار ٻوليون آهن. برصغير جي ٻولين جي سمنڊ ۾، سنڌي ٻولي سنڌو درياهه وانگر وهي رهي آهي. ادب هن ڌرتيءَ تي ساڻوڻ وانگر اوڙڪون ڏئي وسي رهيو آهي. سنڌي شاعريءَ جون ڪاريون گهٽائون گرجي ٻرجي وسي رهيون آهن. ڀلا جنهن ٻوليءَ جا ٻرجهلا، ڀاڳوڀان ڪان ويندي ڀٽائيءَ جهڙا البيلا شاعر هجن، ۽ جنهن زبان جا سچل، سامي، اياز، شيام ۽ استاد بخاريءَ جهڙا وينجهار شاعر هجن؛ جن سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۾ هر صديءَ لاءِ، رني ڪوٽ جهڙا مضبوط قلعا اڏي ڇڏيا آهن؛ ۽ جنهن ٻوليءَ جي جوڌن، نادرشاهه، محمدخان، ارغونن ۽ ترخانن کي ٽوٽا چٻرائي ڇڏيا؛ ان مهان ماڻهن جي ٻوليءَ کي ڪوسو واءُ به نٿو لڳي سگهي. هيءَ اها ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون، "موهن جي دڙي" جي تهذيب ۾ ڪتل آهن.

ادب، تهذيب جو اعليٰ اظهار آهي. ادب انساني روايتي شعور جو جمود ٽوڙيندو رهندو آهي. ادب انسان جي فڪري اڏاوت ۾ به هٿ ونڊائيندو رهندو آهي. ٻولي، اها لولي آهي، جيڪا محسوسات ۽ فطري تقاضائن کي هڪ ٻئي تائين پهچائڻ جو آسان طريقو آهي. ٻوليون فطري طور جڙنديون آهن، باقي ٻولين کي جنم ڏيندڙ ڪو علائقو ضرور هوندو آهي. دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جو موجد ڪو هڪ انسان يا گروهه نه رهيو آهي. برصغير جي تاريخ گواهه آهي، ته هتي اهڙيون ٻوليون به ٿي گذريون، جن ٻولين جا گيت صدين تائين ڳائجندا ۽ گونجندا رهيا آهن؛ ان جو هڪ مثال مهان ڪوي "ڪاليداس" آهي. ڪاليداس جي ٻولي هينئر ادارن تائين محدود ٿي وئي آهي، اهو پڙهي ڏاڍو ڏک ٿو

نوجوان ۽ محقق ڪو ڪتاب يا مقالو لکڻ پسند نہ ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ تنقيد نگارن وري ڪهڙا ڦاڙها ماريا آهن، ان جو هڪڙو مثال آءٌ توهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو. عبرت منگرن جي هن مهيني جي پرچي ۾ 26 صفحي تي سرمد چانڊيي جو مضمون آيل آهي. مضمون جو عنوان آهي، **"سعيد ميمڻ جي ڪتاب، (نين سفر ۾) جو تنقيدي ۽ تعريفي جائزو"**

پهرين ڳالهہ تہ عنوان ئي مناسب ڪونہ ٿو لڳي، ڇاڪاڻ تہ هڪ نقاد کي خبر هجڻ گهرجي تہ، جڏهن تنقيد ۾ تعريف بہ اچي وڃي ٿي، تہ پوءِ تعريفي جائزو لکي، هو عنوان ۾ ئي تعريف جا ڪلما شروع ڪري ٿو ڇڏي. اڳتي هلي لکي ٿو تہ، "سعيد جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي تہ سعيد ڏکهي رديف تي غزل لکي، ڪيترن ئي نوجوان شاعرن کي پيروي ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. آءٌ ان ڪان انڪار نٿو ڪريان، تہ سعيد ميمڻ هڪ پلوڙ شاعر آهي، هن يڪسانيت ضرور ٽوڙي آهي، پر وڏا رديف استعمال ڪري، سعيد قارون جو خزانو نہ ڳوليو آهي، نہ ئي وري سعيد پيرَ تي ڏونڪو هنيو آهي. مون سندس ڪتاب پڙهيو آهي، اڪثر سعيد جا ننڍڙا رديف هئا. اڃا سرمد هيئن لکي ها تہ، سعيد سهڻا رديف استعمال ڪيا آهن، جو واقعي هڪ ڪمال هجي ها. هاڻي وقت اچي ويو آهي، تہ سنڌ جو نقاد پنهنجو قبلو درست ڪري. نقاد کي ليکڪ جو پاسو وٺڻ بدران، ڪيس دراصل فن جو پاسو وٺڻ گهرجي.

**عبرت منگرين** (رسالي) جي لکت موجب، عبرت جي اشاعت جو ارڙهون سال هلي رهيو آهي؛ ان ڪان اڳ ۾ عبرت اخبار، جنهن جي باري ۾ مشهور اديب علي محمد راشديءَ، پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ، ۾ لکيو آهي تہ، "عبرت اخبار جو اجراءُ ميان محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي حصي ۾ اچي ٿو. اها اخبار پاڻ ڪڍيائين، سالها سال شان ۽ شوڪت سان هلايائين ۽ آخر ۾ جوان هٿن جي حوالي ڪيائين."

عبرت منگرين جي منڍ ۾ ئي لکيل آهي: **پندرنهن روزه عبرت منگرين**- جيڪڏهن هن لفظن کي، **"پندرنهن وار عبرت**

منگرون" لکجي تہ، وڌيڪ خوبصورت لڳندو.

رسالي جي لکت موجب هيءُ رسالو ١٩٨١ع کان باقاعدگيءَ سان شايع ٿيڻ لڳو آهي. هن رسالي جي منڍ ۾ سياسي مضمون ۽ ڪالم هوندا آهن؛ ان کان پوءِ جديد نثر، شاعري ۽ آخر ۾ ٻيو ڪجهہ مواد اچي وڃي ٿو. ان ۾ بہ وڌاءُ ڪونهي ڪو، تہ عبرت رسالو نجو ادبي رسالو نہ هوندي بہ، سنڌي ٻوليءَ جي گڏريل ارڙهن سالن کان خدمت ڪري رهيو آهي. ڪيترائي جنم جنم جا، ادب جا پياسا، سنڌي اديبن جي لکڻين جا ڍڪ ڀري چڪا آهن. ڪيترن ئي نون ليکڪن ۽ ليکڪائن کي پنهنجي صلاحيتن کي ٻين تائين پهچائڻ جو تمام سٺو موقعو مليو آهي. ڪيترائي نوان بحث ڇڙيا آهن، ڪيترائي آدرش ٽٽا ۽ جڙيا آهن. سڄا سارا ارڙهن سال، سنڌ جا ماڻهو هن رسالي کي پڙهندا پيا اچن، مان سمجهان ٿو تہ، هن رسالي جي خامين ۽ خوبين ۾ ضـــرور لاها چاڙها آيا هوندا. منهنجي دل چوي ٿي تہ ٿـــورڙي نظر "عبرت منگرين" جي ويجهڙن سالن تي وجهان. مشهور اديب تاج جويي ۽ زيب سنڌي؛ جامي چانڊيي ۽ نصيرمرزا هن رسالي کي تاريخ، تحقيق ۽ فلسفي جي بحث لاءِ تمام لاياڻتو بڻايو. سنڌ جي خمير جي لافاني ڪهاڻيڪار علي بابا، محمود يوسفاڻيءَ، عدنان ڪريميءَ، نورمحمد سميجي، امداد سومري، امين قريشيءَ ۽ اي- جي چانڊيي، هن رسالي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا؛ پر رسالي ۾ گرامر جون غلطيون تمام گهڻيون رهيون. نوجوان ليکڪ اظهار سومري ٻوليءَ ۽ گرامر جي حوالي سان رسالي کي سهڻي نموني شايع ڪيو.

دراصل سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادارن کي هاٿي اهو سوچڻو پوندو، تہ هي جيڪي ٻين ٻولين جي لفظن جا ڪنڪ اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪاهي پيا آهن، انهن جي حملي کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڪهڙا غيرمعمولي اُپاءَ وٺڻ گهرجن. عبرت جا تازا پرچا، نئين ٺهيءَ جي سريلي شاعر "وسيم سومري" جي نگرانيءَ ۾ ڇپجي، توهان جي هٿن تائين پهتا هوندا. جنوريءَ ۾، "اياز نمبر" جي حوالي سان تمام خوبصورت پرچو، توهان کي پڙهڻ لاءِ مليو هوندو. ان

۾ امداد حسيني، علي بابا، سحر امداد ۽ ٻين جا لافاني مضمون بہ توهان جي نظر مان گذريا هوندا. تقريبن سمورا مضمون هرلحاظ کان نثري ضرورتن کي پورو ڪن ٿا. انهن ليکن ۾ سهڻائپ، سادگي ۽ لفظن جي جڙاوت اڻين آهي، جڻ وهندڙ سفيد جهرڻا هجن.

رسالي جي شروعات ۾ لفظ "Celebrate" بار بار استعمال ٿيل آهي. منهنجي خيال ۾ "ملهائڻ ۽ رچائڻ" جهڙا وڻندڙ لفظ اسان جي ٻوليءَ ۾ موجود آهن، اهي استعمال ڪرڻ گهرجن. ٻوليون فطري طور ٻين ٻولين جا لفظ ضرور ڪڻنديون آهن، ليڪن اديب يا شاعر اڻين، 'وَٺ- وٺان' ڪندا تہ، پيا ماڻهو "نڪ- نڪاءَ" ۾ شروع ٿي ويندا. آءُ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن جي خلاف نہ آهيـــان، نہ ئي وري ان جو حمايتي آهيان، تہ توهان غير سنڌي لفظ "وٺ- وٺان" ڪري استعمال ڪريو. جيڪڏهن ٻي ٻوليءَ جو لفظ استعمال ڪرڻو بہ آهي، تہ ڏنگيءَ ۾ ان جي معنيٰ ضرور لکو. وڏي ڏک سان چوڻو ٿو پوي تہ، جن کي سنڌي ٻوليءَ سان محبت رهي آهي، هاڻي اهي بہ "نڪ- نڪاءَ" ۾ لڳي ويا آهن. ڏارين ٻولين جا ميراثي ٿي پيا آهن.

تازو ڦهرين فيبروري واري عبرت رسالي جي صفحي نمبر۴٦ هين تي سنڌي ٻوليءَ جي عاشق، مشهور راڳي بيدل مسرور جو ليک پڙهيم، سندس ليک جو عنوان آهي، **"جيڪو چوندس سچ چوندس"**- ان ۾ موسلا ڌار بارش، موم بتيون، لفظ استعمال ڪيا اٿس؛ انهن جا متبادل سنڌي ڏاڍا سهڻا لفظ موجود آهن. مثلاً: لڳاتار مينهن، ميڻ بتيون، وغيره. آخر ۾ بيدل صاحب گاڏيءَ جو آواز "ڪچ ڪچ" بہ لکي ٿو تہ، ڪچ کان پوءِ ٿورو خال ڇڏڻ ضروري نٿو سمجهي، جو پڙهندڙ کي آواز جو احساس سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي.

هن رسالي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪيو هجي تہ بہ معياري شاعري يا سٺي ٻولي واري شاعري شايع ڪري، بازاري شاعريءَ کي رد ڪرائڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪردار ادا ڪيو آهي. عبرت رسالي ۾ شاعريءَ جون تقريبن سڀ صنفون ڇپجن ٿيون. سنڌ جو ڪو ورلي شاعر رهيو هوندو، جنهن جو شعر هن رسالي ۾ ڇپيو نہ هجي. ناميارا شاعر "احمد خان

مدهوش" جي غزل جي هڪ بند ۾ هي غلطيون آهن:

ٻيـــو نہ اهڙو مـــهـــانڊو ڪٿي ٻي مليـــو،
چهـــرو چهـــرو چتـــاني چتـــائي ڏٺم.

هاڻي پهرين پٽرا ۾ "ٻي" جي جاء تي "ٻي" لکيل آهي. شعر ۾ "چهرو" لفظ ٻہ دفعا لکيل آهي، ان ڪري "چهرو چهرو" ڪان پوء (،) ڪاما ضروري ڏجي ها. ائين نہ ڪرڻ سان شعر جو روح ئي مري ويو. شاعريءَ ۾ زير ۽ زبر نہ ڏيڻ سان، شاعريءَ جي روح تائين پهچڻ مشڪل ٿي پيو آهي، ان لاء شاعريءَ کي زبر زير ڏيڻ لازمي آهي. گرامر جون نشانيون پابنديءَ سان ڏيڻ گهرجن ۽ رسالي جي ٻوليءَ تي بحث لاء هڪ صفحو ضرور وقف ڪرڻ گهرجي.

مرزا قليچ بيگ

# بيهڪ جون نشانيون

هينئر، نہ پوءِ.

هينئر نہ، پوءِ.

پهرئين جملي ۾ هڪڙي معنيٰ ۽ پوئين جي ٻي معنيٰ آهي. معنيٰ ۾ ڦير ڦار رڳو بيهڪ جي نشانيءَ سبب ٿيو آهي، تنهنڪري اهڙيون نشانيون پوري ڌيان سان ڏيڻ گهرجن.

## "ٿورو دم"

هو ماني کائي، ٻاهر نڪتو.

هن طرح ڪنهن جملي جي وچ ۾، جتي ٿورو بيهڻو هوندو آهي، اتي هيءَ نشاني (،) ڏبي آهي، جا شڪل ۾ اُبتي "و" اکر جهڙي آهي. انهيءَ کي "ٿورو دم" يا "ساهي" چوندا آهن.

جملن ۾ اها نشاني هيٺين حالتن ۾ ڏبي آهي:

(١) زالون، مرد، ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا اچي مڙيا.

(٢) توکي، مون کي ۽ ٻين سڀني کي، ڌڻيءَ پيدا ڪيو آهي.

(٣) هو بلڪل ايماندار، محنتي، سياڻو ۽ ڪارائتو آهي.

(٤) ڪلن جي وسيلي رڌڻ، پچائڻ، سبڻ ۽ ٻيا ڪم ٿي سگهن ٿا.

اهڙيءَ طرح جڏهن ساڳئي قسم جا ٻہ ٽي يا وڌيڪ ڳالهائڻ جا لفظ (اسم، صفت وغيره) هڪٻئي پٺيان ايندا آهن، تڏهن هرهڪ جي وچ ۾ ٿورو "دم" ڏيئي، پڇاڙيءَ ۾ "۽" حرف جملو ڪم آڻبو آهي.

(٥) همايون، اڪبر جو پيءُ، ڏاڪڻ تان ڪري، مري ويو.

(٦) ڪتاب، جو مون توکي ڏنو، سو ڦاٽي پيو.

هن طرح جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءِ جي ڪا ڳالهہ ڪرڻي

هجي، ۽ ان جي سچائپ ڪرائڻ يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائڻ لاءِ ڪي مائٽي ڏيکاريندڙ يا لاڳاپو رکندڙ لفظ ڪم آڻيا هجن ته اهڙي اسم جي پٺيان، توڙي مائٽي يا لاڳاپي ڏيکاريندڙ لفظن جي پٺيان، "ٿورو دم" ڏبو.

(٧) آءُ ماني کائي، چڪر هڻي، بازار مان ڪم لاهيندو، گهر آيس.

هن طرح جيڪڏهن جملي ۾ فعل ڪان سواءِ "ماضي معطوفي يا اسم حاليه" يا ٻئي هجن، ته هرهڪ جي پٺيان ٿورو دم ڏبو.

(٨) جي تون ايندين، ته آءُ به ايندس.

(٩) جڏهن هو آيو، تڏهن آءُ آيس.

(١٠) برسات پيئي، ته راند بند ٿي.

هن طرح جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ هڪ ڀاڱو ٻئي تي تعلق رکندڙ هُوندو، ۽ انهن مان ڪو ڀاڱو پنهنجي سر ڌار ڪم اچڻ جهڙو نه هوندو، ته انهن جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو.

(١١) ڇا ڏينهن ڇا رات، ڇا وٺي ڇا بيٺي، مارئي پنهنجن مارو‌ئڙن ڪي پيئي سنياريندي هئي.

هن طرح جڏهن ڪي "هم- جنس" لفظ جوڙو جوڙو ٿي ڪم ايندا آهن، تڏهن هرهڪ جوڙي جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو آهي.

(١٢) ڇوڪر، خط لک.

هن طرح ندا جي فاعل يا اسم پٺيان ٿورو دم ڏيئي، ان کي جملي ۾ الڳ ڪري بيهاريو آهي.

## "اڌ دم"

هو ڏاڍو سمجهو آهي، تنهنڪري هرڪا ڳالهه آسانيءَ سان سمجهي ٿو؛ پر سست آهي، تنهنڪري گهٽي ساک ڪانه اٿس.

هن جملي جا ٻه وڏا ڀاڱا آهن، جن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي، ۽ انهن جي وچ ۾ ٿوري دم کان وڌيڪ بيهڻ جي ضرورت آهي؛ تنهنڪري "سمجهي ٿو" کان پوءِ هڪ نشان ڏنو ويو آهي، جنهن کي چئبو آهي "اڌ دم". هيءَ نشاني (؛) ٿوري دم واري نشانيءَ جهڙي آهي، پر مٿان

ٻڙي ڏنل اٿس. اها نشاني هيٺين ٻن مکيه سببن ڪري ڏبي آهي:

(۱) هرهڪ ننڍي جملي جي پڇاڙيءَ وٽ ڪجهه وڌيڪ بيهجي، ته متان سڀ جملا گڏي پڙهڻ ڪري معنيٰ ۾ مونجهارو ٿئي.

(۲) هرهڪ ننڍي جملي کي اثرائتو ڪجي، ته جيئن پڙهندڙ جو هرهڪ ننڍي جملي تي، وڌيڪ ڇت لڳي.

## "دم"

(۱) هڪ واريءَ ڪوڙ ڳالهائيو، ته آئينده ڪوبه اعتبار نه ڪندو: ڪوڙ ايمان جي ڪتر.

(۲) تو محنت ڪئي، ته پاس ٿئين: محنت جو ڦل وڃڻ جو نه آهي.

هن طرح جڏهن ڪنهن ڳالهه پوري ڪرڻ ڪان پوءِ، ڳالهه کي وڌيڪ اثرائتي ڪرڻ لاءِ، ڪجهه وڌيڪ ڇوٽو هوندو آهي، يا ڪو "پهاڪو" يا "مثال" ڏيٺو هوندو آهي، ته پهرئين جملي جي پوري ٿيڻ تي هيءَ نشاني (:) ڏبي آهي، جنهن کي "دم" چون ٿا.

(۳) ٿر ڍوريزن ۾ هيٺيان تعلقا آهن:
ڏيپلو، مٺي، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر.
هن طرح دم سان ليڪ به ڏبي آهي. (:-)

## "پورو دم"

آءٌ سياڻي ڪراچيءَ ويندس.

اهڙيءَ طرح هرهڪ جملي پوري ٿيڻ تي ٻڙي ڏبي آهي. انهيءَ کي "پورو دم" چون ٿا.

## "ٻيون نشانيون"

"ثورو دم"، "اڌ دم"، "دم" ۽ "پورو دم".

انهن چئن بيهڪ جي نشانين ڪان سواءِ ٻيون هيٺيون نشانيون آهن، جي پڻ انهن نشانين سان گڏ شمار ٿيل آهن.

(۱) مارا ايتري پر ٿي بہ آئين.

ويچارو مري ويو!

اڄ اسان کي موڪل آهي!

ڏٺي شل تنهنجو پلو ڪندو!

هن طرح حرف ندا جي پٺيان يا عجب، افسوس، خوشي، سڌ وغيره ڏيکاريندڙ جملن جي پٺيان هيءَ نشاني (!) ڏبي آهي، جنهن کي "ندا" جي نشاني چوندا آهن.

(۲) تون ڪير آهين؟ (سوال جي نشاني)

## "واڪ جون نشانيون"

(۳) هن چيو ته، "آءٌ اڄ ويندس."

هن طرح جڏهن به ٻي لفظ بجنسي ڄاڻائبا آهن، تڏهن پهرئين ۽ پوئين لفظ جي پٺيان هي نشانيون (" ") ڏبيون آهن، جن کي "واڪ" جا نشان چوندا آهن. "پهاڪا" به انهن "واڪ" جي نشانن اندر ڄاڻائبا آهن.

مثلاً: "چور جي ماءُ ڪُنڊ ۾ روئي".

## "ڏنگيون ليڪون ( )"

(۴) جملي جي وچ ۾ ڪو ڌار ٽُڪر (معنيٰ يا ٻيءَ ڳالهہ بابت) ڄاڻائڻو هوندو، ته اهو ٻن ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکبو آهي، جيئن هتي (معنيٰ يا ٻيءَ ڳالهہ بابت) لفظ ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکيا ويا آهن.

(۵) ڏنگين ليڪن ( ) بدران هي نشانيون [ ] به ڪم آڻبيون آهن، جن کي "برئڪيٽ" چون ٿا.

سراج الحق ميمڻ

# بيهڪ جون نشانيون

ٻولي، انسان جي خيالن، احساسن، امنگن ۽ جذبن جي اظهار جو بهترين طريقو آهي. انهيءَ اظهار لاءِ انسان، ٻوليءَ کي ٻن صورتن ۾ ڪتب آڻي ٿو: هڪڙي ڳالهائڻ واري صورت، ۽ ٻي لکڻ واري صورت. ڳالهائڻ وقت هرڪو ائين چاهيندو آهي ته ٻڌندڙ سندس هر جملي مان اهوئي مقصد ۽ مراد ڪڍي، جيڪا خود ڳالهائڻ وقت هن جي ذهن ۾ آهي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، هن کي جملي جملي کي علحدي علحدي ڍنگ سان ڳالهائڻو پوندو آهي. هر جملي جي مطلب ادا ڪرڻ وقت، ڪنهن هنڌ ڍرو، ۽ ڪنهن هنڌ تکڙو ٿي ڳالهائڻ؛ ڪٿي ٿورڙو، ته ڪٿي گهڻو بيهي، وري ڳالهائڻ شروع ڪرڻ؛ ڪن لفظن تي خاص زور ڏيڻ؛ ڪنهن فقري کي ٻين سيني فقرن کان نرالو ۽ جدا ڪري پيش ڪرڻ؛ عجب ظاهر ڪرڻ يا سوال ڪرڻ- انهن سيني مطلبن ادا ڪرڻ لاءِ، هن کي آواز ۽ مُنهن جي تاثر جا ڪيترا ڍنگ استعمال ڪرڻا پوندا آهن: ڪجهه لفظن جي معنيٰ ساٿ ڏيندي آهي ۽ ڪجهه ادائگيءَ جا طريقا مدد ڪندا آهن، تڏهن وڃي مقصد ساب پوندو آهي. ساڳيءَ طرح هرڪو لکندڙ به ائين چاهيندو آهي ته پڙهندڙ هن جي لکيت مان مقصد اهوئي ڪڍي، جيڪو هو چاهي ٿو يا جيڪو هن جي ذهن ۾ آهي. ان ڪري جڏهين مٿين سمورين ڳالهين کي ٻوليءَ جي لکڻ واريءَ صورت ۾ آڻڻو پوندو، تڏهن لازمي طرح، انهن ادائگيءَ جي نمونن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪو اڳرائتو قدم کڻڻو پوندو- نه ته رڳا لفظ ته اهو مقصد ۽ اها مراد پڙهندڙ تائين (جنهن جي حالت ان وقت ساڳي ٻڌندڙ جهڙي نه هوندي آهي) پهچائي ڪين سگهندا. ٻولي جڏهين لکڻ ۾ اچي ٿي، تڏهين اهي ادائگيءَ جا نمونا ڪن نشانين جي صورت ۾ استعمال ڪرڻا پون ٿا، جن کي "بيهڪ جون نشانيون" يا "دَمن جون

نشانيون" چئجي ٿو.

هر بيهڪ جي نشاني ڪانه ڪا مراد ادا ڪرڻ لاءِ مقرر آهي. لکڻ وقت، جڏهن نشانيون ڪم آڻجن ٿيون، تڏهن ئي لفظ، جملن جي جوڙجڪ اندر، پنهنجو اصل مقصد ۽ صحيح مراد پڙهندڙ کي ڏين ٿا. ڳالهائڻ وقت انسان کي ڪنهن فقري، يا جملي کان پوءِ ساهه کڻڻو پوندو آهي، ۽ ڪجهه وقت بيهڻو پوندو آهي- ڪٿي ٿورڙو وقت بيهڻو پوي ٿو، ته ڪٿي وڌيڪ- بيهڻ جي انهن منزلن کي ڪن خاص نشانين ذريعي لکيت ۾ آڻڻ سان ٻوليءَ جي لکيت ۽ ڳالهائجڻ وارين صورتن ۾ ويجهڙائي ۽ هڪ جهڙائي پيدا ٿئي ٿي. انهن بيهڻ جي نشانين کي، ان ڪري، سڏيو ٿي ويو "بيهڪ جون نشانيون". رفتي رفتي ٻوليءَ ۾ بيهڪ جي هرڪا نشاني گهڻي استعمال ٿيڻ ڪري، "بيهڻ" جي ڪارج کان سواءِ، هڪ خاص اثر پيدا ڪرڻ ۽ معنيٰ کي زياده صاف ڪري بيهارڻ ۾ پڻ مدد ڪرڻ لڳي. جهڙيءَ طرح ڪو شخص لڳاتار ريهه پنجويهه منٽ، بنا ساهه کڻڻ جي يا بيهڻ جي، ۽ هڪ ئي طرز ۾، مشين وانگر، ڳالهائڻ بيهي رهي، ته اسين ان کي هڪ بي مقصد "ٻڙ ٻڙ" سمجهي، خيال ۾ ئي ڪين آڻيندا سون؛ تهڙيءَ طرح لکڻ وقت به جيڪڏهن اهي نشانيون استعمال نه ڪجن، ته اها لکيت فقط لفظن جو ڍير بنجي پوندي، جنهن مان ڪوبه مقصد ۽ معنيٰ نه نڪرندي- ۽ اها لکيت "لکي عيسيٰ پڙهي موسيٰ" واري ئي ڪا ڳالهه ٿي پوندي. انهن بيهڪ جي نشانين کي غلط جڳهن تي استعمال ڪرڻ سان ته هيڪاري اگرا نتيجا ٿا نڪرن- سموريءَ لکيت جي معنيٰ ئي بگڙي ويندي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته مرڳو صفا ابتي معنيٰ نڪري پوندي آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته انگلنڊ جي پارليامينٽ ۾ هڪڙو بل پاس ٿيو- اهو بل جڏهين ڇپجي تيار ٿي ويو ته ان ۾ ڪا هڪڙي بيهڪ جي نشاني- "ٿورو دم" (ڪاما)- غلط جڳهه تي ڇپجي ويئي. بل جو سچو مقصد ئي الٽو ٿي ويو- ۽ جيڪڏهين اهو ماڻهن تائين پهچي ها ته بغاوت ٿي پوي ها- ان ڪري، اهو بل ٻيهر ڇپائي ظاهر ڪيو ويو.

اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترا لکندڙ انهن نشانين جو ٺهه

خيال ڪرڻ ٿا رکن. نتيجو اهو ٿو نڪري، جو اهي ساڳيون چيزون، جيڪي هوند انهن نشانين سان بي مثال حسن واريون ٿي پون، انهن نشانين نہ هئڻ ڪري يا غلط استعمال ڪري ڪجسيون ۽ بي اثر ٿيو پون. عام طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ غلطيءَ جو شڪار عام لکندڙ- شاگرد، منشي، اخبار نويسَ- تہ گهٽي انداز ۾ آهن، پر خود چوٽيءَ جا ڪيترا اديب ۽ ليکڪ بہ انهيءَ ڏس ۾ بنهہ ڪين ٿا سوچين، ۽ انهن نشانين جي اهميت کي نظرانداز ڪريو ڇڏين. چڱا چڱا علمي مضمون، افسانا، ڪهاڻيون ۽ شعر، بيهڪ جي نشانين نہ هئڻ ڪري يا سندن غلط استعمال هجڻ ڪري، پنهنجي سموري معنيٰ، افاديت ۽ اهميت وڃايو ڇڏين.

جيئن مٿي چيل آهي تہ ٻوليءَ ۾ اهي نشانيون، ڪنهن فقري يا جملي کان پوءِ، ڪجهہ وقت بيهڻ يا دم پٽڻ جو مقصد رکن ٿيون- سنڌيءَ ۾ بہ انهيءَ اصول تي درسي وياڪرڻ ۽ گرامرن ۾- ٿورو دم(،)، اڌ دم (؛)، دم (:)، پورو دم (.)، سوال جي نشاني (؟)، ۽ عجب جي نشاني (!) سمجهايون وينديون آهن. انهن وياڪرڻ ۾ انهن نشانين جو فقط اهو ڪارج ٻڌايو ۽ سمجهايو وڃي ٿو، جنهن مان ڪجهہ وقت بيهڻ جو مقصد ورتو وڃي. پر هاڻي انهن مان هر نشاني "بيهڻ" کان سواءِ ٻيا بہ ڪي مطلب پورا ڪري ٿي، ۽ انهن نشانين کان سواءِ، هاڻي، ٻيون بہ ڪي نشانيون ڪم اچڻ لڳيون آهن، جن جو استعمال ٿورو منجهائيندڙ ۽ پيچيدو آهي. دراصل اها بہ حقيقت آهي تہ انهن نشانين جي ڪنهن خاص استعمال جي مقرر هجڻ جي دعويٰ بہ نٿي ڪري سگهجي- پر گهڻي تجربي کان پوءِ، ايترو سو نهايت پروسي سان چئي سگهجي ٿو، تہ ڪهڙين حالتن ۾ سندن استعمال غلط ٿو ٿئي.

ٻوليءَ جي ماهرن انهن سمورين نشانين کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي- پهريون، ابتدائي؛ ٻيون، ثانوي؛ ٽيون، پٽيون يا مرڪب نشانيون. هرهڪ قسم ۾ هيٺينءَ ترتيب موجب نشانيون اچي وڃن ٿيون:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١- ابتدائي: | (١) ٿورو دم | ، | Comma |
| | (٢) اڌ دم | ؛ | Semi colon |
| | (٣) دم | : | Colon |
| | (۴) پورو دم | . | Period |
| ٢- ثانوي: | (١) ليڪ | – | Dash |
| | (٢) ڳنڍيندڙ ليڪ | - | Hyphen |
| | (٣) ڏنگيون | () | Brackets |
| | (۴) سوالي نشاني | ؟ | Question Mark |
| | (۵) عجب جي نشاني يا ندا جي نشاني | ! | Exclamation mark |
| | (٦) (ايڪوٽيون) واڪ جون نشانيون | ' ' | Single inverted commas |
| | (٧) ٻٽيون واڪ جون نشانيون | " " | Double inverted commas |
| ٣- ٻٽيون يا مرڪب | (١) ٻُڙي ٻُڙي ٻُڙي | ... | Hiatus |
| | (٢) ٻہ ٻڙيون ليڪ | :- | Pointer |
| | (٣) ڏنگين ۾ سوال جي نشاني | (؟) | Bracketed Question mark |
| | (۴) ڏنگين ۾ عجب جي نشاني | (!) | Bracketed sign of Exclamaion |

انهن نشانين کي سمجهڻ لاءِ هرهڪ جي استعمال ۽ استعمال جي جڳهہ جو خيال رکڻو آهي. هيٺ، ترتيب وار هرهڪ کي مختصر طور بيان ڪجي ٿو.

## ابتدائي نشانيون:

گهڻو ڪري، عام لکندڙ کي گهڻي ۾ گهڻي تڪليف ابتدائي نشانين جي استعمال ڪرڻ وقت ٿئي ٿي. ابتدائي چار نشانيون– ٿورو دم، اڌ دم، دم ۽ پورو دم– ئي جملن جي جوڙجڪ ۾ گهڻي ۾ گهڻو استعمال ٿين ٿيون، ۽ جملن کي پنهنجي معنيٰ صاف ڪري بيهارڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. انهن نشانين جي استعمال ۾ احتياط رکڻ لازمي آهي.

## ٿورو دم (،):

بيهڪ جي نشانين ۾ ٿوري دم جو استعمال سڀ کان وڌيڪ

ٿئي ٿو. جملن کي لکڻ وقت، هڪ ٻئي کان الڳ ڪري بيهارڻ ۾، ٿورا دم گهڻي مدد ڏين ٿا- خاص ڪري جملي جي جدا جدا حصن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ وقت، سندن اهميت کي قائم رکڻ ۾ ٿورو دم ڏاڍو ڪارائتو آهي. ٿوري دم جي ڪتب آڻڻ لاءِ ٻه خاص قانون خيال ۾ رکڻ گهرجن: پهريون، ٿورو دم اتي ڪتب آڻڻ گهرجي، جتي ٻي ڪا ٻه نشاني ڪم نه اچي سگهي، ۽ جتي ٿوري دم کان سواءِ معنيٰ پوري صاف يا اثرائتي حاصل ٿي نه سگهي؛ ٻيو، ٿورو دم اتي ڪتب آڻڻ گهرجي، جتي هوند ڳالهائڻ وقت ٿورو بيهڻو پوي. اهي ٻئي قاعدا هڪ ٻئي سان لاڳاپيدار آهن- ٿوري دم کان ڪم وٺڻ وقت، ٻنهي قاعدن کي هڪ ئي وقت خيال ۾ رکڻ گهرجي. هيٺئين مثال ۾ مجموعي طرح ٿوري دم جو استعمال مٿين قاعدن تي ٻڌل آهي:

– سچ پچ ته ريڊيو، ٻوليءَ جي مختلف اچارن ۽ صورتن، ۽ سيپتا جي مختلف پهلوئن ۾ هم آهنگي، هڪجهڙائي ۽ دائميت پيدا ڪرڻ جو ڪارائتو وسيلو آهي.

جڏهن ٻه يا ٽي جملا "۽" حرف جملي سان ڳنڍيا آهن، تڏهن "۽" جي اڳيان ٿورو دم اڪثر ڏنو ويندو آهي. ان لاءِ فقط هڪ ڳالهه خيال ۾ رکڻ جوڳي آهي ته جتي ڳنڍيجڻ وارن جملن جو مقصد ۽ خيال هڪ ٻئي کان مختلف هجي، ته بلاشڪ ٿورو دم استعمال ڪجي؛ پر جتي پويون جملو فقط اڳئين جملي جو هڪ وڌاءُ هجي، اتي "۽" جي اڳيان ٿورو دم ڏيڻ فضول ۽ غير ضروري آهي. مثال طور هيٺين جملن ۾ ٿورو دم ڏيڻ نه گهرجي:

– اڄ حيدرآباد ويندس ۽ جلد ئي موٽندس.
– ڪلهه شام هو آيو ۽ ڪتاب ڪڍي ويو.

پر، جتي پهرئين جملي لکڻ کان پوءِ ڪجهه بيهي، ايندڙ خيال کي وضاحت ڏيڻي هجي، اتي ٿورو دم ضرور استعمال ڪرڻ گهرجي. مثال طور:

– هن دڪاندار کي ڏهه روپيا ڏنا، ۽ پاڪستان ۾ مهانگائيءَ جو ماتم ڪندو هليو ويو.

هن جملي ۾ "۽" جي اڳيان ٿورو دم ڏيڻ مان مقصد آهي ايندڙ خيال جي وضاحت ۽ نرالائي ظاهر ڪرڻ. انهيءَ ٿوري دم جي ڪري، پوئين جملي ۾ اثر ڪيترو نه گهرو ٿيو وڃي!

جڏهن ٻه جملا ڪنهن حرف جملي سان ڳنڍيا هجن، تڏهن ڏسجي ته جملن جو خيال ڪهڙي قسم جو آهي. جيڪڏهن خيال ساڳئي رخ ۽ نوعيت جو هجي، ته اتي ٿورو دم نه ڏيڻ گهرجي؛ پر جيڪڏهن خيال جو رخ مٽيل هجي ۽ نوعيت بدليل هجي، ته ٿورو دم ضرور ڏيڻ گهرجي.

– هو حيدرآباد ويو ۽ نمائش ڏسي موٽي آيو.

هن جملي ۾ ڏسڻ ۾ ايندو ته خيال جو رخ سڌوسنئون آهي، انهيءَ ڪري ٿورو دم ڏيڻ فضول آهي؛ پر جيڪڏهن جملو هيئن هجي:

– هو حيدرآباد ويو، ۽ موٽر جي حادثي ۾ اچي مري ويو.

تڏهن، چاڪاڻ ته هن جملي ۾ خيال جو رخ اوچتو مٽجي ٿو وڃي– خيال جي نوعيت ۽ رخ ۾ تبديلي اچي وئي– ان ڪري اُن ۾ ٿورو دم ڏيڻ لازمي آهي.

جڏهن جملي ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ صفتون ڪم آڻيون هجن، تڏهن هر صفت جي پويان ٿورو دم ڏيڻ لازمي آهي– پر آخري صفت ۽ ان جي پويان ايندڙ اسم جي وچ ۾ ٿورو دم بلڪل نه ڏيڻ گهرجي. مثال:

– غلام محمد هڪ گدلو، بد فضيلت، چيڙاڪ ماڻهو آهي.

جڏهن ٻه صفتون "۽" حرف جملي سان ڳنڍيون هجن، ته انهن جي وچ ۾ ٿورو دم ڪم نه آڻڻ گهرجي. مثال:

– غلام محمد هڪ گدلو ۽ بد فضيلت ماڻهو آهي.

جڏهن جملو ڪنهن لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ يا ظرفي فقري سان شروع ٿئي، ته انهيءَ لفظ يا فقري کي اصل جملي کان جدا ڪري بيهارڻ لاءِ، ان جي پويان ٿورو دم ڏيڻ گهرجي. مثال:

– اڄ کان پوءِ، هو ڪڏهن به دير سان نه ايندو.

– هن دفعي به، منهنجو اچڻ بيڪار ثابت ٿيو.

ڪن جملن جي جوڙجڪ، صفاتي ۽ مداري جملن ۽ فقرن جي استعمال جي ڪري، پيچيدي ٿي پوندي آهي. اهڙن جملن کي ٿوري دم جي استعمال جي مدد سان صاف ۽ واضح ڪري بيهاري سگهجي ٿو. هيٺئين جملي ۾ ٿوري دَم جي ڏسو ته ڪيتري نه ضرورت آهي! مثال:

– اديب لکن ٿا پر انهن جي امنگن جي اظهار جا ذريعا جن به صاحبن اسان کي ميسر ڪري ڏنا آهن تن جا به اسان آڀاري آهيون.

هن جملي ۾ ٿوڙي دم جي استعمال نه هئڻ ڪري، معنيٰ صاف نه ٿي بيهي– معنيٰ اخذ ڪرڻ ۾ مشڪلات ٿئي ٿي. پر انهيءَ ۾ هيٺئين طريقي سان ٿورن دمن جي ڪتب آڻڻ ڪري، معنيٰ هڪدم صاف ٿي بيهي ٿي. مثال:

– اديب لکن ٿا، پر انهن جي امنگن جي اظهار جا ذريعا، جن به صاحبن، اسان کي ميسر ڪري ڏنا آهن، تن جا به اسان آڀاري آهيون.

هن جملي ۾ جملي جو مکيہ ۽ قراري جملو ”اديب لکن ٿا“ آهي– ان کان پوءِ لکڻ واري جو ذهن يا خيال هڪ موڙ کائي ٿو؛ ان ڪري ٿورو دم ضروري ٿيو ٿو پوي. اڳتي هلي، ’ذريعا‘ کان پوءِ ٿورو دم انهيءَ ڪري استعمال ٿيو، جو انهيءَ ايندڙ جملي ۾ فاعل کان اڳ مفعول آيل آهي– انهيءَ جملي ۾ فاعل آهي ’جن به صاحبن‘، جو هوندئن اڳيان اچڻ گهرجي ها، پر هن جملي جي ترڪيب ۾، انهيءَ کي اجا به وڌيڪ خيالن کي ظاهر ڪرڻ جي مقصد سان، جملي جي مفعول ’انهن جي امنگن جي اظهار جا ذريعا‘ کان پوءِ ٿو اچڻو پوي؛ ان ڪري فاعل کي مفعول کان الڳ ۽ نمايان ڪري بيهارڻ لاءِ، ’ذريعا‘ جي پويان ٿورو دم ڏنو ويو؛ ۽ وري ضمير جواب موصول ”تن“ جي ن به ڏنو ويو آهي– اُهو ان ڪري جو اڳيان آيل ضمير موصول ”جن“ پنهنجي جواب موصول ”تن“ کان بنهه الڳ ڪري، پري بيهاريو ويو آهي.

مٿئين مثال مان مراد اها آهي ته ٿوري دم جي استعمال ۾ احتياط جي گهڻي ضرورت آهي– خاص ڪري جڏهن ڪو جملو گهڻن مداري جملن ۽ نقرن سان پريل هجي. اهي مرتب ۽ مداري جملا، ڪڏهن اصل يا قراري جملي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿين ٿا، يا

فاعل جي اچڻ کان هڪدم پوءِ اچن ٿا: انهن کي جدا ۽ واضح ڪري بيهارڻ لاءِ، ٿورو دم ڪم آڻڻ گهرجي. اهي مداري جملا صفاتي هجن، ظرفي هجن، يا اسمي هجن- انهن کي ٿوري دم جي ڪم آڻڻ سان وڌيڪ واضح، ۽ صاف بيهارڻ ۾ مدد ملي ٿي.

جڏهن ڪنهن جملي ۾ هڪ ئي فعل جا فاعل گهڻا هجن، تڏهن انهن فاعلن کي به ٿورن دمن سان الڳ ڪري بيهارڻ گهرجي. مثال:

- مهراڻ ۾ افسانا، مضمون، گيت ۽ غزل چڱي پائي جا ٿا ڇپجن.

هن جملي ۾ فاعل هڪ کان وڌيڪ آهن، انهيءَ ڪري ٿوري دم جي ڪم آڻڻ سان انهن کي جدا جدا ڪري بيهاريو ويو آهي.

ٿوري دم جا مٿي بيان ڪيل استعمال، جملن کي زينت ٿا بخشين ۽ معنيٰ کي صاف ۽ واضح ڪري بيهارين ٿا. اهي سمورا اصول هن هڪ ئي جملي ۾ گهڙو ڪري ڪم اچي ويا آهن. مثال:

- هڪوار، ڪو انسان جي شاهه پڙهي ڏسي، ۽ سچل، سامي، دلپت، بيڪس، بيدل، روحل، سانگي، خاڪي ۽ بيوس کي پڙهي ڏسي، ته ڪپاٽ کلي وڃنس، ۽ ڪيس انيڻ ٿئي ته اسان جو ادبي ورثو، هندستان جي ڪنهن به ٻيءَ ٻوليءَ جي ادبي ورثي کان، ڪنهن به ريت، گهٽ نه آهي.

## اڌ دم (؛):

ٿوري دم کان ڪجهه زور ڀري بيهڪ جي نشاني آهي 'اڌ دم' . جڏهن لکڻ وقت هڪ کان وڌيڪ جملا لڳاتار پوندا آهن، تڏهن انهن مان ڪي ته مداري جملا هوندا آهن، ته ڪي خود اصل جملي جهڙا ئي زور ڀريا ۽ الڳ خيال رکندڙ جملا هوندا آهن. اهڙن زور ڀرين ۽ الڳ خيال رکندڙ جملن کي جدا ڪري بيهارڻ لاءِ، اڌ دم استعمال ڪرڻ گهرجي. جڏهن به بنيادي جملي جي جوڙجڪ ۾، ڪو ثانوي جملو هجي، ته ساڳي ئي خيال ماتحت چيل، پر خود انهيءَ ثانوي جملي جي جوڙجڪ

جيسيڪڏهن اهڙي هجي، جو الڳ ۽ جدا جملو ٿي پڻ بيهي سگهي، تہ اتي ٿوري دم کان ڪجهہ طاقت پري نشاني- اڌ دم- جي ضرورت آهي. مثال:

- انقلاب سان اها جذباتي وابستگي قابل قدر تہ آهي؛ پر سماجي زندگيءَ جي عڪاسيءَ لاءِ رڳو جذبو بہ ڪافي نہ آهي.

- محبت جو طوفان بہ طوفان آهي؛ مگر ان جو اندازو بي انداز آهي.

مٿين مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ انهن جملن ۾ خيال تہ ساڳيو آهي، پر حرف جملن سان ڳنڍيل جملن جو رخ اڳين جملن کان گهٽو مڙيل آهي، ۽ اهي پنهنجي الڳ جاءِ وٺيو بيٺا آهن. انهيءَ ڪري، انهن ۾ ٿوري دم جي بدران اڌ دم ڪم آندو ويو آهي.

جڏهن جملي ۾ ڪي مختلف خيال ترتيب وار جملن يا فقرن جي صورت ۾ اچن، يعني جڏهن ڪنهن بنيادي جملي جي تفصيل طور بيا ڪي ثانوي جملا يا فقرا ترتيب سان اچن، تڏهن انهن کي اڌ دم سان ڳنڍڻ گهرجي. مثال:

- اڄڪلهہ، اسان جي ٻوليءَ جا مکيہ مسئلا هي آهن: ٻوليءَ ۾ هندي، عربي ۽ فارسيءَ جي اڻ سهائيندڙ لفظن جو استعمال؛ ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ مرڪزيت آڻڻ جي ضرورت؛ ٻوليءَ جي لهجيءَ جو مسئلو؛ ۽ ڌارين لفظن ۽ محاورن کي سنڌي رنگ ۾ رنگڻ. هن مثال ۾، اسان کي اڳئين جملي جي تفصيل ۾ ڪي جملا لکيا آهن؛ انهيءَ ڪري انهن کي اڌ دم جي ذريعي الڳ ڪري بيهارڻ گهرجي. ڪڏهن تہ انهيءَ تفصيل کي فهرست جي نموني ۾ نمبر وار بيهارڻو پوندو آهي؛ ان حالت ۾ بہ اڌ دم جي استعمال جي ضرورت آهي. مثال:

- اسان جي هن نظام ۾ ٽي بنيادي خاميون آهن:

(١) دولت جي غلط ورهاست؛

(٢) انسانن جي طبقاتي ورڇ؛ ۽

(٣) مذهب جي انڌي تقليد.

هن مثالي جملي ۾ اسان کي "خامين" جي تفصيل لاءِ نمبروار

ٿي فقرا ڏيئا پيا. انهيءَ ڪري انهن کي هڪ ئي جملي جا جزا ڪري رکڻ لاءِ اڌ دم ڪم آڻئو پيو سون.

اڌ ڏم اڄ ڪلهه تمام گهڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان جو سبب رڳو اهو آهي ته خود انهن هنڌن تي، جتي اڌ دم جو استعمال ٿيڻ گهرجي، اتي ٿوري دم کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان مان ٻه ڳالهيون نتيجي طور ظاهر ٿين ٿيون: اڌ دم جي اهميت گهٽجيو وڃي؛ ۽ پيو، ٿوري دم جو استعمال وڌيڪ پيچيدو ٿيو پوي. انهيءَ مونجهاري کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، ته جتي اڌ دم جي استعمال جو موقعو هجي، اتي اڌ دم کان ڪم ورتڻ گهرجي.

## دم (:):

اڌ دم کان پوءِ وڌيڪ زور پري نشاني "دم" آهي. پوري دم کان ڪجهه گهٽ زور اٿس. اصل ۾، هيءَ نشاني فقط پنيان ايندڙ ڪنهن تفصيل يا وضاحت جي ڪري ڏني ويندي هئي؛ پر گهٽي استعمال جي ڪري انهيءَ مان پيا ٻه ڪارج ملڻ لڳا. جيئن ته دم، پوري دم کان ٻئي نمبر تي طاقت پري پيهڪ آهي، ان ڪري دم اتي استعمال ڪجي، جتي خيال ته ساڳيو ڪم آيل هجي، پر هر جملو پنهنجي جاءِ تي مڪمل هجي ۽ منجهس الڳ ٿي بيهڻ جي صلاحيت هجي. خيال جي هڪجهڙائيءَ جي پيش نظر، دم جي استعمال سان جملن جي لاڳاپي ظاهر ٿيڻ سان گڏ، انهن ۾ زور ۽ وضاحت پيدا ٿئي ٿي. هيٺئين مثال ۾ ٻن هنڌ دم ڪم آيل آهي- ڏسبو ته انهن جي استعمال جي ڪري خيال جي پيچيدگي گهٽ ٿيو پوي، ۽ جملو مجموعي طرح زورائتو به ٿيو پوي. مثال:

– اوائلي سنسڪرت بدلجي، وچولي درجي واريءَ سنسڪرت ۽ پوءِ آخرين قسم جي سنسڪرت جو روپ اختيار ڪيو: ان کان پوءِ، پراڪرت جي مختلف قسمن مان هڪ قسم يعني اپڀرنش پراڪرت جي بگڙيل صورت، جنهن کي وراچڊ اپڀرنش چيو وڃي ٿو، وجود ۾ آئي: وراچڊ اپڀرنش ۾ وڌيڪ جو بگاڙو ۽ ڦيرو آيو، تنهن، اٽڪل ٻارهين

صدي عيسويءَ ۾، اسان جي موجوده سنڌيءَ کي جنم ڏنو.

دم استعمال تڏهن ڪبو آهي، جڏهن جملا تمام وڏا هوندا آهن، ۽ ڪيترن ئي مداري جملن جي ذريعي ڳنڍيل ۽ ڳتيل هوندا آهن. ڪنهن پيچيدي خيال کي بيان ڪرڻ ۾ لازمي طرح ڊگها جملا ڪم آڻڻا پوندا آهن: انهن کي صاف ۽ واضح ڪري بيهارڻ ۾ دم گهڻي مدد ڏئي ٿو.

دم جو ٻيو مکيہ استعمال گفتگوءَ کي ظاهر ڪرڻ وقت ايندو آهي: يا جڏهن جملي ۾ پويان ڪو تفصيل يا وضاحت ظاهر ڪرڻي هوندي آهي، تڏهن بہ دم ڪم آڻبو آهي. مثال:

– هن چيو: "منهنجي زندگيءَ جي آخري آرزو بہ زماني جي بيدرديءَ جي نذر ٿي وئي!"

– هو سوچي رهيو هو: 'ڇا منهنجي لاءِ زندگيءَ جي جهولي ايڏي خالي ٿي چڪي آهي، جو مون کي ڪجهہ بہ نٿو ملي!'

– پوليس لاءِ، ڪامورن لاءِ، ڪارخاني وارن لاءِ– بس وٽس اهو ئي هڪڙو جملو هو: "ڪتي جا ڦر."

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ دم انهيءَ ڪري ڪم آيو آهي، جو پويان گفتگو ظاهر ڪرڻي آهي. ٻئي جملي ۾ بہ "سوچڻ" جي وضاحت ظاهر ڪرڻ لاءِ دم ڪم آيو آهي. ٽئين جملي ۾ 'جملي' جي وضاحت ڪرڻ لاءِ دم ڏيئي، پوءِ چيل فقرو آندو ويو.

ڊگهن جملن کي الڳ ڪري بيهارڻ، ۽ ڪنهن فعل جي وضاحت ڪرڻ لاءِ، دم جو استعمال ضروري آهي. انهيءَ ڪري نہ رڳو جملو پڙهڻ وقت سهنجو ٿي پوي ٿو، بلڪ ان جي معنيٰ بہ صاف ٿي بيهي ٿي.

## پورو دم (.):

سيني نشانين کان سولي نشاني آهي، "پورو دم" ؛ جنهن ۾ ڪوبہ مونجهارو نہ آهي. جتي جملو ختم ٿئي ٿو، اتي پورو دم ڏنو ويندو آهي. جملي مان مقصد آهي تہ جڏهن بہ ڪو خيال مڪمل طرح سان لفظن ۾ لکجي، تہ خيال جي مڪمل ٿيڻ تي، ان جملي جي پڇاڙيءَ

۾ پورو دم ڏنو وڃي ٿو. مثال:

- سنڌ کي ڪو به ختم نٿو ڪري سگهي.
- سنڌي ٻولي هڪ مڪمل ٻولي آهي.

مٿين جملن مان هرهڪ ۾ هڪ خيال مڪمل ٿئي ٿو. خيال جي انهيءَ تڪميل جي ڪري ان کي پورو دم ڏيئي، جملي کي بند ڪيو وڃي ٿو.

جڏهن ڪنهن وڏي لفظ کي مخفف صورت ۾ لکبو آهي، تڏهن ان جي پويان به پورو دم ڏيئي ڇڏبو آهي. مثال طور: "سنڌي ادبي بورڊ" کي اسين مخفف طور لکندا سون "س. ا. ب" ; "هيڊ ماستر" کي عام طرح لکيو ويندو آهي "هـ.م" . گهڻا لکندڙ مخفف کان پوءِ ليڪ (ڊئش) ڏيندا آهن، پر ليڪ جو اهو استعمال غلط آهي. ليڪ کي پنهنجا ٻيا ڪارج آهن، جي اڳيان پيش ڪيا ويندا.

## پئرا:

پوري دم جي وضاحت کان پوءِ، لازمي آهي ته پئرا جي مراد به سمجهجي. "پئرا" جو مطلب آهي لکڻ جو نئون سلسلو شروع ڪرڻ. اسان ڏٺو ته جڏهن جملي ۾ خيال جي تڪميل ٿئي ٿي، ته پورو دم ڏجي ٿو؛ پر جيڪڏهن ڪو خيال هڪ کان وڌيڪ جملن کان پوءِ پورو ٿئي، ۽ ان کان پوءِ وري نئون هڪ خيال، هڪ کان وڌيڪ جملن ۾ ايندڙ، شروع ڪرڻو هجي، ته انهن ٻن خيالن کي جدا ڪيئن ڪجي؟ ان لاءِ طريقو "پئرا" ڏيڻ جو آهي؛ يعني جتي پهريون خيال ختم ٿئي، اتي پورو دم ڏيئي، اها سٽ ئي ڇڏي، وري نئين سٽ شروع ڪجي. نئين سٽ شروع ڪرڻ ۾ به، ٻن ٽن لفظن جيتري جاءِ ڇڏي، پوءِ لکڻ شروع ڪجي. هن مضمون ۾ اوهان کي مختلف پئرائون نظر اينديون- اهي به انهيءَ اصول ماتحت ڏنيون ويون آهن؛ جتي ڪو نئون خيال شروع ٿيو آهي، اتي نئين پئرا شروع ڪئي وئي آهي.

پئرائن استعمال ڪرڻ سان لکيت ۾ زور ۽ وضاحت اچي ٿي وڃي. خاص طرح سان جڏهن لکندڙ کي ڪنهن خاص نُقطي ڏانهن

پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائنڌو هجي، ته پڻرا ذريعي ئي اهو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو. پڙهندڙ جي اها نفسيات هوندي آهي ته جيڪڏهن مضمون يا لکيت جو ڪو ٽڪرو دلچسپ نه هوندو آهي، ته ڪَڪ ٿي پوندو آهي؛ پر جڏهن پئرا نئين شروع ٿيندي آهي، تڏهن وري هن جي پڙهڻ ڪي ٽيڪ اچي ويندي آهي- انهيءَ خيال ماتحت ته متان انهيءَ پئرا ۾ لکندڙ ڪا دلچسپ ڳالهه ڪئي هجي. ان هوندي به اهو ڌيان لازمي طرح رکڻ گهرجي ته پئرائون هرويرو گهٽيون نه ڪجن؛ نه ته مضمون ڏکيو، ۽ خيالن جو سلسلو بي جوڙ ٿي پوندو.

# ثانوي نشانيون

ابتدائي نشانين جي بحث کان پوءِ، ثانوي نشانين جو بحث آسان ٿيو پوي؛ ڇاڪاڻ ته ابتدائي نشانيون ئي گهٽي ۾ گهٽ استعمال هيٺ اچن ٿيون- ۽ اهي ئي مکيه نشانيون آهن، جي جملي جي مفهوم کي صاف ۽ واضح ڪري بيهارڻ ۾ بنيادي ڪم ڪن ٿيون. ثانوي نشانيون ابتدائي نشانين کي، خيال جي وضاحت ۽ اهميت ظاهر ڪرڻ ۾، مددگار ٿين ٿيون.

## ليڪ (-):

ثانوي نشانين ۾ سڀ کان اهم نشاني آهي "ليڪ". خيال جي وضاحت ۾ ليڪ تمام وڏو ڪم ڏيئي سگهي ٿي. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ليڪ تمام گهٽ استعمال ڪئي ويندي آهي؛ پر حقيقت ۾ جيڪڏهن ليڪ کان ڪم ورتو وڃي، ته جملن جي بيهڪ جي سونهن ٻيڻي ٿي وڃي ٿي، ۽ خيالن جي اهميت جو اندازو به وڌي وڃي ٿو.

ليڪ جو پهريون مکيه استعمال آهي ٿوري دم جي بدران ان جو استعمال. رواجي طرح جڏهن جملي ۾ خيال جي رخ ۾ ٿورو موڙ ايندو آهي، ته اتي ٿورو دم ڏبو آهي؛ پر جيڪڏهن انهيءَ موڙ کي ٿورو نمايان ڪرڻو هجي ۽ زور ڏيڻو هجي، ته ليڪ ڪم اچي. مثال:

- هو رائوڙ لڳو پيو هو- ٽنگون ڇڄ ته ٽنيا، ٻانهون وڏيون ۽ وار ٿلها.

مٿئين مثال ۾، جيڪڏهن "پيو هو" فعل جي پٺيان ٿورو دم ڏجي ها، ته به مقصد نڪري ها؛ پر ليڪ اچڻ سان، پويان ايندڙ خيال ۾ هڪ وزن پيدا ٿي پيو آهي، ۽ اڳئين خيال کي ڪافي پراڻ ملي پيو آهي.

خيال جي موڙ کي نمايان ڪرڻ لاءِ، منهنجي خيال ۾ ٿوري دم کان، ليڪ وڌيڪ ڪارائتي آهي. مثال:

– اهو سوال پنهنجي پاڻ کان پڇندي، هن کي ڄڻ ته ڪو صدمو رسيو– ۽ هو ائين سمجهڻ لڳو ته هن جو اهو ويچار به هڪ گناهه کان گهٽ نه هو!

جملي ۾ خيال کي وضاحت ۽ پراڻ ڏيڻ لاءِ، ليڪ جو استعمال تڏهن موزون آهي، جڏهن پڙهندڙ کي خيال جي انهن ساڳين منزلن جو سير ڪرائڻو هجي، جتي خود لکندڙ پهتو هجي.

پڙهندڙ جي خيالن جي روانيءَ ۾ اهو نئي موڙ پيدا ڪرڻ لاءِ– جيڪو خود لکندڙ چاهي ٿو– ليڪ وڏو ڪم ڪري ٿي. مثال:

– هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون– جيئن آس پاس کي ڏسي، وري نه هن جو ذهن ڀٽڪڻ لڳي!

مٿئين جملي ۾، "اکين بند ڪري ڇڏڻ" جي تصور کان ڪجهه هٽي، لکندڙ پنهنجي پڙهندڙ کي ڪنهن اوچتي خيال ڏانهن، جنهن جو هن کي رواجي طرح وهم گمان به نه هجي، ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ليڪ استعمال ڪري ٿو. انهيءَ ليڪ جي استعمال سان پڙهندڙ جي ذهن کي اوچتو سَٽ اچي ٿي، ۽ هو لکندڙ جي خيال جي گهرائيءَ ڏانهن پنهنجي ڌيان کي نئي ٿو. مثال:

– مگر هوءَ اڄ نئين رنگ ۾ هئي– سماج جو هڪ بدنما داغ هئي!

ليڪ جو استعمال ڪنهن لفظ يا خيال جي سمجهاڻيءَ لاءِ ڏاڍو ڪارگر آهي. جڏهن به جملي ۾ ڪنهن لفظ يا فقري جي تشريح يا سمجهاڻي ڪرڻي هوندي آهي، تڏهن انهيءَ سمجهاڻيءَ واري جملي جي اڳيان ۽ پويان ليڪ ڏبي آهي. ساڳيءَ طرح جڏهن ڪو جملو ڪنهن اڳيان آيل لفظ يا فقري جي صفت طور ڪم ايندو آهي، تڏهن به ان جي منڍ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ليڪ ڏبي آهي. انهيءَ استعمال سان ليڪ به ساڳيو

ڏنگين وارو ڪم ڏئي ٿي- پر، ڏنگين ۽ ليڪ جي انهيءَ استعمال ۾ به ڪافي فرق آهي، جو هن استعمال سمجهائڻ کان پوءِ بيان ڪبو. مثال:
- گذري ويل زمانو- رَنگين زمانو، جوانيءَ جو زمانو، مستيءَ ڀريو زمانو- جنهن ۾ ڪيف ۽ سرور هو!

مٿين مثالي جملي ۾ "گذري ويل زماني" جي صفت ۽ تشريح طور جيڪي لفظ آيا آهن، انهن جي اڳيان ۽ پويان ليڪ ڏنل آهي. اهي بئي ليڪون، انهيءَ گذريل زماني جي صفت طور ايندڙ خيال کي ظاهر ۽ نمايان ڪري بيهارڻ لاءِ ڪم آيل آهن. ايترو خيال رکڻ ضروري آهي ته اتي ليڪون به ڏيڻيون پونديون: هڪ اڳيان ۽ ٻي پويان. جيڪڏهن اهي ٻه ليڪون ڪم نه آڻبيون، ته جملي جو مفهوم ئي ڦري ويندو. جيڪڏهن هن جملي ۾ پوئين ليڪ جي بدران ٿورو دم ڏجي، ته مطلب جي ستيا ناس ٿي ويندي. صفت جي بدران ان جو مطلب اهو ٿيندو ته گذريل زماني جو مذاق اڏائڻ، ۽ ان تي دانسته ٽوڪ ڪرڻ لاءِ ان جي تعريف ڪئي وئي آهي. ليڪ جو اهو به هڪ استعمال آهي- جڏهن ٽوڪ ظاهر ڪرڻي هوندي آهي ته انهيءَ صفاتي فقري جي اڳيان ليڪ ڏيڻي پڏبي آهي، جنهن جي ذريعي ٽوڪ ۽ طنز ڪرڻ جو مقصد هوندو آهي. ان ڪري اهو لازمي آهي ته جتي به سمجهائيءَ جو جملو يا صفاتي جملو يا فقرو ڪم آڻڻو هجي، ته ان جي اڳيان ۽ پويان ليڪ ڏجي. هيٺئين مثال ۾ هڪ ئي خيال جي تشريح ۽ سمجهائيءَ لاءِ ٽي خيال ڏنا ويا آهن، انهيءَ ڪري انهن کي ليڪن جي وچ ۾ ڏنو ويو آهي. مثال:

هن کي اها رات، جا سندس گناهن وانگر ڪاري هئي، ياد اچڻ لڳي- جنهن رات هوءَ پنهنجي مائٽن کي خيرباد چئي، هن سان وڃڻ لاءِ نڪري آئي هئي- جنهن رات هِن دنيا کي ڇڏيو، پر هُو دنيا کي ڇهڻي پيو- جنهن رات هن سماج جي ڪا پرواهه نه ڪئي؛ مگر هو سَماج کان ڊڄي ويو.

مٿي چيو ويو آهي ته هن استعمال ۾ ليڪون ساڳيو ڏنگين وارو ڪم ڏين ٿيون. ڏنگيون به ڪنهن لفظ يا خيال جي تشريح ۽ سمجهائيءَ طور استعمال ڪبيون آهن؛ پر فرق رڳو اهو هوندو آهي ته

خيال جي سلسلي ۾ ليڪن جي اندر بيهاريل جملو، خيال جي ضبوطيءَ ۽ اهميت سان اهڙيءَ طرح ڳنڍيل هوندو آهي، جو ان کي ٽوڙي نه سگهبو، ۽ نه ئي انهيءَ سمجهاڻي ڏيندڙ يا صفاتي جملي کي نظر انداز ڪري سگهبو. جيڪڏهن نظر انداز ڪبو ته جملي جو خيال ئي فوت ٿي ويندو؛ پر ڏنگين جي حالت ۾ ائين نه آهي. ڏنگين ۾ جيڪو جملو يا فقرو ڏنو ويندو آهي، اهو هوندو ته سمجهاڻيءَ طور ئي آهي، پر ان کي جيڪڏهن نظر انداز ڪري ڇڏبو، ته خيال جي سلسلي کي نقصان نه پوندو. ڏنگين ۾ ايندڙ لفظ، فقري يا جملي جي اهميت ايتري اڻ لکي هوندي آهي، جو جيڪڏهن انهيءَ کي پڙهڻ وقت ڇڏي وججي، ته خيال جون سلسلي وار ڪڙيون نه ٽٽنديون. ڏنگين ۾ اهڙي ئي معمولي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي، جو ان مان جملي کي تقويت ملندي ته سهي، پر ان جي نه هئڻ ڪري ڪو نقصان نه ٿيندو. مثال:

– انهيءَ سال– جنهن سال ملڪ ۾ ذڪر پيو هو– ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد تيز ٿي ويئي.

– انهيءَ سال (شايد اهو سال ۱۹۴۳ع هو) ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد تيز ٿي وئي.

مٿين ٻن مثالن مان پهرئين مثال ۾ سمجهاڻيءَ جي جملي کي ليڪن جي وچ ۾ رکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جملي جو اصل خيال سان ڪافي گهرو ۽ واضح تعلق آهي، جنهن کي ڪٽي نٿو سگهجي؛ پر ٻئي مثال ۾– جتي ڏنگيون ڪم آندل آهن– ڏنگين ۾ بيٺل جملو جيڪڏهن نظرانداز ڪجي، ته جملي کي ڪو خاص نقصان ڪونه پهچندو.

جڏهن جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ فاعلي لفظ يا فقرا ايندا آهن، تڏهن خيال کي صاف ڪري بيهارڻ لاءِ ليڪ ڪم اچي آهي. مثال:

سائنس جا ڪرشما هجن، يا علم ادب جا ذخيرا هجن، بت تراشيءَ جا بهترين نمونا هجن يا موسيقيءَ جا رقت انگيز سُرَ هجن– مڙئي انسان جي عظمت جو دليل پيش ڪن ٿا.

جڏهن جملي جي شروع ۾ ليڪ ڏني ويندي آهي، تڏهن مقصد اهو هوندو آهي ته ڪو نئون خيال پيش ڪرڻو آهي. ڪڏهن ته وري ڪو

جملو لکي، کنهن مکمل نشانيءَ سان ان کي بند ڪري، پويان وري به ليڪ ڏيئي خيال جو سلسلو قائم رکبو آهي؛ ان مان جملي ۾ نه رڳو زور پيدا ٿئي ٿو، بلڪ خيال ۾ هڪ قسم جي نواڻ يا ندرت اچي وڃي ٿي. مثال:

ادا، اکرن تي کلجو نه! ڏنگا ڦڏا آهن ته ڇا!- پوءِ به سنڌياڻي آهيان؛ سنڌي لکيا اٿم، ويندي ٽپال جي ائڊريس تائين!

ڏسو ته انهيءَ ٻئي نمبر عجب جي نشانيءَ کان پوءِ ليڪ، خيال ۾ ڪيڏي نه گهرائي، معنويت ۽ ندرت پيدا ڪري ڇڏي آهي! ساڳيءَ طرح سان جڏهن جملي جي بلڪل شروع ۾ ليڪ ڏني ويندي آهي، تڏهن مقصد رڳو اهو هوندو آهي ته لکندڙ ڪنهن اڳيئن ڳالهه يا ڪنهن اڳيئن خيال کي ڇڏي ڪري، ڪو نئون عنوان، يا ڪا نئين ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهي. مثال:

- ياءِ ايڊيٽر، "مهراڻ" ......! سوچيان ٿي، هي افسانه نگار اديب آهن، سي ڪيئن ٿا افسانا لکن!

منهنجي خيال ۾ ڪارج جي لحاظ کان ليڪ کي ٿوري دم کان پوءِ ٻئي نمبر ۾ تمام مفيد ۽ ڪارائتا ڪارج آهن- جيتوڻيڪ ان جو استعمال ٿورو پيچيدو آهي. اها پيچيدگي رڳو گهٽ استعمال سبب آهي. جيڪڏهن اسان جا اديب ليڪ جو صحيح ۽ موزون استعمال ڪرڻ لڳن، ته هو انهيءَ نشانيءَ مان گهڻو لاڀ حاصل ڪري ٿا سگهن. نه رڳو سندن لکيتون معنوي لحاظ کان صاف ۽ واضح ٿي بيهنديون، بلڪ آءٌ يقين سان ٿو چوان ته جملن جي ظاهري جوڙجڪ به اهڙي ٿي بيهندي، جو پڙهندڙ جو هڪدم ڏيان ڇڪائيندي. انهيءَ مان اهو مقصد نه اٿم ته اديب ۽ قلمڪار ليڪ کي جا بجا استعمال ڪندا وتن- هر نشاني ضرورت آهر ڪم آڻڻ، پهريون اصول هئڻ گهرجي!

## ڳنڍيندڙ ليڪ (-):

جڏهن به ڪو مرڪب لفظ ناهڻو هوندو آهي، تڏهن انهن ٻن لفظن جي وچ ۾ ننڍڙي ليڪ ڏبي آهي. ان کي ڇڻجي ٿو "ڳنڍيندڙ

ليڪ" . انهيءَ جو استعمال فقط اهو ٿي آهي تہ جتي مرڪب لفظ اهڙن لفظن مان ٺاهيو هجي، جن جو تعلق ايترو ظاهر نہ هجي، تڏهن ليڪ وچ ۾ ڏيڻي، اهو مقصد حاصل ڪيو ويندو آهي. مثال:

مٺي جو ماهہ-پهريون سومر هو، ڪراچيءَ جي صدر واري حصي ۾، ڪوريءَ اُس ۾، هڪ فقير کي دانهون ڪندو ڏٺم.

هن مثال ۾ "ماهہ-پهريون" معنيٰ مهيني جو پهريون سومر. انهن ٻنهي لفظن جو ظاهر ڪو تعلق ڪونهي، پر معنيٰ جي ضرورت طور ان کي مرڪب بنائڻ لاءِ وچ ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ ڏني وئي آهي. ڳنڍيندڙ ليڪ فني لفظن جي مرڪب لفظن ۾ گهڻي ڪم آندي ويندي آهي. مثال: "برقي-ريڊيائي اثر"؛ "معاشي-عمراني علوم"؛ وغيره.

## ڏنگيون ():

"ڏنگين" جي باري ۾ "ليڪ" واري بحث ۾ اڳئي ڪجهہ چئي چڪو آهيان. ڏنگيون، جملي جي انهن لفظن يا ڪنهن فقري کي بند ڪرڻ لاءِ ڏبيون آهن، جو خيال جو حصو هوندي بہ ايترو اهم نہ هوندو آهي- ۽ جيڪڏهن ان کي رڳي ڇڏجي، تہ بہ مفهوم تي ڪو خاص اثر نہ پوندو. انهيءَ ڪري اهو مونجهارو ضرور پيدا ٿيندو، تہ ڪهڙي سمجهاڻيءَ جي فقري جي جملي کي ليڪن جي وچ ۾ آڻجي، ۽ ڪهڙيءَ کي ڏنگين ۾؟ دراصل اهو خود لکندڙ جي ذهني قوت تي ڇڏيل آهي. جيڪڏهن هو انهيءَ فقري يا جملي کي مجموعي خيال جو ناگزير ۽ اٽُر حصو سمجهي، تہ ليڪن جي اندر رکڻ گهرجيس، پر جي رواجي ۽ غيراهم حصو سمجهيس، تہ پوءِ ڏنگين ۾ رکڻ گهرجيس. مثال:

- هن ڪتاب ۾، سنڌ جي فقط اڍائي صدين (١٥٩٢ع کان ١٨٤٣ع تائين) جي اقتصادي تاريخ کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

ڏنگيون، گفتگوءَ (ڊائلاگ) کي لکيت ۾ آڻڻ وقت ڏاڍيون ڪارائتيون آهن. ڳالهائيندڙن جا جذبا، عمل، اشارا ۽ خطاب ڏنگين ۾ ڏنا ويندا آهن. اهو رڳو انهن شين کي اصل گفتگوءَ کان الڳ ڪري

بيهارڻ جي لاءِ ڪيو ويندو آهي- ڇاڪاڻ تہ اهي اشارا ۽ جذبا، يا مخاطب تيڻ جا نمونا ۽ طرف گفتگوءَ ۾ نہ ايندا آهن. ان ڪري لازمي طرح انهن کي لکڻ وقت اصل گفتگوءَ کان نرالو ۽ جدا ڪري بيهارڻو پوندو. مثال:

زينت (محمد کي)- تڏهن هيڏانهن اءُ!

محمد (حيرانيءَ ۾)- آءٌ سمجهي نٿو سگهان، پر تون جنن چئين تنن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

انهيءَ طرح ڏنگين جو سڀ کان مکيہ استعمال ناٽڪ نويسيءَ وقت ٿئي ٿو. ناٽڪ لکڻ وقت اهي منظر، اهي عمل، ۽ اهي جذبا، جي وقت بہ وقت، ناٽڪ ۾ ظاهر ڪرڻا هوندا آهن، انهن کي ڏنگين ۾ رکيو ويندو آهي. مثال:

محمد (سندس هَٿُ هَٿَ ۾ وٺي)- اکين سان. الله گهريو آهي تہ قيامت ڏينهن ملنداسون، ۽ آخرت ۾ هڪ ٻئي جا ٿي رهنداسون ۽ وري ڪڏهن ڪين ڌار ٿينداسون.

زينت- آمين! تڏهن هلي اءُ.

(درياهہ ڏانهن منهن ڪن ٿا، هوءَ ٻانهن گلي ۾ وجهيس ٿي، ۽ پوءِ ٻئي اچانگ ماري دريا ۾ ٽپي پون ٿا. هيٺان پاڻيءَ جي ڇڻڪار جو آواز ٻڌجي ٿو، ۽ ڳچ پاڻي ڦوهاري وانگر ٽڪر تي چڙهي ٿو اچي.)

مٿئين ناٽڪي ٽڪري ۾ پڇاڙيءَ جو سڄو منظر ڏنگين ۾ ڏنو ويو. ساڳيءَ طرح ان کان اڳ ۾ محمد جو هڪ عمل "هٿَ ۾ هٿُ وٺڻ" بہ ڏنگين ۾ ڏنو ويو آهي؛ ان ڪري جو انهن شين کي گفتگو ۽ مڪالمي کان الڳ ڪري بيهارڻ ضروري آهي.

## سوال جي نشاني (؟):

هيءَ نشاني تہ نهايت سولي آهي- جنهن جو ڪم خود نشانيءَ مان ظاهر آهي. جڏهن بہ جملي ۾ ڪنهن سوال پڇڻ جو ارادو هوندو آهي، تڏهن سوال جي نشاني ڪم آندي ويندي آهي. مثال:

- تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڪٿان جو ويٺل آهين؟

جڏهن ڪو سوالي فقرو يا جملو فاعل طور استعمال ٿيندو، ته ان ۾ سوال جي نشاني نہ ڏيڻ گهرجي. مثال:

– مذهب ڇا آهي، انڌي تقليد ڇا کي چئبو آهي، هرڪو اٽي پاءُ ڪائيندڙ ۽ سمجهدار ماڻهو سمجهي سگهي ٿو.

هن جملي ۾ اڳيان بہ سوالي جملا آهن، پر ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي پوئين جملي جي فاعل طور ڪم آيا، ان ڪري سوالي نشاني ڪم نہ آندي وئي. سوال جي نشاني استفهامي ضميرن جي وقتي معنيٰ تي بہ گهڻو دارومدار رکي ٿي- ساڳيو ضمير سوال بہ پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ بيان بہ. انهيءَ مفهوم جي پيش نظر سوالي نشان ڪم آڻڻ گهرجي.

## عجب جي نشاني (!):

سوال جي نشانيءَ وانگر عجب جي نشاني بہ نهايت سادي نشاني آهي. جڏهن ڪنهن ڳالهہ تي عجب يا افسوس ظاهر ڪرڻو هوندو آهي، تڏهن عجب جي نشاني ڪم آڻبي آهي. خود عجبي لفظن جي پويان بہ اڪثر عجب جي نشاني ڪم آڻبي آهي. مثال:

– افسوس! پڇاڙيءَ ۾ سندس محبوب مکڙو بہ ڏسي ڪين سگهيس!

ڪڏهن تہ وري جملي ۾ ٽوڪ ظاهر ڪرڻ لاءِ، يا جملي ۾ ڪنهن خاص زور پيدا ڪرڻ لاءِ بہ عجب جي نشاني ڪم آڻبي آهي. مثال:

– سنڌ جي 'سروري' ٽائيپ نقادن جي تنقيد جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن!

ڪٿي ڪٿي صاف سوالي جملن کي عجبي جملا بنائي، سندن اهميت کي وڌائبو آهي. مثال:

– "ڪڏهن ٿو ڏوڪڙ ٻاهرا يا وڃي ٿي. ٿيءَ کي سڏي اچان! ۽ ڪرايانہ ڪا تعدي!"

رواجي طرح سڏ ڪرڻ لاءِ ندا جي نشاني ڪم نہ آڻجي تہ چڱو؛ پر جيڪڏهن سڏ ڪرڻ جو ڪو خاص مفهوم هجي، تہ پوءِ ان حالت ۾ عجب جي نشاني ڏيڻ بهتر آهي. مثال:

– صاحب! هن گاڏيءَ ۾ هڪ فقير بنا ٽڪيٽ ويٺو آهي!

## ٻٽيون ۽ ايڪوٽيون واڪ جون نشانيون (' '، " "):

واڪ جون نشانيون ڪم آڻڻ سان جملي جي مفهوم کي واضح ۽ صاف بيهارجي ٿو. واڪ جون نشانيون ٻن قسمن جون آهن- ايڪوٽيون ۽ ٻٽيون. هڪڙو اصول انهن ٻنهي لاءِ ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن به ڪٿان واڪ جون ايڪوٽيون يا ٻٽيون نشانيون ڏجن، انهن کي وري ساڳين نشانين سان بند ضرور ڪرڻو آهي: گفتگوءَ جي حالت ۾، واڪ جي نشانين کان اڳ ٿورا دم (يا دم) ڏنا ويندا آهن. مثال:

– انهيءَ ڏينهن، زال کي چيائين، "مون کان هاڻي پاڻي به نه گهرجانءِ. پٺيان توکي پاڻهي پاليندو."

مٿئين مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو، ته جيڪو حصو گفتگوءَ ۾ ڪنهن شخص جي واتان نڪتو آهي، ته ان کي واڪ جي نشانين ۾ بند ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح نه رڳو گفتگو، پر ڪو خيال ۽ ويچار به واڪ جي نشانين ۾ آڻي سگهجي ٿو. مثال:

– هو سوچڻ لڳو: 'انسان ڪيڏو نه ذهني طرح ڪِري چڪو آهي!'

هن جملي ۾ سوچڻ جو نتيجو واڪ جي نشانين ۾ ڏيئي نمايان ڪيو ويو آهي.

جڏهن ڪنهن گفتگوءَ جي دوران ٻي گفتگو اچي وڃي، يا ڪو فقرو دهرايو وڃي، ڪو پهاڪو يا چوڻي آندي وڃي، ته ان حالت ۾ گفتگوءَ کي ته ٻٽين واڪ جي نشانين ۾ رکيو ويندو آهي؛ پر وچ ۾ آيل گفتگو، ڪو خيال، ڪو فقرو يا پهاڪو ايڪوٽين واڪ جي نشانين ۾ رکيو ويندو آهي. مثال:

– هن پنهنجي دوست کي سمجهائيندي چيو، "مون کي انهيءَ ڳالهه تي ڀٽائيءَ جو هڪ شعر ياد ٿو اچي: 'متو آهين مڇ، ٿلها! تو ٿونا هٿين' - اهو شعر بلڪل هن تي ٺهي ٿو اچي!"

هن مثال ۾ ڀٽائيءَ جي شعر کي گفتگوءَ جي وچ ۾ اچڻ ڪري، ايڪوٽين نشانين ۾ رکيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اهي لفظ گفتگوءَ ۾ اچڻ

ته ”ا، پر خود ڳالهائيندڙ جا پنهنجا لفظ نه آهن؛ اهو محض هڪ حوالو آهي. اهڙن گفتگوءَ جي وچ ۾ ايندڙ حوالن کي ايڪوٽين نشانين ۾ رکڻ گهرجي.

جڏهن رواجي لکيت ۾ ڪنهن خاص لفظ تي توجهه ڇڪائڻو هوندو آهي، ۽ اُن لفظ کي نمايان ڪري بيهارڻو هوندو آهي، ته به ٻٽين واڪ جي نشانين کان ڪم ورتو آهي. مثال:

– اوچتو ”ڇم ڇم“ جي آواز سندس خيالن کي توڙي ڇڏيو.

مٿئين مثال ۾ ”ڇم ڇم“ لفظ کي خصوصيت ڏيڻ ۽ نمايان ڪري بيهارڻ لاءِ واڪ جي نشانين ۾ آندو ويو آهي.

خاص طور، جڏهن ڪي لفظ يا نالا سندن رواجي معنيٰ ۾ نه، پر ڪنهن خاص فني، علمي يا ٻيءَ ڪنهن غير رواجي معنيٰ ۾ ڪم آڻيا هوندا آهن، ته گهڻو ڪري پهريون ڀيرو اهڙن لفظن کي واڪ جي نشانين ۾ آڻبو آهي. مثال:

– سموري ريڊيائي قوت جو دارومدار ”اڻي“ جي ٻن مثبت ۽ منفي طاقتن جي هڪ ٻئي جي چوڌاري گردش ڪرڻ تي آهي.

## ٻٽيون يا مرڪب نشانيون

ثانوي نشانين کان پوءِ ٻٽيون نشانيون به ڪجهه قدر استعمال ڪيون وينديون آهن. ٻٽين نشانين جو مقصد فقط عارضي آهي. انهن مان مکيه نشاني آهي، ”ٻُڙي ٻڙي ٻڙي“. هيءَ نشاني گهڻو ڪري خالص ادبي لکيتن ۾، ڪٿي ڪٿي خيالن ۾ نفاست جي گهرائي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم آندي ويندي آهي. مثال:

هو سوچيندو رهيو– هي دنيا ۽ سماج جا بدنما داغ، ڪارنهن جا ٽڪا– مگر .... سندس دل ٻيهجي ويئي.

جڏهن جملي جي شروعات يا پڇاڙيءَ ۾ هيءَ نشاني ڪم آڻڻ سان، لکندڙ معنيٰ ۾ گهرائي پيدا ڪرڻ سان گڏ پڙهندڙ جي ذهن کي ڪجهه سوچڻ، ۽ انهيءَ ڇڏيل ”ٻڙي ٻڙي ٻڙي“ جي جاءِ کي پنهنجي فهم سان پُر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي، تڏهن اٿين محسوس ٿيندو

آهي، تہ لکندڙ ڪجهہ اڌورو ڇڏي ويو آهي- جتي ڪن لفظن کي ڇاڻي واڻي ڪاڏو ويو آهي- پر خيال اڌورو هوندي بہ مڪمل هوندو آهي؛ لفظ نہ هوندي بہ لفظن جي موجودگي ذهن ۾ پاسا ورائڻ لڳندي آهي. مثال:

- ها... اي غريب، مون توکان بيک پني.... بيک! .... تو ڇا ڏنو؟ ... تنهنجو متاع حيات! .... تنهنجو سڀڪجهہ.... دل، دماغ، ايمان، اعتقاد .... سڀڪجهہ ....

- غريب ڇوڪري..... نوجوان..... مگر نوجوان!

مٿين ٻن مثالن مان ظاهر ٿيندو تہ انهيءَ نشانيءَ جي ڪري نہ رڳو معنيٰ ۾ گهرائي پيدا ٿئي ٿي، نفاست پيدا ٿئي ٿي، پر ساڳئي وقت پڙهندڙ لکندڙ سان گڏ ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ٿيو پوي- اهو ڪجهہ سوچڻ لاءِ، جيڪي لکندڙ انهن ٻڙين جي وچ ۾ لڪائي ويو آهي!

ان کان پوءِ ٻي ٻٽي نشاني آهي "ٻہ ٻڙيون ليڪ". هن نشانيءَ جو فقط هڪڙو ئي استعمال آهي، ۽ اهو آهي ڪا چيز شمار ڪرڻ يا ڪنهن شيءِ جو تفصيل ڏيڻ. مثال:

- ٻار جي صحيح تعليم لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:-

(۱) صحيح تربيت؛ (۲) صحت مند ماحول؛ (۳) همدردي ۽ محبت جو رويو.

هن نشانيءَ جو اهو استعمال دم کان بہ ورتو ويندو آهي. بهتر بہ اهو آهي تہ تفصيل جو اهو ڪم، جڏهن دم اسان کي ڏئي ٿو، تہ پوءِ اسين هن ٻٽيءَ نشانيءَ تي گهڻو نہ ڀاڙيون.

ان کان پوءِ آخري ٻہ نشانيون آهن: **ڏنگيءَ ۾ سوال جي نشاني، ۽ ڏنگيءَ ۾ عجب جي نشاني.**

جڏهن ڪنهن ڳالهہ ۾ شڪ هوندو آهي، يا ان جي مڪمل معلومات نہ هوندي آهي، تہ اتي ڏنگيءَ ۾ سوال جي نشاني ڏني ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٽوڪ ظاهر ڪرڻ لاءِ بہ ڪم آندي ويندي آهي. مثال:

- الحمرا جا داستان (؟) ڏند ڪٿائن کان وڌيڪ اهميت تاريخي اعتبار کان نہ ٿا رکن.

هن ۽ ٿال ۾ الحمرا جي داستانن متعلق ڪنهن شڪ جو اظهار ڪيو ويو آهي.

ڏنگين ۾ ڪم آيل عجب جي نشانيءَ جو ٻه گهٽو ڪري ساڳيو استعمال آهي، جهڙو ڏنگين ۾ سوالي نشانيءَ جو آهي. هن نشانيءَ جي استعمال سان ته پاڻ طنز گهري ٿي ويندي آهي. مثال:

– الله توکي تنهنجي نيڪيءَ (!) جا ٻارڙا ڏيندو!

هن جملي ۾ نه رڳو نيڪيءَ جي حالت شڪي ٿي پئي، پر ساڳئي وقت هڪ گهري طنز به ٿي وئي.

اسان جا سنڌي اديب ۽ ليکڪ جيڪڏهن بيهڪ جي نشانين جي صحيح استعمال جي اهميت کي سڃاڻندا ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مٿي بيان ڪيل چند ڳالهين تي ڌيان ڏيندا، ته نه رڳو هنن جون تحريرون ٻوليءَ جي جوڙجڪ جي لحاظ کان سهڻيون ٿينديون، پر ساڳئي وقت هو پنهنجو صحيح مقصد به پڙهندڙن تائين پهچائي سگهندا. دراصل نشانين استعمال نه ڪرڻ ڪري ايترو نقصان ڪونه ٿو ٿئي، جيترو نشانين غلط استعمال ٿيڻ ڪري ٿو ٿئي. اسان وٽ هڪ خاص بدعت آهي ته عجب جي نشاني ۽ سوال جي نشاني، ڪن ڪن هنڌ مطلب کي گهري ڪرڻ جي خيال کان هڪ کان وڌيڪ پيرا ڪم آندي ويندي آهي؛ پر انهن نشانين جو اهو نهايت ئي غير موزون استعمال آهي. ان ڪري ڪڏهن به هڪ کان وڌيڪ عجب جي نشاني يا هڪ کان وڌيڪ سوال جي نشاني، هڪ ئي هنڌ ڪم نه آڻڻ گهرجي.

بيهڪ جي نشانين ڏانهن جوڳو ڌيان ڏيئي، سنڌن صحيح استعمال، ۽ پڻ ٻوليءَ جي سادگيءَ ۽ سلوڻائيءَ، لفظن جي صحيح چونڊ، ۽ خيالن جي پڌرائپ ۾ ورچ جي ذريعي اسان جا اديب ۽ شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي اهو تاب ۽ زينت بخشي سگهن ٿا، جا سنڌن لکيتن کي مقبول عام ۽ لافاني بنائي سگهي ٿي. هن قسم جي خبرداريءَ ۽ احتياط سببان اسان جي ٻولي نه رڳو سونهن ۽ سوڀيا ۾ وڌندي، بلڪ انهن علمي بنيادن تي اڳتي سان انهيءَ ڏس ۾ ٻين ترقي يافته ٻولين سان همسري پڻ ڪري سگهندي.

# درسي ڪتابَ ۾ سنڌي ٻولي

---

"درسي ڪتاب اصولي طور ٻوليءَ جي لفظن ۽ اُچارن، اصطلاحن ۽ عبارتن جا معياري دستاويز آهن. جيئن ته شاگردن کي درسي ڪتاب لازمي طور تي پڙهايا وڃن ٿا، انهيءَ ڪري درسي ڪتابن جي لکائيندڙ صاحبن توڙي داناءَ لکندڙن تي اها ذميداري آهي ته هو درسي ڪتابن ۾ صحيح ٻوليءَ جي استعمال تي خاص ڌيان ڏين ۽ ڪتابن کي صحيح صورت ۾ ڇاپائين. ڇاڪاڻ ته درسي ڪتابن ۾ غلطين جي گهڻائي ٻوليءَ جي بگاڙ لاءِ راهه هموار ڪري ٿي."

— ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

# مهاڳ

دُنيا جي هر زبان جو هڪ **'معياري لهجو'** (standard dialect) ٿيندو آهي، جيڪو **'معياري زبان'** (standard language) طور تعليم ۽ تدريس جو ذريعو هوندو آهي. اهو معياري لهجو ئي درسي ڪتابن، ادبي ڪتابن ۽ ميڊيا (اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي. وي وغيره) تي ڪم ايندو آهي.

انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪان پوءِ، 1853ع ۾، جڏهن سنڌي زبان جي مختلف لپين (ديوناگري، خداوادي، خوجڪي، گرمکي، نستعليق ۽ نسخ وغيره) کي آڏو رکي، سنڌي عالمن (هندن توڙي مسلمانن) موجوده سنڌي (عربي- سنڌي/ نسخ) لپي، سنڌي زبان لاءِ مناسب سمجهي تہ پوءِ اُن جي معيار (standerdization) جو مسئلو سامهون آيو. سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائجندڙ مختلف لهجن کي آڏو رکي، ان مسئلي کي ائين حل ڪيو ويو تہ سنڌ جي وچ واري علائقي يعني 'وچولي' ۾ ڪتب ايندڙ لهجي کي **'معياري لهجو'** قرار ڏنو ويو. پوءِ جڏهن سنڌ جي ڪمشنر سرٻارٽل فريئر جي حڪمنامي سان سنڌي ٻولي، سنڌ پرڳڻي جي دفتري، عدالتي، روينيو ۽ تعليم جي زبان بنجي وئي تہ نصابي يعني درسي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي اِن معياري لهجي يعني 'وچولي واري لهجي' ۾ لکجڻ لڳا. اڳتي هلي قانون، روينيو، ٿاڻن ۽ اخبارن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ لاءِ پڻ اهو معياري لهجو استعمال ٿيڻ لڳو- ۽ اڄ تائين اهو لهجو، سنڌي معياري زبان جي سُڃاڻپ بنجي چڪو آهي.

عربي- سنڌي لپي لاڳو ٿيڻ ڪان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي عالمن، اديبن ۽ اُستادن جي مشوري سان سرڪار درسي ڪتابن جي ٻوليءَ تي نظر رکڻ لاءِ هڪ **'سنڌي لٽريچر ڪاميٽي'** مقرر ڪئي، جيڪا وقت بہ وقت اهڙن لفظن جي مقرر صورتن جون لڙهيون يا فهرستون شايع ڪندي رهندي هئي، جيڪي لفظ مختلف طريقن سان لکيا ويندا هئا. 1888ع ۾ سنڌ جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر ايچ. پي جيڪب، ڏار ڏار هجي وارن لفظن جون صورتون مقرر ڪرايون ۽ سنڌس حڪم سان اهڙا چارٽ تيار ڪرايا ويا، جن مان ڪي لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| ڏار ڏار صورت | مقرر صورت |
|---|---|
| جڏه، جڏه، جڏهي، جڏهين، جڏين | جڏهن |
| ڪڏه، ڪڏهي، ڪڏهين، ڪڏين | ڪڏهن |
| ڪه، ڪنهين، ڪنهن، ڪهي | ڪنهن |
| جه، جَه، جنهين، جنهن، جهي | جنهن |

اهڙن سمورن لفظن جا چارٽ تيار ڪري، سڄيءَ سنڌ جي اسڪولن ۾ ورهايا ويا ته جيئن اُستاد، شاگردن کي لفظن جي صحيح صورتن کان آگاهه ڪن ۽ سيکارين.

1913ع ۾ سنڌ جي عالمن ضروري سمجهيو ته اهڙن ڏار ڏار لفظن جون صورتون مقرر ڪيون وڃن ۽ اُن وقت جي تعليمي ماهرن ۽ 'سنڌي لٽريچر ڪاميٽيءَ' جي ميمبرن، 13 فيبروري 1913ع ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري، 'اخبار تعليم' ۾ اهڙن ڪيترن ئي لفظن جون فهرستون شايع ڪرايون ۽ انهن جون درست صورتون ڏنيون، جهڙوڪ:

| صحيح | غلط | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| توڙي | توڻي | اونداهي | اونڌائي |
| درياهه | دريا | ڏهاڙي | ڏهائي |
| تيون | تيو | سڄيون | سڄون |
| وهڻ | ويهڻ | پرواهه | پروا |
| ڪنڌار | ڪنڌوار | نَوَ | نئوَ |
| اجا | اجان | هُنا | هُوا |
| وڃي | وڃين | ڇڏا | ڇڏان |
| جهجهو | ججهو | ڪٽي | ڪٽين |
| چاق | چاڪ | محلَ | محل |
| بلڪل | بالڪل | مترڪو | مطرڪو |
| بدمعاش | بدماش | ڇهه | ڇه |
| زعفران | جافران | ٻڪر | ٻقل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| دنبورو | طنبورو | استعيفا | استعفا |
| سرگشت | سرگس | شگون | سڳڻ |
| سايو | سعيو | ياڳون | ياڳو وغيره. |

انگريزي نالن جي هِجي لاءِ طئي ڪيو ويو ته اُهي انگريزي لفظن جي اُچارن موجب هِجي ڪيا ويندا. ان ڪان سواءِ هيٺين لفظن جون ٻئي صورتون، ضرورت وقت ڪم آڻڻ ڪي صحيح قرار ڏنو ويو.

| | |
|---|---|
| مهنو | مهينو |
| وٺي | ويٺي |
| چوي | چئي |
| پوي | پئي |
| قُل | قُر |
| ڪلف | ڪرف |
| پليد | پليت |

1915ع ۾ ان وقت جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر ديوان جڳنناٿ، ان مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي. سنڌ جو عظيم عالم ۽ اديب مرزا قليچ بيگ پڻ اُن ڪميٽيءَ جي اهم ميمبرن مان هڪ هو. اِن ڪميٽيءَ ڌار ڌار صورتن ۾ لکجندڙ ڪيترن لفظن جون صورتون مقرر ڪيون، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون:

| مقرر صورت | ڌار ڌار صورت |
|---|---|
| آءٌ | آءٌ، آئون |
| ڪيائون | ڪياءٌ، ڪيائون |
| چاڪ | چاڪ، چاق (چڱو ڀلو) |
| ڪُلف | ڪُلف، ڪرف، قفل |
| ڪُنجي | ڪُنجي، ڪُنجي |

اهڙيءَ طرح اهو سلسلو 1945ع تائين جاري رهيو. ڌار ڌار صورتن ۾ لکجندڙ لفظن جون صورتون مقرر ڪري، اهڙن لفظن جا چارٽ اسڪولن ۾ موڪليا ويندا هئا ته جيئن اُستاد ٻارن کي لفظن جي صحيح صورت، صحت،

تعليم ڏيارڻ بدران اردو ۽ انگريزي ميڊيم ۾ تعليم ڏياري رهيا آهن. ڪيترن گهرن ۾ ٻارن جي تعليم اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هئڻ ڪري، انهن سان مائٽ پڻ سنڌيءَ بدران ٻين ٻولين ۾ گفتگو ڪن ٿا. ڪورٽن، ٿاڻن ۽ روينيو جي زبان ايامن کان وٺي سنڌي هئي، جيڪا تبديل ڪئي پئي وڃي ۽ شهرن جي اوچن اسڪولن. بيڪن هائوس، سينٽ ميري، سينٽ پيٽرڪ وغيره مان سنڌي سبجيڪٽ ختم ڪيو پيو وڃي. اهڙيءَ صورتحال ۾ نه رڳو ان ڳالهه لاءِ آواز اٿارڻ اسان جو فرض ٿئي ٿو ته سنڌي زبان جو استعمال، اسڪولن، ڪورٽن، ٿاڻن ۽ سرڪاري دفترن ۾ يقيني بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪريون، پر ساڳئي وقت صحيح سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ طرف پڻ ڌيان ڏيون. ان ڪري سڀ کان اڳ درسي ڪتابن جي ٻولي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان کان سواءِ اها وقت جي گهرج آهي ته درسي ڪتاب، ٻار جي ذهني سطح ۽ دنيا جي ترقيءَ جي رفتار کي آڏو رکي، عام فهم ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجن؛ ڪتابن ۾ صحيح صورتخطي ڪم آڻڻ گهرجي؛ گڏي لکجندڙ ۽ ڌار لکجندڙ لفظن جو درست استعمال ڪجي؛ لفظن جي درست اُچارن لاءِ زبر، زير ۽ پيش، يعني اعرابن جو خاص خيال رکڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جو آخري اکر متحرڪ هوندو آهي، اُن ڪري ان تي اعرابون ڏئي، ان کي چٽو ڪرڻ گهرجي. ڪيترا لفظ ايا تائين مختلف صورتن ۾ لکيا وڃن ٿا، جيڪي ٻارن لاءِ مونجهاري جو ڪارڻ بڻجندا رهن ٿا. انهن جي مقرر صورتن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ نثر ۾ لفظن جي معياري صورت برقرار رکڻ گهرجي، البت شاعريءَ ۾ وزن بحر جي خيال کان ڪٿي ڪٿي اها پابندي ٽوڙڻي پوي ٿي، اُن جي ڄاڻ به ٻارن کي ضرور ڏيڻ گهرجي. درسي ڪتاب جو سڌوسنئون واسطو ٻوليءَ ۽ ان جي لکيل صورت سان هوندو آهي، ان ڪري ٻوليءَ جي اهميت کي آڏو رکي، درسي سبق لکندڙ ليکڪن جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. سبقن لکائڻ کان پوءِ انهن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ جي نظرثاني (editing) ماهر اُستاد ۽ اديبن کان ڪرائڻ گهرجي.

انهن سمورين ضرورتن ۽ صورتحال کي اڳيان رکي، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ، درسي ڪتابن جي ٻوليءَ ۽ درسي ڪتابن جي سبقن لکڻ جي فن وغيره تي ڪيترا سيمينار ۽ ورڪشاپ ڪرايا آهن. انهن سيمينارن ۾ پڙهيل مقالن مان ڪجهه چونڊ مقالا، تجزيا ۽ اخباري تبصرا گڏ ڪري، ڪتابي صورت ۾

ترتيب ڏنا اٿم ته جيئن هن اهم ضرورت ڏانهن اسان جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن جو ڌيان وڃي. صحيح سنڌي لکڻ لاءِ آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ڀيرومل مهرچند آڏوائيءَ، واحد بخش شيخ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جا 'ٻيهڪ جي نشانين' بابت مضمون/ مقالا به ڏنا ويا آهن، ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن کي ٻيهڪ جي نشانين کان آگاهي ٿي سگهي.

اميد ته هي ڪتاب پڙهندڙن ۽ لکندڙن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

تاج جويو

حيدرآباد، سنڌ
1- جولاءِ، 2001ع

ڪتر حبيب الله صديقي

# سنڌي ذريعہ تعليم جو هڪ ارتقائي جائزو

سنڌ ۾ تعليم جي شروعات مذهب سان ٿي. هندو برهمڻ اوائلي تعليمي نظام قائم ڪيو. سنسڪرت ٻوليءَ ۾ لکيل "ويدَ" انهيءَ نظام جا درسي ڪتاب هئا. پر جيئن تہ ٻار جي ٻولي سنڌي هئي، تنهنڪري گُرو ۽ چيلي جي رابطي جي زبان سنڌي هئي، ۽ ضروري هدايتون ۽ سمجهاڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏنيون وينديون هيون؛ بعد ۾ هتي "ٻُڌ" ۽ "اسلامي" نظامِ تعليم رائج ٿيا، ۽ اُنهن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي اهميت ۽ ضرورت ساڳي رهي. بقول مولانا جلال الدين رومي رحہ:

سنديان را اصطلاحِ سند مدح
هنديان را اصطلاحِ هند مدح

يعني "سنڌين لاءِ سنڌي زبان موزون آهي، هندين لاءِ هندي زبان موزون آهي."

تعليمي ماهرن جي اها ئِي اڪثريتي راءِ آهي تہ تعليم جو بهترين ذريعو ٻار جي مادري زبان آهي.

ٻار کي ڪهڙي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي، انهيءَ بابت ٻہ ويچار اهم آهن. هڪ تہ جنهن ٻوليءَ ۾ ٻار آسانيءَ سان تعليم حاصل ڪري سگهي، ٻيو تہ اها ٻولي روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارگر هجي. پهريون ويچار اُستاد جو آهي ۽ ٻيون اُلڪو والدين کي ٿئي ٿو. تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ انهن ٻنهي ويچارن جو ڪهڙيءَ ريت ازالو ڪيو ويو، تنهن بابت هِي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

برهمڻن جي دؤر ۾ "سنسڪرت"، ٻُڌن جي دؤر ۾ "پالِي" ۽ اسلامي دؤر ۾ "عربي" ۽ "فارسي" زبانون اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ

جو ذريعو هيون، تاهم ابتدائي تعليم جي مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ناگزير هو. خود ڊاريءَ ٻوليءَ تي دسترس حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي مادري زبان هڪ ذريعو هئي. تعليم جو فن ۽ فڪر رکندڙن جي اڄ ڏينهن تائين اها عام راءِ آهي، ته مادري زبان ۾ پڙهُ ٿئي بغير، ٻارُ ٻي ڪابه ٻولي آسانيءَ سان سِکي نه ٿو سگهي. مادري زبان ۾ بنيادي مهارت جو عمل، اعليٰ تعليم ۾ استعمال ٿيندڙ غيرمادري زبانن جي ترجمي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح قديم دَور کان سنڌ ۾ سنڌي زبان تعليم جو بنيادي ذريعو بڻي رهي آهي.

پنجن سالن جو هندو سنڌي ٻالڪ "يجنا پوتيا" جي رسم بعد، مقامي برهمڻ جي "تال" (مذهبي مڪتب) ۾ "وديا آرنڀ" ڪندو هو؛ جنهن کي "اڪشتر سويڪارم" به چيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح تعليم جو آغاز اکرن جي سڃاڻپ يا قبول ڪرڻ سان ڪيو ويندو هو. فني اصطلاح، برهمڻن جي مذهبي زبان مطابق هوندا هئا، ليڪن برهمچاري ٻالڪ جي ٻولي ته سنڌي هئي؛ تنهنڪري گرو ۽ چيلي جي وچ ۾ چوٻول سنڌي زبان ۾ ٿيندو رهندو هو. شودرن تي تعليم جا دروازا بند هئا، نارِيون ناپاڪ هيون، سواءِ چند ديوين جي؛ ۽ تعليم جي انهن کي ضرورت نه هئي. وئشن ۽ کترين جا ٻار ١٢ سالن جي عمر تائين ويدن جا منتر ۽ مالائون رٽيندا رهندا هئا، ۽ پوءِ وڃي پنهنجي ڪرت سان لڳندا هئا. اعليٰ تعليم جو حق فقط برهمڻن جي اولاد کي حاصل هو، تنهنڪري سنسڪرت جي تعليمي اهميت برقرار رهي؛ تاهم سنڌي ٻوليءَ ۾ ويدن جي منترن ۽ مالائن جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي وڃڻ بعد، بالخصوص "اُپنشدن" جي تخليق بعد، سنڌ جي برهمڻي تعليمي نظام ۾ هڪ انقلاب آيو. هڪ طرف برهمڻن جي سنسڪرت ميڊيم "تال" جي مقابلي ۾، هڪ نئون تعليمي ادارو وجود ۾ آيو، جنهن کي "پاٺشالا" نالو ڏنو ويو، ۽ انهيءَ بنيادي تعليمي اداري ۾ پاٺ يا سبق، سنسڪرت جي سنڌي سمجهاڻيءَ سان ڏيڻ ۾ آيو. ٻئي طرف تعليم جي اتساهه وڌڻ سبب، وئشن ۽ کترين جا ٻار برهمچاري ڄمار کي ١٢ سالن کان اڳتي جاري رکڻ تي زور ڀرڻ لڳا، ۽ برهمڻن

ٻنهي منجهون هڪڙي، چڱي نہ ٿئي ڪاءِ"

سومرن جي دَور جا اسلامي مدرسا، عربي زبان ۾ لکيل درسي ڪتاب استعمال ڪندا هئا. سومرن عالمن ميان حماد، ميان اسماعيل ۽ امير درويش جو **"اڳهم ڪوٽ"** ۾ قائم ڪيل مدرسو، سيوهڻ شريف ۾ حضرت قلندر لعل شهباز جي زماني جو مدرسو **"فتهائے اسلام"**، ۽ بعد ۾ مخدوم جهانيان طرفان قائم ڪرايل **"خانقاه محمديہ"**، ۽ ٻکر ۾ شيخ نوح جو مدرسو بين الاقوامي شهرت جا مالڪ هئا ۽ عربي- فارسيءَ ۾ اعليٰ تعليم فراهم ڪندا هئا؛ پر طالبن جي اڪثريت سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هئي. علم جو ڦهلاءُ عام هو. مقامي مقبوليت رکندڙ مدرسا ٻيا بہ گهڻا هئا، جيڪي سنڌ جي ٻين اهم شهرن، ٺٽي، نصرپور، هالڪنڊي، ٻوبڪ، دربيلي، پاٽ، علي واهڻ ۽ ٻيرلوءِ وغيره ۾ قائم هئا؛ جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي تعليم جي ڪاميابيءَ جي پروڙ پوي ٿي. پوءِ ان جاٿايل مدرسا سمن جي سلطنت ۾ ڪافي ترقي پذير هئا. اُن دَور ۾ عربيءَ جي جاءِ تي فارسي دفتري زبان بڻي. اُتان سنڌي- ملتاني (سرائڪي) زبان جي چوٽي مشهور ٿي تہ، "فارسي گهوڙي چاڙهسي". سمن جي دَور ۾ تعليم عام ٿي. مڪتبن ۽ مدرسن جا عالم، مهتمم ۽ مولوي سنڌي هئا.

ارغون- ترخان دَور ۾، سنڌ جو تعليمي نظام هڪ وڏي انقلاب هيٺ آيو. مخدوم بلاول جي شهادت بعد سنڌ جا اڪثر عالم، معلم ۽ مهتمم سنڌ مان هجرت ڪري ويا، ۽ سندن قائم ڪيل ادارا بند ٿي ويا: ١٥٤٩ع ۾ مولانا شيخ عبدالله دربيلي مان هجرت ڪئي. ١٥٥٥ع ڌاري پاٽ مان شيخ طاهر محدث ۽ سيوهڻ مان اتان جي عالمن فاضليت ڪئي. انهن کان اڳي ١٥٣١ع ۾ قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم، ١٥٤١ع ۾ شيخ موسيٰ ٻوبڪائي ۽ ١٥٤٩ع ۾ شيخ ابراهيم ڪلهوڙو سنڌ مان لڏي ويا هئا. بعد ۾ ٻوبڪن جو شيخ حڪيم عثمان پڻ ١٥٧٥ع ۾ هجرت ڪري هندستان هليو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌي اُستادن جي هجرت ۽ سنڌين جي مڪتبن ۽ مدرسن جي بند ٿي وڃڻ بعد، سنڌي ٻوليءَ جو تعليم سان تعلق منقطع ٿي ويو. ازانسواءِ ڌارين

نظام شروع ٿيل ڏسجي ٿو. دهيلي جي عالم نظام الدين بن عبدالرزاق نہ صرف تعليم جي انجمن لاءِ هيءَ شمع روشن ڪئي، بلڪ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جو آغاز پڻ ڪيو. هن هڪ ڪُليو معلوم ڪيو تہ: "ڪوبہ نج سنڌي لفظ ش، ف يا ي سان شروع نہ ٿو ٿئي." انهيءَ ابتدائي ڪاوش بعد هڪ سنڌي- فارسي لغت مرتب ڪرڻ جو مرحلو آيو. آخوند عبدالرحيم ولد محمد وفا عباسيءَ جي مرتب ڪيل **"جواهر لغات سنڌي اکيچار"** ياڻنجي ٿو تہ ڀهرين سنڌي- فارسي ڊڪشنري آهي. انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آخوند محمد حسن ساوتِي هالن پراڻن واري جي تيار ڪيل سنڌي لغات، **"حسن الفوائد وَاحسن تعليم الصبيان"** (غره رمضان ١٢٩٣هـ) آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ ذريعي فارسي لفظن جون معنائون آسانيءَ سان سمجهايون ويون آهن.

سنڌ ۾ طب جي تاريخ آڳاٽي آهي. قديم زماني کان جديد دَور تائين جڙين ٻُوٽين ۽ دوائن جا نالا سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن. حڪيم فزاري ۽ ابو ريحان البيرونيءَ پنهنجن ڪتابن ۾ سنڌي نالا استعمال ڪيا آهن. اهي نالا انهن سنڌي حڪيمن، بغداد جي دارالحڪمت ۾ رائج ڪيا، جيڪي هتان خاص گهرايا ويا هئا: سندباد، مانڪ، ڀلو ۽ سندس فرزند صالح، ڏاهر وغيره اهي سنڌي حڪيم آهن، جن جا نالا عرب عالمن، خليفي هارون الرشيد جي دَور (٨٠٩- ٧٨٦ع) ۾ ورتا آهن. انهن جا طبي محاورا سنڌيءَ مان عربيءَ ۾ هن ريت اچي ويا: ٽِڦلو= اطريفل؛ چَندن= صندل؛ ڪرنفل= قرنفل، ڀهيڙا= بهيلہ؛ ڀَتُ= بهط وغيره. عرب حڪيمن لکيو آهي تہ بيمار لاءِ ڀَتُ مفيد کاڌو آهي. (ڪتاب الخلفاء والبرامڪہ، جزالثاني، مصر). جديد دَور ۾ پڻ سنڌي حڪيمن طب جي تعليم کي سنڌي ٻوليءَ ۾ عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: **فرهنگ جعفريءَ** جهڙن ڪتابن ۾ سنڌي جڙين ٻوٽين ۽ نسخن جا نالا استعمال ڪيا ويا آهن. حڪيم عبدالغفور مفتون همايوني (١٩٢٧- ١٨٤٥ع) جي ڪتاب **"الفاظ ادويہ"** ۾ عربي ۽ فارسي نالن سان گڏ دوائن جا سنڌي نالا ڏنا ويا آهن. انهيءَ

ڪان اڳي طب يوسفيءَ جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو.

مغلن جي پوئين دَور ۽ مقامي ڪلهوڙا خاندان جي دَور ۾، ١٧-١٨ صدي عيسويءَ اندر، سنڌيءَ جون مختلف صورتخطيون ايجاد ڪيون ويون، ۽ انهن لپين ۾ سنڌي درسي ڪتاب لکيا ويا؛ برک عالمن ۽ اُستادن ۾ علامہ ابوالحسن سنڌي، ان ڪان علاوه مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم غلام محمد بگائيءَ ۽ پڻ پنهنجي مخصوص انداز ۾ سنڌي لکي، جنهن کي سندن "سنڌي" سڏيو ويو. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ ۽ سندس مرشد سلطان الاولياءُ مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري ۽ مخدوم عبدالله نري واري سنڌي علم و ادب، شاعريءَ، ۽ رشد و هدايت لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو ذريعو استعمال ڪيو. مخدوم **ابوالحسن سنڌي** سن ١٧٠٠ع ڌاري، نماز جي موضوع تي هڪ درسي ڪتاب لکيو، جنهن جي ٻولي سنڌي هئي، پر عنوان عربي زبان ۾ "مقدمة الصلواة" رکيو ويو. انهيءَ سنڌي درسي ڪتاب کي عام طور تي **"ابوالحسن جي سنڌي"** سڏيو ويو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق، انهيءَ درسي ڪتاب کان اڳ جا ڪجهہ سنڌي قلمي ڪتاب مليا آهن، تاهم موصوف انهن جي واضع نشاندهي نہ ڪئي آهي.(*) تاريخ جي لحاظ کان **"مقدمة الصلواة"** پهريون آڳاٽو سنڌي درسي ڪتاب آهي، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مدرسي هاشميہ ۾ پڻ پڙهايو ويندو هو. افاديت ۽ مقبوليت جي مدنظر انهيءَ سنڌي ڪتاب کي سڌاري ۽ سنواري هڪ ٻيو درسي ڪتاب **"اصلاح المقدمة الصلواة"** جي عنوان سان لکيو ويو، جيڪو پڻ مڪتبن ۽ مدرسن جي نصاب ۾ شامل ٿيو. انهن ٻن ڪتابن کان علاوه ملا عبدالحڪيم جو عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب **"حڪايات الصالحين"**، ميان عبدالله جو **"حبيب السيار"** تان ورتل مواد، خالص سنڌي عنوان **"لاڏائو"** جي صورت ۾، ۽ معراج نامو ۽ ملا اسماعيل جو ڪتاب **"سؤ مسئلا"**، سنڌيءَ ۾ ذريعہ تعليم بنيا.

---

* انهن قلمي ڪتابن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "آڳاٽي سنڌي منظوم ذخيرو" جي نالي سان ترتيب ڏنو آهي، جيڪو ڪتاب سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ ڇپايو آهي. (ت.ع)

بيا اڪيچار قصا ۽ ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيون ويون، جن سان سنڌي شاگردن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي عالمن ۽ اُستادن تجربي مان معلوم ڪيو، تہ ٻارن کي شروع ۾ ئي عربي ۽ فارسي پڙهائڻ بجاءِ، جيڪڏهن پهريائين کين پنهنجي مادري زبان سنڌي پڙهائي، پوءِ فارسيءَ ۽ آخر ۾ عربيءَ ذريعي تعليم ڏجي ٿي، تہ هُو آسانيءَ سان علم تي دسترس حاصل ڪري سگهن ٿا، ۽ غيرمادري زبانن ۾ مهارت حاصل ڪن ٿا.

مخدوم **محمد هاشم** ٺٽوي (١٧٦١- ١٦٩٢ع) بنيادي طرح عربي زبان جو عالم ۽ اديب هو. ڪجهہ فارسي ڪتاب بہ لکيائين، تاهم سنڌي طالب علمن واسطي ڪيس سنڌي درسي ڪتاب لکڻا پيا، جن جا عنوان جيتوڻيڪ عربي زبان ۾ هئا، پر اُنهن جي ٻولي سنڌي هئي: **"قُوت العاشقين"** جي عنوان هيٺ لکيل ڪتاب مان هي ٽڪرو ملاحظہ ڪجي:

"وَءِ وَءِ وَتِين وَيسَرو، اسُونَهن ايـــاڳا،
سَنجهي صَـــبـــوح سُمـــهين، اُٿين اُويلا،
توکي تات نہ تَندَ جِي، ڪَتِڻَ جي نہ ڪرا،
جنين ڪَتِيو ڪالهہ هي، سرها سي ٿيا،
جِتي مَحــشــر مــاڳ ۾، لَکين لَکَ مڙندا،
دائما دُنيا نہ رهي، باقي مَنجهہ بقا...."

اهڙيءَ ريت الف اشباع جي قافين ۾ منظوم سنڌي مواد، درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن سان شاگردن ۾ چاهہ پيدا ٿيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ پنهنجي لکيل ١٤١ ڪتابن ۾ ٩ پيا بہ اهڙا سنڌي درسي ڪتاب لکيا، اُهي هي آهن:

(١) اصلاح المقدمة الصلواة، (٢) بناء الاسلام، (٣) تحفة التائبين، (٤) تفسير هاشمي، (٥) رسالة في ذڪر أفضل ڪيفيات الصلواة علي النبي صلي الله عليہ وسلم، (٦) رسالة في موعظة مايتعلق باحوال القبر وما بعده، (٧) رسالة سنديہ (عربي دعائن جا سنڌي ترجما)، (٨) راحت المؤمنين، ۽ (٩) زادالفقير.

ميرن جي صاحبيءَ تائين سنڌ جي مڪتبن ۽ مدرسن جو نصاب، "درسِ نظامي" جي طرز تي مڪمل ٿي چڪو هو، جنهن ۾ سنڌي ذريعهء تعليم جو اهتمام ڪيل هو. بابا فتح محمد برهانپوريءَ جو ڪتاب "مفتاح الصلواة" خاص اهميت جو حامل هو. انهيءَ جي شرح ۽ اصلاح سنڌيءَ ۾ ڪئي وئي. مخدوم محمد انور لاڙائيءَ، انهيءَ فارسي ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو، جنهن فقه جي شاگردن لاءِ آساني پيدا ڪئي. ٻين مدرسن کان علاوه ميان عبدالمالک پلي پوٽي جي مدرسي ۾ پڻ انهيءَ سنڌي ترجمي جو درس شروع ڪيو ويو، ۽ ڏٺو ويو ته ڪتاب ۾ مختلف فقهي روايتون شامل آهن، جن سان سنڌ جي عالمن ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي؛ تنهنڪري وقت جي وڏي سنڌي عالم سيد علي محمد مهتمم مدرسه حفاظ دائري شريف (اُڏيري لال شهر واري) کي گذارش ڪئي ويئي، ته مفتاح الصلواة جي سنڌي ترجمي ۾ صرف اُهي فقهي روايتون قائم رکيون وڃن، جن تي سنڌ جي عالمن جي متفقه فتويٰ آهي. اهڙيءَ طرح سيد علي محمد دائري واري جو درسي ڪتاب "مصلح المفتاح" درس ۾ شامل ٿيو، جنهن کي "دائري وارن جي سنڌي" سڏيو ويو. "مفتاح الصلواة" جو اهو ٻيو سنڌي ترجمو، انگريزن جي دَور (١٨٦١- ١٨٥٤ع) ۾ لکيو ويو. بعد ۾ انهيءَ سنڌي ترجمي جو فارسي ترجمو، مخدوم فضل الله صديقيءَ، مهتمم مدرسه فضل الاهي پاٽ شريف طرفان ڪيو ويو، جنهن جو عنوان "اصلاح المصلح المفتاح" رکيو ويو. ڏٺو وڃي ته انگريزن جي دَور اچڻ کان اڳ، سنڌ ۾ ذريعهء تعليم جو مسئلو مڪمل طور حل ڪيو ويو هو، ۽ سنڌي ذريعهء تعليم جو سلسلو اعليٰ تعليم جي سطح تي پهچي چڪو هو.

انگريزن جي راڄ کان اڳ سنڌ ۾ سرڪاري زبان فارسي هئي، ۽ اُن زبان کي سنڌيءَ تي ادبي فضيلت به حاصل هئي. تاهم سمورن اهم علمي ۽ ادبي ذخيرن جي سنڌي ترجمن جي موجودگي، علم جي طالبن جو وڏو اثاثو هئي. زماني جي انقلاب انهيءَ علمي اثاثي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. برطانوي تعليمي پاليسيءَ جي معمارن،

لارڊ مئڪالي، مقامي ۽ مروج اعليٰ تعليمي زبانن ڪي ذريعــ تعليم بنائڻ جي خلاف، ۽ انگريزي ميڊيم جي حق ۾ سفارش ڪئي. هن ليل پيش ڪيو تہ مقامي زبانون لفظن جي ذخيري جي لحاظ کان انهيءَ لائق نہ آهن، جو جديد مغربي علم انهن زبانن ۾ پڙهائي سگهجن. انگريزي ڪتابن جو مقامي ۽ مروج اعليٰ تعليمي زبانن ۾ ترجمو ڪرڻ پڻ بيحد مشــڪل ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن زبانن ۾ جديد ســائنسي ۽ فني محاورن جا نعم البدل موجود نہ آهن- تنهنڪري سندس سفارش منظور ڪئي وئي، ۽ سنڌ فتح ٿيڻ کان ٨ سال اڳي، سن ١٨٣٥ع ۾ هندستان جي برطانوي حڪومت اعلان ڪيو تہ هندستانين کي انگريزي زبان جي ذريعي تعليم ڏني ويندي. سنڌ فـــتح ٿـــيڻ تائين انگريزي تعليم، سرڪاري نوڪرين لاءِ پاسپورٽ بنجي چڪي هئي.

سنڌ ۾ انگريز راڄ قـائم ٿـيڻ بعد هڪ ٻئي پٺيـان ٻہ بنيـادي مسئـلا پيدا ٿيا: پهريون سوال دفتري ۽ ادبي زبان جو هو. عـالمن ۽ عملدارن جو هڪ گروهہ فارسيءَ کي برقرار رکڻ، يا انهيءَ جي عيوض هندستان جي اردو زبان کي اها حيثيت ڏيڻ جي حق ۾ هو. ٻئي گروهہ جي صلاح هئي تہ، ڇاڪاڻ تہ سنڌي زبان ڪافي ترقي يافتہ آهي، ۽ اها ئي عوامي مادري زبان آهي، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ ادبي زبان طور تسليم ڪيو وڃي. ٻيـو نمبر صلاح قـبول ڪئي وئي، ليڪن انهيءَ سان هڪ ٻيـو مسئلو پيدا ٿيو. اُن وقت سنڌي مختلف صورتخطين ۽ لپين ۾ لکي ويندي هئي. هندو عـالم ۽ اديب، ديوناگري لپيءَ کي ترجيح ڏئي رهيا هئا، جنهن جون اٺ صورتون هيـون، جن کي ڏار ڏار: واڻڪي، لُهـاڻڪي، ٺـٽـڪي، لـٺـاڻي، ســرائڪي، خوجڪي، ميمڻڪي ۽ پنجابي نالا ڏنا ويا هئا. پنجابي لپيءَ جون ٻہ ٽي صورتون هيون: اُچڪي، لنڊي ۽ گرمکي؛ جيڪي ١٦- صدي عيسويءَ ۾ پنجابي هندن جي سنڌ ۾ آبادڪاريءَ سـبب مروج ٿـيـون هيـون. دراصل اهي سموريون لپيون ۽ صورتخطيون، بيحد نامڪمل ۽ منجهائيندڙ هيون؛ خاص طور تي سنڌ ۾ انهن جو استعمال غيرمعياري ۽ بيسود ۽ ... ڪ دنـعي، پاٽ شريف جي هڪ بزرگ قـاضي قطب الدين کي ڪنهن هندو

عالم طرفان واڻڪي لپيءَ ۾ لکيل خط مليو. هن ڳوٺ جي هڪ هندو واڻئي کان اهو خط پڙهايو، عبارت ۾ لکيل هو: "قاضي قطب الدين سڻ ـه ربه". واڻئي پڙهيو: "ڪاجي ڪُتا بي دين سَلَ ۾ رنبو".
انگريزن پوءِ بـ سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ واڻڪي لپيءَ جو تجربو ڪيو، جيڪو ناڪامياب ثابت ٿيو. سنڌي مسلمانن جون پڻ مختلف سنڌي لپيون هيون، ليڪن اُنهن جو بنياد عربي رسم الخط "نسخ" تي رکيل هو، ۽ اهي آسانيءَ سان پڙهجي سگهيون ٿي.

آخرڪار بمبئيءَ جي انگريز سرڪار، سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر (١٨٥٦- ١٨٥١ع) جي سفارش تي، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ ادبي زبان طور تسليم ڪرڻ، ۽ اُن جي صورتخطيءَ کي عربي نسخ رسم الخط تي سڌاري عام استعمال هيٺ آڻڻ جو فيصلو ڪيو: جنهن مطابق سر ايلس بئرو جي سربراهيءَ ۾ قائم ڪيل تعليمي ڪاميٽيءَ، جديد سنڌي الف- بي جا ٥٢ اکر ٺاهيا.

هندستان ۾ سال ١٨١٣ع کان ١٨٥٣ع تائين، ۽ سنڌ ۾ سال ١٨٤٣ع کان انهيءَ سال تائين ڪيل تجربن جي بنياد تي مئڪالي جو انگريزي ذريعـہ تعليم وارو اصول غلط ثابت ٿيو. ١٨٥٤ع ۾ انگريز سرڪار جي جامع تعليمي پاليسي "وُڊس- ڊسپئچ" جي عنوان هيٺ شايع ٿي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ "عوام" جيڪو انگريزي نہ ٿو ڄاڻي يا اُن جي گهٽ واقفيت رکي ٿو، اُنهيءَ کي ديسي ٻولين ذريعي تعليم ڏني وڃي. اسان کي اُميد آهي تہ آهستي آهستي مقامي ٻوليون زياده مالدار ٿي وينديون ...... مغربي علمن جي تعليم واسطي، اسان انگريزي ۽ ڏيهي، ٻنهي ٻولين کي مناسب سمجهون ٿا."

انهيءَ پاليسي اعلان سبب، سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ۽ سندس نئين عام رسم الخط کي وڏي اهميت ملي. روايتي فارسي تعليم جي مڪتبن جي طرز تي سرڪاري سنڌي- فارسي مڪتب کوليا ويا. ثابتيءَ طور سال ١٨٥٥ع ۾ نوشهري فيروز ۾ قائم ڪيل اهڙي هڪ مڪتب جون ٻہ پٿر جون تختيون هن مقالي لکندڙ وٽ موجود آهن.
سنڌيءَ ۾ لکيل تختيءَ جو مضمون هن ريت آهي:

"هِي ڪتب خَانو سرڪارِ صاحبان عاليشان بهادُر واسطي پرهڻ ۽ تربيت حاصل ڪَرَڻُ رعيت خاص و عامَ جي منجهه شهرَ نوشهره تعلقه ساهتي جوڙايَو آهي جيڪو خواهشَ علمَ سِکَڻَ جي ڪَري آچي پَرهي جو فَيضُ عَام آهي ١٨٥٥."

بِيءَ تختيءَ تي مٿئين متن جو فارسي ترجمو لکيل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري اهڙا سرڪاري سرڪيولر ۽ حڪمناما پڻ هٿ ڪيا آهن، جيڪي مٿي ڄاڻايل سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن، ۽ انهن ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي زور ڏنل آهي. انهيءَ وقت کان غير سنڌي سرڪاري عملدارن لاءِ سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. انهيءَ ساڳئي سال ١٨٥٣ع ۾ شڪارپور ۾ پهريون سنڌي پرائمري اسڪول قائم ٿيو. تاهم اهو تاثر غلط آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي فضيلت ۽ ٻوليءَ جو رسم الخط انگريزن جي مرهونِ منت آهي. سنڌ فتح ڪرڻ بعد پهرئين انگريز عالم، جنهن **"سنڌ ۽ سنڌو نديءَ جي واديءَ ۾ ملتيم قومون"** جي عنوان سان تحقيقي ڪتاب لکيو، تنهن عربي رسم الخط جي حق ۾ دليل ڏيندي لکيو آهي ته:

(١) سنڌي ادب صدين کان انهيءَ رسم الخط ۾ لکيو ويو آهي.
(٢) سڀ پڙهيل مسلمان انهيءَ کي پڙهي سگهن ٿا ۽ اڪثر انهيءَ ۾ لکي سگهن ٿا.
(٣) هندو عامل جيتوڻيڪ نسخ رسم الخط کان ناواقف آهن، تاهم نستعليق يا فارسي رسم الخط جا ماهر آهن...، ۽
(٤) عربي (نسخ) رسم الخط کي آسانيءَ سان تڪڙو لکيو وڃي ٿو.

انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته اُن وقت، يعني سال ١٨٥١ع تائين سنڌي ذريعهء تعليم کي، "عربي اکرن" جي استعمال سان آسان بڻايو ويو هو. انگريز سرڪار محض انهيءَ صورتحال کي تسليم ڪيو ۽ اُن جي معيار (standardization) مقرر ڪرڻ ۽ ترقي (development)

ونرائڻ طرف توجهه ڏنو. نتيجي جي طور نوان سنڌي اسڪول ۽ روايتي آخوندن جا مڪتب آباد ٿيا، جن ۾ هندو شاگرد پڻ تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. ساڌو هيرانند ۽ سندس وڏو ڀاءُ ديوان نولراءِ، حيدرآباد جي آخوند ولي محمد جي مڪتب ۾ پڙهيا. ڊي- جي سنڌ ڪاليج جو باني ديوان ڏيارام جيٺملاڻي، ديوان گدومل، رائبهادر ڪوڙو مل چندن مل ڪلناڻي پريا وارو ۽ ٻيا مشهور هندو عالم، عامل ۽ وڪيل، سنڌي- فارسي تعليم حاصل ڪرڻ خاطر، مسلمان آخوندن جا شاگرد ٿي رهيا.

آزادي حاصل ڪرڻ تائين سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي حيثيت عروج کي پهتل هئي، ۽ تعليمي ادارن ۾ هر سطح تي لازمي مضمون طور پڙهائي ويندي هئي. آزاديءَ بعد سال ١٩٦٢ع تائين سنڌي تعليم جو مربوط نظام برقرار رهيو. ليڪن سال ١٩٥٩ع ۾ قائم ڪيل **"قومي تعليمي ڪميشن"** انهيءَ حيثيت کي ڪمزور ڪرڻ جي رٿ رٿي. ١٨٥٣ع واري صورتحال ٻيهر سامهون آئي، جڏهن فارسيءَ جي جاءِ تي اردو زبان کي دفتري ۽ ادبي زبان جي حيثيت ڏيڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي هئي. هاڻي، هڪ صدي گذرڻ بعد، پاڪستان جي قومي تعليمي ڪميشن راءِ ڏني ته اردو قومي زبان آهي، تنهنڪري ڇهين ڪلاس کان اردوءَ ذريعي تعليم ڏني وڃي، ۽ ٽئين ڪلاس کان اردو زبان لازمي مضمون طور پڙهائي وڃي (٢١:١٣)- سرڪار نه فقط اها سفارش قبول ڪئي، بلڪ باقي سفارشن مطابق پرائمري اسڪول کي پنجن ڪلاسن تائين محدود ڪيو ويو. سنڌي پرائمري اسڪول جي ستن درجن جو ڪورس ۽ فائينل امتحان سال ١٩٦٣ع کان ختم ڪيا ويا. رٿ شئي ته انهيءَ سال کان سنڌيءَ جي جاءِ تي اردو بتدريج ذريعه تعليم طور ڪلاس ڇهين (مڊل ۽ هاءِ اسڪول) کان سنڌ ۾ رائج ڪئي وڃي (٢١:١٥). سنڌ ۾ تعليم جو نظام مغربي پاڪستان جي ٻين صوبن کان مختلف هو. هتي مقامي مادري زبان سنڌي، صدين کان ذريعه تعليم هئي ۽ آزاديءَ جي آغاز کان هتي پرائمري تعليم ڇٺن درجن تائين لازمي قرار ڏنل هئي. مشرقي پاڪستان ۾ بنگالي زبان جي پڻ ساڳي حيثيت هئي، ليڪن اُتي بنگالي زبان جي مادري زبان ۽ ذريعه تعليم جي

حيثيت ۾ تبديليءَ لاءِ سفارش نہ ڪئي وئي (١٦: ٢١). ملڪ جي ٻنهي حصن ۾ انگلش ميڊيم اسڪولن کي پڻ ڪميشن جي قومي هم آهنگيءَ جي اصول تحت اردو زبان کي ذريعہ تعليم بنائڻ کان آجو ڪيو ويو (٢١:١٧)، تنهنڪري قدرتي طور سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ مايوسي پيدا ٿي. **جڏهن هاءِ گهوڙا وڏي ويڻي تہ حڪومت هڪ خاص آرڊيننس جاري ڪري، سنڌي زبان جي تعليمي حيثيت کي حق بجانب قرار ڏنو؛ ليڪن ڪميشن جي سفارشن کي رد نہ ڪيو ويو. سنڌي ادبي بورڊ جي تماهي رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گراميءَ**، پنهنجي اداريي ۾ وقت جي حڪومت جو شڪريو ادا ڪيو، جنهن **"هڪ خاص آرڊيننس جاري ڪري سنڌي زبان جي تعليمي حيثيت کي حق بجانب تسليم ڪيو هو."** تاهم هڪ گذارش ضروري سمجهي لکيائين تہ، "تعليمي ڪميشن جي رپورٽ جون اُهي سفارشون اجا منسوخ نہ ڪيون ويون آهن، جن جي موجودگيءَ ۾ سنڌي زبان جي تعليمي حيثيت قريب قريب ختم ٿي چُڪي هئي." مولانا گرامي صاحب اُميد ظاهر ڪئي تہ "مملڪت جا روشن ضمير ارڪان هن مسئلي ڏانهن ضرور توجهہ فرمائيندا ۽ انهي متعلق ڪو واضح ۽ اطمينان بخش اعلان ڪرڻ فرمائيندا". ليڪن اهڙو ڪو اعلان ١٩٧٢ع تائين جاري نہ ٿيو.

تاريخ **١٧- جولاءِ ١٩٧٢ع** تي سنڌ صوبائي اسيمبليءَ، **'سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال جو بل'** جاري ڪيو. انهيءَ کان اڳئي سنڌ ۾ ٻوليءَ جي سوال تي سنڌي- مهاجر فساد ٿيا. انهن فسادن بنسبت ١٥ جولاءِ ١٩٧٢ع تي اُن وقت جي صدر مملڪت مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي، قومي اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي فرمايو تہ "اردو سڄي ملڪ جي ٻولي آهي... انهن فسادن کان اڳ ڪير بہ ائين چئي نہ ٿي سگهيو تہ سنڌ جو ڪوبہ ماڻهو اُردو نہ ٿو ڄاڻي. اردوءَ کي خطري جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. فقط اِها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ صوبي جي ٻوليءَ جي استعمال ۽ اُن ۾

تعليم ڏيڻ کي ترقي ڏياري وڃي." بعد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال جي بل ١٩٧٢ع جي جاري ٿيڻ کان پوءِ، تاريخ ٢٨- جولاءِ ١٩٧٢ع تي ٽنڊي الهيار ۾ عوامي جلسي کي خطاب ڪندي صدر ڀٽي فرمايو ته "سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي جڏهن سمن، سومرن، ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن تسليم ڪيو، تڏهن اسان اُن کي ڪيئن نه تسليم ڪريون!" * اُن وقت کان اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ تدريسي حيثيت برقرار رهي آهي، ليڪن اُن جي واڌاري ۽ مؤثر استعمال طرف وک نه وڌائي وئي آهي. جديد دَور ۾ ادبي صلاحيت کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ کي سائنسي ۽ فني علمن جي سکيا ڏيڻ جي قابل بنائڻ جي ضرورت آهي. تخليقي سوچ پيدا ڪرڻ لاءِ مادري زبان هڪ بنيادي ۽ بهترين ذريعو آهي، ليڪن سائنسي ۽ فني ادب جي سنڌي زبان ۾ وڏي کوٽ آهي.

سنڌي ادب جي سائنسي ۽ فني کوٽ فقط انگريزي زبان جي بهتر ڄاڻ، ۽ انگريزي ڪتابن ۾ ڪتب آندل سائنسي ۽ فني محاورن ۽ اصطلاحن جا سنڌي محاورا ۽ اصطلاح ايجاد ڪرڻ سان پوري ڪري سگهجي ٿي. هن وقت ته ڪا مڪمل ۽ ڪارگر انگريزي- سنڌي ڊڪشنري به ميسر نه آهي، جنهن جي مدد سان سنڌي شاگرد انگريزي لفظن جون معنائون معلوم ڪري سگهن. سنڌ ۾ انگريزي زبان جي سکيا جو پڻ ڪو خاطرخواه انتظام موجود نه آهي. سَرنديءَ وارا سنڌي ماڻهو پنهنجا ٻار انگلش- ميڊيم اسڪولن ۾ داخل ڪرائي رهيا آهن، جتي چئن سالن جا ٻارڙا، بغير مادري زبان جي مضبوط بنياد جي، انگريزي ٻولي سکن ٿا. سنڌي شاگردن کي نه انگريزي اچي ٿي، نه پنهنجي مادري زبان ۾ پڙهي سگهن ٿا. تعليمي ماهرن، بالخصوص سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي هن طرف فوري توجهه ڏيڻ گهرجي. سنڌ ۾

* ليڪن هتي هيءَ حقيقت نه وسارڻ گهرجي ته سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل بل جي باوجود ڀٽي صاحب گورنر سنڌ کان آرڊيننس جاري ڪرائي، 'سنڌي ذريعهء تعليم' کي ڪاپاري ڌڪ هنيو، جنهن جا نتيجا اڄ پڌرا آهن. (ت. ج)

اسڪولن ۾ عام طور ڪتاب جي پڙهڻ تي زور لڳايو ويندو آهي، جيئن تہ اڪثر اُستاد، ڪنهن بہ زبان جي سيکارڻ جي اصولن کان نہ هجڻ سبب، هو اُن ڪتاب ۾ ڏنل سبق ڪنهن هوشيار شاگرد ء پڙهائيندا آهن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن، جيڪڏهن سندن مرضي تي تہ، اُن کي وچ ۾ روڪي بہ ڪين لفظن جون معنائون ٻڌائيندا آهن؛ پر اڪثر اُستاد پاڻ سبق پڙهي، شاگردن جي اُچارن تي ڌيان ڏيڻ کان سواءِ انشا يا تشريحي نوعيت جو ڪوبہ نقطو ڪونہ سمجهائيندا آهن، بلڪ ٻوليءَ جي تدريس لاءِ گهربل مهارتن تي بہ ڪو توجهہ ڪونہ ڏيندا آهن. هُو اهو سيڪجهہ شاگردن تي ڇڏي ڏيندا آهن تہ هُو پاڻ وجي پڙهن.

ڪنهن بہ زبان جي سيکارڻ جو اهو طريقو، تعليمي اعتبار کان نهايت ئي ناقص آهي. انهيءَ طريقي تي ڪاربند اُستاد پنهنجي علم ۽ فضل جي باوجود، هن ڳالهہ کان بلڪل ناواقف نظر ايندا آهن تہ زبان ڪيئن سيکارجي؟ يا زبان سکڻ جا اصول ڪهڙا آهن؟ زبان سکڻ جي نوعيت ڇا آهي؟ وغيره.

(٢) زبان جي تدريس جا ڪيترا ئي طريقا آهن. انهن طريقن تي عمل ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن بہ اُستاد لاءِ زبان سيکارڻ جي نوعيت ۽ زبان سيکارڻ جي اصولن جي واقفيت نهايت ئي ضروري آهي. انهن ٻنهي نقطن جو مختصر جواب هي آهي تہ زبان سکڻ دراصل هڪ مهارت سکڻ آهي، ۽ اُن مهارت جا اصول ڪم و بيش اُهي ئي آهن، جيڪي هر مهارت جا هوندا آهن.

**تحصيلِ زبان، بطور هڪ مهارت:**

تحصيلِ زبان هڪ مهارت آهي. مثال طور: هنن ٻن جملن ۾ لفظ 'مهارت' جي استعمال ۽ مفهوم تي غور ڪريو:

(i) اڪبر کي سنڌي زبان تي وڏي مهارت حاصل آهي.

(ii) زبان سکڻ بہ هڪ مهارت آهي.

انهن ٻنهي جملن مان پهرئين جملي ۾ لفظ 'مهارت' مان مراد آهي ماهر هجڻ. هن جملي ۾ مهارت لفظ مان مراد هيءَ آهي تہ اڪبر کي سنڌي زبان تي عبور حاصل آهي.

پڻ ٻئي جملي ۾ لفظ 'مهارت' مختلف معنائن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. هن جملي ۾ هي لفظ هڪ تعليمي اصطلاح طور ڪم آندو ويو آهي؛ يعني تعليم ۾ مهارت جو هڪ خاص مفهوم. هن 'مهارت' جي معنيٰ فن يا هنر به آهي. فن ۽ هنر لاءِ محنت، مشق ۽ تربيت لازمي عنصر هوندا آهن. مهارت جي خوبي حاصل ڪرڻ لاءِ، تربيت ۽ مشق جي ضرورت هوندي آهي؛ ۽ اُن جي استعمال جي صلاحيت به ضروري آهي.

جيئن ڪو شخص نقاشيءَ، مصوريءَ جي قاعدن، رنگن جي استعمال ۽ ٻين سامانن جي باري ۾ معلومات رکڻ سان مصور يا نقاش نٿو ٿي سگهجي، تيئن ڪو به ماڻهو لفظن جي معنيٰ يا ٻوليءَ جي ڪن اصولن جي ڄاڻ رکڻ سان هيءَ دعوا نٿو ڪري سگهي، ته هُو اُن زبان جو ماهر آهي، يا هُو اها زبان به ڄاڻي ٿو.

ڪنهن به مهارت ۾ علم ۽ عمل ٻيئي گڏ ڪارفرما هوندا آهن. ٻار پنهنجي آسپاس مختلف ماڻهن کي ڳالهائيندي ٻڌندو آهي. ماڻهن کي ڳالهائيندي ٻڌڻ سان، هن کي زبان جي سڃاڻپ ۽ واقفيت ٿيندي آهي، ۽ پوءِ هُو انهن ماڻهن جو نقل ڪندو آهي. پهرين پهرين هُو ٽُٽل سُٽل لفظ ڳالهائيندو آهي، ۽ نيٺ صحيح لفظ ۽ جملا ڳالهائڻ لڳندو آهي.

اهڙيءَ طرح تقليدي ڪوشش سان، مهارت جو عملي پهلو شروع ٿي ويندو آهي؛ مطلب ته زبان سکڻ لاءِ علم ۽ عمل گڏوگڏ هلندا آهن. چوندا آهن ته پندرهن سالن تائين ٻار پنهنجي مادري زبان تي عبور حاصل ڪري وٺندو آهي، پر نوان لفظ سکڻ ۽ زبان تي مڪمل استعداد حاصل ڪرڻ جو سلسلو جاري رهندو آهي.

تنهنڪري اُستاد کي سڀ کان پهرين هيءُ نقطو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته زبان سکڻ، هڪ نه پر، ڪنهن مهارتون سکڻ جي برابر آهي؛ تنهن ڪري زبان جي تدريس ۾ انهن اصولن کي سامهون رکڻ نهايت ئي ضروري آهي، جن جي مدد سان مهارت سکڻ ۾ مدد ملندي آهي.

ڊاڪٽر پروفيسر غلام علي الانا

# سنڌي ذريعہ تعليم ۽ سنڌي تدريس

**زبان جي سکيا يا تدريس:**

ڪجهہ مهينا اڳ، مون يونيسڪو طرفان تيار ڪرايل هڪ رپورٽ پڙهي، جنهن جو عنوان هو "Language Development & Intellectual fading." اُن رپورٽ جو مقصد هو تہ ابتدائي تعليم جي سلسلي ۾ ٻارن لاءِ درسي ڪتاب جوڙڻ لاءِ، ٻوليءَ جي لفظن ڪي ڪهڙي نموني استعمال ڪجي، جو ٻار جي لغوي خزاني ۽ وياڪرڻي ڏانچي ۾ واڌارو ٿيندو وڃي.

ڪنهن بہ زبان جي مؤثر تدريس ئي شاگردن کي، ٻين علمن جي حاصل ڪرڻ جي لائق بنائي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اُهي علم، زبان جي ذريعي ئي پڙهايا ۽ سيکاريا ويندا آهن. شاگردن کي جيتري قدر پنهنجي زبان تي عبور حاصل هوندو، اوتري قدر هُو آسانيءَ سان، ڌار ڌار علم سکي ۽ پڙهي سگهندا.

زبان جي انهيءَ اهميت جي مدنظر، ڪنهن بہ زبان جي سکيا تمام ضروري هوندي آهي. مثال طور ڪنهن شاگرد کي سنڌي زبان اهڙيءَ طرح سيکاري وڃي، جو هو صرف پنهنجي درسي ڪتاب جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ پڙ نہ هجي، بلڪ هو انهيءَ جي لائق بہ هجي تہ جتي جتي ڪيس سنڌيءَ جي ضرورت پوي، اُتي هو سنڌي زبان پنهنجي لياقت مطابق ڪم آڻي سگهي.

پر اسان جي اسڪولن ۾، اُستاد حضرات جهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي تدريس جو ڪم ڪن ٿا، يا ٻولي سيکارين ٿا، اُتي هو ٻوليءَ جي تدريس جون اِهي تقاضائون پوريون ڪري نٿا سگهن. اسان جي

تعليم جو بيڙو ٻڏي رهيو آهي، جنهن جو خاص سبب تعليم جي ذريعي (medium of instruction) جو غير مؤثر هئڻ آهي. اردو ذريعہ تعليم جي، نسبتاً بهتر صورتحال آهي. سنڌي شاگرد اردو نصابي ڪتابن ذريعي امتحان پاس ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. سائنسي ۽ فني تعليم جي سَندَ حاصل ڪرڻ لاءِ امتحان ۾ نقل ڪرڻ کان بہ قاصر آهن. انهيءَ ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ انگريزي- سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي سرشتي کي مضبوطيءَ سان هلائڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بنيادي اهميت ۽ ذريعہ تعليم جي حيثيت حاصل هئڻ گهرجي، جيڪا اسڪول کان شروع ٿي، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي سطح تائين پهچي. اها وقت جي اهم ۽ بنيادي ضرورت آهي.

# سَهڪاري اَيياس:


١- ايجوڪيشن ان سنڌ: حبيب الله صديقي، سنڌالاجي

٢- تاريخ باب الاسلام سنڌ: ايضاً، حبيب صديقي اڪيڊمي

٣- تاريخ تعليم: خالد يار خان، اردو اڪيڊمي

٤-رپورٽ آف ڪميشن آن نئشنل ايجوڪيشن: وزارتِ تعليم، حڪومتِ پاڪستان.

سنڌ ائنڊ ريسز دئٽ انهيسبٽ دَ وئلي آف د انڊس: رچرڊ برٽن، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.

٦- مهراڻ ٽماهي- ج ٩، ١١، ٣٩: سال ١٩٦٠، ١٩٦٢، ١٩٩٠؛ ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا مضمون.

**زبان جي مهارتن سکڻ جا اصول:**

جھڙيءَ طرح لسانيات جا ماهر، زبان جي ڪنهن هڪ وصف تي متفق آهن، تهڙيءَ طرح هُو ان ڳالهه تي به متفق نه آهن ته زبان ڪيئن سکجي. اُن لاءِ اُنهن ڪيترا ئي نظريا ۽ نقطا بيان ڪيا آهن. البت ماهرن جي اندر هيٺين نقطن تي ڪجهه قدر اتفاق نظر آيو آهي: ان ڪري ٻوليءَ سيکاريندڙ اُستادن کي گهرجي ته هُو انهن اصولن کي چڱيءَ طرح سمجهن. اُهي اصول هي آهن:

(١) زبان سکڻ لاءِ آمادگي
(٢) شوق ۽ ترغيب
(٣) دلچسپي
(٤) تدريجي طريقو
(٥) مشق ۽ تڪرار
(٦) لساني عادتون
(٧) ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ

انهن اصولن مان ڪن جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي، جو ته مربوط نصاب جي پهرئين ڪتاب ۾ انهن اصولن مان گهڻن ئي تي عمل ڪري، رهنمائي حاصل ڪئي وئي آهي.

(١) **آمادگي:** آمادگي، يعني ٻوليءَ سکڻ لاءِ آماده ٿيڻ ۽ تيار ٿيڻ: اُن لاءِ مناسب فضا ۽ سازگار ماحول ضروري آهي.

(٢) ۽ **(٣) شوق، ترغيب ۽ دلچسپي:** جيڪو ڪم رغبت ۽ شوق سان ٿيندو آهي، اهو ڪم چاهي مشڪل ڇو نه هجي، آسانيءَ سان ڪري سگهبو آهي.

(٤) **تدريجي طريقو:** هيءَ اصول يا مهارت سڀ کان اهم آهي. تدريجي طريقو هڪ اهڙو عمل آهي يا هڪ اهڙي مهارت آهي، جنهن تي ٻوليءَ سيکارڻ جو ڪامياب تجربو ڪيو ويو آهي. مربوط نصاب جو **"پهريون ڪتاب"** تيار ڪرڻ وقت، هن اصول ۽ مهارت تي مدار رکيو ويو آهي.

هن مهارت جو مطلب هي آهي ته شاگردن کي قدم بقدم،

تسلسل ۽ تواتر سان، ٻوليءَ ۾ مهارت لاءِ تيار ڪجي. هن لاءِ نصاب يا ڪَرِيڪيولَم جوڙيندڙ، پهرين ذهن ۾ ڪا رٿا ٺاهيندو آهي ۽ پوءِ اُن رٿا کي ڪاغذ تي لکندو آهي.

هن مهارت جي شروعات آسان کان مشڪل واري عمل سان ڪبي آهي. آسان لفظن يا جملن سان شروعات ڪئي ويندي آهي، ته جيئن ٻار جي ذهن تي ڏکين لفظن سان شروعات ڪري، ٻار نه وجهجي. هن مهارت جي عمل ڪري، ٻار بتدريج ٻوليءَ جي آسان کان مشڪل لفظن، فقرن ۽ جملن کان واقف ٿيندو ويندو آهي، ۽ اُن ۾ مهارت حاصل ڪندو ويندو آهي. جيئن ته هُو ٻولي ڳالهائي ته سگهندو آهي، پر اُن جي باوجود ٻوليءَ جي اصولن، وياڪرڻي ڪارج، صوتي، اصواتي، صرفي ۽ نحوي قانونن ۽ اصولن جي باري ۾ هن کي ڪا به ڄاڻ ڪا نه هوندي آهي: ان ڪري تدريج واري طريقي سان، سلسليوار، ٻوليءَ جي مُتواتر سٽاءَ کي ذهن ۾ رکي، نصابي ڪتاب جوڙيا ويندا آهن. هن مهارت لاءِ graded vocabulary وارو عمل به مددگار ثابت ٿيو آهي.

تدريج واري طريقي لاءِ مثال طور، مربوط نصاب واري **"پهرئين ڪتاب"** جو سبق چوٿون ۽ پنجون، ساڳئي ڪتاب جو صفحو ۱۳ ۽ ۱۵ ملاحظه ڪريو: ۽ اهڙيءَ طرح بتدريج آسان کان مشڪل ۽ مشڪل کان مشڪل تر لفظن، جملن ۽ وياڪرڻي سٽاءَ تي مشتمل مواد جو مدار رکيو ويو آهي. البت هن سلسلي ۾ **'اُستادن جي رهبر'** تيار ڪرڻ وقت، انهن سڀني ڳالهين ۽ نقطن طرف اشارا ڏنا ويندا ته جيئن اول اُستاد پاڻ، زبان جي تدريس جي طريقي جي مهارتن کان واقف ٿين: انهن ڪتابن جي سٽاءَ ۽ لکڻ جي طريقي کي سمجهن: ۽ پوءِ بتدريج، ٻارن کي سلسليوار سيکاريندا وڃن: بلڪلُ ايئن جيئن ڏاڪڻ تي، هينان کان مٿي، هڪ هڪ ڏاڪو چڙهي پهچڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

مربوط نصاب جي اسڪيم موجب لکيل **"پهرين ڪتاب"** جوڙڻ لاءِ، لکندڙن ۽ پوءِ نظرثاني ڪندڙ ماهرن، ٻوليءَ جي سٽاءَ تي زور ڏنو آهي. هن قدم لاءِ هتي ٻوليءَ جي سٽاءَ جي آسان اصولن کي پهرين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: ۽ پوءِ آهستي آهستي، قدم

بقدم، بتدريج مشڪل کان مشڪل تر طرف وڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اڪثر ڪتابن ۾، ٻوليءَ جي تدريس لاءِ ٻولي سکڻ جي مهارتن تي ڪوبہ توجهہ ڏنل ڪونهي؛ بلڪ باوجود اُن جي، ڪيتري دفعا بيورو آف ڪريڪيولم ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي اجلاسن ۾ هن طرف ڌيان ڇڪايو ويو، تہ ٻوليءَ جي صوتي، صرفي، نحوي ۽ وياڪرڻي سٽاءَ سمجهائڻ کان سواءِ، هر ڪلاس جي ٻارن لاءِ graded vocabulary ۽ ٻوليءَ جي سيکارڻ جي اصولن تي زور ڏنو وڃي؛ پر هر اجلاس ۾ ڏنو ويو تہ انهن ڳالهين تي ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو ويو.

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو '**سنڌي پهرين ڪتاب**' ۾، انهن اڪثر نقطن ۽ ٻوليءَ جي تدريس جي مهارتن کي سامهون رکي، هي ڪتاب جوڙڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي. مثال طور، جن مهارتن تي ڌيان ڏنو ويو آهي، اُهي هي آهن:

(i) آسان کان مشڪل طرف وڃڻ
(ii) قريب الفهم کان بعيد الفهم طرف وڃڻ
(iii) وياڪرڻ سيکارڻ لاءِ اهو خيال رکيو ويو آهي، تہ ٻار کي پهرين ڇا سيکارجي ۽ پوءِ تسلسل ڪيئن جاري رکجي.

(5) **مشق ۽ تڪرار**: مشق ۽ تڪرار جو مطلب آهي تہ صورتن، لفظن، فقرن ۽ جملن کي وري وري دهرائڻ ۽ ورجائڻ. هن مهارت سان ٻوليءَ سکڻ جو عمل پختو ٿيندو آهي ۽ ذهن تي اُنهن صورتن، لفظن، فقرن يا جملن جا نقش چٽا ٿي بيهي ويندا آهن، ۽ انهيءَ عمل سان سکيل مهارت، ڪافي عرصي تائين ٻارن جي ذهن تي قائم رهندي آهي.

ڪنهن بہ زبان جي سکڻ لاءِ چار مهارتون، عام طور هر اُستاد کي C.T, P.T.C يا B.Ed جي نصاب ۾ سمجهايون ويون آهن. . . ي چار مهارتون آهن: ٻڌڻ، پڙهڻ، ورجائڻ ۽ لکڻ. انهن مهارتن سان سماعت جي تربيت، زبان سان لفظ ۽ ڳالهائڻ سکڻ جي تربيت ۽ لکڻ جي تربيت ملندي آهي. انهن چئن ئي مهارتن جو حصول، . ۔ٺت، ۽

جا بعني وري وري دهرائڻ واري مهارت تي مدار رکي ٿو.

ڪوبہ شاگرد، پنهنجي ماحول ۾، ڪابہ زبان جيترا زياده ڀيرا ، ڳالهائڻ جي مشق ڪندو، پڙهندو ۽ لکندو، اوترو ئي ترت، جلدي ۽ آسانيءَ سان هُو اها زبان سکي سگهندو.

لسانيات، نفسيات ۽ علم التعليم جي ماهرن جو هي بہ رايو آهي، تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي مقابلي ۾، ڳالهائڻ ۽ لکڻ واري مشق زياده فائديمند هوندي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ شاگرد زياده سرگرم عمل هوندا آهن: ان ڪري مشق ۽ ٻوري وري دهرائڻ يا ورجائڻ واري مهارت جا اثر بہ دير تائين قائم رهندا آهن.

مشق ۽ تڪرار، يعني وري وري دهرائڻ ۽ ورجائڻ جي سلسلي ۾، هڪ اهم ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ ٻارن جي سامهون زبان جي لفظن، فقرن ۽ جملن جون صحيح صورتون ۽ صحيح نمونا لکيا وڃن؛ انهيءَ لاءِ تہ جيئن هُو انهن لفظن، فقرن ۽ جملن کي وري وري دهرائين ۽ ورجائين. انهيءَ مهارت جي حصول لاءِ اهو ضروري آهي، تہ اُستاد جو پنهنجو اُچار يا تلفظ حتي الامڪان درست هجي. اُن لاءِ اُستاد کي گهرجي تہ ڪنهن معياري لغات مان مدد وٺي، يا ريڊيي ۽ ٽيليويزن تي ڪڏهن اُنهن خبرن پڙهندڙن جا اُچار ٻُڌندو ڪري؛ ۽ اُنهن اُچارن کي نقل ڪري، جن جا اُچار درست ۽ معياري هجن.

ان کان سواءِ ڪلاس ۾، ڪنهن اهڙي ماهرِ تعليم کي مدعو ڪيو وڃي، جنهن جو لب و لهجو درست ۽ معياري هجي. اُهو ماهر ڪلاس ۾ اچي گفتگو ڪري، ٻارن کي آکاڻي ٻڌائي يا ڪنهن واقعي جي باري ۾ پنهنجا تاثرات بيان ڪري.

**(6) لساني عادتون:** هن مهارت ۾ چٽو ڳالهائڻ، صاف ڳالهائڻ، هر آواز ۽ هر لفظ جو صحيح ۽ درست اُچار ڪرڻ، آواز مناسب طريقي سان اُچارڻ، روانيءَ سان ڳالهائڻ ۽ خود اعتماديءَ سان پڙهڻ جهڙيون ڳالهيون شامل آهن.

**ڪتاب جي باري ۾:**

**'مربوط سنڌي پهريون ڪتاب'** جوڙڻ وقت انهن سڀني

مهارتن جو خيال رکيو ويو آهي، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي: مثال طور **"سبق پهريون"** ڏسو. هيءُ سبق هڪ بيت تي مشتمل آهي. هن بيت ٺاهڻ لاءِ شاعر اهو ضرور خيال رکيو آهي ته هن ۾ آسان لفظ استعمال ڪري، آسان تخيل جو مظاهرو ڪري ۽ ٻار جي چوڌاري واري ماحول جو اهڙي نموني منظر چٽي، جنهن ڪان ٻار اڳئي مانوس هجي.

**'مالڪ سائين'** ، عنوان واري بيت ۾، شاعر ڪوبه اهڙو لفظ ڪم نه آندو آهي، جيڪو ڪنهن به ٻار لاءِ- پوءِ چاهي اهو بدين جو هجي يا لاڙڪاڻي جو- اوپرو هجي. هن بيت ۾ ڪوبه اهڙو لفظ يا فقرو ڪونهي، جيڪو ڪنهن ٻار، پنهنجي روزمره واري ماحول ۾ ٻڌو نه هجي. هر ٻار، انهن سڀني لفظن ڪان اڳئي واقف آهي، جيڪي شاعر هن بيت ۾ ڪم آندا آهن.

هن سبق جي هن خوبيءَ مان اها ڳالهه يا اهو نقطو به واضح ٿئي ٿو، ته Development of language واري اصول يا مهارت جو خيال رکيو ويو آهي. هن بيت ۾ اهڙا لفظ ڪم آندل آهن، جيڪي بدين ۽ لاڙڪاڻي جا ٻار، پنهنجي ماحول ۾ روزانو ڪم آڻيندا آهن.

هن سبق واريون مشقون به، مهارتن واري سکيا جي عمل کي سامهون رکي جوڙيون ويون آهن: مثال طور:

**مشق نمبر-٢** ۾، سبق تي مدار رکندڙ آسان سوال پڇيا ويا آهن: ۽ اُستاد جو اهو فرض آهي ته ڪلاس ۾ هرهڪ شاگرد کان ورجائي ورجائي سوال پُڇي، ۽ پاڻ به توجهه ڏئي، ته جيئن:

(i) ٻار درست جملا ڳالهائي سگهي؛

(ii) ٻار لفظن جا درست اُچار ڪري سگهي؛

(iii) ٻار صاف ۽ چٽو ڳالهائي سگهي؛ ۽

(iv) ٻار روانيءَ سان پڙهي سگهي.

**مشق نمبر-٣** ۾ اهو خيال رکيو ويو آهي، ته اُستاد کي گهرجي ته توجهه ۽ خبرداريءَ سان، هرهڪ ٻار تي ڌيان ڏئي ۽ ڏسي ته ٻار تصوير ۾ صحيح رنگ ڀري ٿو، يا ڀريو آهي، يا نه؟ جيڪڏهن مٿان

لاپرواهي ڏيکاري ته پوءِ هن مشق مان ڪوبه مقصد حاصل ٿي نه سگهندو.

مطلب ته هن ڪتاب جي پڙهائڻ لاءِ، ۽ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل مهارتن لاءِ اُستاد کي گهڻي ڌيان، توجهه ۽ محنت سان، سنڌي ٻولي سيکارڻي پوندي. جن جن مهارتن کي سامهون رکي هيءُ ڪتاب جوڙيو ويو آهي، اُنهن تي ڪاميابيءَ سان عمل پيرا ٿيڻ لاءِ اُستاد کي، ٻارن کي پاڻ سان گڏ گڏ وٺي هلڻو پوندو، ۽ ڪنهن به ٻار کي ڇڏي نه ڏيندو؛ ورنه سڀ محنت اجائي ۽ بيڪار ويندي.

اهڙيءَ طرح **"سبق ليون"** ملاحظه ڪريو. ڪتاب جا جوڙيندڙ، آسان کان مشڪل، ۽ مشڪل کان مشڪل تر واري بيان ڪيل مهارت تي بتدريج عمل پيرا رهيا آهن. هن سبق ۾ جملن جا قسم، جهڙوڪ: مفرد، مرتب ۽ مرڪب جملا ڪم آندا ويا آهن. انهيءَ کان سواءِ مربوط نصاب واري نظرئي (concept) جو هڪ بهترين مثال هيءُ سبق پڻ آهي؛ جيستوڻيڪ اڳتي ڌار ڌار علمن، جهڙوڪ: سماجيات، اقتصاديات، جاگرافي، تاريخ، بشريات، انيمل هسبنڊري، ڪتب جي صحت، اخلاقيات ۽ دينيات کان سواءِ انهن سڀني علمن تي مشتمل سبق ڏنا ويا آهن، ته جيئن شاگرد ڳري ٿيلهي، کان بچي سگهي، ۽ انهن سڀني علمن جي ڄاڻ هن هڪ ئي ڪتاب ۾ ڏئي ڇڏجي؛ جيڪا جيڪر حاصل ڪرڻ لاءِ هُو ڌار ڌار ڪتاب پنهنجي ٿيلهي ۾ کڻن ها. ان لحاظ کان هي ڪتاب گويا انهن سڀني علمن تي مشتمل مواد جو نچوڙ آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي، جو هي ڪتاب مربوط نصاب جو مقصد پورو ڪري ٿو.

اُستادن لاءِ ٻين سبقن کان سواءِ هيءُ سبق، يعني **سبق ليون**، هڪ مثالي سبق پڻ آهي. اُستادن لاءِ لازمي آهي ته اڳ ۾ بيان ڪيل مهارتن کي سامهون رکي، هن سبق جي پڙهائڻ ۽ ٻوليءَ جي تدريس لاءِ پنهنجن شاگردن تي الڳ الڳ توجهه ڏين؛ مثال طور: اُستاد کي گهرجي ته هرهڪ شاگرد کان هن سبق جو هڪ هڪ لفظ پڙهائي؛ جنهن وقت شاگرد سبق پڙهن، تنهن وقت اُستاد خيال رکي ته:

(i) ٻار هرهڪ لفظ جو اُچار صحيح ۽ چٽو ڪري؛

(ii) ٻار هرهڪ جملو جهيلار يعني intonation سان، ٻوليءَ جي مزاج جو خيال رکي پڙهي؛

(iii) ٻار ڪي، جملي ۾ جنهن لفظ تي زور يا stress ڏيڻو آهي، اُن جي جهيلار ۾ تبديليءَ جو خيال رکي؛ ۽

(iv) ٻار پنهنجي گهر جي باري ۾، اُن ۾ رهندڙ ڀاتين جي باري ۾، گهر جي اڏاوت ۽ تعمير جي باري ۾، گهر جي اڱڻ ۾ موجود وڻن ۽ ٻوٽن جي باري ۾، گهر ۾ پاليل جانورن ۽ پکين جي باري ۾، صحت ۽ صفائيءَ جي باري ۾، ماءُ پيءُ جي ادب ۽ احترام جي باري ۾، ۽ ٻين ڳالهين کان واقف ٿئي.

مطلب تہ هيءُ سبق گهڻ- پاسائون يا گهڻن مقصدن ۽ موضوعن وارو سبق آهي.

مون هن سبق کي **'مثالي سبق'** اُن ڪري چاڻايو آهي، جو هن ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ کان سواءِ، لفظن کي سڃاڻڻ ۽ ٻڌائڻ، دهرائڻ ۽ ورجائڻ واري مهارت، بلڪ مهارتن واريون مشقون ڏنيون ويون آهن. اهڙيءَ طرح جانورن، پکين ۽ وڻن جون شڪليون ڏنيون، شاگردن کي چيو ويو آهي تہ هر شڪل کي سڃاڻن ۽ اُنهن جا نالا ٻڌائين؛ يعني سڃاڻڻ جي حد تائين مشق آهي. هن مهارت جو اڳ ۾ بہ ذڪر ڪيو ويو آهي.

**مشق نمبر-۴** ۾ ڪن شين جون شڪليون ڏنيون، سوال پڇيو ويو آهي تہ اهي شيون ڪهڙي ڪم ٿيون اچن؟ ان کان سواءِ ڪي خاڪا ڏنا، شاگردن کي چيو ويو آهي تہ خاڪن ۾ ڏنل تصويرون، پاڻ بہ ٺاهي ڏيکاريو. ٻين لفظن ۾ ائين چئبو تہ هن مشق لاءِ ڊرائينگ، مصوري يا ڏسي نقل ڪرڻ واري مهارت ڏسي وئي آهي.

هاڻ اهو سارو عمل، اُستاد جي توجهہ ۽ رهبريءَ تي مدار رکي ٿو. جيڪڏهن اُستاد ۾ creativity ۽ initiative جون خصوصيتون هونديون، تہ اهڙو اُستاد، شاگردن ۾ بہ اهڙيون خصوصيتون اُجاگر ڪري سگهندو.

مطلب تہ هر سبق سيکارڻ لاءِ اُستاد کي باقاعدي، اڳواٽ تياري ڪري ڪلاس ۾ اچڻو پوندو، ورنہ هن ڪتاب جي تيار ڪرڻ ۾

جيڪو مقصد رکيل آهي، ۽ جيڪي مهارتون ڪم آنديون ويون آهن، اُنهن جي پوراڻي ٿي نہ سگهندي، ۽ سڄي محنت رائگان ويندي.

ساڳيءَ طرح **"چوٿون سبق"** بہ اهم سبقن مان هڪ آهي. هن سبق ۾ بيت تہ ڏنو ويو آهي، پر اُن بيت ۾ جيڪو مقصد رکيل آهي، اُهو تہ اُستاد ئي ٻار کي سمجهائي سگهندو.

هن سبق ۾ خاص خصوصيت مشقن ۾ رکي وئي آهي. هن سبق واريون مشقون نهايت ئي اهم آهن. اهي مشقون ان لحاظ کان اهم آهن، جو انهن ۾ 'پڙهو ۽ لکو' ، يعني 'دهرائڻ ۽ ورجائڻ' واري مهارت کان سواءِ، هن سبق کان وٺي وياڪرڻ جون ابتدائي صورتون ڏنيون ويون آهن؛ ۽ انهن صورتن طرف اُستادن جو ڌيان ڇڪائي، ڪين اشارن ۾ چيو ويو آهي تہ هُو هاڻ ٿورو توجهہ، وياڪرڻ جي سکيا طرف بہ ڏين.

جيتوڻيڪ ٻار، هر لفظ ۽ هر جملو، صرفي ۽ نحوي اصولن موجب ڳالهائيندو آهي، پر جيئن تہ لسانيات جو اصول آهي تہ ٻار، ٻوليءَ جي مزاج ۽ اصولن کان واقف نہ هوندي بہ، ٻولي، صرفي ۽ نحوي اصولن موجب ئي ڳالهائيندو آهي؛ انهن اصولن ۽ قانونن کان هُو واقف تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن انهن جي سکڻ يا تدريس جي ضرورت محسوس ڪندو آهي. انهيءَ ڪري لسانيات جا ماهر چوندا آهن تہ ٻوليون پهرين وجود ۾ آيون، ۽ انهن جي وياڪرڻ جا اصول ۽ قانون پوءِ جوڙيا ويا.

بهرحال هن سبق جون بہ مشقون، وياڪرڻ واريءَ مهارت جي سکيا تي مبني آهن؛ مثلاً:

پهرينءَ مشق ۾ اُبتڙ لفظ ناهڻ يا سڃاڻڻ سمجهايا ويا آهن؛ جيئن:

ڪوڙو سچو

وهڻ اُٿڻ

۽ اهڙيءَ طرح نوان لفظ ناهڻ لاءِ چيو ويو آهي؛ جيئن:

ڳالهائج مان ڳالهائجو

هن مشق مان مراد آهي، فعل جي واحد صورت مان جمع صورت ٺاهڻ؛ جيئن

| | |
|---|---|
| ٽِج | ٽِجو |
| ڏِج | ڏِجو |
| وِجهج | وِجهجو |
| ڇَنج | ڇنجو |

ٻين مهارتن کان سواءِ، وياڪرڻ واري مهارت پڻ آهستي آهستي، قدم بقدم، تسلسل ۽ درجيبنديءَ سان سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي؛ جيئن:

صفحي ١١ تي 'سنئو' لفظ جو جملي ۾ استعمال.

صفحي ١٣ تي **اُبتڙ لفظ** سيکاريا ويا آهن.

صفحي ١٥ تي **واحد** لفظن مان **جمع** لفظ ٺاهڻ سيکاريا ويا آهن.

صفحي ٢٢ تي **هم قافيا لفظ** ٺاهڻ سيکاريا ويا آهن.

صفحي ٣٣ تي مناسب لفظ ڪم آڻي، **خال ڀرڻ** واري مشق ڏنل آهي.

صفحي ٣٣ تي ئي، **ٻڌا لفظ** ٺاهڻ ۽ سڃاڻڻ جي مشق ڏني وئي آهي.

صفحي ٣٥ تي جملن اندر **فاعل** ڪم آڻڻ جي مشق ڏني وئي آهي.

صفحي ٣٥ تي ئي، اسمن جي ميڙاڪن لاءِ مروج هڪ لفظ استعمال ڪرڻ جي مشق ڏني وئي آهي.

صفحي ٣٧ تي خالي جايون ڀرڻ واري مشق جي مدد سان، جاگرافي ۽ فزڪس سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

صفحي ٤٢ تي فعل جي **استعمال** جي مشق ڏني وئي آهي.

صفحي ٤٤ تي **حرف جر** جي استعمال جي مشق ڏني وئي آهي.

صفحي ٤٩ تي **اسم تصغير** ٺاهڻ سيکاريو ويو آهي.

صفحي ٥٦ تي جملن جا قسم سيکاريا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح تصويرن ذريعي ٻارن ۾ ڪهاڻي ٺاهڻ، جانورن جون ٻوليون، صفحي ٥٢ تي نئين اسٽڊي، اخلاقيات، لوڪ رانديون ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون، جن کان ٻار پليءَ پٽ واقف آهن، اُنهن جي سکيا، دهرائڻ واري طريقي يا ورجائڻ سان ڏني وئي آهي؛ مثال طور:

**ياد رکو تہ:**

**(الف)**

(i) ٻين جي مدد ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

(ii) جانورن تي ڪهل ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

(iii) وڏن جو ادب ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

(iv) ننڍن سان پيار ڪرڻ چڱو ڪم آهي.

**(ب)**

(i) پکي اُڏامندا آهن.

(ii) مڇيون ترنديون آهن.

(iii) گهوڙا ڊوڙندا آهن.

**(ت)** پڙهو ۽ ورجايو- 'ميڙاڪي' لاءِ:

(i) ماڻهن جو ميڙ

(ii) ڪُنجين جو ڇڳو

(iii) ٻڪرين جو ڌڻُ

(iv) پکين جو ولرُ

**(ث) ياد رکو تہ:**

(i) راند ڪيڏڻ سان ٻارَ چُست ۽ چالاڪ ٿين ٿا.

(ii) گڏجي راند ڪيڏڻ سان پاڻ ۾ ٻڌي پيدا ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح آءٌ دعوا سان چئي سگهان ٿو تہ مربوط نصاب جي سلسلي ۾، **سنڌي پهرين ڪتاب** جوڙڻ هڪ ڪامياب ڪوشش آهي؛ جنهن ۾ ٻارن کي هر علم جي بنيادي ڄاڻ ڏني وئي آهي؛ مثلاً:

| موضوع | سبق نمبر | درجو |
|---|---|---|
| دينيات | پهريون | ١ |
| ايضاً | ٻيو | ٣ |
| سوشيالاجي | ٽيون | ٥ |
| لائيوَ اسٽاڪ | ٽيون | ٦ |
| باتات | ٽيون | ٦ |

| | | |
|---|---|---|
| جهنگلي جيوَت | ٽيون | ٦ |
| هوم ايڪانامڪس | ٽيون | ٧ |
| اخلاقيات (نظم) | چوٿون | ٨ |
| ايجوڪيشن | پنجون | ١٠ |
| سوِڪ ايجوڪيشن / جاگرافي | ڇهون | ١٢ |
| سائنس | ستون | ١٤ |
| آبپاشيءَ جا وسيلا | | ١٥ |
| وڏا ڏينهن (تهذيب ۽ تمدن) | اٺون | ١٦ |
| مواصلات/ ابلاغ | نائون | ١٨ |
| قومي جذبو/ قوميت/ سماجيات | ڏهون | ١٩ |
| سياسيات | يارهون | ٢١ |
| اخلاقيات | ٻارهون | ٢٣ |
| لاتيوَ اسٽاڪ، جهنگلي جيوَت، جاندار/ بي جان شيون | تيرهون | ٢٧ -٢٥ |
| ڪرت ۽ ڌنڌا (اقتصاديات) | چوڏهون | ٢٩ |
| ڪرت ۽ ڌنڌا | چوڏهون | ٣١ -٣٠ |
| صحت/ صفائي | پندرهون | ٣٢ |
| ثقافت | سورهون | ٣٤ |
| جاگرافي | سترهون | ٣٦ |
| جاگرافي (بيت) | ارڙهون | ٣٩ |
| رانديون (ڇوڪرين لاءِ) | اڻويهون | ٤٢-٤١ |
| رانديون | ڇويهون | ٥٣ |
| ٻاراڻا ٻول (لوڪ ادب) | ويهون | ٤٣ |
| مواصلات | ايڪيهون | ٤٥ |
| آرٽ | ٻاويهون | ٤٨ |
| ڳجهارت (لوڪ ادب) | ٽيويهون | ٤٩ |

| | | |
|---|---|---|
| تصويرن ذريعي ڪهاڻي ٺاهڻ | چوويهون | ٥٠ |
| جانورن جون ٻوليون | پنجويهون | ٥١ |
| دعا | ستاويهون | ٥٥ |



**حاصل مطلب** تہ هيءُ ڪتـــاب سـنڌي ٻوليءَ جي تدريس ۽ سکيا جي اصولن کي سامهون رکي، مربوط نصاب جي گهرجن مطابق لکيو ويو آهي. اهو پڻ چئي سگهجي ٿو تہ هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ وڏي سوچ، سمجهہ ۽ رٿابنديءَ وارو عمل ڪارفرما رهيو آهي.

هاڻ سوال هيءُ ٿو پيدا ٿئي تہ جن جن مهارتن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جي درس و تدريس لاءِ هي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي، اُن جي هرهڪ سبق لاءِ رٿا يا سڄي ڪتاب جي رٿا کان جڏهن اُســتــاد واقف هوندو، اُن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ هوندي تہ هي ڪتــاب ڪٿان شـروع ڪرڻو آهي، ۽ ڪيئن شـروع ڪرڻو آهي؛ بتدريج، هڪ ڏاڪي کان پوءِ ٻئي ڏاڪي تي ڪيئن چڙهڻو آهي، ۽ مٿي پاڻ بہ پهچڻو آهي تہ شاگردن کي بہ ساڻ وٺي هلڻو آهي؛ تہ اهڙيءَ حالت ۾ اُستاد ڇا ڪري؟ ڪيئن قدم کڻي؟ پهرئين ڏاڪي تي پير ڪيئن رکي؟ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو خيـال رکي؟ اُن لاءِ عـرض آهي تہ تيـچرز گـائيـڊ/ اُسـتادن جو رهبر تيار ڪرائجي؛ جنهن ۾، هن ڪتاب جي پڙهائڻ جي سلسلي ۾ مڪمل رهنمائي ڪيل هجي، جيڪا اُستادن جي مدد ڪري.

اُستادن جو رهبر بہ اُهو صاحب/ اُهي صاحب لکن، جن ۾ هي صلاحيتون هجن:

(i) ٻوليءَ جي تدريس يا سکيا جي اصولن methodology کان واقف هجن.

(ii) لسانيات جو اڀياس هجين.

(iii) سنڌي صوتيات، صرفيات ۽ نحويات جي ڄاڻ هجين.

(iv) نصاب جي تياريءَ لاءِ Development of language جي ڄاڻ هجين.

(v) Language planning جي ڄاڻ هجين.

(vi) نصاب جي تيار ڪرڻ جي ڄاڻ هجين.

بهرحال، اُستاد جو اهو فرض آهي ته نهايت ئي ايمانداريءَ، خلوص نيت ۽ قومي جذبي سان، ٻوليءَ جي تدريس لاءِ ڌار ڌار مهارتن جو اڀياس ڪري؛ اُستادن لاءِ رهبر جوَ مطالعو ڪري، اُن ۾ ڄاڻايل هدايتن ۽ نقطن کي سمجهي، ۽ عمل ڪري، محنت ڪري، اڳواٽ تيار ٿي ڪلاس ۾ اچي ۽ شاگردن جي هر سرگرميءَ ۾ پاڻ به سرگرم رهي، ورنه ڪو به فائدو ڪونه ٿيندو.

هن سلسلي ۾، هن پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ سپروائيزرن جو به اهم ڪردار رهندو. سپروائيزر پاڻ کي حاڪم، بالا آفيسر يا بيوروڪريٽ سمجهڻ جي بدران، پاڻ کي هڪ ايجوڪيٽر، ائڪيڊيمڪ- ناظم سمجهن. سپروائيزر اُستادن جا دوست، همدرد، ساٿي ۽ سڄڻ آهن؛ ان ڪري سپروائيزرن کي گهرجي ته هُو اُستادن سان اُهڙو ورتاءُ ڪن، هنن جي رهبري ڪن ۽ هنن جي رهنمائي ڪن.

پر سپروائيزر حضرات، اُستادن جي رهنمائي يا رهبري تڏهن ڪري سگهندا، جڏهن هُنن، هن ڪتاب لاءِ ڪم آندل مهارتن، ٻوليءَ جي تدريس جي طريقن ۽ methodology جو اڀياس ڪيو هوندو؛ انهيءَ عمل مان هُو چڱيءَ طرح واقف هوندا؛ پر جيڪڏهن سپروائيزر ٻوليءَ جي تدريس جي اصولن کان واقف نه هوندا، اُستادن جو رهبر چڱيءَ طرح پڙهي، سنڌي پهرئين ڪتاب ۾ ڪم آندل رٿا کي سمجهيو نه هوندائون، ته پوءِ هُو اُستادن جي ڪهڙي رهبري ڪري سگهندا؛ يعني:

او خويشتن گم است ڪرا رهبري ڪند.

ان لحاظ کان سپروائيزرن جي ذميواري، اُستادن کان به وڌيڪ آهي. هنن کي هرلحاظ کان وڌيڪ ڄاڻ هجڻ گهرجي ۽ جن جن اصولن، ڳالهين، نقطن ۽ مهارتن جو مون ذڪر ڪيو آهي، اُنهن سيني جي ڄاڻ ۽ واقفيت سپروائيزرن کي به هجڻ گهرجي.

ان ڪري سپروائيزرن لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

(i) سپروائيزر پاڻ انهن مهارتن کان واقف هجن، جن تي عمل ڪري هي ڪتاب لکيو ويو آهي.

(ii) سپروائيزرن کي ٻوليءَ جي تدريس کان سواءِ Language Methodology of language teaching ۽ development جي واقفيت هجي.

(iii) سپروائيزر Language planning واريءَ رٿا کان به چڱيءَ طرح واقف هجن.

(iv) سپروائيزرن کي لسانيات جي اصولن، ٻوليءَ جي صوتيات، صرفيات ۽ نحوي قاعدن ۽ اصولن جي ڄاڻ هجي.

(v) سپروائيزر ڏسن ته اُستاد، انهن نقطن کي سامهون رکي، ٻارن کي پڙهائين ٿا يا فقط گذارو ڪن ٿا.

حقيقت ۾، پڙهائڻ ۽ نگراني ڪرڻ ٻئي محنت، جذبي، خلوص ۽ سچائيءَ وارا عمل آهن؛ جن تي گامزن رهڻ سان ئي، سنڌي ٻهرين ڪتاب صحيح طريقي سان پڙهائي سگهبو.

# سنڌي ٻوليءَ جو وڌندڙ بگاڙ

سنڌ ۾ سنڌي زبان کي تاريخي طور وڏي اهميت حاصل رهي آهي، ۽ رهندي. قدامت جي لحاظ سان توڙي علمي، تعليمي ۽ ادبي لحاظ سان، سنڌيءَ جي جيڪا حيثيت آهي، اهڙي هن پوري ڏکڻ- ايشيائي ننڍي کنڊ ۾ ڪن ٿورين ٻين ٻولين جي آهي.

باوجود انهيءَ جي ڪيترائي اهڙا سبب آهن، جن جي ڪري تاريخ جي هن موڙ تي سنڌي زبان کي صحيح نموني ۾ لکڻ، پڙهڻ يا ڳالهائڻ جا مسئلا اچي پيدا ٿيا آهن. پر سڀ کان وڏو ۽ خطري وارو مسئلو ٻوليءَ جي بگاڙ جو آهي، جنهن کي روڪيو نه ويو ته اهو ٻوليءَ جي اندروني زوال جو سبب بڻبو. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وڌندڙ بگاڙ طرف فوري توجهه ڏنو وڃي. پوري صوبائي سطح تي ان جي چڙڪسي ڪئي وڃي، بلڪ ان جي خلاف اصلاح ۽ تنقيد جا زوردار هٿيار هلايا وڃن. سنڌي ٻوليءَ جي سيني سڄڻن ۽ سربراهن خصوصاً استادن، شاعرن، اديبن، صحافين ۽ عام اطلاعاتي ادارن جي اهلڪارن کي هن مهم ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، بلڪ اڳواڻي ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ پهريائين بگاڙ جي پنجن مکيه مرحلن تي اصلاح لاءِ عملي قدم کڻڻ ضروري آهي.

• **ابتدائي ۽ ثانوي اسڪول:** سنڌي پڙهائيندڙ استاد اهو سوچين ته تعليمي ادارا خصوصاً پرائمري سنڌي اسڪول سنڌي ٻوليءَ جا قلعا آهن، جتي ٻاراڻي سطح تي صحيح ٻولي سکڻ جا بنياد مضبوط ٿا ٿين. ثانوي اسڪولن تائين اهو سلسلو هلي ٿو. بنيادي سطح تي ٻارڙن جي ڪنن ۽ ذهنن تي صحيح ٻولي پوندي ته وڏي هوندي تائين ٻي ڪنهن ٻوليءَ جو اثر ان کي بگاڙي نه سگهندو. اسان جا مڙيئي مانوارا استاد جيڪي هزارن ۾ آهن، سي هن نازڪ وقت تي پنهنجي ذميداري محسوس ڪن ۽ ٻارڙن جي ذهنن ۾ صحيح ٻوليءَ جي سکيا جا بنياد مضبوط ڪن.

• **درسي ڪتاب:** درسي ڪتاب اصولي طور ٻوليءَ جي لفظن ۽ اُچارن، اصطلاحن ۽ عبارتن جا معياري دستاويز آهن، جيئن ته شاگردن کي درسي ڪتاب لازمي طور تي پڙهايا وڃن ٿا، انهيءَ ڪري درسي ڪتابن جي لکائيندڙ صاحبن توڙي داناءَ لکندڙن تي اها ذميداري آهي ته هو درسي ڪتابن ۾

صحيح ٻوليءَ جي استعمال تي خاص ڌيان ڏين ۽ ڪتابن کي صحيح صورت ۾ ڇاپائين. ڇاڪاڻ گهرجي تہ درسي ڪتابن ۾ غلطين جي گهٽائي ٻوليءَ جي بگاڙ لاءِ راهہ هموار ڪري ٿي.

• **اخبارون:** سنڌي اخبارون روزمره واري هلندڙ ٻوليءَ جو آئينو آهن. عام پڙهندڙن لاءِ چڻ درسي ڪتاب آهن. تاريخي طور، سنڌي اخبارن شروع کان وٺي ٻوليءَ جو معيار بلند رکيو آهي، پر موجوده وقت ۾ ڪن اخباري ادارن ۾ ان طرف پورو ڌيان نہ رهيو آهي. اخبارن ۾ ٻوليءَ جون غلطيون، ٻوليءَ جي بگاڙ کي پڪو پختو ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ جو روزانو انهن جو دؤر ٿئي ٿو. سنڌي اخبارن جي لائق فائق ايڊيٽرن کي خاص استدعا آهي تہ هو پنهنجي عملي جي رهنمائي ڪن ۽ پڻ نگرانيءَ جو پڪو سلسلو قائم ڪن، جيئن لکيتن جي ڇپجڻ سان گڏ ٻوليءَ جي صحيح لفظن ۽ عبارتن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي.

• **ريڊيو ۽ ٽي. وي:** موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽي. وي کي عام اطلاعاتي نظام ۾ خاص اهميت حاصل آهي. خبرن نشر ڪرڻ، ڊرامن يا ٻين پروگرامن ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، تنهن کي لکين ماڻهو ٻڌن ٿا، ۽ نہ صرف شهرن وارا پر ٻهراڙيءَ وارا بہ جهنگ جهر ۾ ٻڌن ٿا، ۽ ڌيان سان ٻڌن ٿا. انهيءَ ڪري جيڪڏهن غلط ٻولي استعمال ٿئي ٿي تہ ان جو سبق سيني کي ملي ٿو. ضروري آهي تہ ريڊيو ۽ ٽي. وي جهڙا شاناٺتا ۽ اهم ادارا صحيح سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جي ذميداري قبول ڪن ۽ ان لاءِ خاص اهتمام ڪن، جيئن صحيح سهڻي ٻوليءَ جي اشاعت سان بگاڙ جي راهہ بند ڪري سگهجي.

• **عملي ادبي ميدان:** شاعر ۽ اديب صحيح ۽ معياري ٻوليءَ جا نہ فقط معمار آهن، بلڪ ضامن آهن. شعر توڙي ادب ۾ سندن تخليق ۽ تصنيف جو سلسلو صحيح ۽ سهڻي ٻوليءَ کي نہ صرف برقرار رکي ٿو، بلڪ ان جي معيار کي بلند ڪري ٿو. پڙهندڙ سندن تحريرن، شعرن ۽ ادبي تخا دان متاثر ٿين ٿا، ۽ پڻ سندن اديبانہ تجربي ۽ تنقيد سان ٻوليءَ جي بگاڙ جون راهون بند ٿين ٿيون. هن وقت ٻوليءَ جي بگاڙ واري نازڪ مرحلي تي ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا سڄڻ ۽ سڄاڻ اديب، ادبي تنقيد جي دائري کي وسيع ڪن ۽ ادبي تخليقن کي سڀ کان اول صحيح ٻوليءَ جي استعمال واري ڪسوٽيءَ تي پرکين.

[30 مئي 1992ع تي "ٻارڙو ۽ سنڌي ٻولي" سيمينار بدين ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي افتتاحي تقرير]

محمدّ حسين "ڪاشف"

# تدريسي عمل ۾ ڪتاب جي اهميت

ڪتاب کي انساني زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رهي آهي. دنيا اندر انسان جي سڌاري ۽ ڪيس ننڍين وات تي هلائڻ لاءِ ڪتاب نازل ٿيا، جن کي آسماني يا الهي ڪتاب ڪوٺيو وڃي ٿو. انهن ڪتابن کي نبين سڳورن ۽ پيغمبرن جي ذريعي انسان ذات لاءِ نازل ڪيو ويو. قرآن حڪيم ۾ جيڪو خود 'ڪتاب الله' جي نالي سان منسوب ۽ معنون آهي، ڪيترن ئي هنڌن تي 'ڪتاب' جو ذڪر موجود آهي: 'ذالک الکتاب'، "ڪتاب مستور"، "يُعَلِمُهُم الکتاب والحکمَة،" "ڪتابُ مَکنون" وغيره. سڀ کان اڳ جيڪا آيتَ ڪائنات جي رسول صلعم تي نازل ٿي، ان ۾ حڪم ٿيو ته "اقرءَ بِاسمِ ربک الذي" – 'پڙهه الله جي نالي سان' ، اهو اشارو پڻ ڪتاب ڏانهن آهي. انهيءَ مان ڪتاب جي برتري ۽ اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو، ته ڪتاب انسان ذات لاءِ نهايت وڏي حقيقت رکندڙ، ۽ وڏي مان واري ڳالهه آهي. ٻين لفظن ۾ ته علم جي حقيقت ۽ شناس ڏيڻ وارو ڪتاب ئي آهي، جيڪو انسان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اهو ئي سبب هو، جو رب العالمين انسان ذات جي رهبريءَ لاءِ، پنهنجن پيغمبرن سڳورن وسيلي ڪتاب نازل ڪيا، ته جيئن هن ڌرتيءَ تي انسانُ پنهنجي پالڻهار ۽ خالق جي حڪمن کي سمجهي، انهن جي پيروي ڪري سگهي. ڪتاب علم ۽ ڄاڻ جو اهو ذريعو آهي، جنهن کي خود جهانن جي خلقڻهار ڪتب آندو آهي.

جيڪڏهن ڪتاب لاءِ ڪو تصور ڪري، ته اهو سَو يا ٻن سَون پنن جو مجموعو آهي، ته اهو عقل کان عاري چئبو. ڪتاب حسن جو مرڪز آهي، جنهن جي هر ورق تي علم جي تجلي متجلي آهي، جنهن جي اکرن جي اوٽ ۾ ڪئين انگ ۽ رنگ آهن. ڪتاب علم وارن لاءِ

توشو ۽ جاهلن لاءِ رهبر آهي، ڪتاب جي ڪهڙي تعريف ڪجي! ڪتاب حقائق ۽ دقائق جي کاڻ آهي. ڪتاب مخزنِ حڪمت ۽ معرفت نصيب آهي. خازنِ حقيقت ۽ مناقبِ حقانيت آهي. مجموعِ حڪايت ۽ مصدرِ هدايت آهي. ڪتابِ حڪيم ۽ عليم آهي، فهيم ۽ نعيم آهي؛ مئل دلين لاءِ نُور ۽ زنده دلين لاءِ سرور آهي. ڪتاب مرجعِ اخلاق ۽ مرصعِ اخلاص آهي. ڪتاب معلم، متڪلم ۽ مُنعم آهي. ڪتاب گنجِ معاني ۽ انوارِ بياني آهي. ڪتاب مشفق ۽ شفيق آهي، مخلص ۽ خليق آهي، مصدق ۽ صديق آهي، همراز ۽ رفيق آهي. ڪتاب مُعدنِ افڪار ۽ حقايقِ اسرار آهي. ڪتاب مظهرِ جنسار ۽ نظرِ افتخار آهي. ڪتاب باليدگيءَ ۽ رسيدگيءَ جو پندار آهي. شائستگيءَ ۽ شگفتگيءَ جو اظهار آهي. ڪتاب علم ۽ قلم جو نگينو، فهم ۽ حلم جو گهوارو آهي. ڪتاب احساس ۽ ادراڪ جي، فڪر ۽ نظر جي زنبيل ۽ بصارت ۽ بصيرت جي سبيل آهي. ڪتاب عرفان ۽ ايقان، معقوليت ۽ معنويت جو ماڻ آهي. ڪتاب ڪشڪولِ حقايق ۽ معدنِ دقايق آهي. ڪتاب مُدفنِ اسرار و رموز آهي ۽ پيڪرِ شاهد و مشهود آهي. ڪتاب رازدانِ زندگي ۽ بادبانِ تابندگي آهي. ڪتاب جهانبانيءَ ۽ جهانداريءَ جو معاون، عالم ۽ عامل جو مُخادم آهي. ڪتاب طالبن جو مطلوب ۽ محبوب، عالمن جو مقصود آهي. ڪتاب جامِ شيرين ۽ سفالِ انگبين آهي. ڪتاب نواءِ بشير ۽ نداءِ نذير آهي. ڪتاب نشانِ راهه ۽ حدفِ نگاهه آهي. سعادت ۽ شفا آهي. ڪتاب مجموعِ حروفِ چار آهي، جيڪا علامت اقليم ۽ فلڪ قهر آهي. ان لاءِ اهو چوڻ بجاءِ آهي ته ڪتاب منسوب قمر آهي، قمر محتاجِ نورِ شمس آهي ۽ ڪتاب غايت صاحبِ تصنيف آهي ڪتاب الله" کان سواءِ هر ڪتاب حادث ۽ محدث آهي. ڪيفيت صامت رکڻ جي باوجود، معنوي طور تي، ناطق ۽ منطوق آهي. مطالب و معاني ۽ ڪاشف ۽ مَڪشوف آهي. سندس "ڪ" مان مراد ڪلمات ڪبريائي، "ت" مان مراد تدبر، توقير، تفهيم ۽ تفصيل و تفضيل آهي. "الف" مان مراد اعجاز ۽ اشارت آهي. "ب" مان مراد بيانِ بصيرت ۽ بشارت آهي. ڪتابِ فائق فيض الصباح ۽ مينارِ المصباح آهي. ڪتاب مُحقق ۽

سرن يا ان جي اُپن ستونن، ۽ ٽامي جي پٽرن تي مذهبي لکيتون ۽ بادشاهن جا لکيل واقعا آثار قديمہ مان مليا آهن؛ اها بہ ڪتابي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي.

**(د): ڪتابن وارو دَور:** هن ۾ پني تي قلم ذريعي مس سان لکيو ٿي ويو، جنهن سبب دنيا ۾ ڪاتبن وجود ورتو ۽ ڪتابت هڪ فن جي صورت اختيار ڪئي. هن وسيلي ڪتابن جا ڪيئي نسخا تيار ٿي عام ٿيا ۽ علمي، فڪري تجمل جي صورت پيدا ٿي؛ انهيءَ ڪي ڪتاب جو پهريون سُڌريل دَور چئي سگهجي ٿو.

(هہ): مشيني دَور جي ابتدا اکرن جي سنگي صورت پيدا ڪئي، ڇاپخانا قائم ٿيا، جن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۽ اشاعت ۾ سهوليت پيدا ڪئي. هن ۾ ڪتاب جو ڦهلاءُ عام ٿيو، اهو ڪتاب جي ترقيءَ جو ٻيو دَور شمار ڪري سگهجي ٿو.

(و): هن وقت ڪتابُ خودڪار پريس ۽ ڪمپيوٽر جي حوالي آهي، جنهن جو ڪتاب جي سهڻائيءَ ۽ سنائيءَ ۾ وڏو ڪردار آهي. هيءَ ڪتاب جو ترقي يافتہ دَور چئي سگهجي ٿو، نہ صرف اهو، پر ڪتاب جي مواد کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪيئي طريقا ايجاد ٿي چڪا آهن؛ جنهن ۾ ٽيپ ڪرڻ، مائڪرو فلم تيار ڪرڻ، ڪتاب جي مواد کي ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪرڻ وغيره. ڪتاب جي تحفظ لاءِ سائنس اهي سڀ سهوليتون پيدا ڪيون آهن، جنهن ۾ ڪتاب کي هڪ دائمي صورت ملي رهي آهي ۽ اُهو زماني جي دَست بُرد، اڏوهيءَ ۽ ڪِرم خورد ڪيڙي کان پاڻ کي محفوظ ڪري رهيو آهي، تہ جيئن ان جو فيض جاري رهي سگهي.

انهن سڀني دَورن ۾ اسان کي اها ڳالهہ مشترڪ نظر اچي ٿي، تہ هر دَور، علم کي ڪتاب جي صورت ۾ آڻي، ان جي افاديت کي محسوس ڪندي، ان کي بچائڻ جي همہ تن ڪوشش ڪئي آهي، تہ هن جو وجود سلامت رهي تہ جيئن اُهو پنهنجي فيض کي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ذريعي پڻ جاري رکي سگهي.

علمي ۽ تخليقي مواد کي ڪنهن مربوط شڪل سان جي...ائين

ڪتابي صورت ۾ نٿي اچي، ان وقت تائين اُن مان ڪو لاڀ ملي نٿو سگهي. اهو ڪتاب جو وجود ئي آهي، جيڪو دانشورن، ڏاهن، فلسفين، سائنسدانن، مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي جي علم ۽ دانش کي پاڻ ۾ سمائي ٿو؛ ۽ انهن جي خيالن، ويچارن ۽ نظرين کي پين تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. جيڪڏهن ڪتاب جو وجود نه هجي ها ته اهو سڄو مواد، جيڪو دنياءِ علم سان مشابهه ۽ متصور آهي، ۽ پنهنجي اندر ڪيترين ئي صورتون ۽ صفتون رکي ٿو، اهو ائين وٺرڻ ٿي وڃي ها، ۽ ڪو لاڀ نه ڏيئي سگهي ها. اهو ڪتاب ئي آهي، جيڪو انساني ذهن جي علمي ۽ فڪري، ايجادي ۽ اجتهادي سرمائي کي پاڻ ۾ سمائي ۽ سموهي، سهيڙي ۽ سنواري، پين تائين پهچائڻ جو ڪارڻ بڻيو.

تاريخ ۾ ڪتاب جي حيثيت هڪ اُهڃاڻ ۽ آدرش جي آهي. ڪتاب تاريخ جو اهو حصو آهي، جيڪو ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي پاڻ ۾ سمائي ٿو. پنهنجي فني ۽ فڪري مواد جي بنياد تي جتي اُهو مؤرخ ۽ مدبر کي سونهي جو ڪم ڏئي ٿو، اتي طالب علم لاءِ تعليم جو ذريعو آهي. ڪتاب، پڙهندڙ جي ذهني تربيت ۽ آبياري ڪري ٿو. ڪتاب پنهنجي مواد وسيلي تاريخ جي مختلف دَورن جي ڄاڻ ڏئي ٿو، جنهن مان ماڻهن جي طرز زندگي، انهن جي پنگتي حالت، معاشي وسيلن، ڪلچر جي روين، فڪري نظرين، سياسي روين ۽ سماجي حالتن جو شعور مهيا ٿئي ٿو. ائين ڪٿي چئجي ته سماجي شعور ۽ صداقت جي آگاهي ڏيندڙ ڪتاب جو ئي وجود آهي، جنهن جي اڀياس ۽ مطالعي مان پڙهڻ ۽ پرجهڻ سان عالم ۽ بُڌوان، داناءَ ۽ دانشور، مفڪر ۽ فلسفي فيض پرائي، پنهنجي حاصلات کي پين ڏانهن سندس ذريعي منتقل ڪن ٿا. ڪتاب انساني علم جي خاموش زبان ۽ ان جي احوال و ڪوائف جي چتر ڪاري آهي؛ جيڪا اکرن، لفظن ۽ جملن جي صورت ۾ پنهنجي پر ۾ ڪيئي معنائون ۽ مقصد رکي ٿي، ۽ انهن کي اجاري ٿي."

جيئن انسان تاريخ جو سفر ڪري هن منزل تي پهتو آهي، تيئن

ڪتاب پڻ تاريخ جو سفر ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي. ڪتاب زندگيءَ جي هر شعبيءَ علم ۽ ان جي نظرين، تحقيقات ۽ ترجيحات ۽ ڦهلاءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي؛ ان لاءِ ڪتاب جي اهميت مسلم آهي، جنهن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ڪتاب جي وجود، انساني عقل ۽ شعور، تدبر ۽ تفڪر جي ڦهلاءَ سان گڏ، پنهنجي اندر سمايل سرمائي کي تحـــفظ ڏيڻ لاءِ ڪتـــبـــخانن کي وجود ڏنو آهي. وڏيون، وڏيون لائبرريون، دنيا جون عظيم درسگاهون، انساني علم جا مختلف شعبا، سڀ ڪتاب جي ڪرامت جا مرهونِ منت آهن. انساني علم جي ترقي، ان جي فڪري ۽ ذهني واڌاري ۽ اوسر ۾ ڪتاب کي وڏو دخل رهيو آهي. ائين چئجي تہ ڪتاب روشنيءَ جو اهو مينار ۽ اها مشعل آهي، جيڪا پنهنجي اندر ڪيترين ئي رنگين روشنيون رکي ٿي؛ ۽ انهن جي شعاع پذيريءَ سان ذهن ۽ دلين تي ڪيئي عڪس منعڪس ڪري ٿي. ڪتاب پنهنجي تاريخي ذميداريءَ،کي دنيا ۾ جنهن انداز سان نڀايو آهي، اهو قابلِ داد، قابلِ فخر ۽ ناقابلِ فراموش آهي.

- ڪتاب، ماضيءَ جي علمي ۽ فڪري سرمائي کي اجاريو آهي.
- ڪتاب، حال جي علمي ڪاوشن کي پاڻ ۾ سمائي، ان کي پين تائين پهچائي رهيو آهي.
- ڪتاب، مستقبل جي تعمير لاءِ علم ۽ فڪر جي ڏياتين کي روشن رکيو اچي.
- ڪتاب، ٻوليءَ جي بقاءَ، ان جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.
- ڪتاب، عالمن، دانشورن، ڏاهن، شاعرن ۽ فيلسوفن جي ويچارن ۽ فڪر کي، زماني جي هٿان برباد ٿيڻ کان بچائي رهيو آهي، ۽ بچايو آهي.
- ڪتاب، هيرن جي کاڻ آهي، جنهن ۾ ڪيئي بي بها مرجان ۽ موتي، لعل ۽ جواهر سمايا پيا آهن؛ صرف ذوقِ نظر ۽ حسنِ نظر جي ضرورت آهي.
- ڪتاب، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو فرض سرانجام ڏيئي، نسل د. نسل

انسان کي ذهني ۽ فکري طور اڳتي وڌائيندو رهيو آهي.

- ڪتاب، استاد ۽ شاگرد جي وچ ۾ علمي ڳانڍاپو پيدا ڪندڙ آهي. انهيءَ جي درس و تدريس جي ذريعي اڻڄاڻ، ڄاڻ حاصل ڪري، زندگيءَ جي حقيقتن جي واقفيت وٺي ٿو، ۽ پنهنجو آئيندو اجاري ٿو.

مٿي ڪتاب جي اهميت ۽ فلاسافيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. **تدريسي عمل** ۾ ڪتاب جي وڏي اهميت آهي. مٿين نقطن جي روشنيءَ ۾ غور ڪبو ته ڪتاب لاءِ موضوع ۽ مواد، ٻولي ۽ ان جي صرفي ۽ نحوي ضرورتن، قاعدن ۽ قانونن کي خيال ۾ رکڻ ضروري آهي. تدريسي عمل ۾ ٻار جي عمر جي لحاظ کي به نظر ۾ رکڻو آهي. ائين نه آهي ته ٻار پهرئين ڪلاس جو هجي، جنهن جي عمر ڇهه (٦) سال ۽ اسين ان لاءِ جيڪو ڪتاب ترتيب ڏيون، ان ۾ موضوع ڳرا هجن، ۽ ٻولي ڏکي هجي- ته اهو تدريسي علم ۾ ٻار سان ڏاڍائيءَ جي برابر ٿيندو. ڪتاب ۾ سبقن جي موضوع جو انتخاب، ٻار جي عمر جي بنياد تي ڪيو وڃي، جيئن پهرين عرض ڪيو ويو آهي، ته ڪتاب ۾ اهڙي قسم جو مواد ڏنو وڃي، جيڪو هڪ ته ٻار جي ماحول سان مطابقت رکندڙ هجي، ۽ اُن سان گڏوگڏ ٻار جي ذهني تربيت ۽ ان کي وڌيڪ ذهني معلومات ڏيڻي پختو ڪري؛ جنهن ۾ درجيوار ٻوليءَ جي سکيا ۽ علمي واڌاري جي بنياد تي سبق ڏنا وڃن. ڪتاب، جتي ٻوليءَ جي سکيا ۾ ٻار جي لفظي ذخيري وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو، اتي اُهو ان کي ماحول جي حقيقتن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پڻ ذميوار آهي. ڪتاب ۾ سبقن کي حصن ۾ ورهائڻ پڻ ضروري آهي: پنهنجي آسپاس جي معلومات وارا سبق؛ جن کي سماجي ايپاس جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو؛ اخلاقي تربيت وارا سبق؛ پنهنجي ڌرتي ۽ ملڪ سان محبت وارا سبق، پنهنجي ڌرتيءَ جي نيڪ ۽ چڱن ماڻهن، يا ائين چئجي ته جيڪي هيروز (سورما) هجن، انهن بابت معلومات ڏيڻ، جنهن ۾ اسلامي شخصيتن کي به جاءِ ڏجي؛ اسلامي نظريي کي اجاگر ڪرڻ وارا سبق؛ پنهنجي ڪلچر جي روين کي اوجر ڏيندڙ سبق؛ جنهن ۾ ٻارائيون رانديون ۽

رسم رواج وارا سبق، سائنسي معلومات ڏيڻ لاءِ ٽيڪنيڪي طور ٺهيل شيءَ . انهن جي افاديت وارا سبق ڏيڻي سگهجن ٿا.

انهيءَ سڄي مواد کي صرف نثر ۾ نہ ڏيڻو آهي، پر نثر ۽ نظم جو تناسب پڻ رکڻو آهي. فرض ڪريو تہ ڪتاب ۾ ٽيهہ (٣٠) سبق آهن: تہ انهن مان گهٽ ۾ گهٽ پنجون (١/٥) حصو يعني ڇهہ (٦) سبق نظم جي صورت ۾ هجن. ڪتاب جي سبقن جي پڄاڙيءَ ۾ ڏنل سبق تي سوال ضروري آهن: ان سان گڏ خال پرڻ، ڏکيا لفظ ڏيڻ، انهن جي معنيٰ ڏيڻ، ڪتاب جي سبق ۾ ڪم آيل اصطلاحن ۽ پهاڪن کي مثال طور ڏيڻ، ۽ ٽئين ڪلاس کان پوءِ گرامر جي اڀياس جي صورت پيدا ڪجي ۽ سبق جي پڄاڙيءَ ۾ گرامر جي سلسلي سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏجي. سڀ کان اهم ڳالهہ آهي، ڪتاب جي سبقن جي "ٻولي" : جيڪا درجيوار ذهني معيار مطابق استعمال ۾ آندي وڃي، جيئن ٻار ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ جو مايو پيدا ٿئي. پهرئين ڪلاس لاءِ ٻوليءَ جو انداز ۽ معيار پنهنجو هجي: ٽئين، چوٿين يا پنجين وغيره جو پنهنجو هجي: جنهن ۾ مٿين احوال کي مدنظر رکڻ ضروري آهي. ان سان ٻار جي عمر مطابق هن وٽ لفظي ذخيري جو واڌارو ٿيندو. ڳرن ۽ ثقيل لفظن جي بجاءِ وهنواري ٻولي استعمال ڪجي، جيڪا روزمره جي گفتگوءَ ۽ اظهارِ خيال ۾ ڪم ايندڙ آهي، اها ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهين ڪٿي ڳرو لفظ اچي وڃي تہ ان جو متبادل يا مترادف لفظ سبق ۾ ئي هنڌ ڏيڻ گهرجي. ڪتاب اندر سمايل سبق جي مواد ۾ اِملا جي نشانين جو خاص خيال رکيو وڃي، جيئن ٻار ٻوليءَ جي صحيح تلفظ کان واقف ٿئي. ان سواءِ لکٽيءَ ۾ بيهڪ جي نشانين جو صحيح استعمال ڪيو وڃي. انهيءَ سان مواد جي پيشڪش ۽ مفهوم ۾ وڌيڪ برجستائي ۽ سهڻائي پيدا ٿيندي. ٻار کي خبر پوندي تہ جملو ڪٿي ختم ٿيو ۽ جملي ۾ ڪٿي ساهي کڻي آهي. عجب جي نشاني ڪم آندل آهي تہ ان جي ادائگي هو ان صورت سان ڪري سگهندو. جتي سوال جي نشاني آهي تہ هو پڙهڻ وقت جملي کي انهيءَ انداز سان ادا ڪندو. پورو دم، اڌ دم يا جن لفظن کي زور ڏيڻي پڙهڻو آهي يا اهم آهن، اِتي

هڪوتيون واڪ جون نشانيون ( ' ' ) انورٽيڊ ڪامائون ڏيڻ گهرجن؛ جيئن ٻار کي خبر پوي ته اُنهن لفظن، جن لاءِ اها علامت ڪم آيل آهي، تن جو مقصد ۽ مفهوم ڇا آهي. اهو سڄو سلسلو ٻوليءَ جي سٽاءَ، ان جي صوتيات ۽ نحوي بناوتن سان تعلق رکي ٿو. جتي ٻار کي اسان اها معلومات ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهيون، اتي استاد لاءِ ضروري آهي ته ان کي به انهيءَ سلسلي جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. ڪتاب ۾ جڏهن انهن سيني ڳالهين کي خيال ۾ رکيو ويندو، تڏهن ٻار ان مان لاڀ پرائي سگهندو.

استاد طبقو، ڪتاب جي اهميت طرف ايترو توجهه نٿو ڏئي ۽ تعليم جي اصلي مقصد وارو جذبو، جيڪو قومي جذبي طور هئڻ گهرجي، اڄڪلهه هو ان کان وانجهيل آهي؛ حالانڪ تربيتي ڪورس ۾ انهن کي انهيءَ قسم جي سکيا ڏني وڃي ٿي. ليڪن عملي طور تي جڏهن هو ٻاهر ڪم ڪري ٿو ته پنهنجين انهن صلاحيتن کي ايترو ڪم ۾ نٿو آڻي. ان لاءِ هن وٽ به پنهنجا دليل آهن، جن مان هو ڪن ۾ صحيح به آهي. انهن مشڪلاتن جي پيش نظر يا ماحول جي حالتن سبب هو روايتي طريقي تي ڪم ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اسان جو تدريسي عمل ايترو لاڀ نه ڏئي سگهيو آهي، ۽ ٻوليءَ جي صحت، سکيا ۽ صحيح استعمال ۾ نئون نسل اها اهليت پيدا ڪري نه سگهيو آهي.

هن وقت تدريسي عمل ۾ ڪتاب ۽ ان جي مواد ۽ پيشڪش لاءِ وڏو مسئلو "ميڊيا" آهي، ڇاڪاڻ ته اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ پريس جنهن طريقي سان ٻوليءَ کي پيش ڪري ٿي، ان جو پنهنجو هڪ انداز آهي؛ جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ادائگي ۽ مترادفات کي خيال ۾ نٿو رکيو وڃي. ان کان سواءِ ٻار جي ٻاهرئين ماحول جيڪي رويا پيدا ڪيا آهن، ۽ گهرو زندگيءَ ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن، يا اچن پيون، ٻوليءَ جي صحت لاءِ اهو به هڪ مسئلو آهي؛ ڪتابي موضوع ۽ مواد جي پيشڪش ان ۾ توجهه لهڻي. هت ٻي اهم ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ بي محل نه ٿيندو، جيڪا آهي، "پيڙهيءَ وچولي" يا " جنريشن گيپ" ؛ جنهن کي تعليم ۽ سماجيات ۾ وڏي اهميت آهي. ڪتابي نصاب ۾ انهيءَ طرف ڪيترو توجهه ڏنل آهي، اهو لڪل نه آهي. اسين ڪتابي مواد ۾

جڏهن ماحول جو ذڪر ڪريون ٿا ته ان مان مراد سماجي رويا ۽ معروضات تصور ڪرڻ گهرجن، جيڪو ٻار جي مشاهدي ۾ ايندڙ حقيقتن جو اثاثو آهي: ۽ هن جي ذهني اوسر، فطري ۽ ذهني لاڙن جو پيش خيمو آهيّ. اسان کي "ٻار کي ماڻهوءَ جو پيءُ تصور ڪرڻ گهرجي" ؛ مثلاً: هڪ گهر ۾ گهر ڌڻيءَ کي، جنهن جي عمر چاليهه- پنجيتاليهه سال آهي، ڪيس ٽيهن يا پنجويهن ورهين ۾ ٻار پيدا ٿيو، جنهن جي عمر اٽ- ڏهه سال آهي؛ يا ان کان مٿي. گهر ۾ وڏيءَ عمر وارو فرد ڏاڏي جي صورت ۾ سٺ- پنجهٺ سالن جو به موجود آهي. هاڻ اسان ڏٺو ته ساڳئي گهر ۾ ذهني طور "ٽي" ذهن موجود آهن ۽ آخري فرد انهن جي سايي هيٺ وڏو ٿي رهيو آهي. انهن سيني کي هڪڙي ذهني سطح تي تصور ڪري نٿو سگهجي. مشاهدي، تجربي ۽ عرصي جي بنياد تي هر ذهن جي سطح ۽ معيار الڳ الڳ آهي، ۽ هر فرد تي سماجي رويا ۽ معروضي حالتون پنهنجي طور اثرانداز ٿين ٿيون؛ ۽ هر ذهن پنهنجي ماڻ مطابق انهن جو اثر قبول ڪري ٿو: جنهن ۾ هر فرد جي سوچ ٻني کان مختلف آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ "ماڻهوءَ جي پيءُ" لاءِ تعليمي عمل جو ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ هت اهو به واضح ٿئي ٿو ته انهيءَ بنياد تي ٻار ۽ استاد جي ذهني سوچ ۽ سطح ۾ فرق يقيني آهي، ان لاءِ هاڻي استاد ٻار کي پنهنجي پوئتان هلائي يا استاد کي ٻار جي پوئتان هلڻ گهرجي؟ اهو هڪ سوال آهي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ "ڪتاب" آهي، جيڪو رابطي جو ذريعو آهي. موجوده زماني ۾ ٻار جي سکيا ۽ تربيت جو مدار ان تي آهي. اسان جي ماهرن، ۽ لائق استادن کي سوچڻو پوندو ته تعليمي نصاب ۽ ڪتاب ۾ انهيءَ فلسفي جي ضرورت يا اهميت آهي يا نه؟ جي آهي ته اسان پنهنجي نصابي ۽ ڪتابي سلسلي ۾ ان کي ڪيترو آندو آهي: ان طرف اسان کي اڳتي وڌڻ ۽ سوچڻ گهرجي.

تسليم ٿو ڪجي ته اسين هت صرف نصابي ڪتاب ۽ تدريسي عمل ۾ ان جي اهميت يا ڪردار تي سوچ ويچار لاءِ گڏ ٿيا آهيون؛ ليڪن فڪري طور تعليمي مقصد واري پاليسيءَ جي بنيادي اصولن کي

نظر انداز ڪري نٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪريڪيولم جي آڌار تي ئي ڪتابي مواد ترتيب ڏنو ويجي ٿو؛ جيڪو اڳتي هلي درس و تدريس جو ڪارڻ بنجي ٿو. انهيءَ ۾ ان قسم جي ڳالهين کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ارتقائي صورتحال جي بنياد تي سماجي روين جي علمي ميدان ۾ جيڪا تقاضا ۽ اهميت آهي، اها پنهنجيءَ جاءِ تي ڪر کڻي بيهي ٿي. تعليمي عمل، ٻارن ۽ وڏن جي وچ ۾ ذهني اوسر ۽ ذهني ماخذات جو ذريعو آهي، جنهن ۾ ڪتابي مواد، ان جي ٻولي ۽ علمي مقصد مرڪزي حيثيت رکن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ علم نفسيات کي پڻ نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ٻاراڻي نفسيات، نوجوانن جي نفسيات، وڏيءَ عمر وارن جي نفسيات، ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن جي نفسيات، جنهن ۾ ٻار کان وٺي وڏي عمر تائين جا فرد لاڳاپيل آهن، انهن کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي- جنهن ۾ عمر جي هر سطح واري فرد جي ذهني هيجان ۽ ذهني توارد جي ڪيفيتن تي سوچڻ جي ضرورت آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ زندگيءَ جي گهارڻ ۾، ۽ خانداني ۽ سماجي ڪينواس ۾ ٻار تي اثر انداز ٿين ٿا. تعليمي ۽ تدريسي عمل ۾ ان جا منفي ۽ مثبت عنصر ٻار تي مختلف حالتن جي بنياد تي مرتب ٿين ٿا. ان لاءِ ڪتاب ۾ اسان اڪيون پوريون، ۽ ان کي هڪ لوهي قالب تصور ڪريون، تہ اهو صحيح نہ آهي. اسان کي ڪتاب ۾ انهيءَ سلسلي سان لچڪ پيدا ڪرڻي پوندي. ڪتابي سلسلو، جيڪو ٻار کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ ان ۾ فهم پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ۽ ان کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪري ٿو، ان ۾ وسيع بنيادن تي عمر مطابق مواد ڏيڻو پوندو؛ جنهن سان ٻار ۾ ذهني واڌ ۽ ٻوليءَ جي پختگي پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ حيثيت سان ئي ڪتاب، تدريسي عمل ۾ ڪارائتو ٿي سگهي ٿو.

امداد حسيني

# درسي ڪتابَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو

اسڪولَ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳي ٻارُ ٻولي ٻُڌي ٿو، ته ڳالهائي به ٿو. پينگهي ۾ ئي ماءُ جي لولي هن جي ڪن تي پوي ٿي. گهر، گهٽيءَ ۽ راند روند ۾ هُو اُها ٻولي ٻڌي به ٿو، ته انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائي به ٿو. ڪن گهرن ۾ ٻارُ لڪيل اکر ڏسي به ٿو. پڙهيل ڳڙهيل مائٽ ٻارَ کي لڪيلَ اکر کي سڃاڻ جي سُڌ ٻُڌ به ڏيندا آهن، ته ڪيس پنا، پينسلون ۽ رنگ به وٺي ڏيندا آهن، ته اکرن جا ماڊل/ بلاڪ به وٺي ڏيندا آهن؛ پر اُهي انگريزي اکر هوندا آهن. سنڌي اکرن لاءِ اها اهڙي سوچ پيدا نه ٿي آهي. سڄاڻ مائٽ پنهنجن ٻارن کي تصويري ڪتاب به هَٿيا ڪري ڏيندا آهن، جن کي ٻارَ ڏاڍي چاهه سان ڏسندا آهن ۽ اُنهن ۾ ڇپيل شڪلين کي سڃاڻندا آهن، انهن جا نالا به وٺندا آهن. ٻالڪپڻي واريءَ وهيءَ ۾، جڏهن ٻار اجا پورو ڳالهائي به نه سگهندو آهي، تڏهن هو انهن شڪلين جي سڃاڻپ آوازن وسيلي ڪندو آهي، مثلاً: ٻليءَ جي شڪل تي هٿ رکي "مياٺون مياٺون" جو آواز ڪيندو آهي. بهرحال، اسان جو عام ٻار به اکرن، لفظن ۽ انگن جي شڪل ڪٿي نه ڪٿي ڏسندو ضرور آهي.

اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان اڳي ئي ٻارُ پنهنجي ماحول مان گهڻو ڪجهه پرائي ٿو. سنڌي سماج ۾ مائرون ٻار کي اسڪول ۾ وڃڻ کان اڳي ئي ماستر ۽ اسڪول کان ڊيڄاريندي رهنديون آهن: "ماٺ ڪر ماستر ٿو اچي." ان قسم جو ورتاءُ ٻار جي ڪچڙي ذهن تي اسڪول ۽ ماستر جو ڏاڍو پوانتو چِٽُ ٿو چِٽي. حفيظ شيخ جي ڪهاڻي، "امان مان اسڪول ڪونه ويندس،" ان ڏس ۾ هڪ ڪلاسڪ جو درجو رکي ٿي. "مارَ ٻار جي سنوارَ" جهڙيون چوڻيون نه رڳو اسان جي سماج ۾ رائج آهن، بلڪ انهن تي عمل به ٿيندو ٿو. مدرسن ۾ سنگهرن ۾ ٻڌل

- گھر،
- ماحول،
- نصاب،
- ڪتاب، ۽
- استاد

جو محور "ٻارُ" آهي. مون انهن مرحلن کي پنج ڪُنڊي تاري جي شڪل ۾ واضح ڪيو آهي:




انهيءَ تاري جون پنج ئي ڪُنڊون روشن رهڻ کپن. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته انهن پنجن ئي ڪُنڊن مان هر ڪُنڊ جون پنهنجون اهم ذميواريون آهن، ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪا به ڪُنڊ غير ذميوار آهي، اُن جي روشني جهيڻي آهي، ته پوءِ ان جو بار ٻين ڪُنڊن تي پوندو، ۽ انهن ڪُنڊن کي پنهنجيءَ روشنيءَ کي تيز ڪرڻو پوندو؛ پر ايترو به تيز نه، جو اکين اڳيان تروڙا نچڻ لڳن!

انهيءَ پنج ڪُنڊي تاري جي چوٿين ڪُنڊ "ڪتاب" آهي، ۽ ان جي ٻه واريون ڪنڊون، يعني ٽين ۽ پنجين ڪنڊ "نصاب" ۽ "استاد" آهن. انهيءَ پنج ڪُنڊي تاري جي وچ ۾ ٻارُ هڪ چنڊَ جيان آهي. انهيءَ چنڊَ جي سُهائي علم جي سج کان مستعار آهي. علم، جيڪو ڪتاب وسيلي هن تائين پهچي ٿو؛ ڪتاب، جيڪو نصاب پٽاندر جُڙي ٿو ۽ ڪتاب، جيڪو استاد وسيلي "ٻار" پڙهي ۽ بُرجهي ٿو.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، نصاب پٽاندر ڪتاب لکرائيندو ۽

موضوعن جي، اسان جي شاعريءَ ۾ کوٽ آهي، خاص ڪري پرائمري ڪلاسن لاءِ؛ مثال طور ٽئين ڪلاس جي ٻار جي ذهني سطح مطابق اسان وٽ نمت نه آهي، سائنسي نظم نه آهي، قائداعظم تي نظم نه آهي، قومي گيت نه آهن. اسان جي شاعريءَ ۾ ٻارن لاءِ اهڙا گيت به نه آهن، جن ۾ ڪهاڻي هجي.

ٻار جي ذهني سطح مطابق لفظن/ ٻوليءَ جي چونڊ کان پوءِ، ٻيو مکيه مرحلو اُن لفظ جي صحيح صورتخطي آهي. ان ڏس ۾ درسي ڪتاب ۾ لفظ جي معياري صورتخطي مقرر ڪئي ويندي آهي. ڪهڙا لفظ گڏي لکڻا آهن، ڪهڙا لفظ ڌار لکڻا آهن، درسي ڪتاب ۾ اِن جو تعين ڪرڻ لازمي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ جي صحيح اُچارَ تي ڌيانُ ڏيڻ ضروري آهي، ان ڪري "لفظَ" جي صحيح اُچارَ لاءِ اعرابون ڏنيون وينديون آهن؛ ۽ جيئن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ جو پڇاڙڪو اکر متحرڪ ٿئي ٿو، ان ڪري اُن کي اعرابَ ڏئي چٽو ڪيو ويندو آهي. ساڳئي وقت جملي جي سٽاءَ موجب ساڳئي لفظ جي اعراب پڻ بدلجي ٿي، مثلاً:

منهنجو پُٽُ

منهنجي پُٽَ

ان ريت سنڌي ٻوليءَ ۾ "ي" معروف ۽ "ي" مجهول جي صورتخطيءَ ۾ ڪوبه فرق نه آهي، مثلاً:

ٻولِي (زبان)

ٻولي (ٻولڻ)

اُن ڪري "ي" معروف کان اڳئين اکر تي زير ( ـِ ) ڏئي، ۽ "ي" مجهول کي بنا ڪنهن اعراب جي ظاهر ڪري، ان مسئلي جو حل ڪڍيو ويو آهي.

سنڌيءَ ۾ ڪيترا ئي لفظ مختلف صورتخطين ۾ لکيا ويندا آهن، مثلاً: "آهي" لفظ کي ٽن صورتن ۾ لکيو ويندو آهي:

آهي، آهه، آ

ان ريت "آءٌ" لفظ کي به هيٺين صورتن ۾ لکيو ويندو آهي:

آءٌ، آئون، آنءٌ

توڙي جو "آهي" جي معياري صورتخطي، "آهي" ئي مقرر ٿيل آهي، پر اِن جي اها صورتخطي صرف نثر لاءِ مقرر ٿيل آهي؛ جڏهن تہ شاعريءَ ۾ اُن جون ٻيون ٻہ صورتون بہ رائج آهن، ۽ ان جو ڪارڻ شعر جو بحر وزن ۽ قافيو آهي. "آءٌ" جي معياري صورتخطي تہ اها ئي "آءٌ" آهي، پر شاعريءَ ۾ ان جون ٻيون ٻہ صورتون بہ رائج آهن؛ ان جو ڪارڻ بہ شعر جو بحر وزن ۽ قافيو آهي. مثلاً: "لاتون" جي قافئي طور "آئون" ئي لکڻو پوندو، ۽ "هانءُ" جو قافيو "آنءُ" ئي لکڻو پوندو. ان ريت اِئين/ اِيئن/ اِينءَ، جيئن/ جئن/ جنءَ، هيئن/ هئن/ هنءَ ۽ تيئن/ تئن/ تنءَ جون صورتون بہ سنڌي شاعريءَ ۾ رائج آهن، ۽ ان جو ڪارڻ مٿي ٻڌائي آيو آهيان، پر نثر ۾ انهن لفظن جي اُهائي معياري صورتخطي مقرر آهي.

ان ريت درسي ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج انگريزي لفظن جو بہ مسئلو آهي. مثلاً: "ٽيليفون"/ "فون" لفظ آهي. اهو لفظ مذڪر ڪري ڪتب آڻجي يا مونث ڪري؟ فونُ آيو/ يا فونِ آئي. مذڪر ۽ مونث جي صيغي مقرر ڪرڻ کان پوءِ ئي ان لفظ جي واهپي، ان جي واحد ۽ جمع بابت اسين واضح ٿي سگهنداسين. فونون آيون يا فونَ آيا؟ جڏهن سنڌي ٻوليءَ اختياريءَ پاران درسي ڪتابن جي ٻوليءَ کي چڪاسيو پئي ويو، تڏهن اهڙن لفظن تي هڪ دلچسپ بحث ڇڙي پوندو هو. ۽ پوءِ انهيءَ چڪاس ڪميٽيءَ، جنهن ۾ آءٌ، محمد فاضل شيخ، محمد حسين ڪاشف ۽ محمد اسماعيل شيخ شامل هئاسين، جي رهنمائي محترم محمد ابراهيم جويو صاحب ڪندو هو.

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ لکڻ هڪ ڏکيو عمل آهي، پوءِ اُها تخليق هجي يا تحقيق، تنقيد هجي يا ترجمو؛ پر سڀني مان ڏکيو عمل درسي ڪتاب جو لکڻ آهي. اِهو عمل جيڪڏهن سچ ڪري ڏسجو، تہ پلصراط تان اُڪرڻ وارو عمل آهي.

جيئن تہ درسي ڪتاب جو سڌوسنئون واسطو ٻوليءَ سان آهي، ۽ ٻوليءَ جي تحريري صورت سان آهي؛ ان مان ٻوليءَ جي اهميت واضح ٿي وڃي ٿي. ٻوليءَ جي اِن اهميت کي اڳ رکندي ئي ليکڪن جي

شمشاد احمد سومرو

# سنڌي چوٿين ڪتاب جو جائزو

سڀ کان اول آءُ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سرواڻ، لسانيات جي برک عالم ۽ مانواري اُستاد سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، سندس ساٿي ۽ جاڪوڙي اديب محترم تاج جويو صاحب ۽ ٻين دوستن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، جن اڄ هھڙو شاندار سيمينار/ورڪشاپ منعقد ڪيو آهي، جنھن سان سنڌ جي معمارن جي زندگي لاڳاپيل آهي.

اڄ مون کي 'سنڌي چوٿين درجي' جي درسي ڪتاب جي ٻوليءَ تي ڳالھائڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي. ان نصاب کي جوڙڻ ۽ مرتب ڪرڻ لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پاران هيٺيان عالم مقرر ڪيا ويا هئا: سائين الھه بخش ٽالپر، سيد قادربخش شاھه، لعل بخش ڪوڪر ۽ سُڪيو خان؛ جڏهن تہ ايڊيٽ ڪندڙ سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ڊاڪٽر محمد صالح شاھه ۽ سائين محمد ٻچل ميمڻ آهن.

مٿيان جاٺايل عالم، سڀ استاد آهن، ۽ ڪي پي ايڇ ڊي يعني علم جا ڊاڪٽر آهن. انھن ۾ ايم ايڊ بہ آهن تہ، بي ايڊ بہ، تہ ڪي وري فاضل اديب پڻ آهن. انھن سڀني جي تعليم واري ڊگريءَ کان ڪنھن کي بہ انڪار ناهي، ۽ نہ اختلاف؛ مگر اختلاف هن ڳالھہ تي آهي، تہ اڄ هن عظيم سيمينار ۾ وڏن وڏن عالمن ۽ اديبن اڳيان، هڪ سنڌي ٻوليءَ جو شاگرد، پنھنجيءَ سمجھہ، ڄاڻ ۽ وِتَ آهر چوي ٿو تہ نصاب جو معيار پورو ڪونھي؛ ۽ جڏهن ڪو ماٺھو انھيءَ نصاب تي ٽيڪاٽپي ڪري، تہ ان جو ڪوبہ تدارڪ ڪونھي، ڪوبہ جواب ڪونھي، سو ڇو؟

ان لاءِ اھو عرض ڪندس تہ جڏهن بہ مقرر ڪيل نصاب تي ڪوبہ استاد يا ڪو ماهر پنھنجو رايو ڏني، تہ انھيءَ کي پنھنجي راءِ جو حق هجي، ان راءِ کي منظور ڪرڻ لاءِ نصاب جوڙيندڙ ۽ مرتب ڪندڙ

**سبق ڇوڏهون:** هن سبق جو عنوان آهي، **"حضرت ابوبکر صديق رض"** - سبق جي شروعات ۾ لکيل آهي ته سندس نالو عبدالله هو. هتي پار مونجهاري ۾ اچي وڃي ٿو ته عبدالله مان حضرت ابوبکر ڪيئن ٿيو؟ اتي اها وضاحت هجي ها ته "سندس اصل نالو عبدالله هو".

**سبق ڇهون:** **"يوم پاڪستان"** ، هن سبق ۾ يوم لفظ ۾ "م" تي هيٺان زير اضافت ڏيڻ کپي، يا وري "پاڪستان جو ڏينهن" هئڻ گهرجي. هن سبق ۾ ۲۳ مارچ ۱۹۴۰ع واري قرارداد پاڪستان پڻ ڏيڻ کپي ها.

**سبق ستون:** **"جهنڊي جي عزت"** ۾ هڪ جملو آهي، 'اسان جي جهنڊي ۾ اڇو ۽ سائو رنگ آهي.' هتي سائي ۽ اڇي رنگ جي وضاحت ڏنل نه آهي. ساڳئي ئي سبق ۾ لکيل آهي ته: "مسلمانن جي ڇڙوڇڙ" لشڪر تي حملو ڪري ڏنائين. هتي "ڇ" تي پيش نه، پر زير ايندي.

**سبق نائون:** **"وطن جي حُبّ"** (نظم) ۾ بيت جي سٽ آهي:

'عمل ناهي جي اِنسان ۾، ته پوءِ انسان ڪهڙو ٿيو.'

هڪ ئي سٽ ۾ لفظ انسان جون ٻه پڙهڻيون، هڪ ٻئي خلاف آهن. پهرئين انسان ۾ "ن" ساڪن ۽ ٻئي انسان ۾ "ن" ثابت. جيتوڻيڪ 'ن' جو اهو استعمال شعر جي وزن جي حساب سان ٺيڪ آهي، پر ٻوٿين ڪلاس ۾ سادي ٻوليءَ وارا بيت ڏيڻ گهرجن.

**سبق يارهون:** **"ٻين ڪاڻ جيئڻ"** ۾ هڪ جملو آهي، 'پوکين تون کائين پيا.' جيڪو هئڻ گهرجي: "پوکين تون ۽ کائين پيا."

**سبق تيرهون:** **"ڏيئو"** (نظم) ۾ هڪ سٽ آهي:

غريبن جي ڇَونرن کي گلشن ڪرين ٿو.

هن ۾ "ڇَونرن" لفظ غلط لکيل آهي. جيڪو صحيح ٿيندو "ڇؤنرن" يعني (و) مٿان "ء".

**سبق ارڙهون:** سبق **"واڊو"** ۾ لفظ "بينچون" لکيل آهي. جيڪو "بنچون" ٿيڻ گهرجي.

**سبق اوڻيهون:** سبق **"پرت جو ڪم"** ۾ هڪ جملو آهي،

هتي "موهن" لکڻ گهرجي. اج به لاڙڪاڻي طرف جا ماڻهو هن دڙي کي "مُهين" جو دڙو يا مُهن ۽ موهن جو دڙو چون ٿا. حيرت جي ڳالهه آهي ته جنهن دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ پوريءَ جڳ کي سنڌ جي تهذيب جي قدامت جي ساک ملي، ۽ سنڌ جو نالو پوري دنيا ۾ مشهور ٿيو: اسان اجا اُن عظيم تهذيب واري دڙي جي نالي تي به متفق نه ٿيا آهيون!

**سبق ٽيتاليهون: "بهار"** (بيت) ۾ هڪ سٽ آهي:

پيرا ڏيئي پونر ڪئي، گلن مٿان گُنجارَ.

هن ۾ "پونر" لفظ جي "وَ" مٿان "ٗ" ايندو.

**سبق چوئيتاليهون: "قلندر شهباز جو ميلو"** ۾ هڪ جملو آهي: 'مطلب ته "تيئي" ڏينهن اها رسم جاري رهندي آهي.' هتي "تيئي" لفظ نه، پر صحيح ٿيندو "ٽئي".

**سبق پنجيتاليهون: "هلال احمر"** – ۾ لکيل آهي ته 'جڏهن "ڪَنِ" به ٻن ملڪن وچ ۾ جنگ لڳي پوندي آهي. هتي "ڪَنِ" لفظ غلط لکيل آهي، جيڪو صحيح "ڪِنِ" ٿيندو.

امين نغاري

# سنڌي درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ جي استعمال جو حقيقي جائزو (Case study)

## سنڌي ٽيون ڪتاب

**تعارف:**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو بنياد ١٩٩١ع ۾ پيو، ۽ انهيءَ ئي سال، ڊسمبر مهيني ۾ اداري جي بورڊ آف گورنرس جي پهرين گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ اداري جي ٽن بنيادي مقصدن- سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، سنڌي ٻوليءَ جي دفترن ۾ استعمال ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ فروغ- کي سامهون رکندي، اداري جي مستقبل جو پروگرام جوڙيو ويو؛ جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن ۾ صحيح ٻوليءَ جي استعمال لاءِ، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ کي مشورا ۽ صلاحون ڏيڻ به شامل هو.

ان ڏس ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي باني چيئرمن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ طرفان، پهرين سيپٽمبر ١٩٩٢ع تي سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي اُن وقت جي چيئرمن جناب غلام رسول ڪوکر صاحب سان، سنڌي درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ جي رهجي ويل غلطين کي درست ڪرڻ لاءِ صلاح ۽ مشوري واسطي رابطو ڪيو ويو. اُن سلسلي جي پهرين گڏجاڻي ١٠- سيپٽمبر ١٩٩٢ع تي ٻنهي سربراهن جي وچ ۾ ٿي. هن گڏجاڻيءَ ۾ جناب محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾، سنڌي درسي ڪتابن جي تصحيح واسطي **"ٽيڪسٽ بُڪ جائزي ڪاميٽي"** جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن موجب سڀ کان پهرين سنڌي **"پارائي ڪتاب"** تي ڪم ڪرڻو هو. جويي صاحب جي سربراهيءَ ۾ قائم ٽن ميمبرن تي مشتمل هن ڪاميٽيءَ تي، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جناب امداد حسيني صاحب، پروفيسر

محمد فاضل شيخ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو هڪ نمائندو ميمبر
ڪنيا ويا هئا. اڳتي هلي محمد حسين ڪاشف صاحب کي به هن ڪاميٽيءَ تي ميمبر طور ڪنيو ويو. هن ڪاميٽيءَ، ٧- جنوري ١٩٩٣ع تي 'سنڌي ٻاراڻي ڪتاب' جي تصحيح جو ڪم شروع ڪيو، ۽ سيپٽمبر ١٩٩٦ع تائين اٺين ڪلاس تائين، درسي سنڌي ڪتابن جي تصحيح مڪمل ڪئي. سمورا تصحيح ٿيل ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي حوالي ڪيا ويا، ته جيئن ايندڙ ڇاپن ۾ اهي ڪتاب درست ٿي ڇپجي اچن.

هن ڪاميٽيءَ جي سفارشن جي روشنيءَ ۾، هتي آءٌ **"سنڌي لئين ڪتاب"** جو حقيقي جائزو (case study) پيش ڪريان ٿو.

هيءُ ڪتاب ١٥- اپريل ١٩٩٦ع تي ٻوليءَ جي رهجي ويل چڪن جي تصحيح واسطي ڪاميٽيءَ آڏو رکيو ويو هو، جنهن ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب کان سواءِ امداد حسيني، پروفيسر محمد فاضل شيخ ۽ محمد حسين ڪاشف صاحب شرڪت ڪئي هئي؛ جڏهن ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي نمائندگي پبليڪيشن آفيسر طور مون ڪئي هئي.

**دائره اختيار:**

هن ڪاميٽيءَ جي دائره اختيار ۾ جيڪي ڳالهيون شامل هيون، تن ۾ درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿيل لفظن جي هجي درست ڪرڻ، جملن جي جوڙجڪ بهتر ڪرڻ، لفظن تي اعرابون ڏيڻ ۽ بيهڪ جي نشانين کي درست بنائڻ شامل هو؛ جڏهن ته اٿارٽيءَ کي سبق جي عنوانن، متن ۽ مفهوم کي بدلائڻ جو اختيار نه هو.

**طريقهءِ ڪار:**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران هن ڪاميٽيءَ جي رٿيل گڏجاڻيءَ کان هڪ مهينو اڳ، واري واري سان چونڊيل درسي ڪتابُ ماهرن کي موڪليو ويندو هو. ماهرَ اُن ڪتاب جي گهران آپريشن ڪري ايندا هئا، ۽ گڏجاڻيءَ واري ڏينهن درست ٿيل ڪاپيون ڪاميٽيءَ آڏو رکيون هيون. ان بعد درسي ڪاميٽيءَ جو چيئرمين پنهنجو درست ڪيل

ڪتاب پڙهندو ويندو هو، ۽ سندس طرفان ڪيل درستيون پڌائيندو ويندو هو. ميمبرن مان جيڪڏهن ڪنهن کي به ڪنهن درست ٿيل لفظ يا جملي تي ڪو اعتراض هوندو هو، ته ان تي پيهر بحث ٿيندو هو.

اهڙيءَ طرح ميمبر به درستگيءَ بابت دليل ڏيندا هئا، ۽ چيئرمين ۽ اعتراض واريندڙ، ٻئي ميمبر کي مطمئن ڪندا هئا. ڪجهه مرڪب ۽ مرتب لفظن تي گڏجي لکڻ يا الڳ لکڻ يا انهن جي هجي بابت فيصلو به ڪندا هئا. اهڙن مسئلن لاءِ هن ڪاميٽيءَ طرفان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي الڳ ڪاميٽي جوڙڻ ۽ سيمينارن ڪرائڻ جي صلاح ڏني وئي هئي، ته جيئن انهن لفظن جي صورتخطيءَ کي معياري بڻائي سگهجي.

اهڙيءَ صلاح بعد سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان "سنڌي ٻوليءَ جي املا ۽ انشا جا مسئلا" عنوان تي ڊسمبر ١٩٩٥ع ۾ هڪ سيمينار پڻ ڪرايو ويو هو؛ پر هن سيمينار ۾ ڪي واضح فيصلا يا سفارشون سامهون اچي نه سگهيون. البت هن سيمينار ۾ درسي ڪتابن اندر اعرابن ڏيڻ کي لازمي قرار ڏيڻ جي ڀرپور سفارش ڪئي وئي هئي.

**بحث/ پيٽ:**

**"درسي ڪتاب- جائزي ڪاميٽيءَ"** پاران درست ڪيل سنڌي ٽئين ڪتاب کي، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي نئين ڇپجي آيل ڇاپي سان ڀيٽي ڏٺو ويو آهي. هن ڇاپي ۾ سفارش ڪيل ڳالهين تي مڪمل طرح عمل نه ڪيو ويو آهي، پر ڪن سبقن ۾ اڌوگابريون درستيون ڪري، ويتر ٻارڙن کي منجهايو ويو آهي. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پاران اڪثر اهو دليل ڏنو ويندو آهي، ته اهڙين درستين ڪرڻ جو اختيار ڪنهن به ڪاميٽيءَ يا ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ کي نه آهي؛ پر اهو اختيار وزارت تعليم، حڪومتِ پاڪستان جي ڪريڪيولم ونگ کي آهي، جيڪا نصاب ۽ سليبس جوڙيندي آهي. حقيقت ۾ ائين نه آهي، ٻوليءَ کي صحيح طرح سان استعمال ڪرڻ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو پنهنجو اندروني معاملو آهي، جو ته انهن ترميمن ۽ تبديلين سان ڪتاب جو متن تبديل ڪونه ٿو ٿئي. ٽئين درجي جي نئين ڇاپي مان به اها حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته لفظن جي هجي، جملن جي جوڙجڪ ۽ بيهڪ

(۴) ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، وزارت تعليم جي ڪريڪيولم ونگ سان لڪپڙم هلائي، ته درسي ڪتابن ۾ جيڪي عنوان اجايا ۽ غيرضروري آهن، تن کي بدلايو وڃي. درسي ڪتابن جي عنوان تي رد ڪرڻ ۽ نوان عنوان چونڊڻ جو اختيار خالص ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ کي هئڻ گهرجي.

(۵) ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هن زيرنظر جائزي ۾ ڏنل حقيقتن کي پاڻ تي تنقيد نه سمجهي، پر سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان اهڙو سهڪار جاري رکي، ته جيئن اسان جي ايندڙ نسل لاءِ معياري پوليءَ ۽ معياري تعليم جو بندوبست ڪري سگهجي.

حوالو: سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو 'سنڌي ٽيون ڪتاب' ؛ ۱۹۹۳ع ۽ ۱۹۹۶ع جا ڇاپا.

اقبال احمد بابلاڻي

# اسان پُر اُميد آهيون

لاڙڪاڻي ساهه سيباڻي شهر ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان منعقد ڪيل هن سيمينار ۽ سيمينار ۾ شريڪ ٿيندڙن کي آءٌ ذاتي طور ۽ لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر جي حيثيت ۾ ڀليڪار چوان ٿو. هيءُ سيمينار منتظمين جي گرم جوشيءَ، مقالي نگارن جي پر مغز تحريرن ۽ شرڪت ڪندڙن جي علم دوستيءَ جي خيال کان اسان جي ادبي تاريخ جي هڪ اهم واقعي طور ياد ڪيو ويندو.

هي لاڙڪاڻي جي مٽيءَ جي خوشبوءِ ۽ لاڙڪاڻي واسين جي محبت جو جادو آهي، جو هن ضلعي مرزا قليچ بيگ، عبدالله چنا ۽ محمد بخش ڪوجهيءَ جهڙا اُهي روينيو آفيسر ڏنا، جن جو اسان جي ادبي تاريخ ۾ قلم ڌڻين جي حيثيت ۾ نالو موجود آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪيترن ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن سنڌي ٻوليءَ، علم ادب ۽ تاريخ جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ مناسب ڪردار ادا ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو جمعيت الشعراء سنڌ جو صحيح معنيٰ ۾ بُنياد هن ئي شهر ۾ پيو. آءٌ پڻ هتان جي اڳوڻن عملدارن جي روايتن کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪريان پيو ۽ اڄ منهنجي هتي موجودگي انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي.

معزز سامعين! سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ۽ عظيم ٻولين مان هڪ آهي. مُهين جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل ٺپّي ۽ مهرون معتبر تصديق آهن ته هزارين سال اڳ هن خطي جي ماڻهن جي علم ۽ قلم تي دسترس هئي. عربن جي آمد کان سُنت پوءِ قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ثابت ٿو ڪري ته سنڌي ٻولي ٻارهن تيرهن سؤ سال اڳ به مثالي ۽ شاهوڪار ٻولي هئي.

سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي عالمن، اديبن، دانشورن ۽ سُگهڙن جيڪا سگهه بخشي آهي ۽ انهن ٻوليءَ جي جيڪا مثالي خدمت ڪئي آهي، اُن کي

نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي. جڏهن 'سنڌي وائي ڪم آئي' ۽ 'فارسي گهوڙي چاڙهسي' جهڙيون ڳالهيون ڳالهائڻ ۾ آيون ته شاهه، سچل ۽ سامي، ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ ڪائنات جا رنگ ۽ موضوع ڀري ثابت ڪيو ته سنڌي ٻولي امر آهي ۽ امر رهندي.

خُدا جو شڪر آهي اڄ اسين آزاد ملڪ جا آزاد شهري آهيون. پنهنجين حڪومتن اسان کي ادارا به قائم ڪري ڏنا آهن ۽ اڄ جا عملدار به سنڌيءَ سڌ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. تڏهن ظاهر آهي ته 'يار به چاڪي ۽ سينڌ به اٿيي' جهڙيون حالتون پيدا ٿيڻ نه گهرجن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ هيءَ سيمينار سڏائي، پنهنجي وجود ۽ فعال هجڻ جي ثابتي ڏني آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو انتظامي اڳواڻ، ٻوليءَ ۽ لسانيات جو ماهر عالم آهي، ان ڪري اسان کي اُميد آهي ته سندس قيادت ۽ ايام ڪاريءَ ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندي.

شاگرديءَ جي زماني کان وٺي اڄوڪي ڏينهن تائين سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان آءٌ ڪيترن اُنومانن ۽ ويچارن ۾ وڪوڙيو رهيو آهيان. قديم سنڌي، يعني مهين جي دڙي جي ڀِنيءَ جي پڙهڻيءَ جو مسئلو آهي. جديد سنڌي ڀِنيءَ ۾ سنڌي آوازن ۽ ڪن حرفن جي غير منطقي صورتن ۽ الف - بي جي اکرن جي ترتيب جو مسئلو آهي. اهي سڀ ڳالهيون، سچ پڇو ته عرصي کان وٺي مون کي پريشان ڪنديون رهيون آهن. انهن مسئلن جو حل هاڻي ممڪن آهي، ڇو ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو قيام عمل ۾ اچي چڪو آهي، ۽ هي ادارو هاڻي پنهنجي وجود، حيثيت ۽ اهميت کي ميڃرائي رهيو آهي. ان ڪري، اسان مان هر ڪنهن کي پُر اُميد ٿيڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جي سماجي، ثقافتي، علمي،ادبي ۽ آئيني حيثيت کي ميڃتا ملي سگهندي؛ مهين جي دڙي جي لِپيءَ کي سائنسي بُنيادن تي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي؛ ۽ ٻوليءَ جي لساني مسئلن جو حل تلاش ڪيو ويندو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ بُڻ بُنياد

تي سائنسي تحقيق جو اهتمام ڪيو ويندو. اهڙيءَ ريت گرامر، جيڪو درسي ڪتابن ۽ تعليمي نصاب مان جهڙوڪر ناپيد ٿي چڪو آهي، ان کي ٻيهر ٻياريو ۽ سنواريو ويندو.

هن جهڙا سيمينار روزمره جي ٻوليءَ وارن مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ کان سواءِ هڪ ٻيو اهم ڪارج به رکن ٿا. هي سيمينار، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۽ ان جي مقصدن توڙي مسئلن کي مانوس ڪرائڻ جو ذريعو پڻ آهن. هنن ۾ ٿيندڙ سيمينارن سڏائڻ کان پوءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي عوامي سهڪار حاصل ڪري سگهندي ۽ ان کان پوءِ لئنگئيج ليبارٽريون قائم ڪرڻ کان وٺي سنڌي اينسائيڪلوپيڊيا مرتب ڪرڻ وارن سمورن خوابن کي تعبير ملي ويندي.

آءٌ اوهان سمورن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو اوهان منهنجي ضلعي ۾ سمينار سڏائي، منهنجي عزت افزائي ڪئي آهي.

(سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 15 اپريل 1999ع تي لاڙڪاڻي ۾ "ادبي ۽ درسي ڪتابن جي ٻوليءَ" بابت سڏايل سيمينار ۾، لاڙڪاڻي جي اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر، اقبال احمد ٻاهلانيءَ جي ڪيل افتتاحي تقرير)

پروفيسر شيخ محمد فاضل

# هڪ اهم خط

'سنڌي ٻوليءَ جو تازو پرچو مليو، مهرباني'

19 ڊسمبر 1998ع تي اوهان جي ڪوشش سان ٿيل ورڪشاپ ۾، اٿارٽيءَ، ماهر استادن کان پهرين ڇهن ڪلاسن جي سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي آهي. عرض آهي ته اوهان جي اداري پهرئين کان اٺين ڪلاس تائين، سنڌي ٻوليءَ جي لازمي نصاب وارا ڪتاب درست ڪرائي، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي حوالي ڪيا هئا ته جيئن نين اشاعتن ۾ اهي ڪتاب درست نموني ڇپجن. منهنجيءَ ڄاڻ مطابق ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، سنڌي پرائيمر کان سواءِ ٻين ڪتابن ۾ ڪا ڦيرڦار نه ڪئي آهي. بورڊ ڏانهن اٿارٽيءَ طرفان موڪليل ڪتاب استاد محمد ابراهيم جويي صاحب جي سرپرستيءَ ۾، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نمائندي، بورڊ آف ڪريڪيولم جي نمائندي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي نمائندي ۽ هڪ عوامي نمائندي طرفان درست ڪيا ويا هئا. ان وقت اٿارٽيءَ جويي صاحب توڙي ٻين ميمبرن کي 'ٻوليءَ جو ماهر' سمجهيو ۽ سڏيو هو. ڇا، هاڻي انهن ماهرن جي مهارت مشڪوڪ ٿي لڳي، جو ساڳين ڪتابن کي ٻين ماهر استادن کان درست ڪرايو پيو وڃي؟ بهرحال اها ڳالهه وضاحت طلب آهي.

ڪجهه ڏينهن اڳ روزاني 'ڪاوش' اخبار ۾ هڪ خط ڇپيو هو، جنهن ۾ سنڌي چوٿين ڪتاب جي هڪ معمولي غلطيءَ جي نشاندهي ڪئي وئي هئي. اها غلطي ته ڪلاس ٽيچر به درست ڪرائي سگهن ٿا، پر نائين - ڏهين ۽ يارهين - ٻارهين ڪلاس جي سنڌي نصاب (لازمي) وارن ڪتابن جون غلطيون ته پروفيسر صاحبان به شايد درست ڪري نه سگهن. هتي ٻنهي ڪتابن ۾ ڪم آيل نظم جون غلطيون درج ڪجن ٿيون، جنهن مان اندازو ٿي سگهندو ته سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ڪيترا بيپرواهه آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پنهنجي اختيارين جو استعمال ڇونه ٿو ڪري!

**سنڌي نصاب (لازمي) نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ:**

تاج صـــاحب! اوهان ڪشنچند 'بيــوس' جو نظم، 'غريــبن جي جهوپڙي' ورورڪري پڙهيو هوندو، اُهو سالن کان هيئنيءَ طرح پيو ڇپجي:

جنهن تي نـ نقش ســاز کي ڪو ناز تــو رهي،
رازو ڏکڻ نـ جنهن تي ڪو لوهار تـــو 'رهي'،
چوني پٿــر يا ســر جو نـ ســو بار تـو 'رهي'،
'مـحـصــول جاءِ' ڳاهه جي هيـنـيــان نہ جا ڳهي،
مــــــــوازبي مـــهـــار جي آهي نہ جا پڙي،
الا! جهــري مَ شـــال غريبن جي جهـــوپڙي!

ڪيئن تا ياڻيو سائين تاج صاحب! محترم امداد حسيني پاڻ شاعر آهي، پر 'بيوس' جي شعر سان جيڪو هاڃو پيو ٿئي، تنهن جي ڪيس پرواهہ ڪانهي. عـروضي شاعـريءَ ۾ 'وزن' جي اهميت ڪـان اوهين باخبر آهيـو. هن مسدس جي سڀ کان پياري مصرع، "الا جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!" بہ اهڙيءَ طرح ڇپيل آهي، جو وزن ۾ ڪِري ٿي. وزن آهي "مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن"، پر لفظ 'الا' جي لام کي غيرمشدد يعني "الا" ڪري لکڻ سان شعر ناموزون ٿيو پوي.

مٿين بند جي ٻي ۽ ٽين مصرع اصل ۾ هن ريت آهي:

رازو ڏکڻ نـ جنهن تي ڪو لوهار تو 'وَهي'
چوني پٿر يا سِر جو نہ سر بار جا سَهي

شاهہ صاحب جي بيت جي هڪ سٽ هن ريت پئي ڇپجي:

سگهر 'سونالون'، ٿيا رسيلا رحمان سين

"سونيالون" کي 'سونالون' ڇپيل هوندو تہ شاگردن سان گڏ اُستاد بہ منجهي پوندا.

سچل سرمست جي هڪ سٽ هن طرح لکيل آهي:

تيلهان مون ڏي نـ آيا، ڏائهن سنگهارن سلام

هونئن تـ هن سٽ ۾ 'آئيا' کي بـ 'آيا' لکيو ويـو آهي، جو بيت جي وزن کي بگاڙي ٿو ڇڏي، پر جي ان کي ڌيان ۾ نہ آڻجي تہ بہ 'ڏئهن' (طرفان يا کان) کي 'ڏائهن' لکڻ تـ هرگز برداشت کـان ٻاهر آهي: ائـن تـ بيت جي معنيٰ بہ بدلجي ويندي.

ساڳئي بيت جي ٻي سٽ هن طرح ڇپيل آهي:

هتا ملير مدام، پر ڪو 'سانگن' اڃي سانگ پيو.

هتي 'سانگين' کي 'سانگن' ڪري لکيو ويو آهي: پڙهائيندڙ 'سانگن' جي ڪهڙي معنيٰ ڪندو.

سچل سرمست جي ٻئي بيت جي هڪ سٽ هن طرح لکيل آهي:

'لهن سڌ سنگهار جي، نڪو پانڌي پنياڻون.'

اصل ۾ لفظ 'لهن' نه پر 'لهڻ' آهي.

سچل سرمست جي بيت جي هڪ سٽ هن طرح پيش ٿيل آهي:

'ڪڏهن ڏيهه ڏنام، ٿي ساعت سومرا'

تاج صاحب، انصاف ڪريو، پڙهائيندڙ اها سٽ درست ڪري سگهندو؟ دراصل هن سٽ ۾ هڪ لفظ 'ساريان' ڪٽل آهي.

اصل شعر هن طرح آهي:

'ڪڏهن ڏيهه ڏنام، ٿي ساعت ساريان سومرا'

سامي صاحب جي هڪ سٽ ورهين کان هن ريت پيش ٿيل آهي:

اُوديا 'پَٽ' لائي، جاڳي ڏسي ڪين ڪي

هڪ ته پَٽ لفظ اسان وٽ رائج نه آهي، ويتر پنيان اتس 'لائي'، سو اُستاد ويچارو ڪيئن سمجهندو ته پَٽ جي معنيٰ دروازو آهي. 'لاهي' بدران 'لائي' ڇپيل هوندو ته مونجهارا ڇو نه پيدا ٿيندا؟

سامي صاحب جي ٻئي بيت جي هڪ سٽ هن طرح ڇپيل آهي:

پاڻو واڻو مَتِ ڪي، سيڪو وڏائي

'مَتِ' آهي مؤنث، ۽ اڳيان صفت 'پاڻو واڻو' اتس مذڪر: آخر اُستاد ڇا سمجهي ۽ ڇا سمجهائي؟ 'پاڻو واڻي' کي 'پاڻو واڻو' بڻايو ويو آهي ۽ سبجڪيٽ اسپيشلسٽ صاحب مطمئن آهي ته ٻار سامي ۽ جا سلوڪ پڙهي، درست ٻولي سکي رهيا آهن.

سيد ثابت علي شاهه جي مرثيي جا لفظ ڏسو!

مرتضيٰ موليٰ جا هي سر ساهه ۽ سنهن نورعين

اصل لفظ 'سنهن' نه، پر 'مُنهن' آهي. ٻي ۽ سٽ آهي ته:

تن جا پارت ڪيائين با جن و بشر اي آسمان!

'تن جِي' بدران 'تن جا' لکبو ته معنيٰ ڪيئن سمجهه ۾ ايندي: ان کان سواءِ 'جن' جي نون تي شد نه هئڻ ڪري، ڪلام جو وزن متاثر

'رهيو' جنهن جي سر تي اجل جو پيام

پيام پهچندو آهي، رهندو ته نه آهي. هن سٽ ۾ 'رسيو' لفظ کي 'رهيو' بڻايو ويو آهي. هن مثنويءَ جي هڪ مصرع ته اهڙي طرح ڇپيل آهي، جو شعر سمجهه ۾ ئي نٿو اچي، ۽ بلڪل مهمل پيو لڳي. اها مصرع سالن کان هن طرح پيئي ڇپجي:

اچي پهتو جنهن وقت دشت جيئن

هن مثنويءَ جو بحر تقارب مثمن مقصور آهي، پر مٿينءَ مصرع جو وزن ڪبو ته الاجي ڇا جو ڇا وڃي بيهندو. اها مصرع اصل ۾ هن طرح آهي:

اچي پهتو جنهن وقت 'منجهه' دشت جيئن:

مرحوم **محمد صديق مسافر** جي مسدس جي هڪ مصرع هن ريت آهي:

ٽ بر تلا تراين، پلٽيو پلر جو پاڻي

اصل لفظ 'تلا' نه، پر 'تِلن' آهي.

مرحوم **غلام احمد نظاماڻيءَ** جي غزل جي مطلع جي مصرع ثاني ۾ زيرِ اضافت جي غيرموجودگيءَ سبب ناموزون ٿي پيئي آهي. 'باغِ جنت' کي 'باغ جنت' ڇاپيو ويو آهي.

حاجي **احمد ملاح** جي غزل ۾ 'صراحيون' جي صورتخطي 'سُراحيون' ڪري لکي وئي آهي.

**<u>يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ سنڌي نصاب (لازمي):</u>**

**شاهه ڪريم** جا بيت:

بيت نمبر5، غلط سٽ: اکڙيون تو هي، مڃڻ وهين وسهي.

درست سٽ : اکڙيون توهي، مڃڻ ويهو وسهي.

**شاهه عبداللطيف** رحه جا بيت:

غلط سٽ: 'جيئري' جنين کي، لڳا نيزا نينهن جا.

درست سٽ: جيئري جنين کي، لڳا نيزا نيهن جا

**خواجه محمد زمان** رحه جا بيت:

بيت 4: غلط سٽ: ماڻئو تن مليں، جن 'جسو' مال مباح ڪيو.

**درست سٽ:** ماڻئو تن مليں، جن 'جئو' مال مباح ڪيو.

بيت 14: غلط سٽ: "پاڻي پسڻ لهر ۾ برابر ٿيا"

## شيخ عبدالله عبدالواسع "عبد":

'عبد' جي مثنويءَ جي چوٿين بيت جي پهرينءَ مصرع ۾ 'تجليءِ حسن' کي "تجلي حسن" لکيو ويو آهي. پرائمري ٽيچر به اها ڳالهه سمجهن ٿا ته "ي ۽ ه" تي زيرِ اضافت بدران اضافتي همزه استعمال ڪبو آهي. ٻيءَ مصرع ۾ 'عاشقِ گريان' کي 'عاشق- گريان' لکيو ويو آهي. اهي ڳالهيون ٻارن کي ڏاڍو منجهائينديون. پنجين بيت ۾ 'چرخِ چهارم' ۽ 'مثلِ سپند' جي ترڪيبن ۾ زيرِ اضافت نه هئڻ ڪري، شعر ناموزون ٿي پيو آهي. ڇهين بيت ۾ 'زَمَر دين' کي 'زمرّ دين' ڪري لکيو ويو آهي. نائين بيت ۾ 'نسيمِ صبح' جي زيرِ اضافت غائب آهي. نظم 'شرط' جي ڇهين بيت ۾ 'ذرهء هيچ' کي 'ذره هيچ' لکيو ويو آهي.

## سرويچ سجاولي:

سرويچ جي مسدس ۾ هڪ لفظ جي صورتخطي غلط آهي، جنهن جي درستي لازمي طور تي ڪرائڻ گهرجي. اها سٽ هن ريت آهي:

افسوس! ڪيو ترس نه ڪنهن 'تنهنجي' ڏکن تي

هتي 'تنهن جي' کي 'تنهنجي' لکيو ويو آهي، تنهنڪري پڙهڻ وارو 'تُنهنجي' ڪري پڙهندو. آخري بند ۾ هڪ سٽ هن طرح آهي:

دم دم ۾ وڃي تن لاءِ سندم دل تي 'ڏکيو' ڙي!

هتي 'ڏکيو' کي 'ڏکيو' ٻڌايو ويو آهي.

تاج صاحب! انهن ڪتابن جي نثر ۾ به ڪافي غلطيون آهن. انهن جي اصلاح اوهين جڏهن مناسب سمجهو، تڏهن ڪرائجو. پر ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم جي مضمون 'سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب' (سنڌي نصاب (لازمي) يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ) ۾ 36- 37 صفحي تي آيل هيٺيون ٻه سٽون هينئر ئي ڪڍائي ڇڏيو ته بهتر:

"سنڌي هڪ جهوني ۾ جهوني زبان آهي، جنهن جو سنئون سڌو لاڳاپو پراڪرت ٻوليءَ جي 'وراچڊا' نالي شاخ سان وڃي ٿو ٿئي"

نيازمند شيخ محمد فاضل،
14- اي، جعفريه هائوسنگ سوسائٽي
سکر، سنڌ

[پروفيسر محمد فاضل شيخ جو تاج جويي ڏانهن لکيل خط]

آهي؟' خدارا! پنهنجن ادارن تي رحم ڪريو! ڪتابن ۽ ٻارن تي رحم ڪريو! هي سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو ڪتاب آهي، جيڪو ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ رکي ٿو، سواءِ پڙهندڙ ٻارن جي حقن جي.

(روزاني ڪاوش، 11 فيبروري 1999ع)

## حيدرآباد (15- نومبر 1998ع)، ميرپورخاص (5- ڊسمبر 1998ع) ۽ لاڙڪاڻي (15-4-1999ع) ۾ ريڊيو، ٽي. وي.ءَ، اخبارن، درسي ۽ ادبي ڪتابن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ بابت ٿيل سيمينارن جون سفارشون ۽ پيش آيل نڪتا

1- سنڌي ٻوليءَ جا ڌار ڌار لهجا آهن، جيڪي عام ڳالهه ٻولهه ۾ ڪم ايندا آهن، پر ميڊيا (ريڊيو، ٽي-ويءَ، اخبارن، ادبي ڪتابن ۽ رسالن) ۾ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو (standard dialect) ڪم آندو وڃي، جيڪو درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿيندو آهي. گرامر ۽ صورتخطي به اُهائي استعمال ڪئي وڃي.

2- سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال، لفظن جي صحيح اُچارن، گرامر جي درست استعمال، درست صورتخطيءَ، ڌار ڌار نموني لکجندڙ لفظن جي مقرر صورتَ ۽ اعرابن جي استعمال بابت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران مقالا لکائجن؛ سيمينار، ورڪشاپ ۽ مختصر تربيتي ڪورس ڪرائجن؛ ۽ اهڙن سيمينارن، ورڪشاپن ۽ تربيتي ڪورسن ۾ اخباري ڪارڪنن، صحافين، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪمپيئرن، اناؤنسرن، اداڪارن، صداڪارن ۽ اشاعتي ادارن جي ڪارڪنن کي تربيت لاءِ گهرائجي.

3- سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ ۽ بيهڪ جي نشانين جي فن بابت مقالا لکائجن؛ سيمينار، ورڪشاپ ۽ مختصر تربيتي ڪورس ڪرائجن؛ ۽ اهڙن سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان واسطو رکندڙ ڪارڪنن ۽ يونيورسٽين جي سنڌي ۽ صحافتي شعبن جي شاگردن کي سکيا ڏني وڃي.

4- پرنٽ ميڊيا (اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن) ۾ اجاين ۽ غيرضروري ڌارين لفظن جي استعمال کان پاسو ڪيو وڃي؛ نجُ، ٺُرُ ۽ ٺهڪندڙ لفظ ڪم آندا وڃن؛ پر اُن جو مطلب هرگز اِهو نه هئڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ نون لفظن جي آمد محدود ڪئي وڃي ۽ ٻين ٻولين جا بهتر ۽ ٺهڪندڙ لفظ استعمال نه ڪجن.

گ ٥ ٤ ۾ گسڻ پاڻ وت ضخ ٻوليءَ جو ڄاڻو ڪارڪن رکڻ گهرجي، جيڪو روزانو اخبار ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کي مانيٽر ڪري ته جيئن ساڳين غلطين يا غلط لفظن جو اخبار ۾ ٻيهر استعمال ۽ دهراءُ نه ٿي سگهي.

7- ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ تي ٻوليءَ جا ڄاڻو مقرر ڪيا وڃن، جيڪي اُتي روزانو استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي نظر رکن ۽ درست سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي يقيني بڻائين. انهن ادارن ۾ مقرر ٿيل اڪثر ڪمپيئر، اناؤنسر، صداڪار، اداڪار ۽ خبرون پڙهندڙ، سنڌي ٻوليءَ جي آوازن ۽ لفظن جا صحيح اُچار نه ٿا ڪن، اُن ڪري ڪوشش ڪري اُهي معياري سنڌيءَ جي ڄاڻ رکندڙ مقرر ڪيا وڃن.

8- اشتهاري ڪمپنين تي زور ڏنو وڃي ته اُهي پنهنجا اشتهار معياري سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرائين.

9- ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تنظيمن کي پنهنجن پريس بيانن ۾ درست ٻولي ڪم آڻڻ لاءِ، پريس ترجمانَ ٻوليءَ جا ڄاڻو رکڻ گهرجي.

10- سنڌ جي سڄ سماءَ واري کاتي کي اخبارن تي هر طرح سان نظر رکڻ گهُرجي، جنهن ۾ ٻوليءَ کي خاص اهميت ڏني وڃي. هيءُ کاتو سنڌ سرڪار پاران اخبارن کي ملندڙ اجازت نامي ۾ اهو شرط لازمي رکائي ته اُهي اخبارون سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو استعمال ڪرڻ جون پابند هونديون.

11- سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي صحافتي دنيا ۽ عام وهنوار لاءِ 'ڪاروباري سنڌي' (functional Sindhi) تي مشتمل ڪتاب، تيار ڪرائڻ گهرجي.

12- ڪمپيوٽر جي سنڌي سافٽ ويئر ۽ فانٽن (fonts) ۾ موجود اوڻاين ۽ گهٽتاين دور ڪري، انهن کي معياري ۽ يڪسان بڻايو وڃي. ان ڏس ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي سيمينارن ۽ ورڪشاپن جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

13- سنڌيءَ جي 'ڪمپيوٽرائزڊ لغت' آندي وڃي ته جيئن خودڪار سرشتي سان پروف پڙهي سگهجن ۽ درست لفظن کي استعمال ۾ آڻي سگهجي. ان سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ماهرن جي سهڪار سان اڳڀرائيءَ وارو قدم کڻي.

14- سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران مختلف موضوعن، نون علمن ۽

ٽيڪنالاجيءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جون لغتون تيار ڪرائڻ گهرجن ۽ وقت به وقت ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن (subjects) لاءِ ڪم ايندڙ لفظن جو جائزو وٺي، ٻوليءَ جي فطري اوسر کي قائم رکيو وڃي.

15- يونيورسٽين ۾ موجود ماس ڪميونڪيشن جا شعبا، صحافت جي ميدان ۾ گهربل ٻوليءَ جي صحيح سکيا طرف ڪوبه ڌيان نه ٿا ڏين، جنهن طرف ڪين ڌيان ڏيڻ گهرجي، ۽ حڪومت پاران صحافتي ادارا قائم ڪري، صحافين جي هر نموني جي تربيت جو پڻ انتظام ڪرڻ گهرجي.

16- سماجي ڪارڪنن ۽ ٻين سلجهيل ماڻهن کي خط لکي، اخباري غلطين بابت اخباري ادارن کي آگاهه ڪرڻ گهرجي.

17- اخبارن لاءِ ڪو معياري اخلاقي ضابطو جوڙڻ گهرجي، جنهن ۾ ٻوليءَ کان وٺي هر سماجي قدر جو احاطو ڪيو وڃي، ان کان سواءِ ٽيڪنالاجيءَ ۾ آيل تيزيءَ ۽ ترقيءَ موجب سنڌي اخبارن کي انهيءَ معيار تي پُڄائجي.

18- سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال لاءِ پاڻ به جوابداري محسوس ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اٿارٽيءَ جي ڇپيل ڪيترن ڪتابن ۽ خبرنامن ۾ صحيح سنڌي ڪم نه آندي وئي آهي.

19- اٿارٽيءَ طرفان ٿيندڙ سيمينارن ۾ اخباري مالڪن، ايڊيٽرن، ريڊيو ۽ ٽي . ويءَ جي عملدارن ۽ پروڊيوسرن کي به شريڪ ٿيڻ لاءِ تڪليف ڏجي.

20- ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ جي بالا آفيسرن کان معلوم ڪيو وڃي ته سنڌ ۾ سنڌي پروگرام ٻڌندڙن ۽ ڏسندڙن جو تعداد ڪيترو ٿي سگهي ٿو؟

21- اها به سروي ڪرائجي ته سنڌي اخبارون پڙهندڙن جو ڪل ڪيترو تعداد آهي؟

22- اٿارٽيءَ کي ڪي اصول ۽ طريقا طئي ڪرڻا پوندا ته جيئن اخبارن جي مالڪن، ايڊيٽرن ۽ اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن جي دل آزاري نه ٿئي ۽ ٻوليءَ جو به سڌارو ٿئي.

23- اهو به معلوم ڪرڻ گهرجي ته ٻوليءَ کي بگاڙڻ جا ذميوار ڪير آهن؟ ڇا ادارا پاڻ ته ٻوليءَ جي بگاڙڻ لاءِ جوابدار نه آهن؟ ڇا سنڌ جي ادارن هن کان اڳ ٻوليءَ جي سڌاري لاءِ ڪو قدم کنيو آهي؟ وڏن وڏن ليکڪن ۽

محققن مان به ڪي صاحب غلط سنڌي لکن ٿا، اُنهن جي سنڌي ڪيئن سڌارجي؟ انهن سمورين ڳالهين کي اڳيان رکي، ٻوليءَ جي سڌاري واري مسئلي کي قومي مسئلو سمجهي، اُن لاءِ قدم کنيا وڃن.

24- اڪثر پرائمري استاد غلط سنڌي لکن ٿا ۽ گرامر جون غلطيون ڪن ٿا. سنڌي پرائمري تعليم جي نصاب ۽ استادن جي چونڊ هن وقت جنهن نموني ٿي رهي آهي، اها ٻوليءَ جا بنياد ڪچا ڪرڻ جي ذميوار آهي، اُن کي جديد حالتن پٽاندڙ تبديل ڪيو وڃي ۽ تعليمي ادرن ۾ گرامر جي سکيا ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي.

25- سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي 'درسي ڪتابن' جي ٻوليءَ تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن انهن جي ٻولي ۽ نصابي معيار بهتر ٿي سگهي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي ان مسئلي کي ترجيحي بنيادن تي هٿ ۾ کڻڻ گهرجي.

26- ادبي ڪتابن (ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، سفرنامي) جي ٻولي ڪردار مطابق هجي. ڳوٺاڻي، شهري، ٻار، مرد، عورت، هاريءَ، زميندار، دڪاندار ۽ گراهڪ جي ٻولي اُنهن جي منهن تي پورندڙ هجي.

27- ادبي ڪتاب ۾ پڙهاڪن ۽ اصطلاحن جو عام فهم استعمال ڪيو وڃي.

28- ٻين ٻولين جي اجوڳن لفظن جي استعمال کان پاسو ڪيو وڃي.

29- ٻين ٻولين جي سادن، مناسب ۽ عام فهم لفظن کي قبول ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري ۾ واڌ آندي وڃي.

پيرومل مهرچند آڏواڻي

# بيهڪ جون نشانيون

اچ، نہ سيان.

اچ نہ، سيان.

پهرئين جملي جي هڪڙي معنيٰ ۽ پوئين جملي جي ٻي معنيٰ آهي؛ ۽ معنيٰ ۾ اهو ڦير رڳو بيهڪ جي نشانيءَ سبب ٿيو آهي، تنهن ڪري اهڙيون نشانيون بلڪل پوري هنڌ ڏيڻ گهرجن، نہ تہ هڪ جو ٻيو مطلب نڪرندو.

اڳي انهن نشانين جو رواج ڪونہ هو. پارسي خواندا عربيءَ جي نموني تي فقط جملي پوري ٿيڻ تي ههڙي نشاني O يا + ڏيندا هئا. ٿورن سالن کان انگريزي ٻوليءَ واريون بيهڪ جون نشانيون سنڌيءَ ۾ ڪم اچڻ لڳيون، جن جو هتي ذڪر ڪجي ٿو*.

## ٿورو دم:

هُو ماني کائي، ٻاهر نڪتو.

هن طرح ڪنهن جملي جي وچ ۾ جتي ٿورو بيهڻو هوندو آهي، اتي هيءَ نشاني (،) ڏبي آهي، جا شڪل ۾ اُبتي "و" اکر جهڙي آهي. انهيءَ کي "ٿورو دم" يا "ساهي" چوندا آهن. سليس جملن ۾ اها نشاني هيٺين حالتن ۾ ڏبي آهي:

(١) زالون، مرد، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سڀ اچي مڙيا.

(٢) هُو بلڪل ايماندار، محنتي، سياڻو ۽ هر طرح لائق انسان آهي.

(٣) ڪلن جي وسيلي رڌڻ، پچائڻ، سبڻ، بار کڻڻ ۽ ٻيا ڪيترا ڪم ٿي سگهن ٿا.

---

* سنسڪرت ۾ جتي اڌ شلوڪ پورو ٿئي، اتي هڪ اڀي ليڪ (I) ۽ جتي سڄو شلوڪ پورو ٿئي، اتي ٻہ اڀيون ليڪون (II) ڏيندا آهن.

پهرئين جملي ۾ اسم، ٻئي ۾ صفت ۽ ٽئين ۾ اسم مصدر هجڻ ڪري پٺيان آيا آهن.

اهڙيءَ طرح جڏهن ساڳئي قسم جا ٻه يا وڌيڪ ڳالهائڻ جا لفظ هڪ ٻئي پٺيان ايندا آهن، تڏهن هرهڪ جي وچ ۾ ٿورو دم ڏيئي، پڇاڙيءَ ۾ "۽" حرف جملو ڪم آڻبو آهي.

(۴) آءُ ماني کائي، چڪر هڻي، بازار مان ڪم لاهيندو، گهر آيس.

هن طرح جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾، فعل ڪان سواءِ ماضي معطوفي يا اسم حاليه يا ٻئي هوندا، ته هرهڪ جي پٺيان ٿورو دم ڏبو.

(۵) چوڪر، خط لک.

هن طرح ندا جي فاعل پٺيان ٿورو دم ڏيئي، ان کي جملي ۾ الڳ ڪري بيهاربو آهي.

(٦) هيءَ پيتي پنج فوٽ ڊگهي، چار فوٽ ويڪري، ۽ عمق ۾ ٽنهنجيءَ پيتيءَ جيڏي آهي.

هن طرح ڳالهه جي ڇڻائي ڏيکاريندڙ يعني حقيقت يا بيان ڪندڙ جملا، ٿورو دم ڏيئي، هڪ ٻئي کان ڌار ڪبا آهن.

(۷) جي تون ايندين، ته آءُ به ايندس.

(۸) جيڪي ڪتاب مون وٽ هئا، سي ڏيئي ڇڏيم.

هن طرح جيڪڏهن ڪنهن جملي جو هڪ ڀاڱو ٻئي تي تعلق رکندڙ هوندو، ۽ ٻنهي مان ڪوبه پنهنجي سر ڌار ڪم اچڻ جهڙو نه هوندو، ته انهن جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو.

(۹) اڪبر بادشاهه، همايون بادشاهه جو پٽ، عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو.

هن طرح اسم يا ضمير سان لاڳاپي رکندڙ يا مائٽي ڏيکاريندڙ لفظن جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو.

(۱۰) ڇا ڏينهن ڇا رات، ڇا وڻي ڇا ٻيئي، مارئي پنهنجن ماروئڙن کي پيئي سنڀاريندي هئي.

اهڙيءَ طرح جڏهن ڪي همجنس لفظ جوڙو جوڙو ٿي ڪم ايندا

آهن، تڏهن هرهڪ جوڙي جي وچ ۾ ٿورو دم ڏبو آهي.

**اڌ دم:**

هو ڏاڍو سياڻو آهي، تنهنڪري سيڪو ڪم سمجهي اُمجهي ڪندو آهي؛ پر طبع جو تکو آهي، جنهنڪري گهڻين حالتن ۾ پاڻ کي آڏو ايندو آهي.

مٿين جملي جا ٻه وڏا ڀاڱا آهن، جن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي، ۽ انهن جي وچ ۾ ٿوري دم کان وڌيڪ بيهڻ جي ضرورت آهي؛ تنهنڪري "ڪندو آهي" کان پوءِ هڪ نشان ڏنو ويو آهي، جنهن کي چئبو آهي "اڌ دم".

مرڪب يا گڏيل جملن ۾ جڏهن ٿوري دم کان وڌيڪ بيهڻ جي ضرورت سمجهبي آهي، تڏهن هيءَ نشاني (؛) ڏبي آهي. جا ٿوري دم واري نشانيءَ جهڙي آهي، پر مٿان ٻڙي ڏنل اٿس. اها نشاني هيٺين ٻن مکيہ سببن ڪري ڏبي آهي:

(١) هرهڪ ننڍي جملي جي پڇاڙيءَ وٽ ڪجهہ وڌيڪ بيهجي، تہ مٿان سڀ جملا گڏي پڙهڻ ڪري معنيٰ ۾ مونجهارو ٿئي.

(٢) هرهڪ ننڍي جملي کي اثرائتو ڪجي، تہ جيئن پڙهندڙ جو هرهڪ ننڍي جملي تي وڌيڪ چت لڳي.

**دم:**

(١) تو سچ ڳالهايو تہ تنهنجي خير سان رهجي آئي: "سچ جي ٻيڙي لڏي، پر ڪڏهن نہ ٻڏي."

(٢) تو محنت ڪئي تہ امتحان ۾ پاس ٿئين: محنت جو ڦل وڃڻ جو نہ آهي.

هن طرح جڏهن ڪنهن ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ، ڳالهہ کي وڌيڪ اثرائتي ڪرڻ لاءِ، ڪجهہ وڌيڪ چوڻو هوندو آهي، يا ڪو ٻهڙو يا مثال ڏيڻو هوندو آهي، تڏهن پهرين جملي جي پوري ٿيڻ تي هيءَ نشاني (:) ڏبي آهي، جنهن کي "دم" چون ٿا.

هيءَ نشاني هيٺين حالت ۾ بہ ڏبي آهي:

مثال– ٽر ڏوپزن ۾ هيئيان تعلقا آهن:–
ڏيپلو، مٺي، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر.
هن طرح جڏهن ڪن تعلقن، شهرن، شين وغيره جي ياداشت ڏيڻي هوندي آهي، تڏهن اها نشاني ڏبي آهي. انهيءَ نشانيءَ سان گڏ ليڪ به ڏبي آهي.

## پورو دم:

آءٌ وڃان ٿو. تون هتي ترس.
اهڙيءَ طرح هر هڪ جملي پوري ٿيڻ تي بُڙي ڏبي آهي ۽ انهيءَ نشان (.) کي پورو دم چون ٿا.
اشارو– مسٽر ايس. سي. شهاڻي ايم. اي.
مسٽر نادر بيگ مرزا بي. اي. ايل. ايل. بي.
اهڙيءَ طرح مٿهن توڙي ڊگربن جي سچن نالن جاٿاٿڻ بدران، رڳو پهريان اکر جاٿاٿبا آهن؛ ۽ هرهڪ اکر جي پٺيان بڙي ڏيڻي آهي.

## ٻيون نشانيون:

"بيهڪ جون نشانيون"، جن کي چنجي ٿو، سي رڳيون چار آهن: ٿورو دم، اڌ دم، دم، پورو دم، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن کان سواءِ ٻيون هيٺيون نشانيون آهن، جي به بيهڪ جي نشانين سان گڏ شمار ٿيل آهن:–
(١) سوال جي نشاني (٢) حرف ندا جي نشاني (٣) واڪ جون نشانيون (۴) ڏنگيون ليڪون ۽ بياني ليڪون– هاڻ هرهڪ جو ڌار ذڪر ڪجي ٿو.

## سوال جي نشاني:

تون ڪير آهين؟
ڇي ڇو بيٺو آهي؟
مٿين جملن ۾ سوال پڇيل آهن، تنهنڪري هرهڪ جملي جي پٺيان سوال جي نشاني (؟) ڏنل آهي. هيءَ نثري جملي پوري ٿيڻ تي

واحد بخش شيخ

# وقف يا بيهڪ جون نشانيون

ڪنهن به ٻوليءَ جي عبارت ۾ وقف يا بيهڪ جون نشانيون وڏي اهميت رکن ٿيون، ڇاڪاڻ ته انهن کان سواءِ لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مونجهارو پيدا ٿي سگهي ٿو. وقف جي نشانين جو صحيح استعمال اجا به وڌيڪ اهم آهي، ڇو جو انهن جي بيجاءِ يا غلط استعمال جي ڪري جملي جو مطلب هڪ جو ٻيو نڪرندو آهي، مثلاً:

١- چوريءَ جي تهمت نثار تي، نه رفيق تي آهي.

٢- چوريءَ جي تهمت نثار تي نه، رفيق تي آهي.

مٿيان ٻئي جملا، اگرچه تحرير ۾ ساڳيا آهن، پر هرهڪ جو مطلب نرالو آهي: اهو انهيءَ ڪري جو بيهڪ جي نشاني اڳي پوءِ ڏنل آهي. پهرئين جملي جو مطلب آهي، ته چوريءَ جي تهمت نثار تي آهي، ۽ ٻئي جملي ۾ ڏيکاريل آهي ته چوريءَ جي تهمت رفيق تي آهي.

عبارت جي هڪ فقري جو مثال:

'سال ٿيا آهن اوسيڙي ۾ وهڻ نٿو پڇي آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن لاءِ ڪيسترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي.

مٿين فقري ۾ وقف جون نشانيون ڏنل ڪونهن، تنهنڪري پڙهڻ مان اهو نٿو سمجهي سگهجي، ته ڪهڙا لفظ ڪهڙن لفظن سان لاڳاپو رکن ٿا، ۽ عبارت جو صحيح مفهوم ڇاهي. وقف جي نشانين ڏيڻ سان عبارت جي صورت هيٺينءَ ريت ٿيندي:

(الف) سال ٿيا آهن: اوسيڙي ۾ وهڻ نٿو پڇي. آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن جي لاءِ ڪيسترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي، ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي.

(ب) سال ٿيا آهن اوسيڙي ۾، وهڻ نٿو پڇي. آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي

پنهنجي لاءِ ۽ پنهجن ٻچن جي لاءِ. ڪيترو پاڙي پنيءَ ۾، رحم ڪرم تي پاڙي، اٿين هٿ ٻڌي ويهي رهجي.

مٿئين فقري جي ٻن صورتن ۾ ڏسجي ٿو تہ وقف جي نشانين جي موقف يا جاءِ مٽائڻ سان مطلب ۾ ڪيئن نہ ڦيرو اچي ٿو وڃي. تنهنڪري لکڻ واري تي لازم آهي، تہ ڪم آندل جملن يا عبارت ۾ صحيح وقف جي نشانين جو صحيح جاين تي استعمال ڪري، جيئن پڙهندڙ کي صحيح مطلب حاصل ٿي سگهي.

اڳئين زماني ۾ ٻولين، جهڙوڪ عربيءَ، فارسيءَ وغيره ۾ وقف جي نشانين جو استعمال هوندو ئي ڪونہ هو؛ يا وري هو تہ ورلي ۽ ڇڊو ڇاڊو. اهڙيءَ حالت ۾ جملي جي صحيح معنيٰ دريافت ڪرڻ، پڙهندڙ جي مهارت ۽ ذهني فهم ۽ فراست تي ڇڏيل هو. البت ڪي مختصر نشانيون، جهڙوڪ: '–'، '+' ۽ 'O' جملن يا فقرن جي پڄاڙيءَ ۾ استعمال ٿينديون هيون، ۽ اڃا تائين بہ ڪنهن حد تائين ٿينديون رهن ٿيون؛ مگر هاڻي انگريزي ٻوليءَ جي اثر هيٺ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ بہ وقف جي نشانين جو استعمال ٿيڻ لڳو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ تي جڻ انگريزي ٻوليءَ جي وقف جي نشانين جي ڇاپ لڳي وئي آهي، جو جيڪي نشانيون انگريزيءَ ۾ استعمال ٿين ٿيون، سيئي سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿيڻ ۾ اچن ٿيون.

وقف جون نشانيون ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون اهي، جي جملي جي وچ ۾ واقع ٿينديون آهن ۽ ٻيون جملي جي آخر ۾ ايندڙيون آهن.

**١. جملي جي وچ ۾ واقع ٿيندڙ وقف جون نشانيون:**

**ڪاما يا هلڪو دم (،)**– هيءَ وقف جي نشاني 'اُبتي واو' جي شڪل جهڙي هوندي آهي، جا جملي ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندي آهي، ۽ اها سڀني نشانين ۾ اهميت واري هوندي آهي. ڪاما يا هلڪي دم استعمال ڪرڻ جو مقصد جملي کي ننڍن ننڍن ڀاڱن ۾

---

نوٽ: عربي ۽ فارسيءَ ۾ وچ واريون وقف جون نشانيون استعمال ڪونہ ٿينديون آ ن. سنسڪرت ۾ اڌ دم لاءِ '।' ۽ سڄي دم لاءِ '।।' نشانيون استعمال ٿينديون آهن.

ورهائي، ان جو مطلب ظاهر يا واضح ڪرڻ هوندو آهي.

ڪاما يا هلڪي دم جو استعمال هيٺين حالتن ۾ ٿيندو آهي.

(الف) جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ سلسليوار لفظن، اصطلاحن ۽ جملي جي ڀاڱن کي ڪاما يا هلڪي دم جي ذريعي الڳ ڪبو آهي، ۽ اهڙي سلسلي جي پوئين لفظ يا ڀاڱي جي اڳيان حرف عطف ايندو آهي، مثلاً:

– اسان جي ملڪ ۾ ڪڻڪ، چانور، جوئر، مڪئي، ڪپهه ۽ ڪمند جي پوک ٿيندي آهي.

–

– عورت جو مکيه ڪم آهي رڌڻ پچائڻ، سبڻ، ٻارن جي پرورش ڪرڻ، گهر جو انتظام سنڀالڻ ۽ پنهنجي خاوند جي خدمت ڪرڻ.

–

– اورنگزيب نيڪ، ايماندار، رحمدل ۽ عادل بادشاهه ٿي گذريو آهي.

–

– اسان، توهان ۽ ٻيا سڀ هڪ ئي خدا جا خلقيل آهيون.

–

– صبح شام، ڏينهن رات، ويٺي ويٺي ۽ سُتي الله کي ياد ڪرڻ گهرجي.

(ب) سلسلي وار لفظ يا اصطلاح، جي حرف عطف سان ڳنڍيل هجن، تن ۾ ڪاما يا هلڪو دم استعمال نه ڪجي، مثلاً:

زخمي اُٺ پيو ڦيرائيون کائي ۽ ليٽي ۽ رڙي.

(ت) جملي ۾ افتتاحي لفظ يا اصطلاح، ڪاما جي ذريعي باقي لفظن کان الڳ ڪري بيهاربا آهن، مثلاً:

– ڏڪار جا ماريل، ڪڪرن جي ڪڙڪات تي ماٺهو خوشيون ڪرڻ لڳا.

–

– مت جا مروڙها، ڪيترا ئي ڳوٺاڻا شهرن ۾ نڪرن جي ور چڙهي ويندا آهن.

(ث) فعل معطوفي يا اسم حاليه جي لفظن جي سلسلي ۾ ٻه ڪاما ي

هلڪو دم استعمال ٿيندو آهي، جيئن هيٺ ڪن مثالن ۾ ڏيکاريل آهي:

- اقبال هر روز صبح جو وضو ڪري، نماز پڙهي، قرآن مجيد جي تلاوت ڪري ۽ ماني کائي پوءِ اسڪول ويندو آهي.

—

- سياري جي ٿڌي، خوفناڪ ۽ اونداهي رات ۾ هو ٿڙڪندو، ڇرڪندو، ٿڙندو ٿاٻڙندو، ۽ ڏڪا کائيندو رجي ڪنهن ڳوٺ کي ويجهو ٿيو.

—

- معاشري ۾ اُٿندي، وهندي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪندي، ادب ۽ اخلاق کي ڌيان ۾ رکجي.

(ج) مرڪب جملن جي ڀاڱن کي ڪاما ڏيئي الڳ ڪبو آهي، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ ڪاما حرف عطف کان اڳ اچڻ گهرجي، مثلاً:

- ڪڪر مڙي آيا آهن، ۽ اجهو ٿو مينهن وسي.

—

- لئبرريءَ ۾ ڪتاب ته گهڻا ئي موجود آهن، پر پڙهڻ وارو ڪو ڪونهي.

اهڙي مرڪب ترڪيب، جنهن ۾ حرف عطف ڪم آيل هجي ۽ اها فاعل يا خبر ٿي ڪم اچي، تنهن ۾ ڪاما استعمال نه ڪجي، مثلاً:

چور دروازو اندران بند ڪيو، ۽ ڪُنجون هٿ ڪريِ ڪيٽ ڪولڻ لڳو. (هتي ڪاما نه ڏيڻ گهرجي)

صحيح جملو هيئن ٿيندو: چور دروازو بند ڪري ۽ ڪُنجون هٿ ڪري ڪيٽ ڪولڻ لڳو.

(ح) بياني جملي جي مختلف ڀاڱن کي هلڪي دم جي ذريعي ورهائبو آهي، مثلاً:

- قلعي جي ديوار ويهه هزار فوٽ ڊگهي، پنج فوٽ ويڪري، ۽ ڇاليهه فوٽ اوچي آهي.

- ميتهن أٿي بر وُٺا، گاهه اُڀريا، وڻ ٽڻ ساوا ٿيا، ترايون ۽ تل ڀريا، سنگهار سرها ٿيا.

-

- حڪومت جيڪڏهن مخلص هوندي، هرهڪ جي حقن جي حفاظت ڪندي، ۽ رعيت کي خوش رکندي، ته اها مستحڪم ۽ مضبوط ٿيندي.

(خ) شرطي جملن يا ضمير موصول ۽ جواب موصول وارن جملن جي ڀاڱن کي ڪاما ڏيئي الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

- جيڪڏهن تون ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍين، ته مان توکي پنهنجو راز ٻڌايان.

-

- تون ڪٿي ڪيتري به ڪوشش ڪندين، ته به پنهنجي ارادي کان نه ڦرندس.

-

- جيڪو به مون وٽ آيو پئي، تنهن کان پئي ڏس پتو پڇيم.

-

- 'اُهو ڪجهه ڪجي، جو آٿيءَ ويل ڪم اچي.'

(د) جملي جي انهن لفظن يا ڀاڱن کي ڪاما جي وسيلي الڳ ڪجي، جيڪي ضروري سمجهاڻيءَ يا وضاحت لاءِ استعمال ڪيا وڃن، مثلاً:

- ڪراچي، سنڌ جي گادي، پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي.

-

- فرزانه، ثميند جي ڀيڻ، هڪ نهايت ذهين ڇوڪري آهي.

(ذ) معترضه جملي کي هميشه ڪاما سان الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

سلطانه رضيه، خدا مٿس رحمت ڪري، ڏاڍي عقلمنديءَ ۽ مردانگيءَ سان حڪومت هلائي.

-

- تنهنجو ڇوڪرو، الله ڏينهن ڏئيس، ڏاڍو سلڇڻو آهي.

-

- توهان، مان سمجهان ٿو، منهنجي پيءُ جا پراڻا دوست ٿا ڏسجو.

- هو، خدا نہ ڪري، ڪنهن مصيبت ۾ نہ پوي،

(ا) متضاد جنس يا معنيٰ وارن لفظن کي ڪاما جي ذريعي جدا ڪبو آهي، مثلاً:

- عورت هجي يا مرد، ٻڍو هجي يا جوان، مسڪين هجي يا مالدار ۽ سگهو هجي يا هيڻو، مڙني کي زندگيءَ جي ڏک ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻو پوي ٿو.

- صبح هجي يا شام، ڏينهن هجي يا رات ۽ روشني هجي يا اونداهي، انڌي جي لاءِ مڙني ساڳي ڳالهہ آهي.

-

- ڏک توڙي سک ۾، بيماريءَ توڙي توانائيءَ ۾ ۽ مشغوليءَ توڙي واندڪائيءَ ۾، دل کي ذڪر فڪر کان پالهو نہ رکجي.

(ز) ظرفي لفظن ۽ اصطلاحن کي ڪاما سان الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

ها، مان تنهنجي مدد ڪندس.

-

- نہ نہ، مان اها ڳالهہ ڪنهن کي نہ ٻڌائيندس.

-

- ويچاري، شرم کان، ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

مرڪب جملن ۾ ظرفي لفظن کي سيميڪولن يا اڏ دم اچڻ ڪانپوءِ ڪاما ڏبي آهي، جيئن هيٺين مثالن ۾ ڏيکاريو ويو آهي:

- وقت اچي پريو آهي؛ پوءِ، تنهنجي ڇا مرضي آهي؟

-

- مون توسان وعدو ڪيو آهي؛ البت، اهو ڪم ڏکيو آهي.

ڪي صفتون ظرفي صورت ۾ استعمال ٿينديون آهن، جن جو بيان اڳ اچي چڪو آهي. اهڙا ڪي لفظ، مثلاً: پهريون، ٻيو ۽ ٽيون وغيره، جي جملي ۾ سلسلي طور استعمال ٿيندا، تہ هرهڪ جي پٺيان ڪاما ايندي، مثلاً:

- منهنجي نہ اچڻ جا ڪي سبب آهن: پهريون، تہ ماٺهر گهٽا هئا:

پيو، ته گندگي ڏاڍي هئي ۽ ٿيون، ته مون کي گهٽ ماڻهن ۾ مونجهه ٿيندي آهي.

جملي ۾ حرف عطف، جهڙوڪ: ته، تنهنڪري، پر، ڇاڪاڻ ته، ڇوجو، مگر وغيره جي اڳيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

ماڻهو ڇون ٿا، پر مون کي اعتبار نٿو اچي.

-

- بيماري عام ٿي پيئي آهي، ڇوجو ڪاڏي جون شيون نه نٿيون ملن.

-

- امتحان اچي ويجهو پيو آهي، تنهنڪري مان وڌيڪ وقت ترسي نه سگهندس.

(س) صفت جا اهي لفظ، جي موصوف جي پويان اچن، تن کي ڪاما ڏيئي الڳ ڪبو آهي، مثلاً:

- هاٿي، مست ۽ ڪاوڙ ۾ ڀريل، ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪاهي پيو.

-

- گلاب جو گل، سهڻو ۽ خوشبودار، هرڪنهن کي پسند هوندو آهي.

جملي ۾ فاعل، مفعول يا مجرور اسم سان لاڳاپيو رکندڙ لفظن کي ڪاما جي ضرورت نه هوندي آهي، مثلاً:

- گندي پاڻيء جون نالين ڍڪيل هئڻ گهرجن.

-

- سياري جي اُس وڻندي آهي.

-

- ڪڪرن سان ڇانيل آسمان مان سج جا سونهري ڪرڻا جهاتيون پائي رهيا هئا.

(ش) جملي ۾ احساس ظاهر ڪندڙ لفظن جي پٺيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

- الله ڪري، مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيان!

-

– ها، مون تہ يقين ئي نٿي ڪيو!

–

– هاءِ هاءِ، منهنجون سڀ اميدون خاڪ ۾ ملي ويون!

–

– واھ واھ، بيشڪ تون مڙس آهين!

–

– اُنهن، مان تہ ڪين نهاريندس ئي ڪونہ!

(ص) جملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن لفظ يا عبارت کي حذف ڪري ڇڏبو آهي، ۽ اهڙن ڇڏيل لفظن جي جاءِ تي ڪاما ڏبي آهي، مثلاً:

– سياري ۾ ٿڌ گهٽي ٿيندي آهي ۽ اونهاري ۾، گرمي.

–

– انسان مٽيءَ مان پيدا ٿيو آهي ۽ شيطان، باھ مان.

–

– دنيا ڪافر لاءِ آهي ۽ آخرت، مومن لاءِ.

پهرئين جملي جي ٻئي ڀاڱي ۾ بہ لفظ 'گهٽي ٿيندي آهي' استعمال ٿيڻ گهرجن، پر فني اعتبار کان، يعني عبارت کي مختصر ڪرڻ ۽ تڪرار کان بچڻ خاطر انهن کي حذف ڪيو ويو آهي، ۽ انهن جي بدران هلڪو دم ڏنو ويو آهي، جو مذڪور لفظن جي ترجماني ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ٻئي جملي ۾ 'پيدا ٿيو آهي' لفظن کي ورجائڻ بدران ڪاما ڏني وئي آهي. ٽئين جملي ۾ فعل 'آهي' حذف ٿيل آهي، جنهن جي جاءِ تي ڪاما آيل آهي.

(ض) ندائي يا خطابي لفظن جي پٺيان هميشه ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

– ادا، اوهان سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون.

–

– اي انسان، تون پنهنجو قدر سڃاڻ.

–

– يا الله، اسان کي نيڪ ٿيڻ جي توفيق عطا ڪر.

–

عزيزو ۽ دوستو، اوهان کي هميشه حق جي حمايت ڪرڻ گهرجي.

خط يا درخواست ۾ خطابي يا مرحبائي لفظن جي پٺيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

پيارا ڀاءُ، خوش هجو شال.

—

جناب اُستاد صاحب، منهنجي ٽن ڏينهن جي موڪل منظور ڪرڻ فرمائيندا.

(ط) مڪالمي يا گفتگوءَ ۾ ڳالهائيندڙ کي ڪاما ڏيئي علحدو ڪبو آهي، مثلاً:

– سرور ٻڌايو، ته ٻچاءُ بند ٻڃي پيو آهي.

—

– وزيراعظم يقين ڏياريو، ته ملڪ کي خوشحال، مضبوط ۽ طاقتور بڻايو ويندو.

—

– خليفي باغائيءَ کان پڇيو، "تنهنجي ساليانو آمدني ڪيتري آهي؟"

باغائيءَ وراڻيو، "حضور، بس پيٽ جو گذران مَس ٿئي ٿو."

(ظ) ائڊريس ۾ شهر ۽ ملڪ جو پتو ڏجي ته شهر کي ڪاما جي رستي جدا ڪجي، مثلاً:

حيدرآباد، سنڌ.

تاريخ لکڻ ۾ مهينو ۽ ڏينهن، سال کان ڪاما ڏيئي جدا ڪجي، مثلاً:

۷ جنوري، ۱۹۹۷ع

**سيميڪولن يا اڌ دم(؛)**: سيميڪولن يا اڌ دم جملي جي انهن ڀاڱن کي جدا ڪندو آهي، جي ترڪيب ۽ معنيٰ جي لحاظ کان مڪمل ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. سيميڪولن اهڙي وقفي يا بيهڪ جي نشاني هوندي آهي، جا پوري دم کان ڪجهه گهٽ ۽ ڪاما کان وڌيڪ يقين ڪرڻ واري هوندي آهي.

سيميڪولن هيٺين حالتن ۾ استعمال ٿيندو آهي:

(الف) سيميڪولن اهڙي مرڪب جملي ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن جا ڀاڱا حرف عطف سان ڳنڍيل نہ هوندا آهن، مثلاً:

– ميينهن ڏاڍو ٿو وسي؛ ڇنا مَنهن سڀ وهي ڇڙيا آهن.

–

– جهنگ ۾ سج لهڻ سان اونده ٿي ويئي؛ اسان کي رستو هٿ ئي نہ پيو اچي.

(ب) جيڪڏهن مرڪب جملي جا ڀاڱا ڊگها هجن يا وقف جي ٻين نشانين سان جدا ٿيل هجن، تہ ان حالت ۾ ڀاڱن کي ڳنڍيندڙ حرف عطف جي اڳيان سيميڪولن ڏيئي سگهجي ٿو، مثلاً:

– ڳالهائيندا ٻولهائيندا، ٻئي ڄڻا وچي اسٽيشن تي پهتاسون؛ پر جيسين گاڏي اچي، اخبارون وٺي پڙهڻ لڳاسون.

–

– رات جو اچا اسان نڪتاسون ئي مس، تہ اچي مينهن ڪڙڪيو؛ سو اسان جا سمورا ڪپڙا پچي پيا.

(ت) حرف عطف جي اهڙن لفظن جي اڳيان سيميڪولن ايندو، جي ظرفي معنيٰ ڏيندا هجن ۽ مرڪب جملي جي ڀاڱن کي ڳنڍيندا هجن، جهڙوڪ: تنهنڪري، البت، تہ پوءِ، تنهن هوندي بہ ۽ نيٺ وغيره، مثلاً:

– هاڻي سج لهڻ تي آهي؛ تنهنڪري، اسان کي هلڻ گهرجي.

–

– هو تہ مجي ئي نہ پيو؛ نيٺ، ڪجهہ ڏئي وٺي جند ڇڏائي آيس.

(ث) جملي جي انهن ڀاڱن کي سيميڪولن ڏيئي جدا ڪيو آهي، جنهن ۾ عبارت جي سلسليوار لفظن کي ڪاما ڏنل هجي، مثلاً:

– ميٽنگ ۾ سوسائٽيءَ جا هي عهديدار چونڊيا ويا: گل محمد، صدر؛ رحيمداد، نائب صدر؛ الهڏتو، سيڪريٽري؛ ۽ ڪريم بخش، خزانچي.

–

- اسان جي انجمن جا خاص مقاصد هي آهن: جي غريب ۽ يتيم

ت- جنهن جملي ۾ ڪنهن عبارت يا بيان جي تصديق ۾ ڪو جامع اصول يا دليل ڏنل هجي، مثلاً:

منهنجو دوست بازار ۾ هليو ته حساب ڪرڻ ئي نه اچيس. نيٺ اڍائي روپيه وڌيڪ ڏيئي اچي گهر نڪتو: علم ڪانسواءِ اوندهه آهي.

*

ٻاهر وڃي نفعو ته چڱو حاصل ڪيائين، پر گهر ٻار سڄو برباد ٿي ويس: اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني.

**ڊَيش يا ننڍي ليڪ (-)** — ڊيش يا ننڍي ليڪ هيٺين حالتن ۾ استعمال ٿيندي آهي:

1- جملي جي هلندي بيان ۾ اوچتو ٻيو ڪو خيال ظاهر ڪيو وڃي يا ان جي سلسلي کي ٽوڙي ڪا ٻي ڳالهه ڪئي وڃي ته ان جي اڳيان ڊيش استعمال ڪجي، مثلاً:

مريم ماءُ سان پئي ڳالهايو- آخر ڪهڙو سبب آهي، جو ماڻهن ۾ سچ چوڻ جي جرات نٿي ٿئي.

*

مان ته توکي سهڻي صلاح ڏني- يار، تون ته ڪو عجيب شخص آهين.

*

ب- ڪنهن واقعي بابت خيال يا راءِ ظاهر ڪرڻ کان اڳ ڊَيش ڏبي آهي، مثلاً:

هڪڙي جوان هام هڻي، ته هو اڪيلو دنيا جي چوڌاري چڪر لڳائيندو- ۽ هن ائين ڪري ڏيکاريو.

*

دنيا جي گذريل وڏي لڙائيءَ ۾ ائٽم بم تباهي مچائي ڇڏي- انسان ڪهڙو نه سخت دل ۽ بيرحم ٿي پيو آهي.

ت – جملي ۾ بيان يا عبارت جي وضاحت ۾ جيڪڏهن ڪي لفظ يا اصطلاح استعمال ٿين، ته انهن جي اڳيان ڊيش ايندي، مثلاً:

بس گهڻو سامان ڪونهي- هڪڙي پيتي،هڪڙو بسترو، ۽ هڪ چٽي.

❊

اسان شاديءَ ۾ ٿورا ماڻهو گهرايا آهن- پنهنجا ويجها مائٽ، خاص دوست، ۽ ڪي ڄاڻ سڃاڻ وارا ڪامورا.

❊

قرآن- مسلمانن جو ديني ڪتاب- عربي ٻوليءَ ۾ آهي.

❊

هماليه- دنيا جو اُتاهون جبل- سڄو سال برف سان ڇانيو پيو هوندو آهي.

ٿ- جملي ۾ عبارت جي لفظن يا اصطلاحن جي سلسلي کي ڏَيش ڏيئي، پڇاڙيءَ ان جو خلاصو پيش ڪبو آهي، مثلاً:

هو ٿيو ڏيئي پٽ تي چڙهيو، اندر وڃي دروازو کوليائين، ۽ بند ٿيل ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيائين- اهو سڀ ڪجهه هن اک ڇنڀ ۾ ڪري ورتو، نه ته ڪيترين جانيون ضايع ٿين ها.

❊

شين جي گهٽ پيدائش، ذخيره اندوزي ۽ گهرج ۾ اضافو- اهي مهانگائيءَ جا مکيه ڪارڻ آهن.

ج- جملي ۾ انهن لفظن کي ڏَيش جي ذريعي الڳ ڪبو آهي، جيڪي غير ضروري هوندا آهن، ۽ عبارت ۾ خلل وجهندا آهن، مثلاً:

تون درياهه جي ڪپ تي پهچندين- ڊيان ڏيئي ٻڌ- توکي پار پهچائڻ لاءِ ٻيڙي مندي.

❊

تو ڪافي عرصو ڪم ڪيو آهي- ڪيئن، سمجهين ٿو نه- هاڻي توکي آرام ڪرڻ گهرجي.

### ڏنگيون ليڪون (()) ۽ بياني ليڪون ([ ])-

الف- جڏهن ڪنهن جملي ۾ معنيٰ يا اشاري طور ڪي لفظ ڪتب آڻبا آهن، ته اهي ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکبا آهن، مثلاً:

سوڊاني ماڻهو (حبشي) رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن.

*

سکر براج (پاڻيءَ جو بند) سنڌ جي زراعت لاءِ هڪ وڏو وسيلو آهي.

ب- جملي ۾ ڏنل وضاحت يا سمجهاڻي، جنهن جو جملي ۾ مکيه عبارت سان گهاٽو تعلق نه هجي، ۽ جنهن کان سواءِ جملو گرامر جي لحاظ کان مڪمل هجي، تنهن کي ڏنگين ليڪن ۾ وجهجي، مثلاً:

منهنجو پٽ (هاڻي خير سان جوان ٿيو آهي) ننڍي هوندي مون کانسواءِ رهي نه سگهندو هو.

*

منهنجو دوست گذريل عيد جي ڏينهن (ويچارو ڪيترو عرصو بيمار رهيو) گذاري ويو.

ت- جملي ۾ ڪو انگ يا ڪا رقم تصديق خاطر ڄاڻائجي، ته اها ڏنگين ليڪن ۾ وجهجي، مثلاً:

سيٺ پنهنجي منشيءَ کي پنجويهه هزار (25000) روپيا بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ ڏنا.

*

دستاويز ۾ ڪل رقم 1,75000 (اڪرين هڪ لک پنجهتر هزار) روپيا ڏيکاريل آهي.

*

ث- جملي ۾ ڏنگين ليڪن ۾ ڏنل عبارت جي لاءِ وضاحت جي ضرورت هجي، ته اها بياني ليڪن ۾ وجهجي، مثلاً:

مون دڪاندار کي چيو ته پيسا تمام گهڻا آهن (پنجاهه روپيا [50-0 روپيا] قيمت ٻڌايائين). ڪجهه نه ورتم ۽ موٽي آيس.

❊

دنيا ۾ جيتري قدر آدم وڌي رهيو آهي (انسان جي تخليق [روزمره جو اضافو] ته قدر تي امر آهي)، اوتري قدر موت جي رفتار به تيزتي ويئي آهي.

❊

اقتباس يا واڪ جي نشانين جي اندر انهي عبارت کي بياني ليڪن ۾ وجهجي، جيڪا چاڻايل قول جو حصو نه هجي، مثلاً:

اجلاس ۾ هڪ آزاد ميمبر چيو: "اسان جو ملڪ تڏهن صحيح معنيٰ ۾ آزاد رهندو ۽ ترقي ڪندو، جڏهن الله جي احڪامن [قرآني دستور] موجب عمل ڪيو ويندو."

خليفي پنهنجي خطاب ۾ چيو: "ماڻهن کي بنا ڪنهن ڊپ ڏاءَ جي [خوف فقط خدا جو هجي] اخلاص ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض ادا ڪرڻ گهرجي."

ج- حسابي ڪم ۾ عام طرح ڏنگين ليڪن ۽ بياني ليڪن جو استعمال گهڻو ٿيندو آهي. انهن کي بعضي ضرب جي نشانيءَ طور به استعمال ڪبو آهي، مثلاً:

$2\left(\frac{1}{4}+\frac{1}{8}\right)$ ..................1

$\left(\frac{1}{3}+\frac{1}{5}\right)\left(\frac{1}{4}+\frac{3}{8}\right)$ ..................2

$\frac{9}{11}\left[\frac{8}{9}+\frac{7}{9}\left(\frac{3}{7}-\frac{5}{14}\right)\right]$ ..................3

2- جملي جي آخر ۾ ايندڙ نشانيون:

پورو دم: (.)

سوال جي نشاني: (؟)

احساس جي نشاني: (!)

**پورو دم (.)**- جملي ۾ ڪا عبارت يا ڪو بيان ختم ٿيندو آهي، ته پڇاڙيءَ ۾ پورو دم ڏبو آهي، مثلاً:

اسان جو ملڪ معدني شين جي خزانن سان ڀرپور آهي.

※

سالڪوٽ ۾ راندين جو بهترين سامان ٺهندو آهي.

انگريزيءَ ۾ خاص طرح، لفظن جون مقصر يا مختصر صورتون استعمال ٿينديون آهن، جن جي پٺيان پورو دم ڏنو ويندو آهي. اهڙو رواج ڀي ڪنهن عام ٻوليءَ ۾ نه آهي، البت سنڌيءَ ۾ بعضي، ماڻهن جا نالا يا انهن جون علمي لياقتون انگريزيءَ جي طرز تي لکيون وينديون آهن، مثلاً:

ايم . ڪي . عباسي،

ايم. اي.، پي. ايچ . ڊي.

※

مملڪتي وزير يو. اين . او. ۾ ملڪ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ويل آهي.

**سوال يا استفهام جي نشاني (؟)**- جنهن جملي ۾ ڪا ڳالهه پڇڻي هوندي آهي، تنهن جي آخر ۾ استفهام يا سوال جي نشاني ڏبي آهي، مثلاً:

انسان جي جسم ۾ رت ڪيئن ٿو ٺهي؟

شيشو ڇا جو ٺهيل آهي ۽ ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟

آبهوا جو مدار ڪهڙين ڳالهين تي هوندو آهي؟

**احساس جي نشاني (!)**- جنهن جملي ۾ آرزو، عجب، افسوس، ساراهه يا نفرت جو اظهار ٿيل هجي، تنهن جي آخر ۾ احساس جي نشاني ايندي آهي. ان کي تاثر جي نشاني به چئبو آهي، مثلا:

الله ڪري، شل منهنجي پڇاڙي سرهي ٿئي!

※

سمنڊ ڪيترو نه اونهو آهي، جو ان ۾ جبل جيڏا جهاز ٿا ترن!

※

جو ٻار ننڍپڻ ۾ يتيم ٿو ٿئي، سو ڪيڏن نه ڏکن ۾ ٿو پلجي!

※

آه، هڪ نيڪ ۽ معتبر عالم جو موت دنيا لاءِ ڪيڏو نه نقصان آهي!

※

واه، حياتي ڪهڙي نه وڻندڙ ۽ پياري آهي!

※

ڪڏهن پوي، بچڙي بلا ٽري چڱي آهي!

**اقتباس يا واڪ جون نشانيون ("")**- اصطلاح ۾ اقوال، پهاڪا ۽ جوڙيون. يا ڪنهن جو چيل قول يا الفاظ، هوبهو تضمين طور، جڏهن ڪنهن جملي يا عبارت ۾ ڪم آڻبا آهن، ته انهن کي اقتباس يا واڪ جون نشانيون ڏيڻي پڌرو ڪبو آهي، مثلاً:

شاهه صاحب فرمائي ٿو: "ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي."

※

سچل سائين جو قول آهي: "پيون سپ ڪوڙيون ڳالهيون سچا. سچو عشق الستي."

※

سيانن چيو آهي: "وت ڪان وڏيڪ وک نه کڻجي.

※

هڪ بزرگ تقرير ڪندي چيو: "تالي ۽ نسل تي ناز ڪرڻ، سوبيا ۽ مايا تي مغرور ٿيڻ، اڻ هوندي اسباب تي آسرو ڪرڻ، بي بنياد ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ ۽ الله کي ڇڏي انسانن تي ڀروسو ڪرڻ نادانن جو ڪم آهي."



سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بنيادي مقصدن ۾ (1) سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، (2) دفترن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال، ۽ (3) سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌارو شامل آهن. هن اداري ابتدا کان وٺي اِن ڏس ۾ پنهنجي وسيلن ۽ وسعت آهر ڪي قدم پٽيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جڏهن هن اداري جو چيئرمئن هو تہ هن ميڊيا (جنهن ۾ اخبارون، رسالا، مخزنون، ريڊيو، ٽي وي چئنلَ وغيره اچي وڃن ٿا) ۽ درسي ڪتابن جي ٻوليءَ تي اداري اندر ۽ سنڌ جي مختلف شهرن (موري، لاڙڪاڻي وغيره) ۾ اِن ڏس ۾ ڪيترا سيمينار ڪرايا هئا، جتي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ اديبن مقالا پڙهيا هئا. انهن مقالن، ان وقت جي اخبارن ۾ ڇپجندڙ مختلف مضمونن ۽ بيهڪ جي نشانين (Punctuation) بابت مختلف عالمن ۽ اديبن جا مضمون، اداري جي اُن وقت جي (۽ موجوده) سيڪريٽري محترم تاج جويي ترتيب ڏئي ۽ ايڊٽ ڪري، بہ ڪتاب: 'ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي' ۽ 'درسي ڪتاب ۽ سنڌي ٻولي' تيار ڪيا هئا.

هن وقت انهن ٻنهي مسودن کي ملائي، هڪ ڪتاب **"سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال"** جي عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. البت ڪتاب ۾ ٻنهي مسودن جا ٻن حصن جي صورت ۾ عنوان ڌار ڌار قائم رکيا ويا آهن.

**ـــ ڊاڪٽر فهميده حسين**